


# سُرُ پرڀاتي

مرتب
ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

ثقافت ۽ سياحت کاتو
حڪومت سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سر پرياتي

JEAY SINDH

مرتب
محمد علي مانجهي

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن ڪتاب جا حق واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو : سر پرڀاتي
ليکڪ : محمد علي مانجهي
ڇاپو : پهريون 2010
تعداد : 1000 ڪاپيون
قيمت : ساڍا ٽي سؤ روپيا
ڪمپوزنگ : لعل محمد قريشي / سارنگ ابڙو
ڇپيندڙ : عريبه پبليڪيشنس ڪراچي 5210909
ڇپائيندڙ: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ

قيمت : 350 روپيا

Title of Book : Sur Perbhati
Written By: Mohammad Ali Manjhi
Edition : First 2010
Quantity : One Thousand
Composing : Lal Mohammad / Sarang Abro
Printer : Areeba Publications Karachi, 5210909
Publisher : Culture & Tourism Department,
Government of Sindh

Price : Rs: 350

نوٽ: هي ڪتاب ڪلچر ڪتاب گهر، ويجهو ايم پي اي هاسٽل، سر غلام حسين هدايت الله روڊ تي دستياب آهي.
فون نمبر : 021-9206073-9206144

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| 1. پبلشر نوٽ | شمس جعفراڻي | 7 |
| 2. پيش لفظ | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 9 |
| 3. آهي عبداللطيف جي عشق کي شاباس | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 17 |
| 4. موڙهو پٽين مڱڻا...! | محمد حسين ڪاشف | 24 |
| 5. سُر پرڀاتيءَ جو فڪري مطالعو | ڊاڪٽر بشير احمد شاد | 32 |
| 6. سخي جام سپڙ ۽ چارڻن جون چلولائيون | ج. ع. منگهاڻي | 39 |
| 7. سر پرڀاتي ۽ سر آسا ۾ فرق | سوز هالائي | 54 |
| 8. سُر پرڀاتي ۽ سنڌ جو فنڪار | جاويد شيخ | 61 |
| 9. پالڻهار کان پينار جي پنڻ جا پنڌ | ارباب نيڪ محمد | 66 |
| 10. سيرانديءَ ساز کيو | ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه | 72 |
| 11. سُر پرڀاتي جو جائزو | پروفيسر موهن لعل 'پريمي' | 82 |
| 12. سر پرڀاتي جو فڪري ۽ سماجي اڀياس | ڊاڪٽر تهمينه مفتي | 87 |
| 13. سر پرڀاتي جو تاريخي جائزو | گوهر سنڌي | 95 |
| 14. سُر پرڀاتيءَ جي اصطلاحن جي اڀياس | زيب نظاماڻي | 104 |
| 15. پرڀاتي ۾ دعا جو فڪري پسمنظر | حافظ حبيب سنڌي | 115 |
| 16. سُر پرڀاتي جا تاريخي ڪردار | محمد ابراهيم سنڌي | 136 |
| 17. موسيقي، محبوب ۽ پرڀاتي | ڊاڪٽر فيض جوڻيجو | 143 |
| 18. سر پرڀاتي جو ڪردار سپڙ | حزب الله آءِ سومرو | 147 |
| 19. سُر پرڀاتي جو روحاني راز | رسول بخش تميمي | 153 |
| 20. سر پرڀاتي جو جائزو | سيد مخمور بخاري | 162 |


JEAY SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | | |
|---|---|---|
| 21. سر پرياتي - جائزو | جمن شاهہ ۽ سرمد چانديو | 169 |
| 22. سُر پرياتيءَ جو اڀياس | نذير ناز | 177 |
| 23. سراندي ساز ڪيو | اعجاز ممنائي | 182 |
| 24. طمع جي تنوار متان ڪرين مڱڻا | پروفيسر مهرالنساءِ لاڙڪ | 190 |
| 25. سُر پرياتي جو جائزو | علي نواز پنيرو | 198 |
| 26. شاهہ لطيف ۽ سر پرياتي | مظهر علي | 206 |
| 27. سُپرياتي ۽ ماڊرن سائنس | بشير احمد سومرو | 213 |
| 28. سُر پرياتي جو جائزو | عنايت حسين لغاري | 223 |
| 29. پرياتيءَ جو روحاني راز | محمد سليم نظاماڻي | 229 |
| 30. پرياتيءَ جي اصطلاحي ٻولي | اعجاز احمد ميمڻ | 235 |
| 31. پرياتي ۾ اقتصادي ۽ اخلاقي نقطا | ڊاڪٽر علي اڪبر ڍڪڻ | 247 |
| 32. ذات نہ آهي ذات | ثاقب سومرو | 261 |
| 33. سُر پرياتي جو فڪري جائزو | عبدالقادر چاچڙ | 268 |
| 34. پريات جي پچار | ڪريم عباسي | 277 |
| 35. ذات نہ آهي ذات | پرهہ جان راڄپر | 280 |
| 36. پرياتي جون تشبيهون ۽ استعارا | نياز احمد راڄپر | 284 |
| 37. سُر پرياتي جو جائزو | منٺار ملاح | 291 |
| 38. سُر پرياتي جو تاريخي پسمنظر | محمد خان زرداري | 298 |
| 39. سُر پرياتيءَ جا روحاني راز | نجم شيخ | 301 |
| 40. سُر پرياتي ۽ سنڌ جو فنڪار | ممتاز علي ڪُنير | 307 |
| 41. سپان ساز سنڌوءَ | محمد سلطان نعيمي | 311 |
| 42. لطيف جي نظر ۾ انسان جو تصور | محمد اياز قريشي | 315 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پبلشر جو نوٽ

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي ساليانې ميلي جي موقعي تي وڏي عرصي کان وٺي لڳاتار ادبي ڪانفرنسون منعقد ٿينديون پيون اچن. انهن ڪانفرنسن ۾ حصو وٺندڙ اديب، عالم ۽ شاهه جا پارکو شاهه لطيف جي صوفياڻي پيغام ۽ آفاقي ڪلام تي تحقيقي مقالا پيش ڪري تحقيق جا نوان رُخ ۽ پهلو اجاگر ڪري رهيا آهن. ”لطيف يادگار ڪاميٽي“ ۽ پوءِ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي ۽ ثقافت کاتي حڪومت سنڌ پاران شاهه لطيفؒ جي ميلي جي موقعي تي علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين سان گڏوگڏ هڪ اهو به اهم ڪم ٿيندو رهيو آهي ته لطيف ادبي ڪانفرنسن ۾ پيش ڪيل مقالا باقاعدگي سان شاهه سائينءَ جي عرس مبارڪ جي موقعي تي ڇپائي پڌرا ڪيا ويندا رهيا آهن. شروع ۾ مختلف سُرن تي عالمن جا مقالا ۽ مذاڪرا ڪرائڻ جو جامع پروگرام رٿيو ويو هو، جنهن ۾ پيش ٿيندڙ مواد مخزنن جي صورت ۾ ڇپجندو رهيو. تنهن کان پوءِ سر مقررڪري سُر مقرر ڪري اديبن ۽ عالمن کان جيڪي مقالا پڙهايا ويا سي ثقافت کاتي پاران ڇپجندا رهيا آهن. سنڌ ثقافت کاتو شاهه جي راڳيندڙن جي همت افزائيءَ لاءِ هر سال بهترين راڳيءَ کي لطيف ايوارڊ به ڏيندو رهيو آهي ۽ لطيف تي تحقيق ڪندڙ عالمن ۽ اديبن کي پڻ مڃتا طور ايوارڊ ڏنا وڃن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيئن ئي موجوده عوامي حڪومت آئي ته ثقافت ۽ سياحت کاتي جي وزارت محترمه سسئي پليجو صاحبه کي سونپي وئي تيئن ئي کاتي جون سرگرميون هر رُخ کان تيز ٿيڻ لڳيون. سنڌ جي ثقافت، تاريخ، قديمن آثارن، لطيفيات ۽ ٻين موضوعن تي شاهڪار ڪتاب ڇپجڻ شروع ٿي ويا ۽ گذريل 265 هين عرس جي موقعي تي هڪ ئي ڏينهن تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي فن ۽ فڪر تي ڇهه ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا ويا. 264 هين عرس مبارڪ تي مقرر ڪيل سُر آسا تي لکيل مقالن جو ڪتاب به 265 هين عرس مبارڪ تي شاياني نموني سان ڇپجي پڌرو ٿيو. گذريل سال جيڪو نئون سُر مقرر ڪيو ويو سو "سُر پرڀاتيءَ" هو ان جي مختلف رُخن، زاوين ۽ پهلوئن تي عالمن، اديبن ۽ محققن مقالا موڪليا. انهن کي ڊائريڪٽر ڪلچر ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ محنت سان سهيڙيو آهي. لطيف سائينءَ جي سُر پرڀاتيءَ تي ترتيب ڏنل هي ڪتاب ڇپائيندي خوشي محسوس ٿي رهي آهي. اميد آهي ته اسان جي هي ڪوشش سارا هي ويندي.

شمس جعفراڻي
سيڪريٽري
ثقافت ۽ سياحت کاتو
حڪومت سنڌ

جنوري 2010

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پيش لفظ

سن 1932ع ۾ ملهائجندڙ شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي عرس کان وٺي اڄ تائين، هر سال ادبي ڪانفرنس منعقد ٿيندي پئي اچي، ۽ تڏهن کان رسالي جي ڌار ڌار سُرن تي مختلف اديبن، عالمن ۽ محققن پاران پيش ڪيل مقالن تي مشتمل ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا ويندا رهيا آهن. اهڙيءَ ريت لطيفيات ۾ هڪ معياري تحقيق جو واڌارو ٿيندو رهيو آهي. گذريل سال کان شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي ساليانى عرس جي موقعي تي ثقافت کاتي پاران سُر پرڀاتيءَ تي عالمن، اديبن ۽ لطيف جي پارکو شخصيتن کان مقالا گهرايا ويا هئا. مقرر ڪيل سُر تي مليل مقالن جي سهيڙ ۽ نظرثانيءَ جو ڪم منهنجي حوالي رهيو آهي. آئون، علم، ادب، ثقافت ۽ شاهه لطيف جي شاعريءَ سان گهرو لڳاءُ رکندڙ محترمه سسئي پليجو، وزير ثقافت حڪومت سنڌ ۽ سيڪريٽري محترم شمس جعفراڻي جو ٿورائتو آهيان جن مون تي اعتماد ڪندي هيءَ ذميواري منهنجي حوالي ڪئي.

شاهه لطيف جي شاعريءَ جي فڪر ۽ فلسفي جي ڪٿ ڪرڻ بنهه اوکو ڪم آهي، سندس ڪلام ۾ جيڪا گهرائي، وسعت ۽ لطف آهي، جيڪا سگهنڊ، ڪشش ۽ معنويت آهي تنهن کي پروڙڻ، سمنڊ سوجهڻ برابر آهي. شاهه لطيف، سڀاجهي سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جو شاعر آهي. هو ڪلاسيڪل شاعر هوندي، سنڌي شاعريءَ جي جديد روايتن ۽ راهن جو علمبردار ۽ سونهون آهي. اها هڪ حقيقت آهي ته پوڻا ٽي سئو سال گذرڻ باوجود اڄ به اسان جيڪو ڪيس سمجهو آهي، اهو بنهه گهٽ آهي. سندس شاعريءَ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمجهڻ لاءِ اسان کي اجا صديون گهرجن. ڪيس سربستو سمجهڻ لاءِ اينا ماٺوءَ کي گهڻو شعوري پنڌ ڪرڻو پوندو. سندس پيغام کي سمجهڻ ۽ ڦهلائڻ جي سلسلي ۾ ثقافت کاتو گهڻي عرصي کان خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو آهي.

گذريل سال شاهه لطيف جي ميلي جي موقعي تي، شاهه جي رسالي سميت سندس فن ۽ فڪر تي هڪ ئي وقت هيٺيان ڇهه ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا ويا:

1. شاهه جو رسالو مرتب ڈاڪٽر نبي خان بلوچ
2. شاهه جو رسالو مرتب: ڊاڪٽر ارنيسٽ ترمپ
3. شاهه جو رسالو (چونڊ بيتن جو عربي ترجمو). فيض محمد ڪوسو
4. سُر آسا. مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي
5. بيت نہ پر آيتون آهن. مرتب عزيز الرحمان ٻگهيو
6. Melodies of Shah Abdul Latif Bhitai, Vol:IV, Agha Saleem

خوشيءَ جي ڳالهه آهي تہ هن سال بہ شاهه سائينءَ جي نسبت سان مختلف موضوعن تي هيٺيان ڇهه ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن جن ۾...

1. شاهه لطيف جي سڄاڻي ـ مصنف: محمد حسين ڪاشف
2. سُر پرڀاتي ـ مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي
3. شاهه جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر : عبدالرحمان جسڪاڻي
4. آئينہ خانہءِ شاهه لطيف:ڊاڪٽر طاهر تونسوي
5. شاهه لطيف ڪا رسالہ (اردو ترجمو): شيخ اياز
6. Life & Thought of Shah Abdul Lãtif Bhitai, Dr.N.A.Baloch, English Translation by: Gul Muhammad Umrani

ثقافت کاتي حڪومت سنڌ هن وقت تائين سنڌ جي تهذيب، ثقافت، تاريخ، ڪلاسيڪل شاعري ۽ ادب، موسيقي ۽ شاهه لطيف تي جيڪي شاهڪار ۽ تاريخي ڪتاب شايع ڪرايا آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هتي انهيءَ اشاعتي خزاني مان انهن ڪتابن جي لسٽ ڏجي ٿي جيڪي شاهه لطيف جي شاعري (رسالا)، سندس زندگي، فن ۽ فڪر تي آهن، جنهن سان شاهه لطيف تي ثقافت کاتي پاران ڪيل خدمتن جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.

1. شاهه جي ڪلام ۾ اسلامي اقدار (مڪالمو) 1967ع
2. لطائفِ لطيفي، (فارسي متن)، عبدالحسين سانگي، 1967ع
3. شاهه جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1968ع
4. شاهه جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار (مقالو) 1968ع
5. شاهه جو رسالو (برٽش ميوزم ۾ محفوظ قلمي نسخي تي آڌاريل) تحقيق: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1969ع
6. شاهه لطيف، سنڌي ٻوليءَ جو معمار (مڪالمو) مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 1969ع
7. سر ڪلياڻ جو مطالعو مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 1970ع
8. سُر جمن جو مطالعو مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، 1971ع
9. شاهه جي رسالي جا سرچشما، تحقيق: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 1972ع
10. سر ڪنيات جو مطالعو مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، 1972ع
11. احوال شاهه عبداللطيف جو: مرزا قليچ بيگ، 1972ع
12. سُر سريراڳ جو مطالعو مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 1973ع
13. شاهه جي رسالي جي ترتيب تحقيق: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1974ع
14. شاهه جو رسالو (سُر ڪلياڻ سان شروع ٿيندڙ ٽن قلمي نسخن سان ڀيٽي تيار ڪيل) تحقيق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، 1974ع
15. سر سامونڊيءَ جو مطالعو مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، 1974ع
16. سُر سهڻيءَ جو مطالعو مرتب: مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 1975ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

17. سُر سسئي آبريءَ جو مطالعو مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1976ع
18. سر معذوري جو مطالعو مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، 1977ع
19. شاهه جو رسالو (ڏهن قلمي نخسن تي آڌاريل سُر سسئيءَ سان شروع ٿيندڙ)، تحقيق: ڊاڪٽر بخش خان بلوچ.
20. Life of Shah Abdul Latif Bhitai By:Mirza Qaleech Baig,1980
21. ڀٽائي :230 ورسي جي موقعي تي يادگار ڪتاب، 1980ع
22. Selection from the Risalo By, G.Allana,1980
23. سُر مومل راڻو (منظوم اردو ترجمو) آغا سليم، 1985ع
24. Volume Risalo Alias Ganj-e- Latif Jo Shah I BY :M.Yaqoob,1985
25. Volume Risalo Alias Ganj-e- Latif Jo Shah I By II, 1985
26. Volume Risalo Alias Ganj-e- Latif Jo Shah I By III,1985
27. شاهه جو رسالو: ڊاڪٽر گربخشاڻي، 1985ع
28. سُر ڪليان يمن ڪليان ڪهنبات (منظوم اردو ترجمو): آغا سليم، 1986ع
29. لطائف لطيفي (سنڌي ترجمو) ڊاڪٽر مولانا عبدالرسول قادري 1986ع
30. سُر ليلا چينسر، مرتب: حميد سنڌي، 1986ع
31. سُر گهاتو حميد سنڌي، 1986ع
32. سُر ڪاموڏ، مرتب: حميدي سنڌي 1987ع
33. شاهاڻو شاهه: لعلچند امر ڏنل مل جڳتياڻي، 1989ع
34. لطيفي سير: پير وَمل مهر چند آڏواڻي، 1989ع
35. شاهه جو رسالو (1206هه ۾ لکيل آڳاٽو قلمي نسخو آهي) مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.
36. شاهه جو رسالو (جلد پهريون) مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، 1989ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

37. سُر ڏهر مرتب: ڊاڪٽر نواز علي شوق، 1989ع
38. سر مارئي، مرتب: حميد سنڌي، 1990ع
39. شاهه عبداللطيف ڀٽائي (ٻاراڻو ادب) ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر 1990ع
40. سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر 1991ع
41. لطف اللطيف: مولانا محمد وفائي، 1991ع
42. فڪرِ لطيف (اردو) مرتب: ممتاز مرزا، 1991ع
43. لطيفي لات، مرتب: ممتاز مرزا، 1991ع
44. سُر ڪاپائتي، مرتب: حميد سنڌي، 1991ع
45. سُر بلاول، مرتب: حميد سنڌي، 1992ع
46. شاهه جو رسالو (جلد ٻيو) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1992ع
47. شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري: ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو 1992ع
48. شاهه جي رسالي جو مطالعو: مولانا دين محمد وفائي، 1992ع
49. شاهه جو رسالو: گربخشاڻي (نئون ڇاپو)، 1992ع
50. سُر رامڪلي، مرتب: حميد سنڌي، 1993ع
51. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ: ڊاڪٽر فهميده حسين، 1993
52. Bhitai the message of the Master, Edited By: Abdul Hameed Akhund, 1993
53. سُر ڪاهوڙي، مرتب: حميد سنڌي، 1994ع
54. Shah Abdul Latif Bhitai Risalo of by: Ameena Khamisani, 1994
55. شاهه جو رسالو (جلد ٽيون) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، 1994ع
56. Shah Abdul Latif, His Mysitical Poetry Eited By: A Hamid AKhund, 1994
57. سُر بروو، مرتب: حميد سنڌي، 1995ع
58. گنج: شاهه جو رسالو (وڏي سائيز ۾)، 1995ع
59. گنج: شاهه جو رسالو (اصل متن ۽ جديد صورتخطيءَ ۾ 2 جلد،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيٽيءَ ۾) ممتاز مرزا.

60. سُر ڪارايل، مرتب: حميد سنڌي 1996ع
61. شاهہ لطيف کي شاعري مين عورت کا روپ: ڊاڪٽر فهميده حسين، 1996ع
62. شاهہ ڀٽائي دا رساله ( منظو م پنجابي ترجمہ): ڪرتار سنگهہ عرش، 1996ع
63. شاهہ جو رسالو (رسالي جي تن سُرن مان چونڊيل بيتن جو اختصار) مرتب: ممتاز مرزا، 1996ع
64. سُر ساموندي، مرتب: حميد سنڌي 1997ع
65. شاهہ جو رسالو: عثمان علي انصاري 1997ع
66. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي: چونڊ مضمون، 1997ع
67. سُر سارنگ، مرتب: حميد سنڌي 1998ع
68. رسالہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (منظوم اردو ترجمہ)، آغا سليم 2000ع
69. سر رپ، مرتب: تاج جويو 2002ع
70. شاهہ لطيف:هڪ تحرڪ هڪ تحريڪ، مرتب تاج جويو 2002ع
71. Shah Abdul Latif: Poet of Love & Huminity, Ashiq Hussain Memon, 2002
72. سُر سورٺ هڪ مطالعو تاج جويو 2003ع
73. The Risalo of Shah Abdul Latif Bhitai, Ameena Khamisani, 2003
74. سُر مومل راڻو مرتب: تاج جويو 2004ع
75. Shah Jo Risalo, Muhammad Yaqoob Agha, 2nd Edition, 2004
76. حسينيءَ جي هاڪ، مرتب: تاج جويو 2005ع
77. ديسي سيڻ ڪجن، مرتب: تاج جويو 2005ع
78. لطيفي فڪر ۾ سُرن جي ساڃاهہ، مرتب: محمد حسين ڪاشف.


Scanned with CamScanner

2005ع

79. ڀٽائيءَ جو ثقافتي ورثو مرتب: منظور احمد قناصرو 2006ع
80. ڀٽائيءَ جو آدرشي انسان، مرتب: منظور احمد قناصرو 2006ع
81. Melodies of Shah Abdul Latif Bhitai, Vol:I, Agha Saleem, 2006
82. Shah Abdul Latif: His Life & Work, Dr.Moti Lal Jotwani, 2006
83. سُر کوهياري، مرتب: منظور احمد قناصرو 2007ع
84. Melodies of Shah Abdul Latif, Vol:II, Agha Saleem, 2007
85. Legacy of Shah Abdul Latif Bhitai, Manzoor Ahmed kanasro, 2008
86. سُر کيڏارو مرتب: منظور احمد قناصرو 2008ع
87. Melodies of Shah Abdul Latif, Vol:III, Agha Saleem, 2008
88. شاهہ جو رسالو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 2009ع
89. شاهہ جو رسالو مرتب: ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، 2009ع
90. سُر آسا، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، 2009ع
91. بيت نہ پر آيتون، ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو 2009ع
92. Melodies of SALB, Vol: IV, Agha Saleem, 2009
93. Shah Jo Risalo in Arabic & English, by:Faiz Mohammd Khoso, 2009
94. Shah,Sachal,Sami, Mohd.Ibrahim Joyo, 2009
95. شاهہ لطيف جي ڏسٽي، مصنف: محمد حسين ڪاشف، 2009ع
96. سُر پرياتي، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، 2009ع
97. شاهہ جي شاعريءَ ۾ اسلامي اقدار عبدالرحمان جسڪاڻي 2009ع
98. آئينہ خانءِ شاهہ لطيف، ڊاڪٽر طاهر تونسوي، 2009ع
99. شاهہ لطيف ڪا رسالہ (اردو ترجمو): شيخ اياز 2009ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

Life & Thought of Shah Abdul Latif .100
Bhitai, Dr.N.A.Baloch,English Translation
by: Gul Muhammad Umrani, 2009

هن ڪتاب "سُر پرياتيءَ" ۾ سنڌ جي مانائتن محققن ۽ اديبن جا مقالا شامل آهن. مون کي اميد آهي تہ اهي پڙهندڙ کي شاهہ لطيف جي ڪلام کي سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا. آئون محترمہ سسئي پليجو صاحبہ ۽ محترم شمس جعفراڻي صاحب جو ٿورائتو آهيان جيڪي هن ڪتاب کي معياري نموني سان آڻڻ لاءِ صلاحون ڏيندا رهيا. هن ڪتاب کي سهڻي نموني ۽ وقت سر آڻڻ ۾ محترم آفتاب ابڙي جي محنت بہ شامل رهيو آهي.

محمد علي مانجهي
ڊائريڪٽر ڪلچر
ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

ڪراچي
19 جنوري 2010

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

# آهي عبداللطيف جي عشق کي شاباس
# (سر پرڀاتي جا ساز ۽ سوز)

پنهنجي رهبر شاعر شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي باري ۾ مون اندازاً 1954ع ڌاري سوچڻ شروع ڪيو ۽ ان وقت ٿي کي بيت چيم، جن ۾ کي سنڌس باري ۾ هئا. انهن مان هڪڙي ست هن مضمون جي عنوان طور ڏني اٿم. بيت جيڪو شاه جي رسالي مان پڙهيم يا ڪنهن کان زباني ٻڌم سو هي آهي.

حقيقت هٿي، منهنجي جان جدا ڪئي،
پساه هڪ پرينءَ ري، سگهان ٿان نہ ڪٽي
ڏٺي ۽ ڏٺي، رهيو آهيم روح ۾.

ائين شاه عبداللطيف ۽ سنڌس رسالو منهنجي زندگيءَ جا رهبر بنيا. ڪن سالن جي مطالعي کان پوءِ 1991ع ۾ منهنجو ڪتاب "ڪنز اللطيف" ترتيب هيٺ آيو ۽ ڇپيو جن مضمونن تي مشتمل هو سي رسالي جي جدا جدا ڇاپن، منتخبن، ترجمن ۽ ٻين معلومات بابت هئا. منهنجو هي ڪتاب هاڻي ڪن واڌارن ۽ سڌارن ساڻ 2009ع ۾ وري شايع ٿيو آهي. ائين لطيف لطف جي جادو ۾ جڪڙ جي ويس ۽ اڄ تائين ڪيترن ڪتابن ۽ مقالن جي اشاعت کان پوءِ بہ لطيف مطالعي جو شوق وڌندڙ آهي. هن وقت تائين شاه صاحب ۽ سنڌس رسالي بابت منهنجا هي ڪتاب شايع ٿيا آهن.

1.ڪنز اللطيف (2 ڇاپا 1961ع ۽ 2009ع)
2.لطيفيات ( 2 ڇاپا 1977ع ۽ 2000ع)
3.لطيف ڪوئز (1978ع)
4.ڪشف الابيات (1995ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مگٽھار، منگتو جاجڪ، چارڻ، تنبيه، پان ۽ ڀارٽ. پرياتي ۾ آيل ڪي ساز سورٽ وارا آهن. اهي آهن، جاجڪ، چارڻ، مگٽھار. انهيءَ کان سواءِ بہ سازن ۽ سازڪارن وارن سُرن جي لفظن جي ذخيري جو اڀياس دلچسپ آهي. پرياتي ۾ بہ ماڳ ۽ وهاڳ راڳن جو ذڪر هن ريت آهي:

صبوح جو سُهاڳ، مگٽھارن ماڻيو،
ڏنائون ڏاتار ڪي، وڏي وير وهاڳ،
وس منهنجي ناه ڪا، سيڻن هٿ سهاڳ،
پرين سين پهاڳ، مان نماڻين نصيب ٿئي.

❊

ايريو تارو، اتي ور وهاڳ ڏي،
سپڙ ريسارو، چت پرڪي چارڻين.

خود پرياتي راڳڻي جو ذڪر موسيقي جي ڪتابن ۾ تفصيل سان ٿيل آهي . قاضي ظهور الحق پنهنجي ڪتاب "رهنماءِ موسيقيءَ" ۾ پرياتيءَ کي پريات جي عنوان هيٺ رکي ٿو ۽ جوي ٿو تہ ساڳي ڳالهہ آهي. تفصيل هن ريت آهن .

هيءَ راڳڻي ڀيرون ٺاٺ جي آهي. هن ۾ رکب ڌيوت ڪومل آهن ۽ مذم ٻئي بہ. باقي سڀ سرشڌ آهن.

| | |
|---|---|
| برن (قسم): | سمپورن سمپورن |
| وادي سُر: | مذم |
| سموادي سر: | نکاد |
| وقت: | صبح ساڻ |
| خاص تان: | پا ما گاري سا ري گاما |
| آروه: | سا ري گا ما پا ڌا ني سا |
| آورو: | سا ني ڌاپا ماگاري سا |

هن راڳڻيءَ کي پريات توڙي پرياتي چوندا آهن. پريات اسر کي بہ چئبو آهي. هن ۾ رکب ۽ ڌيوت ڀيرون وانگر آهن ۽ چو جو وادي سر مذم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شرنايون، مرليون، الغوزا، نڙ ۽ چنگ ڪنن ۾ پيا پون. ائين شاهه عبداللطيف جي سُر پرڀاتيءَ جو آواز موجود آهي.

مددي ڪتاب:


1_ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 'سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ'، شاهه لطيف ثقافتي مرڪز 1978ع

2_ قاضي ظهور الحق، 'رهنماء موسيقي' پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف آرٽس 1975ع

3_ اختر علي خان، نورنگ موسيقي'، ڊاڪٽر علي خان، اردو سائنس بورڊ لاهور 1995ع

4_ ترتيب ڏنل : 'هماري موسيقي' اداره مطبوعات پاڪستان ڪراچي

5_ پير بخش مغل : 'راڳ ساگر'، ڀٽ شاهه، لطيف مرڪز 1955ع/1997ع

6_ استاد محفوظ کوکر، 'راڳ سروپ'، لوڪ ورثه اشاعت گهر اسلام آباد، 1998ع

7_ آءِ آءِ قاضي، 'شاهه جو رسالو'، سنڌي ادبي بورڊ، 1993ع



Scanned with CamScanner

اونوجکراٽي- سَپڙ ڄام چوٽياٽي- ڄَسو دن آگرو- ڄام وينجھر- وِڪيو ڏاتار - ڄام ڪِرن- گھَڙ لھڙائي. انھن جي سخي ڏاتارن پنھنجي سخا جي وِڄا سان ويرون واري ڇڏيون. سندن نالا ضرب المثل بنجي ويا.

لطيف سرڪار جي رسالي جو سُر پرياتي پڻ لفظ جي معنوي مزاج ۽ پس منظر ۾ اميد ۽ سخا جي بيان جي اهڙي ڪڙي ۽ داستان آهي، جنھن ۾ منگتي جي مڱڻ، ڏاتار ڪان ڏان گھرڻ واري رويي کي مختلف انداز سان بيان فرمايو آهي. "پريات" بنيادي طور تي سنسڪرت جي لفظ "پريا" مان نڪتل آهي، جنھن جي معنيٰ اميد آهي. "پريات" (سن- پريات- پر= گھٽو+ يا= چمڪڻ) = اَسُر- سوير صبوح- پرھ ڦٽي جي مھل. نالن ۾ پريا، پرياتي اميد واري، اميدون رکندڙ. جنھن ۾ اميد رکجي. پريائڻ= راضي ڪرڻ. ڪنھن طريقي سان مڃائڻ. پريات جو سُر گنج ۾ ارڙھين نمبر تي ڏنل آهي. ان جي بعد جي مؤلفين ۽ ڪاتبن رسالي ۾ هن سُر کي ڪنھن مولف چوڌھين تي تہ ڪنھن پنجويھين ۽ چويھين ۽ اٺارھين نمبر تي رکيو آهي جڏهن تہ جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ يارهين نمبر تي ڏنو آهي. ماڳ جي سلسلي سان هن سر کي وهاڳ يا وهاڳڙو يا پرياتي چيو ويو. راڳ ۾ هن سُر جو انگ آسا وڙي سان لڳي ٿو. هي راڳ آهي، جيڪو رات جي وهامڻ يا آخري حصي ۾ التجا يا اميد ۽ گھرڻ جي صدا سان صاحب در سندس ساراهہ سان چيو ويندو آهي. ڀٽ ڌڻي بادشاهہ پنھنجي ڪلام ۾ انهن روين جي بنياد تي هن سُر کي رچيو آهي. جنھن ۾ راڳ جي مڙني ڪيفيتن، صدا جي ادا ۽ منگتي جي منگڻ جي انداز سان گڏ ان جي تربيت پڻ ڪندا نظر اچن ٿا تہ سچي صاحب کان جيڪو جڳ جهان جو والي واحده آهي، ان جي ذات ڪبريائي کان گهرجي تہ ڪيئن گهرجي. هو عالمن جو رب سڀني جو پالڻهار ۽ سار لهندڙ آهي. "ڪيڙي کي کڻ، هاٿي کي مڻ" پرچي تہ پٽ پري ڏمرجي تہ پڻ ڏي، سندس ذات ڪريمي ۽ رحيمي جي ڪائنات جي هر ذري پرزي تي نظر ۽ نوازش آهي. ڏيهہ جو ڏاتار هڪڙو آهي. مينهن منڌائتا وسن ٿا پر رب جي رحمت هر آن جاري آهي. هن جي رحمت ۾ ڪٿي ڪو جهول ۽ توفق نہ آهي. اها دائم ۽ قائم آهي. هو سپڙ آهي، تون سيڪڙو آهين. لطيف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دانهن ڪندي فرمايو ته:

تون ڏاتار، آئون ڏوهه،....... الخ

❊

تون پارس آئون لوهه،....... الخ

❊

تون صاحب آئون سڳ،........ الخ

❊

ڏات نہ آهي ذات جو وهي سو لهي،..... الخ

ذات حق تعاليٰ جي مهر ۽ عنايت بي حساب آهي. ڪنهن جي به ذات سان واسطو نٿي رکي ته هن جو نڪ نيهو حسب نسب ڪهڙو آهي. اوچو آهي اُوچو آهي. هندو آهي مسلمان آهي. عسيائي آهي يا عبراني، ڪارو آهي يا ڳورو آهي. هن جي نظر محبت، طلب ۽ تنوار تي آهي. جيڪو انهيءَ ڪي سوري ۽ سيري ٿو. جيڪو وهي ٿو اهوئي لهي ٿو. سُر ۾ منگتي جي مگڻ واري صدا ۽ ادا ۽ ڏاتار جي ڏان ڏيڻ واري رويي کي نهايت ڳوڙهائي واري خيال سان بيان فرمايو آهي. لطيف انهي انداز کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته گهرندڙ گهري ته ڪيئن گهري ۽ ڏيندڙ ڏي ته ڪيئن ڏي! انهيءَ رمز کي نهايت سهڻائي سان سوريو ۽ سپٽيو آهي. هتي انهي سلسلي سان چند بيت ڏيڻ بي محل نہ ٿيندو:

ڏيه ۾ ڏاتار هيڪڙو نانءُ تنهن جو ڳڻ،
جورَيل پسائي دِن، ڏيئي ڏُرمائي ڪين ڪي.

❊

ڏُرمن جي ڏيئي، سي تون منگ نہ مڱڻا،
سپڙ سنبدي درتي، ڪر وينتيون ويهي،
پڇي نہ ڏيئي، وري ليڪوئي نہ ڪري.

❊

منگ تنهين کان مڱڻا جو، ڏينهاڻي تو ڏي..... الخ

وينجهائڻ ۽ دنيا آڏو آڻڻ لاءِ ان کي ڪيئن ڪري پيش ڪرڻ گھرجي؟ هن وقت انهيءَ طرح علمي ۽ تحقيقي ڪم جي ضرورت آهي. بيتن جون پريون بنا تحقيق جي لطيفو جي مقام کي ايڏو مانائتو ڪونه ڪنديون، جيترو ڪلام جي معنوي حقيقت ۽ بصيرت کين مانائتو ڪندي. جنهن ۾ سنڌ جي عالمن، اديبن، دانائن، دانشورن ۽ محققن ۽ ادارن تي حق آهي. لطيف هڪ اتهاس جو نمائنده شاعر ۽ پيغام ڏيندڙ آهي. جنهن وٽ جلال ۽ جمال جا حسن ۽ ڪمال جا خرد افروزي ۽ روحانيت جي رازن جا گُنڊ پريا پيا آهن. صرف اکين تان دوئي جي دز لاهي ڏسڻ جي ضرورت آهي. انهي صورت سان ئي هن سدا حيات شاعر جو ڪلام ۽ پيغام سنڌ واسين کي مانائتو ڪري سگھي ٿو.

(و ما علينا الاالبلاغ)

JEAY SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر بشير احمد شاد

# سر پرڀاتي جو فڪري مطالعو

پرڀاتي هڪ هندستاني راڳڻي جو نالو آهي. ”پرڀات“ ۽ ٻاڪ ڦٽي جي ويل کي سڏبو آهي. هن راڳڻي جي ڳائڻ جو وقت اهوئي آهي، تنهن ڪري متس ”پرڀاتي“ نالو رکيو ويو.

سر جي مضمون ۽ سٽاءَ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ڀٽائي صاحب رحه لسٻيلي جي هاڪاري حاڪم سپڙ سخيءَ جي ڪشاده دلي جو قصو ٻڌي بيحد متاثر ٿيو آهي. چيو وڃي ٿو ته ”سوالي وڃي نه خالي“ جي مصداق هن مٽيا دار مرد ڪنهن به منگتي کي نامراد موٽائي ڪڏهن نه ڪڍيو ,تنهنڪري سر جي ڪجهه بيتن ۾ سپڙ سخيءَ جو نالو اچي ٿو لاڪيٽي لطيف رحه جو اصل اشارو انهيءَ ڏاتار ڏانهن آهي.جيڪو سموري مخلوق جو روزي رسا آهي، هاٿيءَ کي مڻ ۽ ڪولي کي ڪڻ عطا ڪري ٿو. بي نياز بادشاهه آهي، ڪافر کي به ڪشادو ڏئي ٿو.سندس سخاوت جو دامن وسيع آهي.هن سر ۾ انسان جي اصلاح لاءِ انيڪ سبق سمايل آهن.

انسان خطا جو گهر آهي، هزار احتياط جي باوجود ڪائنس غلطيون سرزد ٿي وڃن ٿيون. تنهنڪري ڪيس پنهنجي عبادت ۽ رياضت تي غرور نه ڪرڻ گهرجي. پنهنجي ڪوتاهين ۽ ڪمزورين جو شدت سان احساس هئڻ گهرجي ، رب کي اسان جي عبادتن جي ڪاڻ ڪانهي. سندس عبادت لاءِ ته ڪيئي عابد ۽ پيرهيز گار هر وقت هٿ ٻڌي حاضر بيٺا آهن.ملائڪن جا ڪٽڪ آهن جيڪي بنا چون وچرا الله جي احڪامات جي پابندي ۾ شب وروز مشغول آهن. تنهڪري انسان کي پنهنجي عبادت تي نازان نه ٿيڻ گهرجي. الله جا عاشق سدائين ڪٽڻ سان گڏ ڪنبندا به آهن ۽ پنهنجي ڪوشش ۽ ڪاوش کي ڪمتر محسوس ڪندا آهن. هو پاڻ کي لوهه مثل پائيندا آهن. پروردگار جي ذات پارس آهي.جنهن سان لوهه لڳندو ته سون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻڄي پوندو.تنهڪري هو سدائين مالڪ کان مهر ڀري نظر جا متمني هوندا آهن. جيئين لوهه مان سون ٻڄي پون. پوءِ اهڙن انسانن مٿان رب راضي ٿي، کين "ڪين" مان "گهڻو ڪي" ۽ عطا ڪري ڇڏيندو آهي:

اٿ ڪرت وارا ڪينرا،ڪرت ڪيو ڪوهه،
جيڪي بندو ڪم ڪري،سو مڙوئي ڏوهه،
ٻتون پارس آءُ لوهه، جي سڄين ته سون ٿيان.

دنيا آخرت جي کيتي آهي .هتي انسان جيڪي پوکيندو آخرت ۾ سوئي لڻندو.جوئر پوکي ڪڻڪ جي اميد رکڻ ناداني آهي،رب جي حضور ته اهوئي انسان مقبول آهي،جيڪو دل جي خلوص سان سندس حڪمن جي بجاآوري ڪري ٿو.مالڪ انهيءَ جي مٿان ڪرم جي نظر ڪري ٿو.ذات پات،رنگ نسل جي بناءَ تي ڪنهن به انسان کي فوقيت حاصل نه ٿي ٿي سگهي، سهڻا عمل ئي ڪردار جي ڪسوٽي آهن.ذات تي ڏات نه آهي جو وهندو سوئي لهندو. خاندان جي حوالي سان ڪوئي پنهنجي برتري ڄاڻائي نٿو سگهي،پنهنجا ذاتي عمل ئي انسان جي ڇوٽڪاري جي باعث بڻجن ٿا.مالڪ وڏو مهربان آهي،جيڪي انسان سندس غلامي قبولي،ڪٽڻ سان گڏ ڪنبندي پنهنجي عبديت جو حق پوري ريت ادا ڪن ٿا،تن جي مٿان رب پنهنجون رحمتون موڪلي ٿو ۽ کين پنهنجن پيارن منجهان بڻائي ٿو ڇڏي،پوءِ انهن اپوجهن جا انگل ۽ آرا به مڃي ٿو. سندن عرض اگهائي ٿو،پلا .جيڪو راتيون جاڳي مالڪ کي ريجهائيندو. تنهن جا اوجاڳا اجايا ڪئين ويندا.مالڪ ته وڏو منصف آهي.

ڏات نه آهي ذات تي،جو وهي سو لهي،
آريون اپوجهن جون،سپڙ ڇام سهي،
جو راءِ وٽ رات رهي،ته جکي تان نه ٿئي.

جڏهن ڪو انسان اها دعويٰ ڪرڻ لڳي ته مان سيکجهه ڄاڻان ٿو ته دراصل هو پنهنجي جهالت جو ثبوت ڏيندو آهي .ڄالاءِ ته جنهن "مان" ڪئي سو مُئو. غرور جو ڪنڌ ڪنبو آهي.علم جو انت فقط الله وٽ آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي مخلوق سان بي پناهه پيار ڪري ٿو. جيڪي انسان سندس در ڇڏي وجي ٻين جا محتاج ٿين ٿا. ٻين کي پنهنجو حاجت روا تصور ڪن ٿا. ۽ شرڪ جهڙي عظيم گناهه جا مرتڪب ٿين ٿا. انهن کي ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پون ٿا. اهڙن انسانن تي به رب پاڪ کي رحم ٿو اچي. ڪين ڏورا پو ٿو ڏئي ته منهنجو در ڇڏي، وجي ٻيا در تڪيا اٿيئي. تنهنڪري ئي اهي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا اٿئي.

ڏاتار ڏک ڪئا، پاڻا متي مڱڻين،
مون در ڇڏئو مڱڻا، مڱين ڪوهه ٻئا،
تڏهن تو پئا، وچان ولها ڏينهڙا.

جيڪو انسان مشڪل ڪشائي لاءِ دنيا ۾ در در ڀٽڪندو رهي ٿو ۽ رب ڏانهن رجوع نه ٿو ڪري، اهڙي انسان کي پٽ ڏٺي پلارو هدايت ڪندي فرمائي ٿو: اي حاجتمند ڳهيلا انسان! تون جو ڏٺيءَ جو در ڇڏي دنيا وارن جي درن تي ڀٽڪندو وتين ٿو پلا اهي انسان توکي ڇا ڏئي سگهندا! اهي ته پاڻ مالڪ جا محتاج آهن. انهن جو احسان تنهنجي لاءِ عمر ڀر جو عذاب بڻجي پوندو . سڄي عمر اهڙا ماڻهو وٺا تنهنجي مٿان اهو احسان جتائيندا ، اهي دنيا جا در سڀ ڪوڙا اٿئي. انهن جي مدد وٺي بار بار پشيمان ٿيندين. تنهن ڪري توکي گهرجي ته انهي رازق رب کان گهر. جيڪو ڏهاڙي سڄي سنسار کي اڻ ميو عطا ڪري ٿو. جيڪو ڏيڻ کان پوءِ اصل پڇاري ئي ڪونه ٿا لاءِ ته هو نهايت بردبار آهي.

مڱ تهين کان مڱڻا، جو ڏيهاڙي ٿو ڏي،
ڪوڙا در دنيا جا، جاچڪ مڱين جي،
سيان تهين کي، موٽي ڏيندا منهه ۾.

دنيا جو امير ترين انسان به ڏاتار آڏو محتاج ۽ سوالي آهي، ڇاڪاڻ ته قادر ڪارساز هر شيءِ تي محيط آهي، ڇاهي ته لک پتيءَ کي اک ڇنڀ ۾ ڪک پتي بڻائي ڇڏي . انسان جي دولت ۽ طاقت، جاهه ۽ حشمت کي رب رحيم جي آڏو ڪا حيثيت ئي ڪانهي، تنهنڪري ئي الله جا عارف ۽ عشاق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ظاهري دولت ۽ طاقت کي تڇ تصور ڪندا آهن ۽ اهي فقط رب جي رحمت جا طالب هوندا آهن.

پٽائي گهوٽ اهڙن ئي سالڪن منجهان هو، جنکي ذوالجلال جي طاقت آڏو پنهنجي ڪمتر حيثيت جو احساس هوندو آهي، ۽ پاڻ کي ”ڪين“ تصور ڪندا آهن. شاهه سائين رحه فرمايو: اي مالڪ! تون سموري مخلوق جو روزي رسا آهين، تو کان وڏو سخي ٻيو ڪو به ڪونه آهي، تون ئي سڀ کان مٿاهين مرتبي جو مالڪ آهي، آءٌ تنهنجو ادنيٰ غلام آهيان. محتاج ۽ مجبور آهيان. اي سخي! مون تنهنجي رحمت جي گنج مان ماسو مال ملڻ جي آس ۾ ڪلهي ڪينرو پائي (مستي ماري) تنهنجي در جو اچي سوالي ٿيو آهيان.

تون سپڙ آئون سيڪڙو، ترن صاحب، آئون سگ،
پڇي تنهنجو پڳ، ڪلهي پاتم ڪينرو.

سخي ڏاتار آڏو سڄي مخلوق منگتي آهي. سچن سالڪن وٽ سدائين ٻانهپ جي ٻولي هوندي آهي.انهن جي دلين تي رب جي عظمت ۽ وڏائيءَ جو ڌڪاءُ ويٺل هوندو آهي. اهي پاڻ کي هيچ ۽ نيچ تصور ڪندا آهن. بارگاهه ايزديءَ ۾ سدائين اهڙي التجا ڪندا آهن. ته اي منا مالڪ! تون بيشڪ وڏي سخي آهين. آءٌ تنهنجو ڪمتر گنهگار ۽ محتاج ٻانهو آهيان. تون ساري جڳ کي پنهنجي شاهي خزانن مان عطا ڪرين ٿو. مون مسڪين جي مٿان جي مهربري نظر ڪرين ۽ پنهنجي رحمت جي پاڇي ۾ پناهه ڏئين ته هوند تو پارس جي ڇهاءَ سان مان لوهه مان ڦري سون ٿڃي پوان.

تون سپڙ آئون سيڪڙو، تون ڏاتار، آئون ڏوهه،
تون پارس، آئون لوهه، جي سڃين ته سون ٿيان.

پٽائي گهوٽ ڏيهن جي ڏاتار جي سخا جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو: سڄي دنيا انهيءَ مالڪ مختيار جي ئي محتاج آهي. دنيا جي وهنوار ڏانهن نظر ڪٽي نهاريو ته اهو ئي عمل ڏسڻ ۾ ايندو ڪي انسان ڪائنس گهرن ٿا، ته ڪن کي اڻ گهريو عطا ڪري ٿو عطا ڪندڙ فقط اهو ئي آهي، ٻيا ته هڙئي پينارڙ آهن. مينهن به مند تي وسندا آهن. پر انهيءَ رب جي رحمت ۽ مهربانيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو مينهن تہ ڪنهن مند جو محتاج ئي ناهي، وڏ ڦڙو سدائين وسندو رهي ٿو اي مهربان مولا! جيڪڏهن مون گنهگار ۽بيدار جي دل پنهنجي ياد سان آباد ڪرين تہ پنهنجا ڀاڳ ڀليرا ڀانيان. خطاڪار هجڻ جي باوجود منهنجو مان متاهون ٿي پوي.

ڏاتـار تـہ تـون، ٻـئـا مـڙئـي مـگـڻـا،
مينهن تہ مدائتا وسڻا، سدا وسين تون،
جي گهراچين مون، تہ ميرياٽي مان لهان.

موت اهڙي اٽل حقيقت آهي ، جنهن کان ڪو بہ انڪار ڪري نٿو سگهي، ڪو اڳي تہ ڪو پوءِ هلڻو هر ڪنهن کي آهي ، جنهن ڏينهن واحد القهار آڏو جوابده ٿيڻو آهي، انهيءَ ڏينهن جو اونو عام انسان کي نٿو رهي، جڏهن تہ الله جا نيڪ ٻانها انهيءَ ڏينهن جي خوف پياڻ جهرندا آهن. اهي پنهنجون ننڊون آرام حرام ڪري پرهہ ڦٽيءَ جو اٿي الله سان اوريندا آهن. پکي پکڻ بہ ان ويل اٿي مالڪ جي حمد و ثنا ۾ مشغول ٿيندا آهن. اهائي سياڳڻ جي نشاني آهي.

ڀٽائي صاحب انسان کي غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ڪندي فرمائي ٿو: اي غافل انسان! اجهو پرهہ ڦٽي آهي، صبح جو ستارو اڀريو آهي، اٿي پنهنجي رب کي ريجهاءِ ، تنهنجو خلقڻهار نهايت غيور آهي، هو نٿو چاهي تہ بندو سندس احڪامن جي انحرافي ڪري، "ڪنهن غير الله ڏانهن حاجت روائي لاءِ هٿ ڊگهيري، تون سچيءَ نيت سان مالڪ آڏو ٻاڏاءِ ، هو تہ انسان جي دلين جو پارکو آهي، عليم ۽ خبير آهي، ڪائنس اسانجي ڪائي ڳالهہ ڳجهي ڪانهي.

اڀـرئـو تـارو، اٿـي ور وهـاڳ ڏي،
سـپـڙ ريـسـارو، چـت پـرڪـي چـارٽـيـن.

اهو تہ ڪاهلن جو ڪر آهي جو پير ڊگها ڪري سڄي رات سمهي رهن. ننڊ گهٽن کي نهوڙيو آهي، ڀلا سلطاني سهاڳ ڪنهن کي، ننڊن ڪئي بہ نصيب ٿيو آهي! رب کي راضي ڪرڻ لاءِ تہ اوجاڳا ڪڍڻا پوندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مالڪ جي محبت ۾ هنجون هاربيون آهن. شاهه صاحب رحه اهڙي ستل ان مان ڪيِ سجاڳ ڪندي فرمائي ٿو: اي ڪاهل! تون ائين ويسلن وانگر سمهي ننڊون ڪئين ٿو ڪرين! تنهنجي مٿان ته وڏا مامرا آهن. اٿ سجاڳ ٿي ۽ وهاڻيءَ ويل اٿي الف سانُ اور. اکين مان ڳوڙها ڳاڙي پنهنجي ڪيل ڪوتاهين جي مالڪ کان مغفرت گهر. ڪهڙي خبر ته "سياڻي" تنهنجي لاءِ ٿئي الائي نه ٿئي! تنهڪري اڄ ئي اٿي ڏٺيءَ در ٻاڏاءِ. "سياڻي" جيڪڏهن توکي نصيب نه ٿئي ته پوءِ تنهنجي هر هڪ شيءِ هتي هوندي مگر تون پاڻ ڪون هوندين. نه موت جي ڪا موسم مقرر آهي ۽ نه ئي حياتيءَ تي ڪو پروسو آهي.

ستو ڪنءِ ننڊون ڪرين، رو وهاڻيءَ روءُ
سيا ساز سندوءِ، پئو هوندو پٽ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج.ع.منگهاڻي

# سخي ڄام سپڙ ۽ چارڻن جون چلولايون

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليہ جو امر ڪلام . "شاهه جو رسالو" سنڌ جي هئڻ جو بنياد ،سنڌين جي جياپي جو اهڃاڻ ۽ سنڌ جي ذري ذري کي جيارڻ جو الهامي فيصلو ۽ دستاويز آهي.

مان نہ ٿي ڄاڻان تہ جي لطيف جو جنم نہ ٿيئي ها تہ اڄ تائين سنڌي ٻولي پنهنجي اصل صورت ۾ وجود رکي ها! لطيف جو وجود سنڌي ٻولي ۽ جي دائميت جي ضمانت آهي، ۽ سندس امر ڪلام، سنڌي ٻولي جو وجود آهي.

لطيف جو ڏڻ هر سال ملهايو ويندو آهي. سٺي ڳالهہ آهي، پنهنجي وجود کي ياد رکڻ! لطيف جو ڏڻ، "سنڌيت" جو ڏڻ آهي، جنهن کي ملهائي اسين پنهنجي وجود جي موجودگي لاءِ هٿوراڙيون هڻون ٿا. جيڪي پڻ اڃا تائين اڌوريون،اڌوريون ۽ نامڪمل آهن. اڃا تہ اسين هٿوراڙيون هڻڻ بہ نہ سکيا آهيون، ڇو جو اڄان تائين اسين لطيف جو امر ڪلام سمجهي ۽ صحيح پڙهي نہ سگهيا آهيون بلڪ اڃا اسين شاهه جي رسالي کي سمجهي صحيح پڙهڻ لاءِ سنجيده بہ نہ ٿيا آهيون.

لطيف جو ڏينهن ملهائڻ واري رسم ۾ لطيف جي ڪلام کي شامل ڪرڻ سٺو سنئون آهي. انهي رسم موجب هن پيري سرپرياتي مقرر ڪيو ويو آهي. گائڪي جي سرن بابت ڄاڻ گائڪ ۽ موسيقار کي هوندي/هئڻ گهرجي.البتہ. "سرپرياتي هڪ هندستان راڳڻي آهي جا پرهہ ڦٽي مهل ڳائڻ ۾ ايندي آهي، انکري مٽس اهو نالو پيو."

لطيف جو هوندئن تہ هر هڪ سر،هر هڪ بيت/وائي ۽ هر هڪ لفظ/ اکر منهنجي لاءِ ڪائنات کولڻ جون ڪنجيون آهن. جن ۾ سندس هڪ هڪ سر/داستان/بيت/وائي ۾ هزار داستان/وارتائون/قصا/ واقعا/ حقيقتون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

معني: ”ساز کي متي ڏانهن رکي، پاڻ سنجهي رات ستو پيو آهين، ڳائڻ وڄائڻ وارن جي ذات (جاجڪاڻي) اڳ ته ائين نه هئي، يعني اڳ ته جاجڪاڻي سڄيون راتيون ڳائي وڄائي، ڪمائي ايندا هئا. هي ته اهي جاجڪاڻي ڪونهن الائي ڪير آهن؟

جنين سک ناهه ڪو، چارڻ سي چئجن،
رڄن راهه پچن، متي ڪلهن ڪينرا.

معني:چارڻ(ڳائڻ وڄائڻ وارا) اهي آهن جن کي ڪو آرام ئي ناهي،ڪلهن تي ساز، دنبورا، سرندا کنيو پيا رڄن ۾ ۽ واٽون پڇائيندا آهن ته ڪٿي ڪا محفل، ڪو ڪاج ته ڪونهي! جي هجي ته ٻڌايو ته اسين به اتي وڃي ڳائي وڄائي پنهنجو لاڳ ۽ حق وٺون.

لطيف پنهنجي دور ۽ وقت ۾ مطمئن نه هو/خوش نه هو، ماڻهن جي غربت کي محسوس نه ڪرڻ واري بيحسي لطيف کي ڏکوئيندي هئي ۽ غريبن ۾ به غريب لنگها ۽ چارڻ جيڪي ڳائي وڄائي، پني گهري کائين، انهن کي پنهنجي ڪرت کان پنيرو ڏسي لطيف ڏکارو ٿي پوي ٿو ۽ سوچي ٿو ته اهي ڪيئن جي سگهندا؟ ڪير انهن بيڪار ۽ بدافعالن جي پرگهور لهندو؟ تڏهن سندس اجري من جي ننڍ تي وهائو تارو بنجي لسبيلي جو سگهارو سخي حاڪم جام سپڙ چوڻاڻي رونجهو اپري پوي ٿو. جيڪو جن ته سندس رول ماڊل بڻجي وڃي ٿو.

لطيف جي انهيءَ دادلي ڪردار جام سپڙ جي نسل کان اڄوڪي سنڌ جو عام ماڻهو ته ڇا پر ڪو عالم به گهٽي جاڻ نه ٿو رکي. جيئن مرحوم محترم ٻانهي خان شيخ صاحب پنهنجي مرتب ڪيل شاهه جي رسالي ۾ ٻيلي ڏٺي جام سپڙ چوڻاڻي رونجهي لاءِ چيو آهي: ”سبڙ (سپڙ نه) جام جيڪو سما گهراڻي جو سردار هو ۽ ڪڇ جي رڻ ۾ ڪڇ جي ڪناري جي قريب ٻيلي ٻيٽ سان گڏ سنڌ جي ننگرپارڪر علائقي جي الهندي پاڳي ۽ مٺي تعلقي جي ايرندي پاڳي واري ايراضي تي، جنهن کي ”چوڻاڻ يا چوڻاڻي“ چوندا هئا حڪومت ڪندو هو ان کي رونجهو يا روجهاڻي به چوندا هئا.“

لطيف جي ٻين شارحن سواءِ سمن سان نسبت جي ٻي معلومات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ ختم ٿي. رونجهن غالبن تيرهين صدي عيسوي ڌاري پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. رونجهن جي دور حڪومت جي باري ۾ لسبيلي جو اربيلو شاعر نمر چوي ٿو

پهي، پوتا پدرا، رونجها راڄ هئا،
ساڏي ست صاحبين جي، هن هلائي هيجا.

هي روايت موجب رونجهن جون جملي چوهٺ پڳون ٿيون جن ۾ جام سپڙ چوٿائي سيني جو سرواڻ ليکيو ويو. ميسن پنهنجي سفر نامي (masson جو قلات ڏانهن سفر طبع 1843ع. صفحو 302) ۾ جام سپڙ جو ذڪر ڪندي لکيو آهي. "سپڙ، رونجهن ۾ نالي وارو سردار هو."

بيلي ڏٺي جام سپڙ چوٿائي رونجهي جي سخاوت جي هاڪ تقريبن 3 سو سالن کان پوءِ بہ صحيح سلامت لطيف وٽ پهتي. جنهن کي واڪاٽي امر ڪري ڇڏيو.

جام سپڙ جي حڪومت واري دور جي خوشحالي ۽ بدحاليءَ جي ڪا بہ خبر پئجي نہ سگهي آهي. تنهن هوندي بہ ايترو ضرور سمجهي سگهجي ٿو تہ جتي اهڙو سخي حڪمران هوندو، اتي جي رعيت ڏکي ۽ بکي نہ رهي هوندي بلڪ سکي ۽ خوشحال هوندي.

لطيف پڻ انهن ئي چارڻن، مڱتن ۽ لنگهن جي ڏک، بک ۽ غربت جي ڳالهہ ڪري ٿو جيڪي جام سپڙ جي گادي (بيلي) کان ٻاهر ۽ پري آهن. ان مان ئي اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ جام سپڙ جي راجه وارو زمانو سنڌس ملڪ ۽ رعيت لاءِ سک ۽ خوشحالي وارو هو. جنهن ۾ سنڌس راجه جا مڱتا ۽ چارڻ بہ سکي ۽ خوشحال هئا، نہ رڳو جام سپڙ پر سنڌس پٽ جنهن جو نالو سنڌس ڏاڏي جي پويان "چوٿا" رکيو ويو هو، ان پڻ پنهنجي سخي والد جي تربيت ۽ صحبت ۾ رهي سخيءَ وارو رتبو ماڻيو

چون ٿا تہ: انوراءِ نالي حاڪم کان ناراض ٿي سنڌ جو هڪ بيمار ۽ جڏو چارڻ جام سپڙ وٽ آيو. سخي جام سپڙ ان چارڻ جي وڏي خدمت ۽ خاطر تواضع ڪئي ۽ کيس وڏا ڏان ڏنا. آخر ۾ پنهنجي پٽ چوٿا کي پنجاهہ گهوڙن سان گڏ روانو ڪيائين تہ چارڻ فقير کي اماڻي اچي. چوٿا، فقير کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لطيف کي اها به خبر پوي ٿي ته سخي حاڪم هڪ ڏڏ / اڻجاڻ کي هڪ سڄ تازي گهوڙا سونن سنجن سان سنيگاري بخش ڪيا هئا ته لطيف چارڻن کي چوي ٿو.

”تون اڻجاڻ ٿي دان گهرج. پنهنجي سچي قابليت ۽ هوشياري واري زبان وساري ڇڏج. سخي جام سپڙ رات تو لاءِ تازي گهوڙا تيار ڪرايا آهن. جنهن ڳائي نه نٿي ڄاتو/ جنهن کي ڳائڻ به نه ٿي آيو ان تي ٻيلي جي حاڪم ٻاجهه ڪئي. يعني: چالاڪيون ۽ زبان درازيون عزت ۽ مان نٿيون ڏيارين. مانيٽائي، نوڙت ۽ هيڻائين قدر ۽ اهميت ڏيارين ٿيون.“

ائين لڳي ٿو ته ٻيلي ڌڻي جام سپڙ چوٽائي رونجهو پڻ راڳ جو شيدائي هو جنهن وٽ عام فقير ۽ غريبن جي بنسبت ڳائڻن ۽ چارڻن وغيره جي پيهه ۽ اچڻ وڃڻ گهڻو هو.

سر پرياتي ۾ جام سپڙ جي سخاوت سان گڏ ڳائڻ وارن جي ڪرت ۽ ڪيرت جو اهڃاڻ آهي. راڳ جي عظيم قدر دان ۽ راڳ تي سر ڏيندڙ شهيد راءِ ڏياچ سان گڏ: سخي جام سپڙ جو نالو پڻ راڳ جي عاشقن ۽ شيدائين ۾ سر فهرست ايندو. جنهن چارڻ جوڙل چاڙهيا .

لطيف وٽ اهي به خبرون هٿيڪيون پهتل آهن ته سخي جام سپڙ اڳهن، جڏن، ڏڏن تي وڏيون عنايتون فرمايون آهن:

جڏو ڦڏو ڏڏ، پاڻ ڪونائي مڱڻو
نه ڪنهن نيو پاڻ سين، نه ڪنهن ڪيو گڏ.
سپڙ ڪريو سڏ، ڏکيا چاڙهي ڏولئين.

معني: ”جڏو اڳهو ۽ اڻجاڻ به آهي، پر پاڻ کي مڱڻو به پيو سڏائي، جنهن کي نه ڪنهن پاڻ سان گڏ نيو نه ئي ڪنهن پاڻ سان شامل ڪيو. سخي جام سپڙ اهڙن ئي ڏکويلن کي سڏي گهرائي، عزتون ۽ انعام ڏيئي ڏولين ۾ ويهاري ٿو.“

انهن سيني ڳالهين جي باوجود جڏهن ڪو بيڪمو ۽ بيڪار چارڻ پنهنجي ڪرت ۽ ڏنڊو ڇڏي رڳو سڪڻو ستو پيو ليٽا ڪڙيون ماريندو آهي ته لطيف چڙي پوندو آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏيئي ٿو ،انهيءَ سخا واري وات تي رونجهي حاڪم مينهن وانگي موتي وسائي ڇڏيا. "

لطيف ڪي اهو نٿو وڻي تہ جيڪو ڏاتار بنا گهرڻ جي ئي چارڻن مٿان موتين جا مينهن وسائي ٿو ڇڏي. انهيءَ ڏاتار اڳيان هر هر وات سان گهري ڪيس تنگ ڇو ڪجي؟

لَکَيَ جي ٻَجهن، پَنْڌُر وَجهہ مَ ان سين،
نٺدي وڏي ڳالهڙي، سڄي ٿا سمجهن،
تون ڪيئن اڳيان تن، وجيو ولّين وات سين.

معني: "جيڪي ڏسڻ سان ئي سمجهي ٿا وڃن. انهن جي اڳيان ظاهر نہ ٿي، هو تہ ننڍي وڏي ڳالهہ ۾ گهرج سڃاڻي وٺن ٿا. انهن جي سامهون تون ڪيئن پيو مڙيئي سڙيئي وات هڻين؟"

يعني: "سخي جام سپڙ ڏسڻ شرط ڏڪايلن بکايلن ۾ گهرجائن کي سڃاڻي وٺي ٿو. هو هر هڪ ڳالهہ جي ذري پرزي کان واقف آهي، پوءِ اهڙي ٻاجهاري سخيءَ اڳيان اجايو بڪڻ ۾ دانهون ڪرڻ جو ڪهڙو ضرور ۾ مطلب آهي؟"

حيرت اتي دنگ ٿيئي ٿي، جتي لطيف جام سپڙ کي اعلي ترين منچ تي براجمان ڪري مڱڻن کي چوي ٿو:

مڱ تنهن ڪان مڱڻا، جو ڏهاڙي تو ڏي،
ڪوڙا در دنيا جا، جاجڪ مڱين جي،
سُيا توهين کي، موتي ڏيندا منهن ۾.

معني: "اي مڱڻا، تون انهيءَ ڪان گهر جيڪو هر روز ڏيندو آهي، باقي دنيا جا ٻيا در دوکو ۾ ڪوڙ آهن. جيڏانهن تون چارڻ پڻ وڃين ٿو اهي اڄ تہ توکي ڏين ٿا پر سڀاڻي تو کي منهن تي مهڻا ۾ طعنا ڏيندا." ( تہ، تون پينو آهين، اسان توکي فلاڻي ڪي فلاڻي بن ڏني هئي).

لطيف عام ماڻهوءَ جي فطرت کان واقف آهي. جاڻي ٿو تہ اهو هڪ ٻہ ڀيرا ڏيندو مدد ڪندو، ڪجهہ هٿ سڃيندو، نيٺ تنگ ٿي پوندو. روز روز تہ ڪو بہ ڏيئي نہ سگهندو جي وڏيڪ تنگ ڪبو تہ طعنا مهڻا بہ ڏيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جڏهن ته ڏاتار سخي جام سپڙ وٽ جڏهن ڪو نه ويندو آهي ته ڪيس ڏک ٿيندو آهي ته ڇو مونکان دان وٺڻ نه آيو؟ هين ڏانهن گهرڻ ڇو ويو؟

ڏاتــار ڏک ڪــيــا، پــاڻــا مــتــي مگڻــيــن،
مــون در ڇڏي مگڻا، مگڻيــن ڪــوهــ هــيــا،
تــڏهــن تــو پــيــا، وڇــيــان ولــهــا ڏيــهــڙا.

معني: "ڏاتار ڏک ڪيو آهي مگڻن تي ته ڇو منهنجو در ڇڏي ٻين جي در گهرڻ ويو تا، تڏهن ئي ته تنهنجي وچ ۾ ڏکيا ڏينهن (ڏک ۽ بک وارا) آيا آهن. جڏهن مگڻو سخي سپڙ جو در ڇڏي ٻيا در ڀڃڻ ويو ته ٻين کان ڪيس ڪجهه به نه مليو ۽ مگڻي جي گهر ۾ بک ۽ بدحالي وارا ڏکيا ڏينهن اچي ويا."

بيت ۾ آيل لفظ. "ولها" جي معني لطيف جي سيني شارحن ڊاڪٽر گربخشاڻي، علامه قاضي، شاهاڻي، آڏواڻي، غلام مصطفيٰ قاسمي، عثمان علي انصاري، ٻانهون خان شيخ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ مرزا قليچ بيگ جي لغات لطيفي ۾ غريب/خالي/سڪڻو/ڪنگال/ڏکيو ۽ بکيو ڏنل آهي. لفظ مذڪر ولهو/ ولها ۽ واحد / جمع مونث ولهي/ولهيون لطيف گهڻن ئي هنڌن تي آندو آهي.

جنهن جي معني لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾. گندا، ميرا، ڪنا/خراب آهي ۽ لطيف به هر هنڌ انهيءَ معنيٰ ۾ آندو آهي. مٿين بيت ۾ پڻ ساڳي معني ٺهڪي پئي، سٽ آهي "تڏهن تو پيا، وچان ولها ڏينهڙا". معني: تڏهن ئي تون وٽ اهي ڪنا ۽ خراب ڏينهن آيا آهن.

سخي جام سپڙ، مگڻن جون اهڙيون چريائيون به سهي ٿو پوءِ ته بنا گهرڻ وارن وٽ به سندس سخاوت وارو دائرو وڌي وڃي ٿو ....

ٻاجهاڻو ٻيلي ڏٺي، ٻُجهان ٻاجهه تي،
سپــڙ ســا سُئي، جيــڪــا چارڻ چت ۾.

معني: "معلوم ٿيو آهي ته ٻاجهاري ٻيلي ڏٺيءَ ٻاجهه ڪئي آهي. ۽ هن اها (صدا) به سٽي ڇڏي آهي، جيڪا مگڻهار جي من ۾ هئي، يعني: "چارڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نڪو گهريو نہ ٿي ڪنهن کان چورايو تہ مون کي هن يا هن شئي جي گهرج آهي. پر سخي ڄام سپڙ سار لهڻ جو اهو طريقو اختيار ڪيو جو چارڻن جي من ۾ لڪل خواهشن جي بہ معلومات حاصل ڪري. اهي بہ پوريون ڪرڻ لڳو."

سخي ڄام سپڙ جي سخاوت جا انداز لطيف ڪي موهي ٿا وجهن:

ٻوليون ٻيلي جون ڪري، پاسي پر پيو،
چارڻ چاڙهي چوڏل تي، تهان پوءِ نيو،
رچي رات ڪيو، سر فراز سيد چئي.

معني: "چارڻ بيمار، لاچار پيو آهي، چرڻ ڦرڻ کان بہ مجبور آهي، انهيءَ حالت ۾ بہ پيو ٻيلي (لسٻيلو، ڄام سپڙ جي گادي جو هنڌ) جون ڳالهيون ساري، چارڻ جي اڳهائيءَ جو ٻڌي سخي ڏاتار ڪيس ڏوليءَ ۾ وهاري پاڻ وٽ گهرائي مالا مال ڪري ڇڏي ٿو."

ٻين چارڻن کي جڏهن خبر پوي ٿي تہ سخي سپڙ بيمارن ۽ اڳهن جو وڌيڪ خيال رکي ٿو ۽ کين پري ڇڏي ٿو تہ اهي بہ بيماريءَ جو بهانو ڪري جتي آهن. (لسٻيلي کان پري) اتان ئي سخي ڏاتار کي چوائين ۽ ٻاڏائين ٿا.

چارڻ لڳو پنڌ گهٽو، ڪين چوڻاٽيءَ چئيج،
هت ڪين هلائيج، ات آئون نہ پڄٽو.

معني: "چارڻ بيمار آهي ۽ پنڌ گهٽو آهي، اوهين وڃي چوڻاٽي حاڪم کي چئو تہ آئون جتي آهيان. اتي ئي ڪجهہ پهچائي ڏي، ايڏانهن (لسٻيلي ڏانهن) آئون اچي نٿو سگهان."

بيت ۾ آيل لفظ "لڳو" جي معني لطيف جي تقريبن سيني شارحن ڊاڪٽر گربخشاڻي کان وٺي ٻانهي خان شيخ تائين "منڊو" ڏني آهي. جڏهن تہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ "لڳو" اهڙي بيمار کي چئبو آهي، جيڪو ڪم جو ڪوڙو ۽ بيڪار هجي،جيڪو چڱو ڀلو هجي تہ بہ جيڪر ڪو ڪم ڪار نہ ڪري، سني ۽ محنتي بيمار ماڻهوءَ کي لڳو نہ چئبو آهي، هتي بہ لطيف اهڙي بيڪمي بهاني باز چارڻ کي "لڳو" چيو آهي. جيڪو مڙئي سڙيئي، پنڌ ۽ هلاڪيءَ کان بچڻ لاءِ ڪر بيماري جو مڪر ۽ پوز ڪري ويٺو آهي ۽ پيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون سپڙ آئون سيڪڙو، تون ڏاتار آئون ڏوهه،
تون پارس آئون لوهه، جي سجين ته سون ٿيان.

لطيف جو دور سنڌجي تاريخ جو اٿل پٿل وارو دور هو. پلي عام ماڻهو سمجهي ۽ محسوس ڪري نه سگهندو هجي، پر لطيف جهڙو حساس ۽ غير معمولي ذهين جيءَ ته، اڳواٽ سڀ ڪجهه ڏسي ۽ انهن جي نتيجن جا درد محسوس ڪري رهيو هو.

"ملاح، تنهنجي مڪڙي، اچي چور چڙهيا."

سنڌس ڏنل ڏهنائيون (خطري جا اڳواٽ اطلاع) سچ ثابت ٿيون.

"جاڳو جاڙيجا، سما سک مَ سمهو"

واريون هڪلون سنڌين جي ڪنن ۾ پاتال رڻ جي رائيءَ ٻڌڻ نه ڏنيون، پر لطيف نه وقت جي قيد ۾ ٻڌل نه هو ۽ چارڻن جا چوريل چاڪ سنڌس لاءِ سور سوا ڪرڻ برابر هئا، ۽ سخي جام سپڙ جون سخاوتون وري هڪ هڪ آسرو، اميد، آٿت ۽ ڏي هيون، جيڪي پڻ زمان مڪان جي قابوءَ ۾ نه هيون.

لطيف جڏهن پنهنجي اوسي پاسي گهرجائن جا هجوم ڏسي ٿو ته خواهش ڪري ٿو ته سخي سپڙ وٽس اچي، ۽ سنڌس ڏيهه جا ڏک لاهي ڇڏي، پوءِ وڏي ڪوڏ ۽ هيج منجهان سخي سپڙ کي پاڻ وٽ ڪوٺي ٿو:

ڏاتار تـه تـون، ٻـيـا مـڙيـئـي مـڱـڻـا،
مينهن منداتـا وسـڻا، سدا وسـيـن تـون،
جي گهر اچي مون، ته ميريائي ماڻُ لهان.

سر پرياتيءَ ۾ چٽيل ڏکن ۽ سکن جون اهي جيئريون جهلڪيون جن ۾ رنگ رنگ جا لکل لياڪا هر حساس جيءَ محسوس ڪيا هوندا، ائين ٿي لطيف جي هڪ هڪ سر ۾ سوين رنگ روپ بلڪ ڪائناتون سمايل آهن جيڪي ظاهر به آهن ته مخفي به آهن، انهن کي دنيا اڳيان آشڪار ڪرڻ جي ذميواري سنڌس ڏيهه واسين جي آهي، جي اهي محسوس ڪري نيائي سگهن ته:

ڪيڏا انهن وِٽا سنگهار، جي هٿا هنين پيٽين،
ڏورِ ته ڏورِيون يار، ٻيلي ٻنهي ڪنڌيين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**مددي ڪتاب:**

1.شاهه جو رسالو: محمد عثمان ڏيپلائي
2.شاهه جو رسالو: غلام مصطفيٰ قاسمي 3
.شاهه جو رسالو : ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ
4.ٻيلاين جا ٻول: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ
Lasbela Gazetteer (1904).5

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سر پرياتي ۽ آسا ۾ فرق

سر پرياتي ۽ جي مطالعي لاءِ جيئن رسالو کوليم ته سر پرياتي ٿي نڪري آيو سو شاھ سائين جي ھن بيت کي آڌار بنائي ويچار وندي رھيو آھيان:

پڄهان ٻاجھ ڪئي، ٻاجھائين ٻيلي ڏٺي،
سپڙ سا سُئي، جيڪا چارڻ چت ۾.

شاھ لطيف جو رسالو اھو بحر بي ڪنار آھي، جنھن جو ڪو به انت ۽ ڇيھ ڪونھي، ان جي اونهي عميق ۾ جي املھ موتي بيتن ۽ سرن جي صورت ۾ موجود آھن، اھي سپيءَ جي اڄ، بادل جي بوندن بنان ٿي سرجيا آھن. جيتوڻيڪ ھن سدا حيات رسالي ۾ ڪيترين ترميمن ۽ تخفيفن به ٿيون آھن پوءِ به اھو سخن سرمايو شاھ سائين جوئي سڏجي ٿو

شاھ لطيف، جيئن ته موسيقي شناس شاعر (ساز: تنبوري جو موجد آھي) سو ان حوالي سان پنھنجي رسالي جي اڪثر سرن کي سنگيتي راڳن ۾ ورھائي . بعض سرن تي سنگيتي راڳن جا نالا ، ته ڪن ته سنڌي نج راڳن جا نالا ڏنا آھن. جھڙوڪ راڳ ڪلياڻ، بلاول، ڪاموڏ، سريراڳ، بروو ۽ ٻين کي ڪلاسيڪي راڳن جا نالا ڏنا، جڏھن ته ڪوھياري، راڻو، سورٺ، سھڻي، سارنگ، رامڪلي، ڪنيات، پرياتي، آسا، معذوري ۽ آبريءَ وغيره کي (سنڌن مزاج مطابق) سنڌي ٺيٺ راڳن جا عنوان ڏنا. (ھيءَ ڳالھ به رڪارڊ تي رکڻ جھڙي آھي ته شاھ جي سر معذوري ۽ آبري کي شاھ لطيف جي مھان راڳي ۽ موسيقي ماسٽر محمد جمن راڳڻين جي شڪل ۽ صورت ڏني آھي) بھر حال راڳڻي پرياتي جو مختصر تعارف ھن ريت آھي.

راڳڻي پرياتي سنگيت وديا جي ٺاٺ - بلاول جي غير سمپورن راڳڻي آھي، جنھنجي آروھيءَ ۾ پنج سر ۽ امروھيءَ ۾ ست سر اچھو ھيئن لڳن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آروهي: سا، ري، ما، پا، ڌا (سا)
کرج ريکب مڌم پنچم ڌيوت

امروهي: سا، ني، ڌا، پا، ما، گا، ري(سا)
کرج نکاد ڌيوت پنچم مڌم گنڌرا ريکب

هن راڳڻيءَ جو وادي سر ما (مڌم) ۽ سموادي سر سا (کرج) آهي.
(ذکر ڪيل سرن کي ترتيب وار لڳ ڪاريءَ ۾ آڻڻ سان راڳڻي پرياتي جي تصوير جڙي راس ٿيندي.)

راڳ پرياتي، پريات جوئي ڳائڻ لاءِ موزون آهي، جڏهن ته رات وهامندي آهي، ماحول تي سانت ۽ ايڪانت ڇانيل هوندي آهي، مسجدن مان آذانون اچڻ لڳنديون آهن. راڳي رياض ۾ مصروف هوندا آهن ۽ آرسي ماڻهن کان سواءِ سڄي ڪائنات جاڳي پوندي آهي. اهڙين پرسوز ۽ پر اسرار لمحن مان پرياتي جنم وٺندي آهي. هن سر کي عبادتن ۽ رياضتن جو سر به سڏيو ويو آهي. شاهه سائين جا راڳي فقير هن سر کي 'وهاڳڙو' چوندا آهن. راڳ پرياتي جو اهو سلسلو باک ڦٽيءَ کان سج ڪني تي پهچائي ڪندو آهي، هُن سر ۾ جيڪو درد اثر سوز ۽ گداز آهي، ان جو ڪو جواب ئي ڪونهي، جيتوڻيڪ هن سر ۾ مختلف حوالن سان هڪڙو ئي موضوع: ڏاتار ۽ مڱڻهار وارو آهي پوءِ به هن سر کي نهايت ئي وڏي اهميت ۽ حيثيت حاصل آهي.

## سر پرياتي ۽ آسا ۾ فرق:

سر پرياتيءَ جي پڄاڻي بعد سنتئي آسا جو سلسلو شروع ٿيندو آهي، جيڪو سج ڪنيءَ کان صبح جي پهرين پهر تائين هلندو آهي. هي ۽ راڳڻي (آسا) بلاشڪ ته پرياتيءَ مان جنم وٺندي آهي، پر ڪي راڳي ٻنهي راڳڻين کي جاڙيون ڀينرون سڏيندا آهن. ان لاءِ جو ٻنهي راڳڻين جي شڪل شبيهه ۾ خاص هڪجهڙائي آهي، ٻنهي راڳڻين جي آروهي ۽ امروهي ۾ ساڳيا سر لڳندا آهن. ٻنهي جا وادي ۽ سموادي سر به ساڳيا آهن. سرن جي ستاءُ بهلاءُ ۽ ڦهلاءُ به ساڳيو آهي، البته بعض آلاپن کي (ڪومل) نرم - لهجو ڏيڻ سان آسا جي صورت واضع ٿي وڃي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## سر پرياتي ۽ سر آسا ۾ (راڳداريءَ جي حوالي سان) ڪهڙو فرق آهي؟

اهو سوال جڏهن پٽائي جي مهان راڳي ۽ موسيقار ماسترجمن کان پڇيو هوم تہ ديرئي کان ڪيائين، هارمونيم جي سرن تي آڱريون رکي، آلاپن سان اهو فرق واضع ڪري ڏيکاريائين. جيڪو ڪيترن ئي راڳين لاءِ غير واضع هو.

ماسترجمن جو اهو جواب ۽ تاثر مون پنهنجي ذهن جي اسڪرين تي محفوظ ڪري ڇڏيو هو اهو اڄ سنڌ ثقافت کاتي پاران ڏنل مختلف موضوعن مان چونڊي لکت ۾ آٽي يوسف جي خريدارن ۾ شامل ٿي رهيو آهيان. بهرحال اهو تہ طئہ آهي تہ سرپرياتيءَ ۽ آسا ۾ صوتياتي حوالي سان ڪو بہ فرق ڪونهي، البتہ موضوعاتي لحاظ کان سر آسا جو ڪينواس بيحد وسيع آهي، جنهن ۾، محبت، پيار، امن، خير، حسن، عشق، جمال ڪمال، مجاز، تصوف جهڙا انيڪ آفاقي موضوع شامل آهن. شاهہ سائين جا مجاز ۽ حقيقت بابت مشهور عشقيا ابيات بہ هن سرجي حصي ۾ آيا آهن. ڪجهہ بيت اجهو هھڙا بہ آهن.

### حسن جمال بابت:

ايرندي ئي سج، پرين جي نہ پسنديون،
ڪدي ٻيئي ڏج، اکيون ڪانگن کي.

❊

تن نيڻن ڪئي نيرانِ، جن ساجهر سجڻ پيتيا،
تہ جيءُ جُسي ۽ جانِ، ڪر حضوري حج ڪيو.

### تصوف بابت:

اَحدُ احمد پاڻ ۾ وچان ميم فرق،
آهي مستغرق، عالم انهي ڳالهہ ۾.

❊

سپريان جي سونهن جو نڪو ڪد نہ مد،
هِت سگهڻ بي عدد، هُت پرينءَ پرواهہ ناهہ ڪا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نـڪـا ابـتـدا عـشـق جـي نـہ ڪـا انـتـهـا،
جـن سـجـاتـا سـپـرين، سـي وجـڻ ڪـي ويـا.

مٿين شاهڪار بيتن کان سواءِ ٻيا بہ مختلف موضوع هن سر ۾ موجود ۽ محفوظ آهن.

راڳداريءَ جي لحاظ کان بہ سر آسا جو ايوان بيحد ڪشادو آهي ۽ ويتر "مانجهہ" (راڳڻي) جي پيوندڪاريءَ سان اهو ايوان ڪشادو تر ٿي ويجي ٿو. سنڌي موسيقيءَ جون لاتعداد طرزون، منظور علي خان، محمد جمن، محمد ابراهيم، محمد يوسف، روبينہ، جيجي زرينہ سميت لاتعداد ڳائڻن جون ڳايل سريليون وايون ۽ ڪافيون بہ سر آسا جي ئي نصيب ۾ آيل آهن. بهرحال شاهہ جو سر آسا هڪ جامع ۽ مڪمل سر آهي ۽ ائين لڳي ٿو تہ سنڌي موسيقيءَ جي وڏي حصي تي ڇانيل آهي ۽ ڏيهان ڏيهہ، ملڪان ملڪ مشهور ۽ معروف آهي.

منهنجي هنج ۾ جيڪو شاهہ سائين جو رسالو آهي، ان ۾ 36 سر موجود آهن، جنهن موجب سر پرياتيءَ ۾ هڪ موضوع، هڪ داستان، 25 بيت ۽ 3 وايون آهن. جڏهن تہ سر آسا ۾ 7 داستان، 190 بيت ۽ 7 وايون ۽ لاتعداد موضوع آهن. ان مان هن سر جي جامعيت جي پروڙ پئجي سگهي ٿي. بهرحال! اهو حوالو بہ پرياتيءَ وارو آهي، جنهن آسا کي جنم ڏنو آهي.

## سر پرياتي جو ثقافتي پس منظر:

شاهہ لطيف جا اڪثر سر لوڪ داستانن ۽ لوڪ قصن جي آڌار تي ڇيل آهن ۽ توڙي جو تن ۾ رندي رمزون ۽ روحاني راز بہ سمايل آهن. اهي تمثيلي ۽ علامتي سر بہ آهن تہ راڳ بہ، سو سر پرياتيءَ کي بہ هڪ ثقافتي ۽ تمثيلي پس منظر آهي. سنڌو درياءَ جي اتر ۽ اولهہ وارو علائقو سنڌ جي وسيع تر ايراضي تي پکڙيل آهي ۽ ان کي 'ڪوهستان' سڏبو آهي. ڪوهستان جون حدون اتر ۾ "ٻاڳناڙي" ۽ اولهہ ۾ لسٻيلي ۽ ڪيچ تائين لڳن ٿيون. انهن ڪوهستاني علائقن ۾ سنڌ جي ثقافت جا چٽا پٽا عڪس نظر اچن ٿا. جهڙوڪ ٻولي، لهجو ريتون، رسمون، ذاتيون، ماڻهن جا نالا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پانُ، طنبريو، ڪيرتيو، سرنڊڙيو وغيره. جڏهن تہ ڪجهہ سازن ڪينرو، ڪيرت، ڪينرءِ بين جو بہ ذڪر ڪيو آهي.

شاهہ صاحب جتي سپڙ ڄام جي نوازيل مڱڻن جي لاچاري، بيوسي، بدحالي، بي حاليءِ وغيرہ جو ذڪر ڪيو آهي، اتي سندن لاپرواهي، سستي، ڪاهلي، جو برملا اظهار بہ ڪيو آهي، تہ سڄاڳيءِ جو سڏ بہ ڏنو آهي:

سيراندي ساز ڪري، سمهين ساري رات،
جاجڪاڻي ذات، ائين نہ هئي اڳهين.

شاهہ سائين جي نظر ۾ ساز سورينديءَ ٿي سهڻا لڳندا آهن. سازن کي هٿ نہ لائبو تہ لٽ ۾ لٽجي ڪٽ ۾ ڪٽجي ويندا ۽ نيٺ خاموش ٿي ويندا.

اڃا نہ پانڻ پير، جو ڪينر ڪيريءِ ٽنگيو،
سونهاري صبوح سان وجهي وينئين وير،
توکي چوندو ڪير، ڪيرت ڏاران مڱڻو.

## سر پرياتي جو محاصل:

شاهہ سائين جي سر پرياتي هڪ تمثيلي سر بہ آهي، جنهن ۾ بظاهر تہ سپڙ ۽ سيڪڙو (ڄام ۽ منگڻن) جو اظهار آهي، مگر در اصل اهو عبد ۽ معبود (ڏاتار تہ تون ٻيا سڀ مڱڻا) وارو تصور آهي، جو جڳ جو پالڻهار ۽ ڏيهن جو ڏاتار آهي، جيڪو نہ رڳو منگڻن کي پر سڀني کي ڏيهاڙي تو ڏئي:

مڱ تنهين کان مڱڻان، جو ڏيهاڙي تو ڏي.
ڪوڙا در دنيا جا، جاجڪ مڱين جي،
سيان توکي سي، موٽي ڏيندا منهن ۾.

*

موڙهو پٽين مڱڻان، ڪتي هئين ڪالهہ،
لنگها ڇڏ لطيف چئي، اجهڻ جا افعال،
سپڙ در سوال، ڪر تہ قيمت آڻئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهوئي سر پرياتي ۽ جو محاصل آهي ۽ اهوئي شاهه لطيف جو پيغام آهي ته:

بـئـي در ونـئـن ۾ ڪـيـڏانـهـيـن،
جـي تـو دان مـنگـيـن تـو مگـٽـان،
بـئـي در ونـئـن مَ ڪـيـڏانـهـيـن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جاويد شيخ

# سر پرياتي ۽ سنڌ جو فنڪار

سر پرياتيءَ متعلق شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي هر شارح هڪڙي ۽ هِڪَ هجڙي ڳالهه ڪئي آهي، ته هيءُ سُر شاهه عبداللطيف لس ٻيلي جي هر دلعزيز حاڪم سپڙ سخي جي ثنا ۽ ساراهه ۾ سرجيو آهي يا ائين لکن ٿا ته هيءُ خالص هندستاني راڳڻي آهي. جا فجر مهل جو ڳائبي آهي ۽ ان ڪري ئي شاهه لطيف هن سُرَ جو نالو پرياتي رکيو آهي. اها ڳالهه پنهنجي جاءِ درست ۽ صحيح ، هن سُر ۾ سپڙ سخيءَ جو ذڪر فقط علامتن ڪيو آهي، پر اصل مقصد هن سُرجي هيءَ ٿو نڪري ته. هو چاهي پيو ته ڪنهن نه ڪنهن نموني يا طريقي سان قرار سان ستل قوم کي بيدار بي قرار ڪجي، ته جئين هو پنهنجو تشخص ۽ پنهنجو وجود قائم ۽ دائم رکي سگهن.

تنهن ڪري شاهه لطيف پنهنجي ڪلام کي پيغامي پوشاڪ پهرائي راڳ جي ڪَلا معرفت لوڪ تائين رسائيءَ جو رستو ڪڍيو ۽ ان جي لاءِ پٽ کي مرڪزي حيثيت ڏياري، هن اتان ڪان قوم جي رهنمائي ۽ رهبري ڪندي شعور جي لاٽ ذريعي روشن ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ۽ اتان ئي آئينده جي حڪمتِ عملي جوڙي پئي، جيڪا اسان سنڌ وارن لاءِ شاهه جي ڪلام جي صورت ۾ تاحيات موجود رهندي. ڀٽائي پَٽ کي مورچو بڻائي ڪَلا جي ڪيٽري هٿان سنڌ ۾ شعور ۽ غيور جي آبياري ڪرڻ پئي چاهي. هِڪَ حڪايت موجوب هُن هندستان مان چنچل ۽ اتل نالي ٻه گويا (ڳائڻا) پاڻ وٽ گهرائي ويهاريا ته جئين سندس ڏنل خواب کي سهڻي ساڀيان ئي صورت نصيب ٿئي . منهنجي پنهنجي خيال ۾ هن سُر جي شروعات بيتن کي پنهنجو الڳ ۽ منفرد موضوع آهي ۽ جڏهن ته پوين بيتن کي پنهنجو رنگ ۽ روپ آهي. سُر پرياتيءَ جي مهڙين چند بيتن مان صاف صاف ظاهر آهي ته شاهه لطيف سنڌ جي ڪلاڪار جي ڪلهن تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪينرو رڪي، سنڌي سماج جي دردن ۽ ڏکن جو علاج ڪرڻ پئي چاهيو هو سمجهي پيو ۽ پلي پٽ واقف هيو ته، سنڌ جو مُلهائتو فنڪار (منگٽو) سنڌ قوم کي جاڳائڻ ۾ پنهنجو ڪردار بهتر ۽ انوکي انداز ۾ نڀائي سگهي ٿو. شاهه لطيف جي اِها دلي خواهش هئي ته هو بيداريءَ جو درس ۽ سجاڳيءَ جو ڪم هِڪَ ڪلاڪار کان وٺي، جنهن جو پراثر آواز ئي دراصل ماڻهن جي سخت، سُتل ۽ ڍنل دلين کي جهنجوڙي ۽ جاڳائي سگهي ٿو. هو چاهي پيو ته ڪينري کان هو ڪهاڙيءَ جو ڪم وٺي، پر جڏهن شاهه لطيف سنڌ جو ان ڪلا ڏٽيءَ کي پنهنجو انقلابي ۽ جنگي هٿيار سُرندو ڪِليءَ ۾ ٽنگيل ڏسي ورتو ته، ڪائنس رهيو نه ۽ هن سنڌ جي مَسيحا کي مهڻا ۽ ميارون پنهنجي پُر اثر بيتن جي روپ ۾ ڏياري موڪليون. سندس مُهڙي ميار اِها هئي ته:

اِيءَ نه پانَ پيرُ، جئين ڪِنيرُ ڪيريءَ ٽنگيو
سُونها ڪي صُبُوحَ سين، وجهِ وينين ويرُ
توکي چُوندو ڪيرُ، ڪِيَرتَ ڏا ڪان منگڻو؟

شاهه سائين: پنهنجي بيت ۾ ڏوراپو ۽ چتاءُ ڏيندي منگٽي کي چوي پيو ته، اِهو هِڪَ منگڻهار (ڪلاڏٽي) جو وڙ ته ناهي جو سندس سُرندو جيڪو سماجي تبديليءَ ۾ سفلائتو ڪِردار ادا ڪري سگهي ٿو. سو ڪِليءَ ۾ ٽنگيو پيو هجي، تون اجايو صبح يعني سچ سان وِيُرُ رکيون ويٺو آهين. تون ڀڏاءِ راڳ رياض (فن فڪر) کان علاوه به تنهنجي ڪا حثيت آهي چا؟ هاڻي ڏسجي ته سنڌي سماج ۾ ملهائتو ڪردار ادا ڪندڙ فنڪار به جيڪڏهن غفلت ۽ گمراهي جي گهري ننڊ ۾ غلطان هوندو ته پوءِ هن مسڪين معاشري ۾ مثبت تبديلي ۽ تحريڪ پلا ڪئين پيدا ٿيندو. هِڪَ ڪلا جو ديوتا جيڪڏهن صبح (حق ۽ سچ) سان دوستيءَ بجاءِ دشمني رکندو ته انهيءَ فنڪار جي فن ۽ فڪر جو حشر چا ٿيندو؟ ۽ جيڪڏهن هِڪَ سچو ۽ کرو فنڪار پنهنجي ذميواري، پنهنجو فرض ۽ پنهجا آدرش ويساري ويهي رهندو ته پوءِ انهيءَ قوم جو الله ئي واهي آهي.

شاهه لطيف هِڪَ ڪلاڪار کي پنهنجو اهڙو فرض ۽ ذميواريءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

احساس ياد ڏيارڻ پئي چاهيو ته اِهو هڪ ذات ڏتيءَ جو وڙ ئي ناهي جو سندس سُرندو (ذات) خوف ۽ خواهش جي ڪِليءَ ۾ تنگيل رهجي وڃي ۽ ائين سندس سماج ترقيءَ ۽ تبديليءَ بدران تنزل ۽ تباهيءَ جا - تڪڙا تڪڙا قدم کڻندو هِڪَ روشن ۽ چٽي صبح بدران ڪاري رات جي ڪَچَ ۾ ڪري پوي ۽ پوءِ اهڙي اونداهي رات جي پرڀات ناممڪن آهي. تنهن ڪري لطيف سرڪار کي شايد هيءُ خدشو هروقت رهيو پئي ته، جيڪڏهن سندس خواب ساڀيان نه ماڻي سگهيا ته پوءِ سندس شاعري ۽ راڳ ويراڳ جو اصل مقصد فوت ٿي سگهي ٿو. تڏهن ئي ته هن پنهنجي جي شاعري پنهنجي فڪر، پنهنجي مقصد ۽ منشا کي لوڪ تائين رسائيءَ جو واحد ذريعو سمجهندڙ منگٿهار (ڪلاڪار) کي وقفن وقفن اهو بانور ڪرائيندو ۽ هوشيار ڪندو پئي آيو ته تون ڪير آهين؟ ۽ تنهنجي زندگيءَ جو اصل مکيہ مقصد ڪهڙو آهي! جو تون با خبر هوندي به حقيقت کان منهن موڙي اگهور ۽ اجائي ننڊ ۾ نوڙجي ٿو وڃين. توکي ته اونده ۽ ڪاري راتِ جي خاتمي جو جوڳو بندوبست ڪرڻ کان پوءِ هِڪَ روشن صبح جي خوشيءَ ۾ مسرت ۽ سرهائي جا سندر ڳوها ڳاڙڻا آهن، تون جيڪڏهن بي مقصد ۽ اجائي زندگي گهاري مَري ويئين ته پوءِ تو پڇاڻان تنهنجو ساز.(ذات، پورهيو) بيڪار ۽ بي سود بڻجي ويندو. جيڪو بعد ۾ ڪنهن بہ ٿي جي ڪم اچي نہ سگهندو. لطيف سرڪار انهيءَ ڪارڻ ئي ڪيس هِڪَ بي ميار بيت جي شڪل ۾ موڪلي ٿو:

سُتو ڪِئين ننڊون ڪَرين، رو وهاڻيءَ روءِ،
سُيان سازُ سَندوءِ پيو هوندو پَٽَ ۾.

شاهہ سائين سنڌ جي ذات ڏتيءَ مان اُهو ڪم وٺڻ پئي چاهيو، جيڪو ٻئي ڪنهن جي وس ۽ گمان ۾ بہ نہ هيو، هو چاهي پيو تہ سنڌي سماج جي خدمت فقط هڪ ذات ڏتي يا فنڪار جي هٿان ئي احسن طريقي سان ڪرائي سگهجي ٿي. ڇاڪاڻ تہ هن جاتو پئي تہ ڪَلا ۾ وڏي ڪشش، طاقت ۽ طلاطم هوندو آهي. جيڪو ڪوڙ ۽ فريب جي آڌار تي قائم سماج کي لوڏي وجهندو آهي. پر جڏهن سنڌ جي ان امر ڪردار کي ڪٽ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ارباب نيڪ محمد

# پالڻھار ڪان پينار جي پنڻ جا پنڌ

سنڌي شاعريءَ ۾ پٽائي گهوٽ جي "انفراديت" ڏانهن اچبو تہ خود
اها حقيقت منڪشف ٿيندي ويندي تہ:

اين سعادت بروز بازو نيست

امان بوصيري کي قصيدي بُردي شريف جي حوالي سان جيڪا
"انفراديت" عطا ٿي، هو بهو اهڙي فضليت پوين مان ڪنهن ٻئي ڪويءَ لاءِ
مخصوص ٿي ڪانہ سگهي، جيتوڻيڪ سيد ابن - مُعتوق جهڙا ڪافي شاعر
بوصيريءَ جو پڙ ڏيئي سفر ڪندا رهيا آهن. ابن معتوق چوي ٿو:

لا يرفي الحب يا اهل الهويٰ قسمي،
ولاوفت للعليٰ ان خنتكم ذلمي.

"محبت جا متلاشي مضطرب قلب وارا گواهہ رهن تہ جيڪڏهن آئون
توهان سان خيانت ڪريان تہ پوءِ ان جي بدلي ۾ منهنجا لايا ڪڏهن بہ سجايا نہ
ٿين ۽ عروج واريون منزلون منهنجا مسڪن ڪڏهن بڻجي نہ سگهن."

ٽن داستانن تائين عزئي جو اهو شاعر جهڙوڪر بوصيريءَ سان هم
پلہ نظر اچي ٿو پوءِ جيئن اڳتي وڌي ٿو تيئن سندس شعري حسن پنهنجا
حسبِ معمول جوهر ڏيکارڻ کان قاصر ٿيندو وڃي ٿو. خداءِ بخشندھ
جيستائين ، خيراتون خوب سان خوب تر عنايت نہ ٿو ڪري تيستائين ڪنهن
بندي بني بشر جو عروج اڻ پورو ئي رهي ٿو.

عزت بخاريءَ جو مشهور بيت آهي:

ادب گاهيست زير آسمان، از عرش نازک تر
نفسِ گم ڪرده مي آيد جُنيد و بايزيد اين جا!

سهڻا سردار سائين! اوهان جو مبارڪ وجود جيتوڻيڪ "نوري" آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر آسمان کان هيٺ دنيا لاءِ افضل البشري ظهور بہ ادب آداب جي حوالي سان ايترو تہ نزاڪت ۽ احترام جو حامل آهي، جتي حضرت خواجه جنيد بغدادي ۽ حضرت خواجه بايزيد بسطاميءَ جهڙا هٽ ادب جا پڌي ثنا خوانيءَ تا ڪن. اتي عزت بخاري انتها درجي جي عاجزي سان ڪوهياري ڪيچ ڌڻيءَ جي عاشقن واري قطار ۾ ويهڻ جي جسارت ان اُميد سان ڪري رهيو آهي، جنهن آسري جو اظهار هنن سٽن جي سرجيندڙ ڪيو آهي:

هزار بار سبشويم دهن ازمشڪ وگلاب
هنوز نام شُما گرفتن ڪمال بي ادبي است

ڳالهہ پٽائي صاحب جي ڳجهي مقام مان ڦٽي نڪتي هئي ۽ وچ ۾ "فارس" تان بہ طائراڻي پرواز ڪري آياسين، سولي سنڌيءَ ۾ مخدوم طالب المولئٰ سائين هن پروليءَ کي ڪجهہ هن ريت حل ڪيو آهي.

پٽائي واري منفرد مام پروڙڻ لاءِ دور حاضر جي هر فن مولئٰ شاعر مفتي عبدالغفور همايونيءَ جو مثال بهتر رهندو.

تنهنجي زلف جي بند، ڪمند وڏا،
زندان هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي شاهي دسترخوان متي،
مهمان هزارين مان نہ رڳو
تنهنجي نور حضور ظهور سندا،
نگران هزارين مان نہ رڳو

جنهن فنائيت سان حضرت همايوني گويا ٿيو آهي، جيتوڻيڪ انهيءَ ميدان ۾ پڻ انيڪ سارن سندس هم عصر فن ۽ پوءِ جي شاعرن طبع آزمائي ڪئي ۽ خوب ڪئي آهي، پر هتي ڳالهہ

آنچہ خوبان همہ دارند،
تو تنها داري..... واري آڏو اچي ٿي.

پرياتيءَ ۾ پينار لاءِ جيڪا پاليسي مرتب ڪري ڏني آهي، حضرت شاهہ حبيب جي لخت جگر انهي منصوبہ بنديءَ لاءِ جنهن آورد جي عنايت مطلوب هوندي آهي، ڏٺي جي در تان اها دوا انهن دردونديون دلڙين لاءِ

مخصوص آهي. جيڪي فنا في الشيخ وارو سبق پڄاڻي تي پهچائي وجي رسن ٿا. رسالت ماب صلي الله عليه وآله وسلم جي "رهاڻ" ۾ اُتان فنا ڦي الرسول صلي الله عليه وسلم وارو مقام ڪي ماڻي، فائق جي فرمان جو حظُ حاصل ڪري . در رسول تان ئي توحيد، باري تعاليٰ جو فيض پرائين ٿا. پوءِ ڪين جڏهن فنافي الله ۽ بقا با الله واري منزل ملي ٿي ته مُرشدن جي وسيلي ۽ آقاءِ نامدار صلي الله عليه وسلم جي مُحابي سان باري تعاليٰ ڪان جيڪي گهرن ٿا، سا سموري سوغات ڪين ڪن پل ۾ مليو وڃي ٿي.دور حاضر جي فلسفياڻي فنامنا ڪان متاثر حضرات ڪي شاعر مشرق علامه اقبال جي توسط سان ڳالهه سمجهاڻ سولي آهي:

خرد کی گتھیاں سلجھا چکا میں
میری مولیٰ مجھے صاحب جنوں کر

اجان اقبال "مجنون" ڪونه ٿيو هو سرهند شريف جي سفر ۾ دوستن چيس ته امام رباني ۽ جي اوتاري ڪان ٿي تا اچون، .... چئي: اوهان ٿي اچو اسان آرام ٿا ڪريون، اوچتو ننڊ دوران ڪيس ازغيبي طور ڪهن شخص اچي اُٿاريو ۽ علامه صاحب خرامان خرامان وڃي شيخ احمد فاروقي جي مزار مبارڪ وٽ پهتو، هاڻ اڳتي جو احوال .. ڪلام شاعر بزبان، شاعر طور پڙهڻ مناسب رهندو:

حاضر ہوا میں شیخ مجدد کی لحد پر،
وہ خاک کہ ہے زیر فلک مطلع انوار،
اس خاک کے ذروں سے ہیں شرمندہ ستارے،
اس خاک کہ میں پوشیدہ ہے وہ صاحب اسرار،
گردن نہ جھکی جس کی جہانگیر کے آگے،
جس کے نفس گرم سے ہے گرمے احرار،
وُہ ہند میں سرمایہ ملت کا نگہبان،
اللہ نے بروقت کیا جس کو خبردار،
کی عرض یہ میں نے کہ عطا فقر ہو مجھ کو،
آنکھیں میری بینا ہیں ولیکن نہیں بیدار،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه

# سيرانديءَ ساز ڪيو

"پرڀاتي هندستاني راڳڻي آهي،جا صبح جو ڳائبي آهي".[1] ڪلياڻ آڏواڻي ان ڳالهه جي تائيد ڪندي چوي ٿو ته، پرڀاتي هڪ راڳڻي جو نالو آهي جا پرڀات يعني اسرجو ڳائبي آهي.[2] اڳتي چوي ٿو ته هنُ سر ۾ شاهه انسان کي بندگيءَ جو تاڪيد ڪري ٿو ۽ ڏڻي جي اپار سخاوت ڪي ٿو ساراهي، هتي سپڙ سخيءَ مان مراد آهي، ڏڻي تعاليٰ ،رب العالمين آهي ۽ سڀ کي روزي ٿو رسائي.[3]

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو ته "بلاول وانگر هيُ سر به موروثي مڱڻن ۽ مڱڻهارن جو سخي سردارن کي ڳائڻ، ساراهڻ ۽ ڪان ڏان وٺڻ واري رسم ۽ روايت جو يادگار آهي. هن سرجو خاص موضوع لسبيلي جي والي سپڙ جام جي سخا آهي، ٻين سردارن سخا ڪئي ته پنهنجي شان شوڪت وڌائڻ لاءِ ڪئي پر سپڙ جام سخا ڪئي ته پنهنجي نالي وڌائڻ لاءِ ڪانه ڪئي پر ڪيرت وارن جي قدرداني ۽ ڏکين ڏڻن جي مدد لاءِ ڪئي. هن خاص طور محتاجن کي مان ڏنا ۽ ڏڻن کي ڏان ڏنا." اڳتي لکي ٿو "اعليٰ معنوي لحاظ سان هي سُر گهرندڙ ۽ ڏيندڙ ٻنهي جي اعليٰ ڪردار جو آئينو آهي."[4]

سر پرڀاتي ۾ مضمون جي لحاظ کان پانن ۽ مڱڻهارن جي ڪيرت بابت ۽ سنڌ جي مشهور سخي سردار سپڙ جام جي سخا ۽ عطا بابت ڪلام آهي. هن کي اسين سپڙ جام بابت لکيل قصيدو به چئي سگهون ٿا. بقول غلام محمد شاهواڻي جي هنن بيتن کي سنڌيءَ ۾ قصيدي جو ابتدائي دور چئي سگهجي ٿو.[5]

پر عربي ۽ فارسي شاعرن ۽ شاهه لطيف جي قصيده خواني ۾ تمام وڏو فرق آهي، بقول شبلي نعماني جي ته اهي شاعر اڪثر اميرن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪبيرن، حاڪمن، سردارن ۽ بهادر سپاهين جي باري ۾ قصيده خواني ڪندا هئا ۽ انهن جي تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيندا هئا. ان لاءِ ته جئين متلق ماڻهو پڙهي خوش ٿين ۽ کين وڏن وڏن انعامن اڪرامن سان نوازن. معنيٰ ڪڏهن ڪڏهن من گهريو دان نه ملڻ تي هو فورن ساڳئي شخصيت جو "هجو" يعني گلاغيبت وارو شعر لکي، انهن کي بليڪ ميل ڪندا هئا. [6] پر شاهه سائين جي مديحي شعر جو انداز ان کان قطعي مختلف آهي، هن ڪڏهن به ڪنهن مجتا يا انعام اڪرام جي لالچ ۾ شعر نه چيو بلڪ هن ته جن عظيم ۽ اعليٰ صفت انسانن جا ڳڻ ڳايا آهن. اهي ته ڪانئس گهڻو اڳ وفات ڪري ويا هئا، پاڻ ڪڏهن به ان وقت جي ڪنهن حاڪم يا سردار جي لاءِ تعريفي شعر نه چيائين.

سر "پرڀاتي" ۾ روحاني طور لطيف سرڪار جيڪا تمثيل بيان ڪري ٿو، ان مطابق پاڻ سپڙ چارم. الله پاڪ لاءِ مستعار ڪري ٿو. جيڪو سڀ جو رزق ڏيندڙ ۽ واحد معبود آهي، مڱڻو جاجڪ، چارڻ، پان وغيره پانهي لاءِ مستعار ڪيو اٿائين. هن سرجا به خاص موضوع آهن .جيڪي هو انسانن کي هدايت ڪندي ظاهر ڪري ٿو . هڪ ته هو بندي کي هدايت ڪري ٿو ته رزق ۽ روزي هميشهه صرف ۽ صرف ان رب رزاق کان گهرو جيڪو اصل ڏيندڙ آهي، ۽ جيڪو ڏيڻ کان پوءِ سهائيندو ڪين ۽ ٻي هدايت انسانن کي شاهه سائين اها ڪري ٿو ته ڪڏهن به رب جي عبادت ۽ اطاعت کان غافل نه ٿيو. ڇو ته هي دنيا جي فاني حياتي جيڪا اسان کي ڏني وئي آهي سا ڪنهن عيش عياشيءَ لاءِ نه پر ابدي حياتيءَ کي بهتر بڻائڻ جي تياري ڪرڻ لاءِ ڏني وئي آهي. ان سلسلي ۾ شاهه سائين خاص طور تي رات ۽ فجر ويل جي عبادت تي گهڻو زور ڏنو آهي: پهرين ئي بيت ۾ چئي ٿو:

اڳي ئي نه ياڻن پير، جئين ڪينر ڪيريءَ ٽنگيو،
سونهاريءَ صبوح سين، وڃي وينين وير،
توکي چوندو ڪير، ڪيرت ڏاران مڱڻو.

نوٽ:بيت غلام محمد شاهوائي جي مرتب ڪيل "شاهه جو رسالو" تان ورتا ويا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڳتي چوي ٿو: بيت:2

ستو ڪئين ننڊون ڪرين، رو وهاڻيءِ روءِ،
سيان ساز سنڌوءِ، پيو هوندو پٽ ۾.

پان = مڱڻهار، قصدو ڳائيندڙ فقير، پٽ (شا)وغيره[7]

ڪينر = وڄائڻ جو هڪ ساز (قلب) ساز جو هڪ قسم (بل)سرندو ساز (ب ـ ح)وغيره[8]

ڪيرت = نيزاري، منٿ، وينتي(غل)ساراهه، واکاڻ، ڏن پٽ يا خيرات ڏيندڙ جي سخا جي ساراهه جيڪا اڃا تائين به سنڌ ۾ سخي سردارن جي در تي بيتن ۾ چئي سندن پيڙهي جي سخا بيان ڪندا آهن[9]

شاهه سائين چوي ٿو ته اي بندا (مڱڻا، پان ـ استعاره طور) تون ڪهڙي قسم جو پانهو آهين جو بي فڪر ٿيو پيو ٿو ننڊون ڪرين، صبح جو فجر جو پلاري ۽ ڏٺي در دعا جي قبوليت واري وقت جو تون قدر ئي نٿو ڪرين، چو ايترو غافل ٿيو آهين. عبادت "پانهپ (ڪيرت ـ استعاره طور) ڪانسواءِ تنهنجو شمار رب جي اطاعت ۽ عبادت گذار بندن ۾ ڪئين ٿيندو؟ اڳتي چويس ٿو ته اي بندا ڪيئن تون غافل آهين، چو ٿو ننڊ پياري ڪئي آهي اٿ، اٿي فجر جي پلي وقت تي (وهاڻيءِ روءِ) رب جي در پاڏاءِ، رو، آهه و زاري ڪر، وقت نه وڃاءِ چو ته تو کي خبر به نه پوندي ۽ تنهنجو روح پرواز ڪري ويندو ۽ اهو فاني جسم (ساز ـ استعاره طور) مٽيءِ ۾ پيو هوندءِ.

هن سر ۾ شاهه سائين تخاطب جئين ته مڱڻارن سان آهي. ان ڪري بولي به ان سان تعلق رکندڙ استعمال ڪئي آهي. هن بيت ۾ ان ئي تمثيل ۾ شاهه سائين نهايت گهري ڳالهه چئي آهي، چوي ٿو: بيت :3

سيراندي ساز ڪيو، سمهين ساري رات
جاجڪاڻي ذات، ائين هوءِ اڳهين ؟

جاجڪ = مڱڻهار (شا) منگتو فقير سوالي، ڳائي خيرات وٺندڙ، منگتو(بل)

جاجڪاڻي ذات= مڱڻهار، مڱڻهارن جا قبيلا[10]

چوي ٿو ته اي بندا (استعاره ۾ جاجڪ) تون جو عبادت کان غافل

ٿي سڄي سڄي رات سمهين ننڊون ڪندي وڃائين ٿو سوچا اهو تو اشرف المخلوق کي سونهين ٿو؟ اڳتي لطيف سائين چئي ٿو

بيت: 4

جنين سڪ ناھ ڪو، چارڻ سي چئجن،
رڃن راھ پڇن، متي ڪُلهي ڪينرا.

يعني حقيقي عاشق ۽ عابد بانهي جون اهي نشانيون آهن جو اهي ڪڏهن به بي اونا ٿي ويهي نه ٿا رهن.بلڪ پنهنجي پرين جي رضامندي ۽ ان جي وصال خاطر برپٽ بيابان جهاڳيندا وتن ٿا.

سر پرياتي حالانڪ شاھ سائين جي مختصر سرن مان هڪ آهي، جنهن ۾ ڪل 27 بيت ۽ ٻه وايون آهن. (شاهواڻي رسالي مطابق) پر انجو هڪ هڪ بيت جهڙو نه ظاهري مطلب جي لحاظ کان معنيٰ خيز آهي، اهڙو ئي روحاني معنيٰ جو پيندار آهي.

چوي ٿو ته:بندو ته آخر بندو آهي، گنهگار، خطاڪار پر رب به ته رب آهي، بي پرواھ ۽ بي نياز هن وقت قبوليت ۽ عطا جا ماڻ ۽ ماپا ئي الڳ آهن. هو جنهن کي چاهي نوازي، "اگهائي ته پاءِ نه ته مٽن موٽ ٿئي". جي مصداق مالڪ کي کهڙي ڳالھ وٽي ٿي، تنهنجو اندازو ۽ عام بندي جي سمجھ ۽ ادراڪ کان ٻاهر آهي، چوي ٿو:

بيت:7

جيڪي ڏڏن ڏي، ڳجهيان ئي ڳجھ ۾،
سو جي سٽن ڪڏهين، ڪيرت وارا ڪي،
ته ساز مڙوئي سي، هوند پٽون ڪن پلڪ ۾.

شاھ سائين چئي ٿو ته اهو مالڪ بي پرواھ جيڪو چڱن مٺن: سيني جو رب آهي، سو ته پنهنجي عيبدار ۽ گنهار، ٻانهن کي به ڳجھ ئي ڳجھ ۾ پنهنجون نعمتون عطا ڪري ٿو ۽ ان عطا ۽ سخا جي خبر جي عابد ۽ زاهد ٻانهن کي پئجي وڃي ته اهي زهد ۽ عبادت ئي ڇڏي ڏين. اڳتي نهايت عجز ۽ انڪساري سان سمجهائي ٿو بيت: 8

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اٽ ڪيرت وارا ڪيترا، ڪيرت ڪبو ڪوهه،
جيڪي ٻندو ڪم ڪري، سو مڙئي ڏوهه،
تون پارس آئون لوهه، سچين تہ سون ٿيان.

شاهوالي: ص- 859

چوي ٿو تہ عبادت جو الله پاڪ محتاج ڪونهي، بلڪ عبادت، عجز ۽ نياز جي ضرورت ٻندي کي آهي ڇو تہ انسان خطاڪار آهي، ناقص العقل آهي، تہ ان جي عبادت ڪئين ڪامل ٿيندي. اهو تہ سراپا ڏوهہ ئي ڏوهہ آهي، لطيف سائين چوي ٿو تہ اي مالڪ: تون مون ٻي وقعت ۽ عيبدار ٻندي کي پنهنجي قبوليت جي نظر ڪرم عطا ڪر تہ مان جيڪر سچو سون ٿي پوان.
چوي ٿو تہ رب جي دربار اها دربار آهي جتي ذات پات جو ڪو ويڇو نہ آهي "جو وهي سو لهي" مطابق جيڪو جيترو جهد ۽ محنت ڪندو، ان کي اوترو اجر ملندو، پر رب پاڪ تہ پنهنجي گهنگار گندن ٻندن تي بہ مهربان ٿئي ٿو اڳتي چوي ٿو تہ جيڪو رب جي حاضري ۾ پنهنجون راتيون گذاري ٿو، ان کي تہ ڪو خوف خطرو ئي ناهي، چوي ٿو: بيت :10

ذات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي،
آريون اُبوجهن جون، سپڙ چام سهي،
جو رايِ وٽ رات رهي، تنهن جکي تان نہ ٿئي.

شاهوالي: ص- 860

هڪ ڳالهہ جو تاڪيد ڪري ٿو تہ ٻندا! ڪڏهن بہ پنهنجي ڪرت، پنهنجي ڄاڻ، پنهنجي زهد و عبادت تي غرور نہ ڪر. هميشہ عجز ۽ نياز وارو رستو وٺ، ڇو تہ رب جي رضا جو حصو نهٺائي ۽ نماڻائي ۾ آهي. ان جي در تي اهي اگهامندا، جن عاجزي ڏيکاري ۽ رب انهن سان ئي راضي رهي ٿو. چوي ٿو تہ: بيت :14

ڄاڻين تہ بہ نہ ڄاڻ، اي در اُبوجهن جو،
ان درسي ئي اگهيا، جن نہ پائينئو پاڻ،
ريجهائو راڄاڻ، آهي اُبوجهن جو.

شاهوالي: ص- 861

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيٺ ڏنل ٻنهي بيتن ۾ شاهه سائين ،رات ۽ صبح جي عبادت جي اهميت ٻڌائي ٿو ۽ هدايت ڪري ٿو ته اهڙا قيمتي وقت ضايع نه ڪيو ڇوي ٿو ته:

بيت :16

صبوح جو سهاڳ، مڱڻهارن ماڻيو،
ڏنائون ڏاتار کي، وڏيءِ وير وهاڳ،
وس منهنجي ناهه ڪا، سيڻن هٿ سهاڳ،
پرين سين پهاڳ، مان نماڻي نصيب ٿئي.

شاهوائي:ص-861

وهاڳ = صبح جي راڳڻي، پرڀاتي
پهاڳ = ميلاپ، وصال (11)

بيت :17

پيو ليٽين لُٽَ، سڄيون راتيون سمهين،
اٿي آڏي نه ڪرين، سپرن سان سهٽ،
رونجهي رات اپٽيا،پيٽنئيون پاڻيٽ،
ميڙي ٿئان مٽ، چوندي پريا چارٽين.

سهٽ = رهاڻ، سلوڪ
رونجهو= حاڪم، سپرن جي ذات
پاڻيٽ = آبدار موتي (12)

چوي ٿو ته ڪاميابي انهن مڱڻن ماڻي جن صبح سويل، فجر ويل، رب جي دربار ۾ حاضر ٿي، پنهنجو نماڻو عرض ۽ عبادت پيش ڪئي، مالڪ جي حڪم تي لبيڪ چيو جئين سوره دهر ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

ترجمو: ۽ پنهنجي پالڻهار جو نالو صبح ۽ سانجهي ياد ڪر ۽ ڪجهه (وقت) رات ۾ ان لاءِ نماز پڙهه ۽ گهڻي رات سندس پاڪائي ساراهه. (آيت 25 ۽ 26)

پر ان جي باوجود به شاهه سائين چوي ٿو ته: پنهنجي رضا ۽ قبوليت عطا ڪرڻ ان مالڪ جي وس آهي، سو اهو شل مون ٻي وس ٻندي تي راضي ٿي مونکي پنهنجو ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. اتي تہ توهان کي پنهنجي هڪ هڪ عمل جو هڪ هڪ چرپر جو حساب ڏيڻو آهي. اهڙي امتحان لاءِ انسان ايترو بي فڪر رهي تہ اهو نہ ٿو سونهين.الله پاڪ کي راضي ڪرڻ ،نيڪ عملن ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ شاهہ سائين خاص طور تي رات ۽ صبح جي عبادت جو تاڪيد ڪري ٿو. قرآن پاڪ ۾ بہ ان ڳالهہ تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو آهي ۽ ان جو اجر بي حساب ٻڌايو آهي سورت نبي اسرائيل ۾ رب پاڪ جو ارشاد آهي تہ :

ترجمو: ۽ سج لڙڻ کان وٺي رات جي اونداهي تائين نماز پڙهہ ۽ فجر جو قرآن پڙهہ. بيشڪ فجر جو قرآن پڙهڻ وقت ملائڪ حاضر ٿين ٿا ۽ ڪجهہ رات جو ان (قران) سان تهجد پڙهہ ،جو اها تولاءِ زياده عبادت آهي. تنهنجو پالڻهار توکي سگهوئي سارا هيل جاءِ ۾ اتاريندو. *(سوره بني اسرائيل:آيت 18-79)*

ان آيت جو تفسير. صحيح بخاري جي حوالي سان هن طرح بيان ٿيو آهي. يعني ان مهل (فجر مهل) فرشتا حاضر ٿين ٿا بلڪہ ڏينهن ۽ رات جي فرشتن جو ان وقت اجتماع ٿئي ٿو.(13)

خود رب پاڪ جيڪو انسانن جو خالق ۽ مالڪ آهي سو بهتر ڄاڻي ٿو تہ ان انسانن تي ڪهڙا ڪهڙا ڪم رکيا آهن. جن ۾ هو خاص طور تي ڏينهن جي وقت مصروف رهي ٿو پر رات جو هو انهن دنياوي ڌنڌن کان بلڪل فارغ هجي ٿو ۽ ان صورت ۾ هو عبادت ڪرڻ مهل هڪ سوئي سان رب ڏانهن متوجهہ رهندو. پر ان لاءِ هن ننڊ جهڙي مٺڙي شئي قربان ڪرڻي پوندي. جيڪا ڏاڍي مشڪل ۽ وڏي آزمائش آهي. خود رب پاڪ سورت مزمل ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کي ارشاد فرمائي ٿو:

ترجمو:اي (پاڻ تي) ڪپڙي ويڙهڻ وارا مڙس، رات جو ڪڙو ٿي پر ٿورو رات جو اڌ يا اڌ رات کان ٿورو گهٽاءِ يا اڌ رات تي وڌاءِ ۽ قرآن ٺاهي ٺاهي پڙهہ. *(آيت نمبر 1 کان 4)*

اڳتي ارشاد پاڪ ٿيئي ٿو:

---

نوٽ: قرآن پاڪ جي آيتن جو ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سنڌي ترجمو: قرآن العظيم تاج ڪمپني لميٽيڊ تان ورتو ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ترجمو :بيشڪ رات جو اٿڻ(نفس کي) جهڪي ڪرڻ ۾ تمام سخت آهي ۽ لفظن(چوڻ)۾ تمام پڪو آهي، بيشڪ توکي ڏينهن ۾ گهڻو ڌنڌو آهي، پنهنجي پالڻهار جو نالو ياد ڪر ۽ سيني پاسن کان هڪ طرفو ٿي چڱي طرح ڏانهنس متوجهه ٿي. (سورت مزمل: آيت نمبر 8.7.6)

هي سڀ احڪام نبي آخر زمان کي ڏنا پيا وڃن، هاڻ ان امر تي غور ۽ فڪر ڪريو ته جڏهن پاڪ پيغمبر کي، جيڪي معصوم آهن. ان عبادت ۽ رياضت جو تاڪيد ڪيو ٿو وڃي ته اسين گناهن ۾ گندابندا آخر ڪهڙي حساب ۾ سيراندي ساز ڪيو سڄي رات سمهي ننڊون ڪري گذاريون ٿا! شاهه سائين ان ڳالهه ڏانهن پنهنجي مختلف سرن ۾ مختلف تمثيلن ذريعي انسانن جو بار بار ڌيان ڇڪايو آهي ۽ تنبيهون ڪيون آهن. هن سر پرياتي ۾ به ان ڳالهه تي تمام گهڻو زور ڏنو اٿس ته ننڊ ڇڏي اٿو رات جو ۽ پڙهه قئي جو رب جي حضور ۾ يڪسوئي سان حاضر ٿيو ۽ ان کي راضي ڪيو.

**حوالا:**


1_ شاهواڻي غلام محمد: "شاهه جو رسالو". سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ص 857

2_ آڏواڻي ڪلياڻ:"شاهه جو رسالو". مڪتبه برهان، اردو بازار ڪراچي، 1976ع ص 439

3_ ساڳيو: ص.439

4_ بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش: "شاهه جو رسالو". علامه قاضي، تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، حيدرآباد سنڌ 1420ھ/1999ع ص.70.71

5_ شاهواڻي غلام محمد "شاهه جو رسالو" حوالو مٿي ڏنل ص،، 857


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

6_ نعماني شبلي (مؤلف) شعر العجم جلد اول، نيشنل بک فائونڊيشن، اسلام آباد، پاڪستان ص: 55، 135
7_ ڊاڪٽر فهميده حسين (نگران) "سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي لغت"، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي، 2004ع ص،69
8_ ساڳيو_ص_329
9_ ساڳيو_ص_328
10_ساڳيو_ص_133
11_ شاهواڻي غلام محمد، شاهه جو رسالو ص_861
12_ ساڳيو_ص_861
13_ مولانا صلاح الدين يوسف، تفسير القرآن الڪريم، شاهه فهد قرآن ڪريم پرنٽنگ ڪامپليڪس، سعودي عربيه (سورت بني اسرائيل جو تفسير)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پروفيسر موهن لعل پريمي

# سر پرڀاتيءَ جو جائزو

صبح جو سوير جاڳڻ کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي ۽ دنيا جي هر قوم ۽ مُلڪ انهيءَ کان واقف آهي: جاڳڻ تہ هن وقت زندگيءَ تحرڪ وننڌي آهي ۽ پکي پکڻ، جيت جڻو يعنيٰ هر ذي روح قوت جي تلاش ۾ نڪرندو آهي. جيو ويندو آهي تہ ”سحرخيزي“ خوش قسمتيءَ جي علامت آهي جيڪي ماڻهو سج اڀرڻ کان اڳ ۾ جاڳندا آهن. انهن کي روزي بہ ڪشادي ملندي آهي ۽ بخت بہ ٿهندو اٿن. حقيقت ۾ صبح وارو ماحول صحت بخش هوندو آهي. صبح جي تازي هوا ۽ سج جا پهريان ڪرڻا انسان کي تازو توانو ڪري ڇڏيندا آهن.

”پرڀات“ جو وقت اهڙو آهي. جو ان مهل مختلف مذهبن سان لاڳاپيل ماڻهو عبادت لاءِ اُٿندا آهن، ڪي مسجد ويندا آهن تہ ڪي مندر جو رخ ڪندا آهن تہ ورري ڪي گُردواري تہ ڪي چرچ ڏانهن اُسهندا آهن. دنيا جي مختلف سماجن ۽ علائقن ۾ پرڀات يعنيٰ اسر جي وقت جي حيثيت ۽ اهميت مذهبي ۽ سائنسي حوالي سان تسليم ٿيل آهي. هندو ڌرم ۾ بہ پرڀات کي وڏي اهميت ڏني وئي آهي ۽ ان وقت جي عبادت لاءِ ”پرڀاتي“ راڳڻي مقرر ٿيل آهي، جنهن لاءِ ڪلياڻ آڏواڻي لکي ٿو تہ:

”سر پرڀاتي هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي جا پرڀات يعنيٰ اَسر جو ڳائبي آهي.“ [(1)] هندو ڌرم ۾ راڳ رنگ ۽ سُر سنگيت کي عبادت جو درجو حاصل آهي ۽ عبادت ۽ بندگي جا بہ وقت اسر ۽ سانجهي مقرر ٿيل آهن. اهي ٻئي وقت ايڪانت ۽ سڪون وارا آهن. جو جڏهن بندو پنهنجي مالڪ جي حضور عاجزي ۽ انڪساري ڏيکاري پنهنجين ضرورتن جي پورائي لاءِ دعا گهرندو آهي تہ ڪيس قلبي قرار سلندو آهي. اَسر ويل ماحول تي ڇانيل خاموشي دل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي مالڪ سان ڳنڍڻ ۾ مدد ڏيندي آهي. جنهن سان روح کي راحت حاصل ٿيندي آهي، هڪ پرڀاتي هندي ۾ جن جون چند سٽون غور فرمائيندا:

جاڳ سکي اب هُوا سويرا
تيري گهر پريو آيا رِي
اُکهيا ڀان هُوا اُجيارا
رَوي نــي کرن پسارا ري
سورداس پرياتي گاوي
هري چرنا چت لايا ري

(هِتي شعور روح کي جاڳائيندي شاعر چوي ٿو ته ڏٺي تنهنجي سامهون موجود آهي. ڪائنس ڪجهه گهڙي وٽ سج ايرڻ سان روشني ٿي رهي آهي. سورداس پرياتي راڳڻي ڳائي رهيو آهي ۽ سندس ڏيان هري(ڀڳوان) ۾ لڳل آهي)

ساڳي ڪيفيت شاهه سائينءَ جي سُر پرڀاتيءَ ۾ بيان ٿيل آهي، لطيف سائين به چوي ٿو ته هي دعائن جي مقبوليت جو وقت آهي، انڪري اُٿي پنهنجي رب کي سچي دل سان ٻاڏاءِ، هو دلين جا راز ڄاڻندڙ آهي.

اُيريو تارو،اُٿي وَرَ وهاڳ ڏي،
سَپَڙ رِيسارو، چِت پرکي چارٽين. (2)

وهاڳ ڪرڻ بابت معمور يوسفاڻي ٻڌائي ٿو ته: وهاڳ ڪرڻ سنڌ جي فقيرن جي پراڻي عادت آهي، جنهن ڪري هو سدائين مانائتا رهيا آهن. وهاڳ لفظ وهامڻ مان نڪتل آهي. جنهن جو مطلب آهي رات وهامڻ جي وقت يعني اسر مهل ڪنهن سخيءَ يا ڏاتار جي حويلي جي در وجي ڪيرت ڪرڻ. جنهن ۾ سڀ کان پهرين دنيا جي خالق ،مالڪ ۽ پالڻهار جي ساراهه ٿيندي هئي، ان بعد حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم ،اصحابينؓ ، بزرگن ۽ نيڪ انسانن جي تعريف ڪُئي ويندي هئي، ۽ آخر ۾ ملڪ جي سخين ،ڏاتارن ۽ سورهين جو ذڪر ٿيندو هو. جنهن تي "ڪيرتين " کي من گهريو مانُ ۽ لاڪيڻو لاڳ ملندو هو." (3)

شاه لطيف منگتي (گهرندڙ) کي انهن لفظن ۾ سجاڳ ٿيڻ جي

مگ تهين کان مگڻا! جو ڏيهاڙي ٿو ڏي،
کوڙا در دنيا جا، جاجڪ مگين جي،
سيان تنهين کي، موتي ڏيندا منهن ۾.

سر پرياتي ۾ لطيف سائين جو واضع پيغام موجود آهي ته مالڪ حقيقي وڏو ۽ سچو سخي ۽ ڏاتار آهي. هو هر دم پنهنجن ٻانهن تي ڪرم ڪندڙ آهي، دنيا جا سخي پڻ انهي مالڪ جي در جا سوالي آهن. اهي اسان کي پنهنجي حقيقي ڏٺي سگهوري جي بارگاهه ۾ اهو چئي حاضر ٿيندي جڳائي ته:

ڏاتار ته تون، ٻيا مڙئي مگڻا،
مينهن ته مدائتا وسڻا، سدا وسين تون،
جي گهر اچين مون، ته ميريائي ماڻ لهان.


**مددي ڪتاب:**

(1) ڪلياڻ آڏواڻي(مرتب) شاهه جو رسالو ڪراچي:ڪانياواڙ اسٽورز 1996ع ص-444

(2) سر پرياتي، بيت:27 .غلام محمد شاهواڻي(موئلف) شاهه جو رسالو ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، سن 1993ع ص- 863

(3) معمور يوسفاڻي "ست سورهيه ڏهه ڏاتار" شڪارپور: مهراڻ اڪيڊمي 2005ع ص-63


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محبوب جو ملڻ ۽ پسڻ جو ادراڪ حاصل ٿئي ٿو ۽ سر پرياتي، سر بلاول ۽ سر سورٺ وانگي منگتن ۽ مڱڻهارن جو سخي سردارن جي ساراهه ۽ ڏيڻ وٺڻ واري روايت جي ساک پري ٿو. هن سر ۾ شاهه سائين انسان کي بندگي جي تاڪيد ڪري ٿو ۽ ڪوڙي دنيا وارن جا در نه پنڻ جي هدايت ڪري ٿو ۽ ڏٺي کي ياد ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو.

سخي سپڙ (سپڙ) سخا ڪئي پر پنهنجي شان ۽ شوڪت لاءِ نه پر ڏکين ۽ ڏڌن جي مدد ۽ دلجوئي لاءِ هن سر ۾ لنگيو چارڻ ۽ جام سپڙ به ڪردار آهن. جن کي شاهه سائين بيان ڪيو آهي. لنگي چارڻ جي بيوسي ۽ معذوري کي ڏسي سپڙ سردار ڪيس ڏولي ۾ گهرائي دان ڏنو پرياتي ۾ ۽ سر سورٺ ۾ ڪينري ساز جو ذڪر آهي، پر سر بلاول ۾ ڪنهن به ساز جو ذڪر ناهي ۽ سر آسا ۾ به ڪنهن ساز جو ذڪر نه ٿو ملي. هڪ بيت ملي ٿو جنهن ۾ دل کي دنبورو ٺيڻ واري ڪيفيت کي بيان ڪيو ويو آهي:

تن تسبيع، من مڻيو، دل دنبورو جن،
سي ستائي سونهن، ننڊ عبادت تن جي.

*سر آسا. 1_4 بيت 26*

مٿين سرن جي مطالعي مان ڄاڻ پوي ٿي ته سر پرياتي سر بلاول، سر آسا ۽ سر سورٺ ۾ هڪ جهڙايون آهن. ماضي جي روايت کي ساڻ ڪندي فڪري تاريخي ۽ سماجي پهلوئن کي بيان ڪيو ويو آهي. سر آسا ۾ لامڪان، ٻن ٻيائي، سپرين پاڻان مون ڪي، نابودي ۽ ٻين تصوف جي گهرن نڪتن ۽ تعليم کي بيان ڪيو ويو آهي. سر پرياتي ۽ مٿين سرن ۾ موضوع جي هڪجهڙائي ۽ تفاوت به ملي ٿو پر جنهي سرن ۾ بنيادي نڪتو هڪ ئي آهي يعنيٰ ڏٺي سان ملڻ ۽ ان کي ياد ڪرڻ ۽ سڃاڻڻ پر سر سورٺ ۾ راءِ ڏياچ ۽ ٻيجل جو ڪردار پر اسراريت کي ظاهر ڪري ٿو ۽ راءِ ڏياچ داستان جوڻين جي تيرهين بيت جنهن ۾ هڪ لفظ "پاسنگ" جنهن جي معنيٰ آهي "پٿري يا ڪوڏي" معنيٰ هي آهي ته "ڏياچ" جو مٿو هلڪو ۽ خسيس آهي، جهڙي پٿري يا ڪوڏي جا ڪاڻ لاهڻ لاءِ ساهمي ۾ وجهبي آهي."[3] "اتل اوڏاهِ ٿئي، جيڪا ڏانهن ٻيجل ٻرائي". واري سٽ ۾ مٿين معنيٰ ڪوڏي ۽

**حوالا:**

1 رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءِ مرتب ؛ڪلياڻ آڏواڻي،مڪتبہ اسحاقيہ جهونا مارڪيٽ،ڪراچي. سال 1976ع، ص 300

2 رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي، مرتب نبي بخش خان بلوچ، مقدمو، سر آسا، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ثقافتي مرڪز 1994ع

3 رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي مرتب، هوتچند مولچند گربخشاڻي، ايم واءِ پرنٽرس ڪراچي، سال 1993ع، سر سورٺ، داستان چوٿون ، بيت تيرهون، ساڳيو داستان، ٽيون بيت چوڏهون ص 49

4 شاهه جو رسالو مرتب، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهه جو رسالو شاهه جو ڪلام جلد ٽيون، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد، جلد ٽيون_ص 32_،سال 1994ع

5 ساڳيو_جلد ٽيون ص 32

6 ساڳـہ جلد ٽيون ص 40

گوهر سنڌي

# پرياتي جو تاريخي جائزو

تاريخي اهڃاڻن ۽ عام مقامي روايتن جي جائزي مان معلوم ٿو ٿئي ته سومرن جي حڪومت جي زوال وقت سَما سکيا سَتابا ۽ وڏا زميندار هئا. سياسي طاقت خاطر عوام جي همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ هنن دل کولي سخا ڪئي، جنهن ڪري ماڻهو سمن ڏانهن وڌيڪ مائل ٿيا. انهن سخي سردارن ۾ لاکو ڦلاڻي، جادم جکرو، راهو ابڙو سمون، ڄام تماچي ۽ سخي سپڙ ڄام هاڪاري انسان هئا، جن جي راڄن ۾ تمام گهڻي عزت ۽ هلندي هئي. شاهه لطيف انهن ئي حاڪمن جي ڳالهه پنهنجي ڪلام ۾ ڪئي آهي. هن ڪڏهن به ڪنهن ارغون ، ترخان يامغل جي ڳالهه ڪا نه ڪئي آهي.

لطيف سائين ۾ مشاهدي جي قوت تمام تيز ۽ پرڪا ۽ پروڙ جي سگهه سرس آهي، جتي جتي ويو اُتي عوام جي حقيقتن کان واقفيت حاصل ڪيائين ۽ انهن حقيقتن کي شعر مالها ۾ پوئي علامتي رنگ ۾ پيش ڪيو اٿائين. "سُر پرياتي" پڻ اهڙي خيالن جو ترجمان آهي.

سمن جي دور کي رعيت پروري ۽ سماجي توڙي معاشي لحاظ کان نهايت خوشحالي وارو دور سمجهيو وڃي ٿو. انهيءَ دور ۾ ڪيترائي سخي سورهيه ۽ مٿير مڙس پيدا ٿيا، جن جو ذڪر ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي تحقيقي ڪتاب "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ۾ ڪيو آهي. سمن سردارن دل کولي رعيت پروري جو ثبوت ڏنو پڻن ۽ چارڻن کي خوب ورسايائون. جن پنهنجي مربين ۽ سندن وڏن کي ڏاتار ڪري مڃيو اهڙي طرح سمن مان ڏهه ڏاتار مشهور ٿيا. هڪ طرف لاکو ڦلاڻي ،جکرو اوڍاڻي،هٺڊ ٺڏياڻي، اوٺو جکراڻي ، سپڙ چوٽاڻي، جسودن آگرو، ڄام وينجهه وڪيو ڏاتار، راءِ ڏياچ ۽ ڄام ڪرن ، ته ٻئي طرف سگهڙن، سومرن جي دور جي عشقيه داستانن جهڙوڪ: ڄام لاکي ۽ مهرراڻي، ڄام لاکي ۽ اوڍڻ ڄام اوڍي ۽ هوتل پَري.

جو رب العالمين آهي ۽ سڀ کي روزي ٿو رسائي. سپڙ سخي هڪ جڏي جاجڪ کي تازي گهوڙا انعام طور عطا ڪري ڇڏيا. ساڳئي طرح انسان ڪيترن ئي عيبن سان ڀريل هجي، پر جي سائين اڳيان ٻه ٻاڏائي ته ڪيس مالا مال ڪري ٿو ڇڏي. هن سر جون چند اهم علامتون هي آهن: ڀان، ڪينر، مڱڻو ساز، ڏڏ، سپڙ، ٻيلي ڏٽي، جاجڪ، ميرياڻي، پارس ،لوهه وغيره

اي نه ڀانن ڀير جڏهين ڪينر ڪيري ٽنگيو،
سونهاري صُبوح سين وڃهي ويٺين وير
توکي چوندو ڪير، ڪيرت ڏاران مڱڻو.

❊

تُون سَپڙُ، آئون سيڪڙو، تون صاحب آئون سڳ
ڀڃي تنهنجو پڳ،ڪلهي پاتم ڪينرو.

❊

تُون سپڙ، آئون سيڪڙو، تون ڏاتار، آئون ڏوهه،
تون پارس آئون لوهه، جي سڃين ته سون ٿيان.

شاهه جي مٿين شعر جي ڪلياڻ آڏواڻي تشريح ڪندي چوي ٿو، ”تون سپڙ سردار آهين، مان مڱڻهار، تون سخي آهين، مان سراپا گناهه ئي گناهه آهيان، تون پارس آهين، مان لوهه، جي نظر سان نوازين ته سون ٿي پوان.“

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي تحقيق مطابق ته ”سخي سپڙ جام، نهايت سخي ۽ رحمدل حاڪم هو“ جيڪو سمن جي دور ۾ لسٻيلي جو سردار هو، هيٺيون شعر سندس سخا ۽ رحمدليءَ جي عڪاسي ٿو ڪري.“

ميرا پسي مڱڻا، سپڙ سڏ ڪئا،
سڀوڄهن سئا، اُڀوڄهن آسرو.

لسٻيلي جي روايتي تاريخ موجب، سپڙ جام جي خاندان جا ڪُل 64 سردار ٿي گذريا آهن. جن ۾ سپڙ جام سيني ۾ سورهيائي ۾ مشهور هو (ٻيلاين جا ٻول: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڪراچي 1951ع)

(ڪتاب: ”شاهه جي سرن جو سڄ“ ۾ سليم لطيفي پنهنجي لکي ٿو ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"هن سر ۾ لسٻيلي جي حاڪم سپڙ سخي جي سخاوت جو ذڪر مِلي ٿو: جنهن هڪ ڏڌ مڱڻهار کي هڪ سو تازي گهوڙا انعام ۾ ڏنا." هن لحاظ کان هن سر پرڀاتي جي مذهبي ۽ اخلاقي تمثيل ڪجهه به هجي پر ڪجهه بيت اهڙا آهن، جن ۾ شاهه صاحب عام ماڻهو کي مڱڻهار جي روپ ۾ سستي ۽ ڪاهلي ڇڏي پنهنجي ڪرت ڪار ڪرڻ جي تاڪيد ڪري ٿو. شاهه صاحب فرمائي ٿو ته پاڻن جو دستور نه آهي جو ڪينر يعنيٰ سرندو ڪلي ۾ ٽنگي آرامي ٿين. مطلب ته صبح سونهاري ويل ۾ ڪجهه ڪرڻ گهرجي پر جي تون انهي ڪم جي ويل به آرامي رهين ته تون پنهنجي ڪرت يا ڏنڌي جي ڪري شهرت نه ماڻي سگهندين.

اي نه پاڻن پير، جئين ڪينر ڪيري ٽنگيو،
سونهاري صبوح سين، وڄهين وينين ويرِ،
تو کي چوندو ڪير، ڪيرت ڏاران مڱڻو.

مطلب ته هن سر ۾ شاهه صاحب مڱڻهار جي روپ ۾ انسان ذات کي مخاطب ٿيندي شعور، جاڳرتا، جاکوڙ ۽ جهد جو سڏ ڏئي ٿو ننڊ نه ڪرڻ ۽ وقت نه وڃائڻ جو سبق ڏئي ٿو اهڙي هڪ ٻئي شعر ۾ هيئين طرح بيان ٿو ڪري.

ستو ڪئين ننڊون ڪرين، رو وهاڻي روءِ،
سياڻ ساز سندوءِ، پيو هوندو پٽ ۾.

پنهنجي ڪرت جي ڪري انسان جي سڃاڻپ ٿيندي آهي. ڀلي انسان مري وڃي پر ڪردار ۽ ڪرت جي ڪري جيڪا انسان جي سڃاڻپ آهي، سا هميشه قائم رهي ٿي. مرڻ ڪو مهڻو نه آهي، موت برحق آهي ۽ جڏهن هميشه جيئرو رهڻو ئي ناهي ته پوءِ انسان کي ڪجهه ڪرڻ گهرجي. جئين باقي دنيا ۾ سندس نالو ڳائجي. سمهي ننڊ ڪرڻ کان بهتر آهي ته ڪجهه ڪجي، ساز سيراندي ڪري نه رکجي. سموري رات ننڊ ۾ نه گهارجي ۽ ائين ئي انسان جي شخصيت مان ۽ ملهه ماڻي ٿي پر جي غافل رهي ته سرخرو ڪو نه ٿيندو. مٿين مفهوم جو بيان لطيف سائين هيئين بيت ۾ سمجهائي ٿو.

سيراندي ساز ڪيو، سمهين ساري رات،
جاجڪاڻي ذات، اي هوءِ اڳهين؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(سائين جي ايم سيد: "پيغام لطيف" ڪتاب جي ائين فصل) ۾ بيان ڪندي چئي ٿو ته: "شاهه صاحب جي ڪلام جي اها به خصوصيت آهي ته ڪلام ۾ قصا سڀ افسوسناڪ پڄاڻي جا بيان ڪيا اٿس. سندس ڪلام جلد نفع ۽ وقتي ڪاميابي ڏي ماڻهو کي ڪو نه ٿو چڪي، عارضي نفعا دائمي مقصد جي حصول لاءِ قربان ڪرڻ سندس ڪلام جو روح آهي. مثنوي روم وانگر سارا قصا ۽ ڪهاڻيون بيان ڪري پوءِ ان مان نصيحتون نٿو ڏي، بلڪ هن جي خيال موجب اهي ڪهاڻيون زبان زد عام هئڻ ڪري ان جو دهرائڻ ضروري نه ڄاڻي صرف انهن ڪهاڻين يا بيان ڪيل شين مان ڪي نتيجا ڪڍي، سورمن جي جذبات ۽ شين جي صفتن جو بيان ٿو ڪري."

شاهه عبداللطيف جي مختلف مڪاني ڪهاڻين ۽ شين بنسبت جڏهين ڪجهه چوڻ گهري ٿو ته انهن جون خاصيتون اکين اڳيان اٿس ۽ سندس هر هڪ بيت جدا معنيٰ ۽ نصيحت رکي ٿو.

پٽ ڌڻيءَ جي نظر ۾ اهليت، قابليت، شعور، خوشحالي، آسودگي، تعليم، آزادي ۽ ٻي اهڙي قسم جي هر سهولت ۽ چڱائي خانداني يا مورثيءَ ملڪيتون نه آهن ۽ ائين به نه آهي ته امير جو اولاد امير هئڻ گهرجي ۽غريب جو اولاد غريب ٿي رهي، حاڪم جو اولاد شهزادا ۽ ولي عهد جي آڙ ۾ هميشه حڪومت ڪندو رهي ۽ مظلوم عوام هميشه محڪوم ۽ مظلوم ٿي رهي ۽ ائين به نه آهي ته غلام قوم ۽ ڌرتي هميشه غلام رهي، پر ان جي برعڪس شاهه سائين فرمائي ٿو ته جيڪو انسان هلچل ۽ جاکوڙ ڪري ٿو، اهو زندگي جي مهراڻ جي موجن مان محبت جا مٺيا محنت سان ميڙي ٿو. ننڊ ڦٽائي، آرام وساري، شعور ۽ جاکوڙ ڪي پنهنجو ساٿي بڻائي ٿو ته پوءِ منزل ماڻي ٿو ۽ اهو سڀ ڪجهه به حاصل ڪري ٿو جنهن کان هن کي محروم رکيو ويو آهي. تنهن ڪري ٿي شاهه لطيف هينين بيتن ۾ سهٽي ۽ سليقي سان بيان ٿو ڪري ته:

ذات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي،
آريون اپوحهن جون، سپڙ جام سهي،
جو راءِ وٽ رات رهي، تنهن جکي تان نه ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون سپڙ آئون سيڪڙو، تون ڏاتار آئون ڏوهه،
تون پارس آئون لوهه، جي سجين تہ سون ٿيان.

❊

تون سپڙ، آئون سيڪڙو، تون صاحب آئون سگ،
پڇي تنهن جو پڳ، ڪلهي پاتم ڪينرو.

غلام محمد شاهاڻي جي تحقيق مطابق تہ: شاهہ سائين سر پرياتي جا بيت سپڙ سخي جي سخاوت جي ساراهہ ۾ چيا آهن پر ماڻهو اهي خدا ڏانهن منسوب ڪري پنهنجي آسن اميدن جي بر آوري لاءِ آسر صبح يعنيٰ نماز بعد پڙهندا آهن. چند بيتن ۾ سپڙ جو نالو اچي ٿو، ور نہ اهي مدحي بيت الله جي ذات سان نهايت سهڻي مناسبت رکن ٿا. خداوند تعاليٰ سيڪنهن کي رزق رسائي ٿو. هو ڪافر کي بہ سندس ڪفر سبب پيٽ قوت کان محروم نہ ٿو رکي. هو هاٿيءَ کي مڻ ۽ ڪئليءَ کي ڪڻ وانگر سيمرغ کي قاف تي قوت موڪلي ٿو. تيئن سخي سپڙ بہ هر ڪنهن سائل کي پيو نوازيندو هو. هو اهو ڪو نہ ڏسندو هو تہ سائل خيرات جو مستحق آهي يا نہ. پر آيل کي موٽائي مهٽو سمجهندو هو. جڏهن فقير ڪو اسان جي آڏو صدا هڻي ، تہ اسان کي اهو نہ ڏسڻو آهي تہ اهو اسان جي خيرات جي لائق آهي يا نہ! اسان کي انهي مهل اهو خيال اچڻ گهرجي تہ آيا جيڪو اسان کي خدا ڏنو آهي، تنهن جا اسين حقدار آهيون يا نہ. جيڪڏهن الله جون عطا ڪيل نعمتون اسان جي حق ۽ حصي کان زياده آهن تہ اسان کي بہ خدا جي ٻاجهہ مان سبق حاصل ڪري، ڏان ڏيڻ گهرجي. انسان کي ڪوشش ڪرڻ پاڻ ۾ الله جو گهٽي ۾ گهٽيون وصفون پيدا ڪرڻ گهرجن.

ڏاتار ڏڌن کي ڏاڻ ڏئي ٿو ۽ لڱن کي لڪ لنگهائي ٿو. هو ذات تي ذات نٿو ڏئي. جيڪو عبادت ڪندو سوئي الله جي آڏو ٿيندو. عبادت ڪرڻ وقت علم ۽ ادراڪ کي ترڪ ڪري اٻوجهو بنجي الله جي آڏو وڃڻ گهرجي. ڏڌ ٿي ڏان گهرجي. چاڪاڻ تہ اي در اٻوجهن جو آهي، تڪبر ڪنڌ پر ڪيرائيندو.

مٿي ڏنل سچي بحث جو سراسري جائزو وٺبو تہ سنڌ ادب ۾ انهي عظيم تبديلي آڻڻ جو محرڪ شاهہ لطيف جي عوامي ۽ قومي شاعري ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. شاهه صاحب پنهنجي شاعري ۾ ٻولي تشبيهون ۽ استعارا سنڌي عوام جي مزاج مطابق ڪم آندا آهن. شاهه لطيف رسالي جي 30 ئي سرن ۾ سنڌ جي هڪ وڏي تاريخ جوڙي آهي. موهين جي دڙي ڪان وٺي اڄ تائين وڏي چنڊچاڻ ٿي نظر اچي، جنهن ۾ ماضي، حال، مستقبل جا راهون ۽ رستا ڏيکاريا ۽ گهڙيا ويا آهن. هر سر ۾ هر دور جي داستانن کي کولي بيان ڪيو ويو آهي. سرڪلياڻ کان سر پرياتي تائين سر پرياتي کان سر بلاول تائين، سراپا هڪ حقيقت بيان ٿيل آهي. انهن سرن ۾ لطيف عشقيه رمزون، روحانيت، ويدانيت، وحدانيت، طريقت، صوفيت ۽ انسانيت جو درس ڏنو آهي. لطيف قديم ۽ جديد تاريخ جو اڀياس ڪيو آهي، تاريخ جي حوالي سان وڏي ڄاڻ ڏني آهي. ان ۾ ڪردار، تاريخ، تمدن، ڪلچر،تهذيب، زبان ۽ قوم جو هڪ، هڪ ڳڻ اوڳڻ بيان ڪيو اٿائين. لطيف رهبر شاعر آهي، هونءَ به شاعري ثقافت جو مکيه جزو آهي، شاعري ۽ موسيقي جو پاڻ ۾ گهاٽو سٻنڌ رهيو آهي، خاص پٽ ڌڻي اهڙي فن فڪر ۽ فلسفي جي جديد انداز ۾ اپنار ڪئي آهي. خاص ڪري جڏهن سر پرياتي تي سراسري نظر وجهنداسين ته اسان کي ان سر مان سخاوت جا اهڃاڻ ملندا. سر پرياتي سمن جي دور جي سخي مردن جي عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿو. جنهن ۾ سخاوت، همدردي، عنايت، بخشش، انعام ڏڻ، ڏات، ڏن، ڏان ڏاتار، چارڻ، عطا، سپڙ، ريسارو، چارڻ وغيره جا زوراڻا اچار ملندا. سنڌ ڌرتي هونءَ ئي مهمان نوازي، سخاوت، همدردي، رحمدلي، پاڻ گهورڻا يا پاڻ وڃائڻ، وفاداري، دلداري، محبت ۽ پيار جي پيڪر آهي ۽ هن جي خمير ۾ شامل آهي، ٻڌائي به اهڙي ڌرتيءَ جي سرخي چکي چاهه مان چئي ڏنائين.

عاشق عزازيل ٻيا مڙئي سڌڙيا.

ٻڌائي سائين جنهن دور جي عڪاسي ڪئي آهي، تنهن سر (پرياتي) ۾ هڪ، هڪ بيت ۾ ان سخي سردار جي عڪاسي ٿو ڪري. لطيف وقت جي نبض تي هٿ رکي سرن ۾ ساڀيان بيان ڪئي آهي. هن هر موضوع تي پنهنجي شاعري ۾ سونهن اوتي آهي. هي هر دور جو مفڪر ،فلسفي رهبر آهي. ٻڌائي ايندڙ وقت جي اڳڪي ڪئي آهي. ڌرتي ڌاڙيلن، ڌارين، ڌرتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي غدارن، دلالن، انسان دشمنن جي ڪليل لفظن ۾ مذمت ڪندي نينديو آهي. ڀٽائي پنهنجي ڌرتيءَ تي پنهجي راڄ جي ڳالهه ٿو ڪري، ڪيئي مختلف طور طريقا ٿو سمجهائي. سندس ڪلام (شاهه جو رسالو) اڄ به معرفت جي رمزن ۽ ڄاڻ جي رازن جو آئينو آهي. رڳو ان اک جي ضرورت آهي، جيڪا ان آئيني منجهه پيهي ڏسي سگهي.

## مقالي ۾ ڏنل ڪتابن جا حوالا:


1_ غلام نبي سڏايو ڊاڪٽر؛مصنف _ ڪتاب:"شاهه جي شاعري ۾ علامت نگاري" (صفحو_401)
2_ نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر،تحقيقي ڪتاب: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"
3_ تنوير عباسي (ڊاڪٽر) ڪتاب:"شاهه جي شاعري" ڪراچي(1976ع)
4_ ڪلياڻ آڏواڻي: مصنف، ڪتاب"شاهه جو رسالو" سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد، سنڌ
5_ اياز شيخ؛ڪتاب:"خط، انٽرويو،تقريرون" (ڀاڱو پهريون)
6_ غلام محمد شاهاڻي: ڪتاب"شاهه جو رسالو" (صفحو857) ٻيو ڇاپو سال 2005ع
7_ ايضاً صفحو(54) 8_ايضاً صفحو(55)
9_ لطيف ڀٽو سليم: ڪتاب، "شاهه جي سرن جو سچ"
10_جي ايم سيد ڪتاب:"پيغام لطيف" (فصل اٺون)
11 - نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر: ڪتاب"ٻيلاين جا ٻول" 1951ع


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زيب نظاماڻي

# سر پرڀاتيءَ جي اصطلاحن جو اڀياس

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ موجود سر پرڀاتيءَ هونءَ ته پنهنجي معنيٰ، مفهوم ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان وڏي وسعت رکي ٿو، پر تحقيقي لحاظ کان جڏهن ، هن سُر جي مختلف پهلوئن کي ڏسجي ته هڪ اهم پهلو، هن سر ۾ موجود ”اصطلاح“ محقق جي توجهه پاڻ ڏانهن ڇڪرائي ٿو جيئن ته ٻوليءَ جي نفاست ۽ جوڙجڪ ۾ ” اصطلاح“ ٻوليءَ جي حسن ۾ نکار آڻين ٿا. خاص ڪري شاعريءَ ۾ ”اصطلاحن“ جو هجڻ ٻوليءَ جي رواني ۽ خوبصورتي ۾ سون تي سهاڳ برابر لڳي ٿو.”اصطلاحن“ جو استعمال، مفهوم جي لحاظ کان مختلف معنيٰ ۽ رخن جا ڏگ ڏسڻ ٿي شاعر جو مقصد هوندو آهي.

قومون پنهنجي ٻولي سان سڃاپجن ٿيون، نه رڳو اتهاس پر موجوده ۽ ايندڙ وقت ۾ به زنده رهن ٿيون. موجوده دور جي سنڌي ٻولي جي ڏاهي، ليکڪ، محقق محمد ابراهيم جويو سنڌي ٻولي جي باختياري اداري پاران ٻوليءَ بابت ڪرايل سيمينار ۾ پنهنجي راءِ ڏيندي چيو هو ته ”شاعر ٻوليءَ جا محافظ ۽ قانون جوڙيندڙ هوندا آهن. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌي ٻولي جو سرموڙ شاعر، جنهن پنهنجي لافاني ڪلاسيڪل شعري اڏام ذريعي سنڌي ٻوليءَ کي ”رسالي“ جي صورت ۾ املهه خزانو ارپيو، اهو سينه به سينه فقيرن ۽ عقيدتمندن پنهنجي قلمي پورهئي سان نور نچوئي اسان کي ارپيو، جنهن ۾ نه رڳو ان دور جي عڪاسي آهي پر آڳاٽي دورن جي پڻ نشاندهي آهي، ته ان ۾ موجوده ۽ ايندڙ دورن لاءِ سڄاڳيءَ جو سبق پڻ موجود آهي.“

سماجي پيچ ڏاهه، ماڻهو جي نفسيات، وڻج واپار، معاشي احساسات، جذبات، اخلاقيات، روحانيت ۽ دين و دنيا متعلق فڪري نقطا موجود آهن. ڪردار نگاري، منظر نگاري، علامت نگاري، تمثيلي ڪهاڻيون، واقعا، اهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مقرر ڪيل معنيٰ ۾ هوندو ته "حقيقي" سڏبو نه ته "مجازي" ۽ اهو ئي لفظ ڪن ماڻهن ڪنهن خاص معنيٰ جي لاءِ ڪٺي ٺهرايو ته انهيءَ کي اصطلاحي چئبو. لفظ ۾ موجود معنيٰ کي ڪنهن خاص ڪم لاءِ ڪٺجي ته انهي کي اصطلاحي ٿو چئجي.

اصل معنيٰ ۽ رواجي معنيٰ جدا جدا هجي اهو اصطلاح آهي.[13]

## مصدر جي ترڪيب:

مصدر اصل بنياد موجب اسم آهي، تنهن ڪري ان جي ترڪيب اسم وانگر هن طرح ڪبي ،پڙهڻ جڳو آهي، پڙهڻ اسم مصدر فاعل حالت خاص.
اشارو: مصدر سدائين عدد واحد ۽ جنس مذڪر آهي، تنهن ڪري ان جي عدد ۽ جنس جاڻائڻ ضروري ناهي.

## اصطلاحي مصدرون:

مصدر لفظ جي عربيءَ ۾ معنيٰ آهي: نڪرڻ يا ظاهر ٿيڻ. جي جاءِ يا شيءِ سو هن ڪري انهي مان فعلن جون علحديون صورتون نڪرن ٿيون. جيئن مصدر جي پڇاڙي جا "ڻ" آهي، تنهن ۾ "ڻ" جي مٿان پيش آهي، تنهن ڪري اسم جي قانون موجب اهو مذڪر اسم آهي ۽ مذڪر وانگ ڳالهائڻ ۾ اچي ٿو.[14]

**اصطلاح**: ڪنهن ڏنڌي يا فن جو لفظ.

**اصطلاحي**: محاوري وارو مشهور معنيٰ کان سواءِ ٻي خاص معنيٰ رکندڙ "لفظ".[15]

## اصطلاح:

اصطلاح ج اصلاح: (ع) ڪنهن ڏنڌي يا فن جو لفظ. ورجيس. ٻولي جي محاوري وارو لفظ، لفظن جو جوڙ.

---

(13) شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ 'سنڌي ويا ڪر' ص 74
(14) شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ سنڌي ويا ڪرڻ ص 60
(15) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 'هڪ جلدي سنڌي لغت' ص 31

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(5) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 'ٺئين جامع سنڌي لغات' سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدر آباد، 2005ع
(6) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 'روشني شاهه جي ڪلام جي لغت' سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو 2002ع
(7) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 'شاهه جو رسالو' 1867ع واري پهرين بمبئي ڇاپي جو عڪس علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد 1995ع
(8) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 'شاهه جو رسالو شاهه جو ڪلام' جلد8-9 علامه آءِ آءِ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد 1999ع
(9) علامه آءِ آءِ قاضي، 'شاهه جو رسالو'، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1993ع
(10) شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ 'سنڌي ويا ڪرڻ' 4 ڀاڱا سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1992ع
(11) شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ 'لغات لطيفي' مهراڻ اڪيڊمي 1998ع
(12) غلام محمد شهواڻي، 'شاهه جو رسالو' سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 2003ع
(13) مرليڌر جيتلي 'سنڌي ٻولي ۽ محاورا' (هڪ اڀياس) روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2004ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حافظ حبيب سنڌي

# پرياتي ۾ دعا جو فڪري پسمنظر

هون تہ لطيف سرڪار جو سڄو رسالو، ان جو هر سر، هر داستان ۽ هر داستان جو هر بيت ۽ هر هڪ بيت جو لفظ، انسان ذات لاءِ سرچشمہ هدايت ۽ مشعل راهہ آهي. دنيا جي مشهور و معروف ادباءِ، صوفياءَ ۽ شعراءِ جي ملفوظات وارشادات وانگيان مرشد لطيف جو لفظ، لفظ روحاني رازن جو هڪ بحرِ عميق ۽ سلوڪ جي واٽ جو امين، مبين آهي. غزاليءَ، روميءَ، جاميءَ، سعديءَ ۽ حافظ شيرازيءَ وانگر سرزمين سنڌ جي هي الهامي و آفاقي شاعر پنهنجي صوفيانہ شاعري ۾ ملڪان ملڪ مشهور آهي.

لطيف سرڪار جا سيئي سرَ ۽ سمورا بيت الله پاڪ جي پاڪ ڪلام جي آيتن جو سنڌي زبان ۾ ترجمو آهن، جن ۾ آساني سان سمجهہ ۾ ايندڙ دعائيہ الفاظ استعمال ٿيل آهن، جيڪي هو انسان پنهنجي زبان سان ورجائي پنهنجي پالڻهار ڪان دعا پني سگهي ٿو. جيڪو بہ رسالي جو بيت جهڙي بہ سر مان ڪڍبو تہ ان ۾ پنهنجي مالڪ ڪان ڪا نہ ڪا صدا لڪل هوندي؛مثال طور:هڪ بيت ۾ چيو اٿس تہ:

ستر ڪر ستار، عيبن اگهاڙي آهيان،
ڍڪين ڍڪڻ هار، ڏيئي پانڌ پناهہ جو.

مذڪوره بيت اڄ بہ عام طرح مولوي صاحبان پنهنجي دعائن ۾ گهرن ٿا. اهڙي طرح ٻين سرن ۾ جيڪڏهن ڳوليو تہ اهڙا انيڪ بيت نظر ايندا. لطيف سرڪار جي رسالي اندر هي "پرياتي" سر بہ ٻئي سرن جيئان هندوستاني راڳڻي جو نالو آهي، جيڪا صبح ٿاڻي ڳائي ويندي آهي.[1] هي سرپرياتي گهوٽ جي الهامي ۽ آفاقي ڪلام اندر رسالي جي ترتيب ۾ مختلف مرتبن پنهنجي ترتيب ڏنل رسالن ۾ الڳ الڳ لمبرن سان رکيا آهن، ان ڪان علاوهِ مخلتف مرتبن هن سر جا نالا بہ پنهنجي پنهنجي ترتيب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏنل رسالن ۾ جدا جدا لکيا آهن جيئن: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب. قديم ترين قلمي رسالن جي حوالن سان هن سر کي "سرود پرڀاتي عرف جاجڪاڻي" ڪري لکيو آهي.(2) گنج واري رسالي ۾ صرف سرود جاجڪاڻي لکيل آهي(3) ۽ ٻانهي خان شيخ صاحب پنهنجي مرتب ڪيل رسالي ۾ "سر جاجڪاڻي" لکيو(4) ۽ وري تازي ڇپيل حاجي الهداد جنجهي صاحب پنهنجي ترتيب ڏنل رسالي ۾ "سر پرڀاتيءَ" کي "سر وهاڳڙو" ڪري لکي ٿو.(5) مرشد لطيف پنهنجي ڪلام جي سر ڏهر ۾ لفظ "پرڀات" آهي. ڪجهه هن طرح ڳايو آهي:

پٺي جا پرڀات، سا ماڪ مَ پاڻيئو ماڻهئا،

روئي ريجهايو رات، ڏسي ڏکوين کي.

بهرحال لطيف سرڪار جي شارحن ۽ ڄاڻوئن پنهنجي پنهنجي ترتيب ڏنل رسالن اندر سر پرڀاتيءَ کي مختلف نمبر سان پنهنجي ترتيب سان رکيو آهي.

راقم الحروف جي ڪتبخاني ۾ موجود لطيف سرڪار جي چوڏهن، پندرهن رسالن جي مدد سان پرڀاتي سر بابت مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو: جرمنيءَ جي شهر ليپسيا مان ڇپايل مسٽر ٽرنپ جو 1866ع واري رسالي موجب هي سر 24 نمبر تي آهي ۽ ان ۾ بيتن جو تعداد 14 ۽ هن ۾ 2 عدد وايون ڏنيون ويون آهن.(6) جڏهن ته گنج واري رسالي جي ترتيب مطابق ان ۾ هي سر 18 نمبر تي ڏنل ڏسجي ٿو جنهن ۾ بيتن جو تعداد 45 ۽ 3 عدد وايون ڏنل آهن.(7) انڪان علاوه سنه: 1867ع واري بمبئي ڇاپي اندر هي سر 26 نمبر تي آهي، هن ۾ 46 بيت ۽ 5 عدد وايون ڏنيون ويون آهن.(8) برک محقق ۽ مصنف مرحوم مرزا قليچ بيگ پنهنجي مرتب ڪيل رسالي ۾ هيءُ سر 27 نمبر تي رکيو آهي ۽ ان ۾ 33 بيت ۽ 6 وايون ڏنيون اٿس. هي رسالو ڦهريون پيرو 1913ع ڌاري ڇپيو هو.(9)

سنڌ جي هڪ ٻئي محقق ۽ عالم دين علامه غلام مصطفيٰ قاسمي مرحوم پنهنجي ترتيب ڏنل شاهه جو رسالو ۾ هي سر 26 نمبر تي ڏنو آهي، جنهن ۾ پاڻ 16 بيت ۽ 2 عدد وايون ڏنيون اٿس. علامه صاحب جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ترتيب ڏنل اهو رسالو 1951ع ۾ پهريون ڀيرو ڇپيو هو.[10]

لطيف جي هڪ گمنام شارح ۽ محقق مرحوم عبدالله جوڻيجو واري رسالي ۾ 26 نمبر تي اهو سر آهي. جڏهن ته ان ۾ 32 بيت ۽ 5 وايون موجود آهن.[11] محترم جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن پنائي جو رسالو(جيڪو 1977ع ۾ شايع ٿيو) مرتب ڪيو. ان ۾ وري پاڻ قديم رسالن جي آڌار تي ترتيب رکي آهي. ان ۾ هن سر کي 16 نمبر تي رکيو ويو آهي،[12] جنهن ۾ 46 بيت ۽ 4 عدد وايون ڏنيون اٿس. اهڙي طرح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ موصوف تقريبن چاليهارو سال کن مرشد لطيف جي ڪلام تي تحقيق ڪئي آهي، جنهن نتيجي ۾ پاڻ ڏهن ضخيم جلدن تي مشتمل تحقيقي ڪم ڪري هڪ وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. انهن ڏهن جلدن مان ٽئين جلد ۾ پاڻ 9 سرن مان هڪ سر پرياتي پڻ ڏنو آهي ڊاڪٽر صاحب هن سر کي ٻن داستانن ۾ ورهايو آهي جنهن ۾ پاڻ پهرئين داستان ۾ 23 عدد بيت ۽ 2 وايون جڏهن ته ٻئي داستان ۾ 22 بيت ۽ 2 وايون ڏنيون ويون آهن.[13] مرحوم غلام محمد شهواڻي به پرياتي سر کي "28" نمبر تي رکيو آهي، ۽ "42" بيت ۽ 2 عدد وايون ڏنيون آهن.[14] اهڙن اڪيلي سر پاڻ پتوڙڻ وارن اديبن ۽ محققن ۾ مرحُوم محمد عثمان ڏيپلائي پڻ ان صف ۾ بيٺل نروار نظر اچي ٿو پاڻ 1963ع ڌاري شاهه جو رسالو شايع ڪرايو هئائين . ڏيپلائي صاحب پنهنجي ترتيب ۾ هن سر کي "24" نمبر تي ڄاڻايو آهي. جنهن ۾ پاڻ "45" بيت ۽ "5" وايون ڏنيون اٿس.[15]

لطيف سرڪار تي مسلم اديبن کانسواءِ غير مسلم اديبن به ڪم ڪيو آهي. انهن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڊاڪٽر هرومل سدا رنگاڻي، ۽ ٻين کان سواءِ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جو نالو به سرفهرست آهي، ڪلياڻ آڏواڻي پنهنجي مرتب ڪيل رسالي ۾ هن سر کي "27" نمبر تي رکيو آهي، جنهن ۾ پاڻ "27" بيت ۽ 2 وايون ڏنيون اٿس.[16]

لطيف سرڪار جي ڪلام تي تحقيق جي نتيجي ۾ مرحوم محقق محمد عثمان انصاري جون خدمتون به وسارڻ جوڳيون نه آهن، هن صاحب پنهنجي مرتب ڪيل رسالي ۾ هن سر کي ترتيب جي لحاظ سان "28" نمبر تي رکيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پٽائي: هن بيت ۾ هڪ غافل ۽ بي خبر اجهاڳ ننڊ ۾ ستل انسان کي جاڳائيندي خبردار ڪندي فرمائي ٿو ته اهو انهن گهرندڙن جوڪم نه آهي جو بي ڪتڪو ٽيو ستاپيا آهن. صبح جهڙي سونهاري ۽ پلاري ٽاڻي کي پنهنجي ويرين ۾ پيا شمار ڪن. پوءِ اي پنندڙ. دعاءِ گهرندڙ! توکي سواءِ دعا گهرڻ جي يعنيٰ رب پاڪ کي بنا پاڏائڻ جي مڱڻو يعني پنهنجي رب کان دعا پنندڙ ڪير چوندو؟

پٽائي گهوٽ اسان کي دعا لاءِ ساجهر جاڳي پنهنجي رب پاڪ کان منگڻ جي تلقين ڪري ٿو. هڪ ٻي بيت ۾ وري دعا نه گهرندڙ غافل انسان جي غفلت جو منظر بيان ڪندي. ان کي پلي پٽ مخاطب آهي ته :

ستو ڪين ننڊون ڪرين روءِ وهاڻي روءِ،
سيان ساز سندوءِ، پيو هوندو پٽ ۾. (22)

لطيف گهوٽ هن بيت ۾ به ستل انسان کي مخاطب آهي ته اي انسان! تو ويهاڻي ۾ منهن ڏئي ڪئين سمهي پيو ننڊون ڪرين...؟ تون جاڳي پنهنجي رب کي ياد ڪر چاڪاڻ جو سياڻي تنهنجو ساز يعني هي گنهگار ۽ بي جان بدن پٽ ۾ پيو هوندو. جيستائين تنهنجي سرير ۾ ساهه آهي اوستائين پنهنجي مالڪ حقيقيءَ کان پنهنجي گناهن جي معافي گهري وٺ.

پٽائي گهوٽ پنهنجي انهي بيت ۾ به اسان کي دعوت فڪر ڏيندي دعا لاءِ هڪ فڪر جو پس منظر ڏئي ٿو يا وري هيئين بيت ۾ به مالڪ مولىٰ کي ياد نه ڪرڻ تي انسان کي چنيپ ڪندي فرمائي ٿو ته:

سيراندي ساز ڪيو، سمهي ساري رات،
جاجڪاڻي ذات،ائين نه هوءِ اڳهين(23)

هن بيت ۾ به ماڻهو جي غفلت سبب سڄي رات دنيا جا ساز و سامان سري کان رکي سمهڻ تي پٽائي گهوٽ ڪاوڙ جو اظهار ٿو فرمائي گويا ڪ مرشد پٽائي وٽ غافل ۽ نڪمي انسان جي ڪا به حيثيت ۽ اهميت نه آهي. هن وٽ رڳو اهو تصور آهي ته "تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه" يعني وقت انهي فڪر ۾ لڳو رهه ته اڄ جو ڪم سڀاڻي تي نه ڇڏجي. انهي پرياتي جوئي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ترجمو: يعني الله پاڪ جي رحمت مان نااميد نہ ٿيو. بيشڪ الله تعاليٰ سڀئي گناهہ بخشي ٿو."(26)

لطيف سرڪار دعا جي اهميت ۽ افاديت ٻڌائيندي، اسان کي ٻڌائي ٿو تہ:

جيڪي ڏڌن ڏي، گجهيائين گجهہ ۾،
سوجي سٽن ڪڍهين، ڪيرت وارا ڪي،
تہ ساز مڙئي سي، هوند پٽون ڪن پلڪ ۾. (27)

ٻڌائي گهوٽ پنهنجي هن بيت اندر فرمائي ٿو تہ: هو مالڪ الملڪ مخفي طور جيڪو ڪجهہ ڏڌن کي ڏئي ٿو، اهو جيڪڏهن سمجهہ وارا (يعني علم رکڻ وارا) ٻڌن تہ اهي پنهنجا سڀئي ساز سامان هڪ پل ۾ پيچي پرزا پرزا ڪري ڇڏين . هن بيت مان دعاءِ جي اهميت ۽ افاديت جو فلسفو ۽ فڪر سمجهہ ۾ اچي ٿو. انڪري مرشد لطيف اسان کي پنهنجي رب ڪان دعاءِ گهرڻ لاءِ خاص ترڪيب ڏياري ٿو.ٻڌائي گهوٽ اسان کي پنهنجي هن سر ذريعي ٻڌائي پيو تہ هن باري تعاليٰ! وٽ نيڪن ۽ بدن جا صرف عمل ڏٺا ويندا، معنيٰ تہ نيڪوڪار پنهجي نيڪين جي ڪري خوش نہ ٿي. الله تعاليٰ نڪتي نواز آهي. انجي باوجود هر انسان کي بارگاهہ ايزدي تعاليٰ ۾ دعا واسطي ٻاڏائڻ گهرجي. اهائي ڳالهہ مرشد ٻڌائي اسان کي ٻڌائڻ چاهي ٿو جيئن هڪ بيت ۾ آهي!

ات ڪيرت وارا ڪيترا، ڪرت ڪبو ڪوءِ،
جيڪو بندو ڪم ڪري، سو مڙو ئي ڏوهہ،
تون پارس آئون لوهہ،سچين تہ سون ٿيان. (28)

لطيف سرڪار جو مذڪوره بالا بيت اسان کي اهو فلسفو ڏسي ٿو تہ: قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ وٽ نيڪو ڪاري ۽ پرهيز گاريءَ جي اوستائين ڪا بہ اهميت نہ آهي، جيستائين رب تعاليٰ ڪو عمل قبول نہ ڪري! ۽ انسان جيڪو ڪجهہ عمل ڪري ٿو اهو سڀ ڏوهن ۾ شامل آهي. اسان جو اٿڻ، اسان جو ويهڻ، هلڻ ۽ چلڻ جيڪڏهن شريعت يا سنت نبوي صلي الله عليہ وسلم مطابق نہ آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ بيڪار آهي. انهي لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لطيف سرڪار جي هن بيت ۾ اسان کي ! اها ڳالهه معلوم ٿئي ٿي ته هن مالڪ الملڪ وٽ ذات ڪنهن ذات پات تي نه آهي. جيڪو ان مالڪ حقيقي سان واهپو. تعلق ۽ رابطو رکي ٿو اهوئي پنهنجي منزل مراد حاصل ڪري ٿو ۽ ابوجهن گنگهارن ۽ ابرن جا آرا ۽ انگل به اهو خالق ئي سهي ٿو پر جيڪو سچي رات انجي عبادت. رياضت ۽ ان پنهنجي رب کي پنهنجي دعائن ۾ ياڏائي ٿو ته اهوئي منزل ۽ مقصود کي پهچي ٿو ۽ پوءِ انجي جان جوکم ۾ نٿي پوي يعني بنا ڪنهن ذات پات ۽ ڪنهن مذهبي مت ڀيد جي ڪو الله جو ٻانهن سچي دل سان الله جي حضور ۾ رجوع ٿئي ٿو ته خدا تعاليٰ انجي دعا ٻڌي ٿو:

ڀٽائي رحمته الله عليه خدا تعاليٰ جي مهرباني ۽ ٻاجهه جو تذڪرو ڪندي. اسان کي پرياتي ذريعي وري هن طرح بيان ٿو ڪري !

ٻاجهاڻو ٻيلي ڏٽي ٻُجهان ٻاجهه ٿي،
سپڙ سا سئي، جيڪا چارڻ چت ۾.

هن بيت ته دعا ۽ جو فڪري پس منظر واضع ڪري ڇڏيو آهي. ڀٽائي رحه اسان تي واضع ڪري ٿو ته الله پاڪ وڏو ٻاجهارو ڏٽي آهي. بندي جي من ۾ جيڪا مراد ، دعا ۽ تمنا رکي دعا گهري ٿو اها به ڏٽي تعاليٰ ٻڌي وٺي ٿو. وري ڀٽائي گهوٽ ان چارڻ يعنيٰ؛ الله تعاليٰ جنهن کان بندو دعا گهري ٿو ان کي آگاهه ڪندي چوي ٿو ته :

چارڻ چوٽاٽي مٽي ڪيرت ڪا سنياءِ.
لنگها تون ليلاءِ اڳيان انڙ جام جي. (32)

اي لنگها ! يعنيٰ الله تعاليٰ کان دعا ۾ هٿ ڊگها ڪري پنندڙ انسان ! هو "چارڻ" يعنيٰ الله تبارڪ و تعاليٰ وڏو عمل چاهي ٿو. ان ڪري اي لنگها ! يعنيٰ ٻانها تون بارگاهه الاهي ۾ ٻاڏائيندو رهه. انڙ جام يعني مالڪ حقيقي ضرور تنهنجي ٻڌندو. تون ليلائيندو رهج.

لطف سرڪار وري دعا گهرندڙ ان ٻانهي کي آٿت ڏيندي چوي ٿو ته اي گنهگار انسان ! تون قطعي نه گهبراءِ. تون ڏس هو ڪيڏو نه ديالو ۽ ارحم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الراحمين آهي:

انڙ ۾ آس گهٽي، تهان وڏيرو ڏپ،
سو مگڻهارن مپ، جو نه موٽائي مڱڻا. (33)

مرشد ڀٽائي عليه الرحمت سر پرياتي جي هن بيت ۾ فرمائي ٿو ته! ان باري تعاليٰ ۾ ته تمام گهڻي اميد آهي پر ان ۾ ڏپ به وڏو آهي. ڇاڪاڻ جو بندي کي پنهنجي مالڪ اڳيان ٻاڏائيندي انجي جاهه و جلال جو به خيال رکڻو آهي پروري به هو راحم ۽ رحيم. قادر ۽ ڪريم پنهجن ٻانهن کي بخشندڙ آهي. هو پنهنجي در تان ٻانهي کي خالي هٿين ڪو نه موٽائيندو آهي.

ڀٽائي گهوٽ وري انسان کي مشورو ڏيندي سر پرياتي جي هن بيت ۾ فرمائي ٿو ته:

ڄاڻين ته مَ ڄاڻ، اي در اپوجهن جو
ان در سيئي اگهيا جن نه پانيو پاڻ.
ريجهاڻو راڄاڻ، آهي اپوجهن جو. (34)

هن بيت ۾ لاکيڻو لطيف انسان کي صلاح ٿو ڏسي ته: جيڪڏهن توڻ ڄاڻو به هجين ته به اڻڄاڻ ٿي وڃ. ڇاڪاڻ جو ان مالڪ تعاليٰ جي دروازي تان اهي ئي ڪامياب و ڪامران ٿي موٽيا جن پنهنجي پاڻ وڃائي يعني پنهنجي حيثت يا اهميت کي نيچ ڪري پنهنجي ڏاتار کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جيڪڏهن انهي بندي ائين ڪيو ته اهڙن ئي اپوجهن تي خلاف ڪائنات راضي ٿي پوندو.

لالئون لال لطيف انهي مٿين نصحت پري نڪتي ڪانپوءِ وري به انسان کي احتياط ڪرڻ لاءِ ۽ محتاط رهڻ واسطي چئي ٿو ته:

طمع جي تنوار، مٿان ڪرين مڱڻا،
ڏکي ڪنڌئي ڏار، ماڻڪ، ڏيئي مٺ ۾. (35)

ڀٽائي جن پنهنجي هن بيت ۾ انهي دعا گهرندڙ سائل کي سهڻي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته اي دعا گهرندڙ بندا! تون .پنهنجي دعا گهرڻ دوران پنهنجي پاڪ پرور دگار کان ڪا اجائي لالچ مٿان ڪرين. جيڪڏهن ائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيئي ته پوءِ مالڪ توکي وري ماڻڪ مٽ ۾ ڏيئي ناراضگي مان ڍڪي ڏار ڪري ڇڏيندئي.

پڀاتي هن سر ۾ دعا نه گهرڻ وارن لاءِ به اهڙا اشارا ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته بندو جيڪڏهن پنهنجي مالڪ کان گهري ڪو نه ٿو ته الله تعاليٰ ان تي ميارون ۽ ڏک ڪري ٿو. بهرحال پڀاتي گهوٽ جي زباني ته:

ڏاتار ڏک ڪيا، پاڻان متي مڱڻين،
مون در ڇڏيو مڱڻا، مڱين ڪوهه پيا،
تڏهن تو پيا، وڇيا ولها ڏينهڙا. (36)

ڏسو نه! هن بيت ۾ ڏٺي تعاليٰ کان دعا نه پنڻ جو ۽ ڪائونس نه گهرڻ جو ۽ ان پالڻهار جو در ڇڏي ٻئي جي اڳيان هٿ ٽنگڻ جو نقصان به ٻڌائي پيو. هن بيت مان وحدانيت جو درس ملي ٿو ۽ بيت جي آخري سٽ ۾ واضع ڪيو ويو آهي ته اي ٻانها! تو پنهنجي حقيقي پيدا ڪندڙ مالڪ جو در مٽيو ته توتي ڏکيا ڏينهن اچي ويا آهن. يعني الله تعاليٰ سان رابطو ۽ تعلق ٽوڙڻ جي سزا توکي دنيا ۾ اها ملي ته اڄ تون دربدري واري زندگي پيو گذارين ۽ پريشان حال آهين. جيڪڏهن تون پنهنجي مالڪ موليٰ سان تعلق نه ٽوڙين ها ته اڄ تون دنيا ۾ ائين بي يارومددگار نه رهين ها.

پڀاتي انهي مذڪوره بالا ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي، انهي سر ۾ هڪ ٻئي بيت اندر فرمائي رهيو آهي ته

مڱ تنهين کي مڱڻا، جو ڏينهاڻي ڏئي،
ڪوڙا در دنيا جا جاچڪ منگين جي،
سيان توهين کي، موٽي ڏيندا منهن ۾. (37)

سنڌ جي هن آفاقي شاعر پنهنجي هن سر ۾ دعا جي فلسفي ۽ فڪر کي ڪيڏي نه پياري انداز ۾ بيان ڪيو آهي، هو صاحب بلڪل واضع انداز ۾ ٻبانگ دهل انسان کي ڏاڍي خوبصورت ٻولي ۾ ٻولائي. ٻولائي چوي پيو ته جيڪڏهن تو کي اي مڱڻا! يعني الله تبارڪ و تعاليٰ کان گهرڻو آهي ته انهي کان ئي گهر ۽ پن، جيڪو ڏاتار ڏئي نه پڇاري ، جيڪو تون روز گهرين ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تو کي هر روز عطا فرمائي. ماڻهو جيڪي غير الله کان پنن ٿا غير الله جي درن تي وڃن ٿا اهي دنيا جا در ڪوڙا آهن. ماڻهو اتي ڌروڀرون وجن ٿا. چاڪاڻ اهي دنيا جا ماڻهو اڄ ته هڪ پيرو توکي ڏيندا پر پوءِ سڀاڻي توکي وري پنهنجو احسان جتائڻ لاءِ ڳالهيون منهن ۾ ڏيندئي. تنهنڪري اي انسان ! پنهنجي مالڪ جنهن توکي نطفي مان بنائي نطق عطا فرمايو ان مالڪ جو در نه مٽ. بلڪ انجي در اڳيان پيو هج! جئين هي بيت ملاحظ فرمايو!

ڪڙهه اڳيان ڪپُ، ڏياڻي ڏاتار جي،
لنگها لاهه لڪ سين، متان چائنث چپّ.
مڱڻهارن مپ، ڪونهي پيو ڪيرت ري. (38)

ڀٽائي گهوٽ وري وري تاڪيد ۽ تلقين پيو ڪري ۽ دعا گهرندڙ ٻانهي کي زور پيو ڀري ته اي ٻانها ! تون پنهنجي مالڪ جي بارگاهه ۾ دعا ته گهرندي روزاني ان جي ڪڙهه جي اڳيان اصل ڪپي بيهي وڃ. ۽ الله تعاليٰ اهو ڏاتار آهي. جيڪو پنهنجي بندي کي روز ڏئي ٿو. هر روز نئين روزي رسائي ٿو شاهه صاحب وري ان دعاءِ گهرندڙ کي تاڪيد ڪندي فرماءِ ٿو ته اي دعا گهرندڙ بندا! هڪ پل لاءِ به ان مالڪ ڏاتار جي چائنٺ تان پنهنجا چپ نه لاهه ۽ اهوئي دعاءِ گهرندڙن لاءِ صحيح رستو آهي. انهي کان سواءِ ٻي ڪا عبادت يا ڪوچارو نه آهي. هن بيت اندر ڪيڏي نه فڪري گهرائي محسوس ٿئي ٿي. ڀٽائي گهوٽ دعا جي هڪ فڪري اهميت بيان فرمائي آهي سر پرڀاتي جي مٿين بيت کان پوءِ ڀٽائي مرشد پنهنجي هيٺين بيت ۾ دل جي گهرائيءِ سان دعا گهرڻ جي تلقين پيو فرمائي:

سپڙ ساهه پساهه، جاجڪ جم وسارئين،
ريهي ربي سنديون تندون تنبي پاءِ،
لنگها تون ليلاءِ، اڳيان انڙ جام جي. (39)

ڀٽائي مرشد ان سائل دعا گهرندڙ کي وري به دعا گهرڻ جي لاءِ سهڻي صلاح ٿو ڏئي ته اي انسان دعا گهرڻ کان اڳ ۾ تون پهرين پنهنجي مالڪ حقيقي سان والهانه محبت رکي ! ۽ ايتري قدر محبت هجي جو رب


Scanned with CamScanner

پاڪ جي محبت تنهنجي ساهه پساهه ۾ هجي. هڪ پل لاءِ به پنهنجي مالڪ حقيقي جي ياد کان هڪ پل لاءِ به غافل نه ٿئي، بلڪ اُن پروردگار سان پنهنجي سري کي چاندي جي تانڪي سان ڳنڍي پوءِ ان ڏاتار کان اي لنگها ! گُهر.... پوءِ انجي اڳيان ليلاءِ پوءِ ڏس ته ڪئين نٿو تنهنجون دعائون قبول ڪري يعني مڪمل طرح الله تعاليٰ سان پنهنجو تعلق جوڙي پوءِ جيڪا به دعا گهرندين اها بلڪل مستجاب ٿي ويندي، ڀٽائي پنهنجي هن سر ۾ بندي کي رب کان دعا گهرڻ جو طريقو به ٻڌاءِ ٿو ته پنهنجي پالڻهار کان ڪهڙي طرح دعاءِ گهرڻ کپي!

تون سپڙ ، آئون سيڪڙو، تون صاحب آءُ سگ،

پڇي تنهنجو پڳ، ڪلهي پاتم ڪينرو. (40)

هن بيت ۾ ڀٽائي گهوٽ فرمائي ٿو ته پنهنجي رب پاڪ جي اڳيان نهايت ئي عاجزي و انڪساري سان دعا گهر، نئڙت ڪندين ۽ ڏٺي اڳيان نمندين ته ڪمندين،! چاڪاڻ جو وڏائي ان باري تعاليٰ کي ئي جڳائي جيڪو ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهي، يا هڪ ٻئي بيت ۾ وري ڪجهه هن طرح چيو اٿس:

تو سپڙ آئون سيڪڙو، تون ڏاتار آءُ ڏڏ،

سٽي تنهنجو سڏ ، ڪلهي پاتم ڪينرو. (41)

ڀٽائي پنهنجي هن بيت ۾ به اسان کي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش پيو ڪري ته پنهنجي رب اڳيان ڪئين ڳالهائجي؟ ڪيئن انجي اڳيان ٻاڏائجي؟ الله تعاليٰ کي ڪهڙن نالن ۽ خطابن سان پڪارجي؟ ۽ پنهنجي لاءِ وري ڪهڙا، ڪهڙا اکر استعمال ڪرڻ گهرجن ۽ ڪيئن ليلائجي....؟ هي هيٺيون بيت به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي،انهي بيت ۾ خالق خداوند کي وري نون، نون القابن سان ٻاڏائڻ جي تلقين ڪري ٿو:

تون سپڙ آءِ سيڪڙو تون پارس آءُ پينار،

ڏسندي اي ڏاتار، ڪلهي پاتم ڪينرو. (42)

ڀٽائي پنهنجي هن سر ۾ الله تعاليٰ جي ذات بابرڪات کي ڪٿي "راءُ" ڪٿي "راڄاڻ"، ڪٿي "صاحب سپڙ"، ڪٿي "جام"، ڪٿي "پارس"،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪٿ "ٻاجهاڻو".ڪٿ "سخي". ڪٿ وري "انڙ جام" ۽ ڪٿ "ڏاتار" ۽ "ڪريم" ڪري ڪوٺيو آهي ۽ ٻئي وري دعا گهرندڙ جي لاءِ ڪٿي "چارڻ". "پاڻ".ڪٿي "مڱڻو". ڪٿ "لنگهو" ڪٿي "ڏڏ" ۽ "لوهه" ڪٿي "ابوجهه". ڪٿي وري "ڪاٺي". ڪٿي "سڳ" ڪٿ "سيڪڙو" ۽ ڪٿ وري "پينار" ۽ "ڏوهه" جهڙا لفظ استعمال ڪيا اٿس. جنهن مان سندن وسيع فڪر ۽ اعليٰ سوچ جو پتو پوي ٿو هڪ جاءِ تي فرمائي ٿو ته:

تون سپڙ آئون سيڪڙو، تون ڏاتار آئون ڏوهه،
تون پارس آئون لوهه، سجين ته سون ٿيان. (43)

بهر حال ان رئوف الرحيم ۽ مهرباني ڪندڙ داور ديان جي حضور ۾ عرض ڪرڻ جو ۽ پنهنجي مدعا پيش ڪرڻ جو نمونو ۽ اظهار حال جو طريقو اسان کي لطيف سرڪار ٻڌايو آهي ته ڪهڙي نه عاجزانه انداز ۾ پنهنجي مالڪ کي ٻڌائجي...؟ اڳتي هلي انهي سر ۾ مرشد لطيف انسان کي پنهنجي رب سان مخاطب ٿيڻ جي لاءِ آداب گفتگو به سيکاري ٿو هڪ هنڌ پاڻ فرمايو اٿس ته اي طالب! تون پنهنجي پاڪ پروردگار سان هن طرح پنهنجو حال بيان ڪر ۽ انجي حضور ۾ هنن لفظن ۾ دعا گهر...؟

ڏاتار ته تون ٻيا مڙئي مڱڻا،
مينهن منڌائتا وسڻا، سدا وسين تون،
جي گهر اچين مون ته ميريائي مان لهان. (44)

لطيف سرڪار ڪيڏي نه پلي ۽ عاجزانه انداز ۾ پنهنجي رب کان پنڻ.مڱڻ ۽ دعا گهرڻ جو طريقو ٻڌائي ٿو معنيٰ هو اسان کي سرور پري صلاح ٿو ڏي ته اگر توهان کي پنهنجي رب کان ڪجهه گهرڻو آهي ته جئين آئون پنهنجي ڪلام ذريعي اوهان کي مشورو ٿو ڏيان. انهي طرح ئي پنهنجي دل جو حال پنهنجي رب ذوالجلال اڳيان بيان ڪريو! هڪ ٻئي هنڌ ته لطيف ڪمال جي ڳالهه ڪري ويو آهي، هو وري به اسان کي جاڳائيندي فرمائي ٿو ته:

ڏڏ تي ڏان گهرج تون ڇڏ وڄا جي وائي،


Scanned with CamScanner

سپـڙ رات سـنـيـائـيـا تـازي تـولائـي،
جوجاڳي نہ ڪائي، تهنسين پيلي ڏٺي ٻاجهہ ڪئي. (45)

معنيٰ: اي انسان ان ڏٺي تعاليٰ اڳيان دعا لاءِ هٿ کڻين يا سجدي ۾ وڃي ڪري ڪائونس دعا گهرين تہ انجو طريقو اهو اٿئي تہ پنهنجي وڃا هستي مستي وڃائي بلڪل ڏڏ ٿي ڪري گهر. تنهنجي لاءِ باري تعاليٰ طرفان تازي گهوڙا (يعنيٰ انعام و اڪرام) تيار ڪرايا آهن. جيڪي ماڻهو ائين ڪن ٿا، انهن سان ئي ڏٺيءَ ٻاجهہ ڪندو آهي ڀٽائي سرپرياتي ۾ دعا گهرڻ جي ناڻن ۽ نڪاڻن جي بہ اسان کي پيلي پت صلاح ڏني آهي. هو پنهنجي ڪلام ۾ پنهجو فڪر دعا گهرڻ جي وقت جو ڪجهہ هن طرح ٻڌائي ٿو:ملاحظہ فرمايو:

صـبـوح جـو سـهـاڳ، مـڱـڻـهـارن مـاڻـيـو،
ڏنـائـون ڏاتـار کـي وڏي ويـر وهـاڳ،
وس منهنجي ناهي ڪا، سيڻ هٿ سـهـاڳ،
پرين سين پهاڳ، مان نماڻي نصيب ٿئي. (46)

هن بيت ۾ مرشد ڀٽائي پنهنجو تجربو ٻڌائيندي فرمائي پيو تہ اهي مڱڻهار جيڪي صبح جو سوير اٿي ڪري پنهنجي رب کي ٻاڏاين ٿا آزيون نيازيون ۽ التجائون ڪن ٿا. انهن ئي صبوح جو سهاڳ ماڻيو آهي ۽ پنهنجي ڏاتار رب کي "وهاڳ" وقت يعنيٰ پرهہ ڦٽي جو ڏنائون پوءِ اهي وينتيون وحدان کي ٿي ڪيائون تہ اي منامالڪ! اسان جي هٿ وس ۾ نہ آهي بلڪہ اي مالڪ تو جهڙي سباجهڙي سيڻ سائين وٽ ئي سڀ ڪجهہ آهي، بس رڳو پرين يعنيٰ آقا مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي شفاعت عظميٰ نصيب ٿئي. اهو ئي مونن نماڻيءَ جو سوال آهي، ڀٽائي پنهنجي هن بيت ۾ نہ صرف اسان کي دعاءِ جو ٽائيم ٻڌائي ڇڏيو آهي پر پاڻ اهو بہ پيا ٻڌائين تہ اي انسان! اوڏي مهل تو کي ڇا ڇا گهرڻو آهي؟اهو پڻ جتائي ڇڏيو آهي تہ ان وقت توکي ڪهڙا لفظ استعمال ڪرڻا آهن.....؟

ڀٽائي گهوٽ اسان کي وري دعا جو ٽائيم ۽ نڪاڻو ٻڌائيندي


Scanned with CamScanner

رب جي وچ ۾ راز و نياز جي ڳالھين بابت فرمائي ٿو تہ:

ڳجھہ ڳجھا ندر ڳالھيون، راز نہ رکيائين (51)

جڏھن بندو پنھنجي عبادت و رياضت ۾ پنھنجي مالڪ جي حُبّ ۾ ۽ انکي راضي ڪرڻ ۾ ايترو تہ محوٿي وڃي جو ان کي پنھنجو ڪو بہ هوش نہ ٿو رهي ۽ هوهڪ سرمستي جي ڪيفيت ۾ رهي ٿو پوءِ انهي سرمستي جي حالت ۾ بندي ۽ رب جي وچ ۾ اهي ڳالهيون ٿين ٿيون، جن جي خبر ڪرامن ڪاتبين کي بہ ڪو نہ هوندي آهي بقول شاعر جي تہ!

در ميان عاشق و معشوق رمز سيت،

ڪہ ڪرام ڪاتبين راهم خبر نيست.

بهر حال پٽائي رحہ جن جي هن سر ۾ دعاءَ جي اهميت افاديت ان جي گهرائي، دعا گهرڻ جو انداز، دعا لاءِ لفظن جو استعمال دعا گهرڻ جو سليقو ۽ دعا گهرڻ جا تائير ۽ دعا لاءِ حضور دل، سچائي ۽ دل سان دعا گهرڻ جو طريقو ۽ ان کان پوءِ ان عظيم ڏاتار، سخي ۽ حاتم جي در تان اڻ ميا املھہ ملڻ جو فڪر ۽ فلسفو بيان ملي ٿو جنهن مان نہ صرف هڪ خاص طبقي نہ بلڪ هر عام و خاص انسان جي لاءِ پيغام آهي. شال رب پاڪ اسان کي بہ لطيف سرڪار جي رستي تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي ،آمين.

**حوالا ۽ واڌارا:**

1_ ڏسو: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ جو مرتب ڪيل "شاھہ جو رسالو" سرپرياتي ص_499 ۽ مرحوم غلام محمد_ محمد ابراهيم شاهواڻي _وارو شاھہ جو رسالو سر پرياتي ص_1213

2_ڏسو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وارو مرتب ڪيل شاھہ جو رسالو. سرپرياتي عرف جاجڪاڻي_ص_35

3_ڏسو: شاھہ جو گنج_ سرجاجڪاڻي_ پرياتي) ص_517

4_ ڏسو: ٻانھي خان شيخ جو مرتب ڪيل رسالو: سرجاجڪاڻي_ ص_ 271

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

5_ ڏسو: حاجي الهداد جنجهي سگهڙ جو ترتيب ڏنل شاهه جو گنج _ سر وهاڳڙو (پرڀاتي) ص_420

6_ ڏسو: ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو مرتب ڪيل شاهه جو رسالو: هيءُ رسالو سپ ڪان پهريائين جرمنيءَ جي شهر ليپسيا مان ڇپيو ۽ ٻيو ڀيرو شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي پاران سن: 1405ه/ 1985ع ۾ ڇپيو ويو. هن ۾ سر پرياتي 697 کان ص_ 705 تائين ڏنل آهي.

7_ ڏسو! شاهه جو گنج، قديم ۽ جديد صور تخطي_ مرحوم ممتاز مرزا ڇپائيندڙ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه حيدرآباد. 1416/1995ه هن ۾ سرجاجڪاڻي (پرياتي) ص_ 517 کان ص_528 تائين آيل آهي.

8_ڏسو! شاهه جو رسالو بمبئي وارو پهريون ڇاپو سنه: 1868ع هن ۾ سرپرياتي_ص391 کان ص_397 تائين ڏنل آهي. هي رسالو تازو محترم و محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن جي نگراني ۾ علامه آءِ آءِ قاضي چيئر پروفيسرز ڪالوني، سنڌ يونيورسٽي. اوقاف کاتي حڪومت سنڌ علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت طرفان سنه: 1416ه/ 1995ع ۾ ڇپجي پڌرو ڪيو.

9_ شاهه جو رسالو_ شمس العما مرزا قليچ بيگ جو مرتب ڪيل. هي رسالو سپ کان پهريائين: سنه: 1913ع ۾ ٻيو ڀيرو _ 1923ع ۾ ٽيون ڀيرو_ 1950ع ۾ ۽ چوٿون دفعو سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد پاران سال: 1415 ه/1994ع ۾ ڇپرايو ويو. هن رسالي ۾ سرپرياتي_ص 738 کان ص_749 تائين موجود آهي.

10_ ڏسو! شاهه جو رسالو_ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي مرحوم جو مرتب ڪيل هي رسالو پهريون ڀيرو. 1951ع پبشلرز بشير ائيڊ سنز ڪراچي پاران شايع ٿيو ۽ ان جو ٻيو ڇاپو سنه 1999ع ۾ مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور پاران ڇپرايو ويو آهي. هن رسالي ۾ سر پرياتي ص_699 کان ص_ 711 تائين موجود آهي.

11_ شاهه جو رسالو_ عبدالله جو ٽيجي وارو_(قلمي) هي رسالو سائين نور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محمد شاهه جوٽا (ٽنڊو محمد خان) سن: 1980ع ۾ نقل ڪيو آهي، راقم جي ڪتبجاني ۾ انجي فوٽو ڪاپي موجود آهي، انهيءِ رسالي ۾ سر وهاڳڙو (سرپرياتي) ص_105 کان ص_ تائين موجود آهي.

12_ ڏسو! شاهه جو رسالو: تحقيق و تصحيح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب هي رسالو سرپرياتي کان شروع ٿيندڙ پهرئين دور (1165_1270ه) جي ڏهن قلمي نسخن سان ڀيٽي تيار ڪيل، هن رسالي ۾ سرپرياتي ص_350 کان ص_ 360 تائين موجود آهي. هي رسالو، شاهه لطيف ثقافتي مرڪز ڪميٽي ڀٽ شاهه. پاران 1397ه / 1977ع ۾ شايع ٿيو.

13_ هي رسالو به محترم محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن جي چاليهن سالن جي محنت جو نتيجو آهي. ڏهن جلدن مان ٽئين جلد ۾ سرپرياتي ص_113 کان ص_ 119 تائين موجود آهي. هي رسالو شاهه لطيف ڀٽائي ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه حيدرآباد. پاران 1415ه / 1994ع ۾ ڇپرايو ويو آهي.

14_ ڏسو! شاهه جو رسالو_ هي رسالو مرحوم غلام محمد - ابراهيم شاهواڻي مرتب ڪيو آهي، ڏاڍو ضخيم رسالو آهي. هن رسالي اندر سرپرياتي ص 1213 کان ص 1243 تائين موجود آهي. هي رسالو حيدرآباد جي رسالہ روڊ جي هڪ اداره مدينہ پرنٽنگ پريس طرفان _1960ع_1961ع ۾ شايع ٿيو.

15_ ڏسو! شاهه جو رسالو: مرتب مرحوم اديب محمد عثمان ميمڻ ڏيپلائي سن: 1963ع ۾ ڇپرايو. هن رسالي جا ڇپرائيندڙ: شيخ نياز احمد، شيخ بشير احمد آهن ۽ قرآن پريس حيدرآباد ۾ ڇپيو. هن رسالي ۾ سرياتي 515 کان ص_522 تائين موجود آهي.

16_ ڏسو! شاهه جو رسالو! پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جو مرتب ڪيل، پهريون ڀيرو هي رسالو 1952ع ڌاري ۽ پوءِ سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت منظور چيمبرس گاڏي کاتو حيدرآباد. ٻيو ڀيرو سن: 1984ع ۾ ڇپيو هن رسالي ۾ سرپرياتي ڏسي سگهجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محمد ابراهيم سنڌي

# سر پرياتي جا تاريخي ڪردار

شاهه عبداللطيف ڀٽائي يا ان کان اڳ جن شاعرن سنڌ جي لوڪ قصن ،داستانن ۽ ڪهاڻين جي جن ڪردارن کي پنهنجي آفاقي شاعري ۾ ڳايو ۽ شاعري جي زينت بنايو آهي، انهن لوڪ قصن ۽ داستانن منجهان عام ماڻهن وٽ گهڻو مشهور: سسئي پنهون، مومل راڻو، ليلان چنيسر، نوري ڄام تماچي، سورٺ راءِ ڏياچ، عمر مارئي، سهڻي ميهار ٿيا. پر انهن کان سواءِ سنڌ جي سخي سردارن، سرويچن، سورهين جي ڪردار، جهڙوڪ: ڄادم جکرو، لاکو ڦلاڻي، ڄام ڪرن، ڄام راهو، ڄام ابڙو سمون، ڄام اوڍو، ڄام اوڍر، مورڙو بهادر، سخي ڄام ڏاتار ۽ سخي ڄام سپڙ وغير اچي وڃن ٿا. اهي تاريخي ڪردار پنهنجي سچائي، سورهيائي ۽ سخاوت جي ڪري گهڻو مشهور هئا. شاهه صاحب به پنهنجي آفاقي ڪلام ۾ اهڙن تاريخي ڪردارن کي خوب ساراهيو ۽ ڳايو آهي. شاهه صاحب جو انهن تاريخي ڪردارن کي ڳائڻ جو پنهنجو مقصد هو ته جئين سندس پڙهندڙ سنڌ جي انهن امر ڪردارن کان وڌيڪ روشناس ٿين.

سندس نسل در نسل انهن ڪردارن کي ياد رکي، سنڌ جي ماضي حال کي پرکي، شاهه صاحب جي شاعري جا مختلف رخ آهن. هڪڙا اهي جيڪي تاريخي، ثقافتي ۽ جاگرافيائي ۽ سماجي رخ آهن. جن ۾ سخا، سورهيائي، غريب پروري، بهادري، پورهيت، هاري، ناري، ڪمي ڪاسبي، وارا ڪردار اچي وڃن ٿا. جيڪي مسڪينن محتاجن، بيواهن، جي مدد ڪن ۽ واهر ڪن ٿا ۽ ٻيا پنهنجي ڌرتي جي ننگن ۽ ڏنگن تي سر ڏئي سرها ٿين ٿا ۽ قربان ٿين ٿا. اچا به شاهه جي شاعري جو ٻيو رخ آهي روحانيت وارو. جنهن ۾ شاهه صاحب تصوف جا اونا اسرار سمايا آهن، جن جي رازن ۽ رمزن جي ڄاڻ ڪيس ئي هوندي، پر شاهه جي ڪلام کي جڏهن غور ۽ فڪر سان پڙهبو

۽ پوءِ ضرور ايترو محسوس ٿيندو تہ اهي راز بندي ۽ مالڪ جي وچ وارا راز آهن. جنهن کي شاهہ صاحب "عبد ۽ معبود" جي ڪردار ۾ پيش ڪيو آهي. شاهہ صاحب جي هن سر پرياتي جي تاريخي ڪردارن کان پهريائين اچو تہ هن سر جي اهم ڪردارن جو جائزو وٺون.

سخي جام سهڙ "سپڙ" : سمن جون بہ وڏيون نکون آهن. سنڌ ۾ جيڪي رهيا. انهن کي سنڌ سمان ڪري سڏيائيون ۽ ٻيا اهي جيڪي سنڌ ڇڏي وڃي جهوناڳڙهہ ۽ ڪڇ ۾ هميشہ لاءِ رهيا. انهن کي چوڙا سمان چيائون جن مان راءِ ڏياچ، راءِ کنگهار ۽ ٻهادر جام لاکو سمون گهڻو مشهور ٿيا ۽ جيڪي ڪڇ ۾ رهيا. انهن کي ڪڇي سمان چون ٿا اڄ بہ انهن علائقن ۾ سمان ذات وارا موجود آهن.

وري سنڌ مان بہ ڪن لڏي وڃي لسٻيلي کي وسايو. انهن مان سخي جام سهڙ مشهور ٿيو. انهن جي خاندان مان اڄ بہ موجود آهن. جام يوسف سمون اڳوٽو وڏو وزير بلوچستان رهي چڪو آهي. جيڪو انهي ڪڙم مان آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لکڻ موجب: لسٻيلو سنڌ جو تاريخي دروازو آهي. عرب دور حڪومت بعد سومرن ۽ سمن جي حڪومت ۾ لسٻيلو سنڌ جو مکيہ ڀاڱو هو سنڌ جي سمن گهڻي انداز ۾ وڃي لسٻيلي کي وسايو. جنهن ڪري خاص سنڌ جو تمدن لسٻيلي ۾ رائج ٿي ويو. هتي بلوچن توڙي سمن سردارن حڪمراني ڪئي ۽ پنهنجا وارا وڄايا. پهريان گجر پوءِ رونجها، گونگا ۽ بعد ۾ ڪوريجن جي حڪومت جيڪا 1956ع تائين رهي. "ڪوريجا بہ چون ٿا سما نک مان آهن." رونجها سنڌ جي سمن جي شاخ آهي. جن ائين صدي هجري ڌاري اچي لسٻيلو وسايو ۽ اتي پنهنجو راڄ رسوخ قائم ڪيو. جام رونجهي مان جام "چوتا" نالي سردار ٿيو. جنهن جو پٽ جام سهڙ وڏو سخي ڏاتار ۽ لسٻيلي جو مشهور حاڪم ٿيو. جام سهڙ ٻيلي جي شهر ۾ پنهنجي گادي قائم ڪئي، سهڙ چوتائي يعنيٰ "جام چوتا جو پٽ سهڙ" جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ ڪافي عرصو حڪومت ڪيائين. جام سهڙ کي ڀٽائي صاحب توڙي ٻين شاعرن بہ ڳايو آهي، چون ٿا تہ انوراءِ نالي حاڪم کان ناراض ٿي، سنڌ جو هڪ لڳو (منڊو) چارڻ جام سهڙ وٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آيو. سبڙ ڄام ان جي خدمت خاطري ڪئي، وڏا ڏان ڏنائينس. آخر ۾ پنهنجي پٽ (چونا) کي پنجاهه گهوڙن سان روانو ڪيائين تہ فقير کي اماڻي اچ. ڄام چونا موڪلائڻ وقت ”وندر“ ۾ اهي پنجاهه گهوڙا فقير کي بخشي ڇڏيا، اهو ماڳ اڄ تائين چونا جو مڪان“ سڏجي ٿو.[1]

رونجها ذات بابت خير محمد ٻرڙو لکي ٿو تہ: سنڌ جي سما خاندان جي هڪ شاخ آهي، سميجا ڪل مان رونجهو نالي هڪ سمون وڏي بخت جو مالڪ هو. جنهن جي اولاد کي ”رونجها“ چون ٿا. هي پهرئين سنڌي ”ذات“ هئي، جنهن گجرن سان وڙهي لسٻيلو فتح ڪري، پنهنجي حاڪميت قائم ڪئي. رونجهن جي چوويهہ پڳن، سنڌ، بلوچستان ۽ لسٻيلي تي اٽڪل سو سال حڪومت ڪئي. اٽڪل 17 صدي جي پوئين حصي ۾ سنڌن حڪومت جو خاتمو ٿيو. هڪ ٻئي راويت مطابق انڙ بن سمون کي 28 پٽ هئا. جن مان هڪڙي جو نالو رونجهو هو.[2] سنڌ جي تاريخن ۾ ڏهہ ڏاتارن ۽ ست سورهن جو ذڪر ملي ٿو جن دل کولي غريبن، مسڪينن، لولن، لنگڙن، ٻـواهن، محتاجن، پنن، پانن ۽ چارڻ کي ڏان ڏنا ۽ ڪين نوازيو. اهڙن سخي سرڪارن بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ ”سمن سردارن دل کولي سخا ڪئي ۽ ڏڏن کي ڏان ڏنا. پنن پانن ۽ چارڻن کي ويتر ورسايائون. جن پنهنجي مربين ۽ سنڌن وڏن کي ”ڏاتار“ ڪري مڃيو ۽ مشهور ڪيو. اهڙي طرح سمن مان ”ڏهہ ڏاتار“ مشهور ٿيا. لاکو ڦلاڻي، ڄکرو اوڍاڻي، هٽند تڏاڻي، جسودن، آگرو، ڄام ويجهر، وڪيو ڏاتار، راءِ ڏياچ، ڄام ڪرن ۽ ڄام سبڙ چوناڻي بہ اچي وڃن ٿا.“[3]

سر پرياتي جي ڪردارن جو جائزو وٺجي ٿو تہ ان سر ۾ هڪ اهڙي سخي سردار کي سارهايو ويو آهي، جنهن بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شاهہ جي رسالي جلد ٽي ۾ لکي ٿو تہ سر بلاول وانگر هي سر پرياتي بہ موروثي منگتن، منگنهارن جو سخي سردارن کي ڳائڻ، سارائڻ ۽ ڪائڻ ڏان وٺڻ واري رسم روايت جو يادگار آهي. پر هن سر جو خاص موضوع لسٻيلي جي والي سبڙ ڄام جي سخا آهي. ٻين سردارن سخا ڪئي تہ پنهنجي نالي وڏائڻ لاءِ ڪئي، پر سبڙ ڄام سخا ڪئي تہ پنهنجي نالي وڏائڻ ڪاڻ ڪا نہ

ڪئي پر ڪيرت وارن جي قدرداني ۽ ڏکين ۾ ڏڌن کي ڏان ڏنا.[4] اسلامي ڪتابن ۾ رايت آهي تہ "سخي الله پاڪ جو دوست آهي" سخي عربي ٻولي جو لفظ آهي ۽ معنيٰ اٿس، ڏاتار، فراخ دل، ڪشاده دل، وغيره. سخي جي باري ۾ حديث شريف جا لفظ آهن تہ "السخي حبيب الله ولوڪان فاسقا"

ترجمو: سخي الله جو دوست آهي، چاهي گنهگار ڇو نہ هجي.

الله پاڪ جون صفتون انسان کي عطا ڪيل آهن. مالڪ جون بيشمار صفتون آهن. پر اهي اعليٰ صفتون آهن. جيڪي انساني اخلاق کي اعليٰ ۽ بالا بنائين ٿيون. جن جي ڪري انسان جو مان ۽ شان مٿي ٿئي ٿو. اهي صفتون ۽ خصوصيتون آهن. حيا، شرم، رحمدلي، درگذر ڪرڻ، ڏيڻ، ڪارائڻ، ڊڪائڻ، سخاوت ڪرڻ، سورهيائي وارا گڻ وغيره پر سخاوت ۽ سورهيائي وارا گڻ مڙني کان مٿانهون هوندا آهن. جنهن لاءِ ماڻهو سر بہ قربان ڪندو آهي.

جئين حضرت ابراهيم خليل الله ۽ حضرت اسماعيل ذبيح الله جي قرباني ۽ سخا تاريخ جي ڪتابن ۾ موجود ۽ محفوظ آهي. عرب جو حاتم طائي بہ سخي مرد هو. پر شاهہ لطيف جي امر ڪردار واري راءِ ڏياچ جي سخا ان کان مٿانهين آهي. جنهن سُرتي سر ڏنو ۽ هميشهہ لاءِ امر بنجي ويو. شاهہ صاحب جي لفظن ۾ ان سخي مرد سواليءَ کي هئين چيو:

ونءِ سر تي سرهو، م ڪين ڳاءِ مَ گهاءِ،
جاجڪ تو مٿاءِ، ملڪ مڙوئي گهوريان.

بلڪ سخين جي اهڙي سردار چيو تہ اي مڱڻا توکي پاڻ جس هجي جو تون مون کان سڪڻو سر گهريو. جيڪو مون وٽ موجود آهي پر جيڪڏهن تون مون کان ڪا اهڙي شيءِ گهرين ها جيڪا مون وٽ نہ هجي ها ۽ آئون توکي نہ ڏئي سگهان ها تہ پوءِ آءٌ ساري ڄمار نادم ۽ شرمسار ٿي پوان ها ۽ ڏاتارن جي نالي کي تڪو لڳي پوي ها، ڇو تہ ڏاتارن جي در تان ڪڏهن بہ ڪو سوالي خالي ناهي موٽيو. شاهہ صاحب انهن لفظن کي پنهنجي آفاقي ۽ علامتي شاعري ۾ هن طرح روپ ڏنو.

جيءُ مڱڻا هوءِ، جو تو مٿي سر سٺو ڪيو،
جو مل مون نہ سپجي، تان جي سو گهريوءِ،

تہ جڳان جڳ ڏنوءِ ، ڏنگھو ڏاتارن کي.

سخي جام سبڙ بہ ڏک اهڙو ئي سخي هو، جنهن جي ڪردار ۽ خوبي کان شاهہ صاحب متاثر ٿي سندس شان ۾ چيو تہ

ڏاتار تہ تون، ٻيا مڙيئي مڱڻا،
مينهہ مُندائتا وسڻا،سدا وسين تون،
جي گھر اچين مون، تہ ميريائي ماڻ لهان.

اهڙو ڏاتار جيڪو مينهن وانگر خيرات ۾ وسندڙ هجي، جيڪو سوالين کي سڏي چئي ٿو تہ ،مون کان گھرو آءُ اوهان کي ڏيڻ لاءِ هر گھڙي هر ساعت تيار آهيان، رڳو اوهان جي اچڻ جي ۽ اوهان جي سڏڻ جي دير آهي.

اهڙي ڏاتار جو ارشاد آهي تہ:

ڏاتار ڏوهہ نہ ڪوءِ، ڏوهہ مڙوئي مڱڻي،
جي ايو دَرَ پر هوءِ ، تہ ڏيهاڙي ڏات لهي.

اهڙو ڏاتار ڪائنس نہ گھرندڙ نہ سڏيندڙ تي ڏک ڪري ٿو:

ڏاتار ڏک ڪيا پاڻا متي مڱڻي،
مون در چڏي مڱڻا، منگيتن جو ٻئا،
تيلاهين تو پيا، وچان ولها ڏينهڙا.

رب العالمين جهانن جو رب آهي ۽ رب جي معنيٰ پاليندڙ جيڪو ڪيڙيءَ کي ڪڻ ۽ هاٿيءَ کي مڻ ڏيئي پالي سانڍي ڪارائي. پياري وڏو ڪندو آهي. اها رب جي ربوبيت واري صفت آهي. اهڙو مالڪ مهربان پنهنجي ملائڪ کان هوڪو ڏياريندو آهي تہ. آهي ڪو رزق گھرڻ وارو تہ آءُ يعنيٰ الله ڪيس وڌيڪ ۽ ڪشادو رزق ڏيان. آهي ڪو گنهاهن جي معافي گھرڻ وارو، تہ ان کي معافي ڏيان ، آهي پنهنجي حاجت گھرڻ وارو ، تہ ان جي حاجت پوري ڪريان. اهڙو هوڪو هر رات جو سج اپرڻ تائين اهو ملائڪ ڏيندو آهي. پوءِ جيڪو صالح ۽ سمجھہ وارو ٻانهو هوندو تہ اهو ان الله کي سڏيندو آهي. باقي غافل تہ غفلت ۾ ئي غرق هوندو آهي. شاهہ جو هي امر ڪردار سخي جام سبڙ بہ ڏڏن کي ڏيڻ لاءِ سڏ ڪري، انهن کي گھرايو ڏيئي ٿو جيئن هڪ اهڙو


Scanned with CamScanner

پورئا در مَر پن، جن پنئي پورت نہ ٿيئ،
ڏيھہ ۾ ڏاتر هيڪڙو، نانءِ تھين جو ڳن،
جو رين رسائي دن، ڏيئي ڏرمائي ڪينڪي.

شاهہ صاحب اهڙي ڏاتر جي در وينتي ڪرڻ جو سهڻو ڏس ڏي ٿو. ڪوڙن درن تي چوٽو ڌڪا ڪائين، ان موڙهي مت واري لنگهي ڪي لطيف سائين هنن الفاظن ۾ چوي ٿو.

موڙهو پٽين مگڻا، ڪيڏان هئين ڪال،
لنگها چڏ لطيف چئي، اُجهڻ جا افعال،
سبڙ در سوال، ڪر تہ قيمت آٽين.

شاهہ صاحب جي تعليمات ڪي غور سان سمجهڻو آهي، خالي لطيف، لطيف ناهي ڪرڻو لطيف جو پيغام، توحيد پرستي محبت، صبر ۽ شڪر، ذڪر ۽ فڪر تي مبني آهي.

انڪري لطيف جي پيغام ڪي سمجهڻ ۽ پروڙڻ جي ضرورت آهي، شاهہ جي بيت جي هر ست ، هر لفظ ۾ بندي ڪي اها صلاح ڏنل آهي تہ:

ستو ڪئين ننڊون ڪرين، ور وهاڻي روءِ،
سيان ساز سندوءِ، پيو هوندو پٽ ۾.

**حوالا:**


1_ بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: ٻيلاين جا ٻول، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، سنڌ. ص_13 ۽ 14، سال 1970ع

2_ سيوهاڻي پروڙ خير محمد: ذاتين جي انسائيڪلو پيڊيا، مراد پبليڪشن سيوهڻ، سال 2005ع ص_399

3_ بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، پاڪ سنڌي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، سال 1990ع، ص_179

4_ بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: شاهہ جو رسالو_جلد ٽيون،_ ڀٽ شاهہ ثقافت ڪلچر سال 1994_ص_35 مقدمو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر فيض جوڻيجو

# موسيقي، محبوب ۽ پرياتي

راڳ جي اهميت سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت ۾ تمام مٿانهون مقام رکي ٿي سنڌو ماٿريءَ ۾ جيڪا فڪري جاڳرتا رهي آهي ان جي ارتقا ۾ موسيقيءَ جو تمام وڏو حصو رهيو آهي. هتي جيڪا مذهبي ارتقا ٿي آهي ان کي موسيقيءَ جي ارتقا کان الڳ نٿو ڪري سگهجي صدين کان وٺي هن خطي ۾ موسيقي کي عام ڪرت ۾ پڻ استعمال ڪيو ويو ٿو مثلاً چيڙ يا ونگار جي صورت ۾ به دهل جو استعمال ڪيو ويندو آهي. انگريز جڏهن سنڌ ڌرتيءَ تي قبضو ڪيو هو ته هو مٿين ماحول کي ڏسندي حيران رهجي ويو ته هتان جو پورهيت موسيقيءَ تي لڳاتار بغير ڪائڻ جي به ڪم ڪندو رهيو ۽ هن پورهيت جيڪو موسيقيءَ جي ڪري ڪم ڪيو اهو هندستان جي ٻين خطن جو پورهيت نه ڪري سگهيو هيو. راڳ داري ۽ ان سام محبت جو جيڪو هتان جي تخليڪار ثبوت ڏنو اهو ڪنهن هنڌ نٿو ملي سنڌ جو جيڪو ڪلاسڪ ادب آهي ان جي سجاڻپ يا درجا بندي خود راڳ جي اصولن تحت ڪئي وئي آهي. قصا يا ڪهاڻيون جن جي گهرج مطابق جيڪا شاعري ڪئي وئي آهي ان کي پڻ ڪهاڻي جي اهميت بجاءِ ان راڳ يا راڳڻيءَ جي اهميت کي سامهون رکي، ان جي گهرج مطابق خيال ڏنا ويا آهن هي اها قوم آهي جنهن پنهنجي تاريخ کي راڳ جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي، دودو چنيسر جو قصو ان لاءِ مثال طور ڪٺي سگهجي ٿو راڳ سان محبت جي هي انتها آهي ته جڏهن ڪو راڳي مري ٿو ته ان جي جنازي کي پڻ راڳ ڳائي ڪنيو وڃي ٿو ٻين لفظن ۾ اسين هيئن چئون ته ڪو وڏاءُ نه ٿيندو ته هي قوم پنهنجي محرومين جو اظهار صرف راڳ ۾ ڪري ٿي، پوءِ اهو اظهار خوشين لاءِ هجي يا ڪنهن جي وڇڙي وڃڻ جو ڏک. ائين ڇو آهي؟ اسين ان سوال کي في الوقت هڪ طرفو ڪندي پنهنجي اصلي مقصد طرف اچئون ٿا ته "پرياتي" هيءَ هڪ راڳڻي آهي، جنهن ۾ مڱڻهار دان حاصل ڪرڻ لاءِ سردار جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تعريف ڪن ٿا. تعريف ڪيڏو نہ سطحي جملو آهي جنهن ۾ سنڌ جي فن ۽ فڪر کي هڪ طرفو ڪندي فڪري اوسرجي نفي ڪري ٿو. ان کي سمجهڻ لاءِ مگڻهار جي روپ ۾. تخليقڪار جو ذڪر "پرياتي" ۾ ڇو ڪيو ويو آهي؟ هي سوال اسان کي "پرياتي" راڳڻي ۽ ان ۾ پيش ٿيندڙ خيالن کي سمجهڻ ۾ هٿي ڏئي ٿو. سڀ ڪان پهرين اچو ان ڳالهہ تي تہ جڏهن ڪو شاعر پنهنجي خيالن ، احساسن، امنگن ۽ اڪير جو اظهار لفظن ۾ ڪري ٿو تہ راڳي ان جو اظهار ڇا ۾ ڪندو! ظاهر آهي تہ عام جواب ٿيندو تہ ڏن ۾. پر هتي سوال تہ ڏن ۾ تہ سهرا بہ ڳايا ويندا آهن جيڪي تال ۾ هوندا آهن پر راڳ بہ ٻئي ڳالهہ آهي ۽ راڳي ان راڳ جي سرن ۾ جيڪي الاپون ڪري ٿو خاص ڪري جڏهن ڏک جو اظهار سر ۾ ڪري ٿو ۽ شاعر جيڪو خيال ڏنو آهي، ان کي پنهنجي الاپن ۾ اظهاري ٿو. اهو ڪم شاعريءَ کان وڌيڪ ڏکيو نہ سهي پر ايترو سولو نہ آهي پر اهوبہ سچ آهي تہ جي راڳي شاهہ جي محفل جي ڪلام کي نہ ڳائن ها تہ اهي سڀ شاعر بہ ٻين سنڌ جي ڪلاسڪ شاعرن جيان گم نام هجن ها.

اڳي اٿ رڙن، مون پيري ماڻ تي،
پلاڻيندي پاڻ ۾، ڪچئو ڪين ڪنِ،
ڪاجا مام مُنن، هن پڻ هٿئي هن سين.

*(پرياتي سر ديسي بيت نمبر 11 مرتب نبي بخش بلوچ صاحب)*

هن بيت کي توهان رسالي ۾ پڙهو ۽ وري استاد راڳي گلزار علي کان ڳائيندي ٻڌو. ٻنهين ۾ فرق رکيو اهو آهي تہ هي صرف لفظ ۽ خيال آهي پر گلزار جي واتان جڏهن لفظ ٻاهر اچن ٿا تہ روئن ٿا. اها ڪيفيت جيڪا ادائگي ۾ ڳائڪي جي ڪري پيدا ٿئي ٿي. ان کي فن ڇئجي ٿو ۽ ان فن جي وصعت جو دارو مدار تخليقڪار جي صلاحيتن تي آهي. هاڻي اسين "پرياتي" تي وري نظر وجهئون ٿا هڪ تہ سڄي رات راڳ ڳائڻ ڪري فنڪار جو ڳلو گهٽو گرم ٿي وڃي ٿو. جنهن ڪري هن راڳڻي کي ڳائڻ ۽ حقيقي معنيٰ ۾ ڏک جو تاثر ظاهر ڪرڻ ايترو آسان نہ آهي ۽ نہ وري سڀ ڪو هن راڳڻيءَ کي ڳائي سگهي ٿو. هتي هڪ ٻئي خيال طرف اچئون ٿا سو اهو تہ سورٺ، بلاول ۽ پرياتيءَ ۾ مگڻهارن جو ذڪر گهڻو پر انهن جي گهرڻ جي نوعيت مٽ آهي. هڪ سِر ٿو گهري ۽ ٻيو سردار جي تعريف ٿو ڪري جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. ان حسن جي مالڪ کي هڪ تخليقڪار ڪيڏو نه پيار ۽ پاٻوهه وچان عرض ڪري ٿو ته " جي گهر اچين مون. ته ميربائي مان لهان" هي ته لنگهي واري ڏانءُ گهرڻ کان ڪافي مختلف گهري ٿو سماجي بندشن جي ڪري، جڏهن دل جي ڳالهه ڪنهن سان سلڻ به مشڪل هجي، جتي مڙد ۽ مڙدانگي لاءِ عورت کان پري رهڻ ۾ آهي، جتي ڏاتار ، پڳوان يا ڪلتار تڏهن ٿو پنهنجو ڪري جڏهن پنهنجي خواهش کي ترڪ ڪجي پر هي خواهشون حسرتون ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ ظاهر ٿين ٿيون چاڪاڻ ته انهن جا مادي سبب آهن ۽ حقيقت کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري سگهجي ٿي، جئين تاريخ ۾ ڪئي وئي پر ان کي ختم نٿو ڪري سگهجي بلڪ لڳاتار محروميون نصيب ٿيندي سماج ۾ ان کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو خيال وري نئون ورپ اختيار ڪري ايرندو آهي. پورهيت پرست يا تاريخ جون خالق قوتون مذهبي يا اخلاقي پابندين جي باوجود پنهنجي دل جو راز پرينءَ سان ڳجه ڳوهه ائين سلي ويندا آهن جيئن هن بيت ۾ ظاهر آهي.

ڪيڏو نه پنهجي محرومين جو هڪ خوبصورت اظهار آهي ته مينهن منڊائتا وسڻا، سدا وسين تون. هن سر ۾ نه صرف مختلف سوچ جا بيت آهن پر انهن جو موضوع به الڳ آهي. جئين سائين عثمان علي انصاري ۽ ڪجه ٻيا محقق ان ڳالهه تي راضي آهن ته شاه جو رسالو اصل ۾ شاه جي محفل جو ڪلام آهي. ان ڪري اهو بيت جيڪو مڙد جي محرومين ۽ ان جي احساسن کي ظاهر ڪري ٿو جنهن به شاعر جو آهي ان نه صرف پرياتيءَ کي سمجهيو آهي بلڪ خماريل نيڻن ۾، اسريل جيڪا پرين جي پسڻ جي اڪير آهي، ان کي نروار ڪندي پنهنجي دور ۾ مڙد جي خواهش جو واضح اظهار ڪيو آهي. پرياتيءَ تي ڳالهائڻ کان پهرين اسان موسيقي متعلق سوال ڪيو هو هاڻي ان طرف اچئون ٿا ته جهڙي ريت دهل تي لڳاتار پورهيت 12 ڪلاڪ محنت ڪئي ۽ پنهنجي بک وساري ڇڏي ٿو اهڙي طرح اسين عقيدي ۾ ۽ موسيقيءَ جي وهڪري ۾ اهو وساري ٿا وڃئون ته پرياتيءَ ۾ تخليقڪار کي مجبور ڪري ڇو پيش ڪيو ويو آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حزب الله آءِ سومرو

# سُر پرڀاتيءَ جو ڪردار "سپڙ"

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌي قوم ۾ بهادري ۽ سخاوت جهڙين خصلتن کي فروغ ڏيارڻ لاءِ قرآن پاڪ جو انداز بيان اختيار ڪيو آهي، جو اعليٰ ڪردار وارن جي خصلتن کي ساراهيو آهي. اهڙن بهادرن ۽سخي ڪردارن مانِ هڪ ڪردار "سپڙ" جو بہ آهي. ڀٽائي صاحب ان جي ڪردار کي سر پرڀاتيءَ ۾ خوب ساراهيو آهي.

## سپڙ جي معنيٰ:

سپڙ لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟ ان بابت هي رايا ٿي سگهن ٿا:

(1) اگر "سپڙ" لفظ "سَپُ" مان آهي تہ پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب سُپ معنيٰ نانگ يا بلا. *(جامع سنڌي لغات: جلد نمبر4، ص1579)*

ان صورت ۾ "سپڙ" معنيٰ وڏو نانگ يا وڏي بلا_ استعاري طور استعمال ٿيو آهي.

(2) جيڪڏهن "سپڙ" لفظ "سِپ" مان آهي تہ پوءِ معنيٰ اٿس صدف يا سچن موتين جو ڪوڪو. *(جامع سنڌي لغات: جلد 4، ص1579)*

ان صورت ۾ "سپڙ" معنيٰ وڏو صدف يا سچن موتين جو وڏو ڪوڪو.

## سپڙ ڪير هو؟

سپڙ لاءِ عام راءِ اها آهي تہ اهو سمو هو ۽ لسٻيلي جو حاڪم هو. ليڪن تاريخ جو مطالعو ڪجي ٿو تہ حقيقت ڪجهه ٻي معلوم ٿئي ٿي. تاريخ ۾ اهو واضع طور ملي ٿو تہ "سپڙ" هڪ سومرو سردار هو مير علي شير قانع ٺٽوي (1181هه) علاءِ الدين خلجيءَ جي لشڪر جي چڙهائي بابت لکيو آهي تہ: "سومرا قوم جي سپڙ سومرو، شاهي لشڪر جي غازين جي خونخوار ترار جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لڪموٽي ويو. ٻين کي محمد طور شهر ۾ رهڻ جي طاقت نہ رهي ۽ لاچار ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويا." *(تحفتہ الکرام ص 119)* يعنيٰ سپڙ سومرو ۽ سومرن جو هڪ سردار هو. جيڪو محمد طور ۾ خلجي لشڪر سان لڙندي شهيد ٿيو

## سپڙ سومري جي شهادت:

جيئن تہ تاريخي ڪتاب تحفتہ الڪرام ص:119 مان معلوم ٿيو تہ سپڙ سومرو علاءِ الدين جي لشڪر هٿان شهيد ٿيو تہ علاءِ الدين جي سنڌ تي ڪاھ ڪڏهن ٿي؟ مير معصوم بکري (سنہ 1009ھ) لکيو آهي تہ 696 ھ ۾ ملتان ۽ سنڌ جو مسئلو حڪومت جي سيني مسئلن کي مقدم سمجهي (علاءِ الدين خلجي ) پنهنجي ڀاءُ الغ خان کي چاليهہ هزار سوارن سان مقرر ڪري جلد روانو ڪيائين. *(تاريخ معصومي، ص 40)*

اڳتي لکيو اٿس تہ "سلطان علاءِ الدين نصرت خان کي ڏھ هزار سوار ساڻ ڏئي ملتان، اچ، بکر، سيوستان ۽ ٺٽي جو حاڪم مقرر ڪري حڪم ڪيو تہ نصرت خان ملتان ۾ سنڌ جون سومريون حدون لتاڙي جتي بہ ڪو فسادي ۽ سرڪش موجود هجي تہ ان جون پاڙون پٽي هر طرح جي دلجاءِ ڪري ۽ سنڌ جي قلعن ۽ شهرن تي معتبر ماڻهو مقرر ڪري، پاڻ ملتان ۾ رهي. *(تاريخ معصومي، ص 80)*

مير معصوم بکري هي بہ لکيو آهي تہ: سنہ 700ھ ۾ سلطان علاءِ الدين سياست جي تلوار سان باغين ۽ فسادين جون پاڙون پٽي ڇڏيون، سلطان علاءِ الدين جي بادشاهي اپرندي، ڏکڻ ۽ اولهہ يعني بنگال، دکن، گجرات ۽ سنڌ جي پاسي سمنڊ سان لڳل هئي ۽ اتر ڪان نيلاب جي پاڻيءَ تائين موجود هئي. *(تاريخ معصومي ص 81)*

انهن معرڪن ۾ سنڌ جو حڪمران دودو سومرو بہ شهيد ٿيو هو دولت علويہ از مولوي عبيد الله شائق سومرو 2003، ص 90، تاريخ معصومي تعليقات از علامہ عمر بن محمد دائود پوٽو ص 345 ۽ تحفتہ الڪرام ص 96،97 حاشيي ۾ دودي سومري جي دور جي پڄاڻي 700ھ لکيل آهي، سپڙ سومرو سردار هو تہ ان جي شهادت بہ 700 ھ ۾ سمجهڻ کپي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ڄام لفظ جو مغالطو:

ڀٽائي صاحب "سپڙ" لاءِ "ڄام" جو لفظ استعمال ڪيو آهي، جنهن مان محققن کي شڪ اڀريو آهي ته اهو سمو هو:

"آريون اڀوڇهن جون سپڙ ڄام سهي"

(شاهه جو رسالو آڏواڻي: سر پرڀاتي، داستان 1، بيت 10)

"ڄام" لفظ سما حڪمرانن لاءِ ته استعمال ٿيندو هو پر اهو لفظ ٻين لاءِ به لغوي اعتبار کان استعمال ٿي سگهي ٿو ڇو ته ان لفظ جي معنيٰ سردار آهي. سيد محب الله شاهه بکري (1197هه) موجب ڄام سنڌي ٻولي ۾ پنهنجي قوم جي سردار کي چئبو آهي. جئين فارسيءَ ۾ بيگ (قوم جي سردار) کي چئبو آهي. (مختصر تاريخ سنڌ، ص 72)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب موجب ڄام جي معنيٰ آهي امير — رئيس — سردار - وڏ گهراڻو (جامع سنڌي لغات، جلد 2، ص 942)

شاهه صاحب نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم لاءِ به "ڄام" استعمال ڪيو آهي.

مديني جا ڄام، سڻ منهنجا سڏڙا.
آهيان تنهنجيءَ سام، سگهو رسج سپرين.

(شاهه جو رسالو شاهواڻي: سر ڏهر داستان 2، بيت 6)

پنهونءَ بلوچ لاءِ به 'ڄام' استعمال ڪيو آهي:

ليڙن لنگهي لس، ماناٽيان متي ويا،
وني ور وات ٿيا، پنهون ڄام پهس،
هئا وڏي وس، ٻاروچا پنيور ۾.

(شاهه جو رسالو آڏواڻي: سر حسيني داستان 5، بيت 1)

## رونجهو لفظ جو مغالطو:

ڀٽائي صاحب سپڙ لاءِ "رونجهو" لفظ به استعمال ڪيو آهي.

"رونجهي رات اُپٽيا، پيٽنون پاٽيٽ"

(شاهه جو رسالو شاهواڻي: سر پرڀاتي، داستان 1، بيت 17)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عام طور ان مان محققن سمن جي ذات مراد ورتي آهي پر ان جو مطلب جدا بہ ٿي سگهي ٿو.

(1) رونجهو جي لغت ۾ هڪ معنيٰ ننڍين اکين وارو يا جهرو-چجهو بہ آهي. *(جامع سنڌي لغات: جلد 3 ص 1477)* يعني باريڪ بيني سان ڏسندڙ؛ مراد آهي يا سهڻو، رنگ جو اڇو جنهن جون اکيون جهريون هجن.

(2) رونجهو اصل ۾ روجهو (روجهہ جو مذڪر) هجي، تلفظ ۾ لکت جي بگاڙ ڪري ماڻهن ان کي رونجهو بڻائي ڇڏيو. روجهو يا روجهہ هڪ جابلو يا نيم صحرائي جانور آهي. علامہ آءِ آءِ قاضي _ شاهہ جي رسالي جي _ معنيٰ جي پٽي" ۾ ص 844 تي روجهہ جي معنيٰ لکي آهي: "هڪ جانور- گورخر"

ڊاڪٽر بلوچ موجب روجهہ معنيٰ هڪ قسم جو جابلو جانور *(هڪ جلدي سنڌي لغت ص 341)*

بدر ڌامراهو روجهہ بابت لکي ٿو تہ "جابلو چوپايو جانور آهي. ڪيس جابلو ڳئون بہ چوندا آهن، جو سائنسي نالو (Bose Laphaus Trago) اٿس. عام طرح ڪارو پورو ۽ ڳاڙهو ٿيندو آهي. مادي جو قد نر جي مقابلي ۾ ننڍو ٿيندو آهي. جسماني بناوٽ ڳئون جهڙي ٿيندي اٿس. ڳچيءَ تي وار ٿيندا اٿس. نر جي مٿي تي ڪاري رنگ جا سڱ ٿيندا آهن. جٿن جي صورت ۾ گهٽ گهمي، اڪثر ڪري اڪيلي گهمي ۽ صبح شام چاري لاءِ رلندي وتي. مادي ائن مهينن ۾ ٻچا ڄڻيندي آهي. گهڻو ڪري ٻہ ٻچا ڏئي، ٻچا ڪمزور هوندا اٿس. هي هڪ نيم صحرائي علائقي ۾ ملي ٿي. شاهہ صاحب سر ديسي ۾ روجهہ جو ذڪر ڪيو آهي. *(لطيفي انسائيڪلوپيڊيا: ص- 60)*

ان مان پتو پيو تہ روجهہ هڪ يگانو جانور آهي. سو شاهہ "روجهو" (جانور) کي استعاري طور استعمال ڪيو آهي. جيئن شينهن کي بهادري، گدڙ کي بزدلي، اٺ کي موڳائي، لومڙ کي چالاڪي لاءِ استعاري طور استعال ڪيو ويندو آهي. روجهہ جي ٻي خصوصيت ڇا آهي! پتائي جي هنن بيتن مان پتو پوي ٿو.

ڏکيءَ سنڌيون ڏونگرين، پسو پٽون پون،
مٿي پچاٽا مند ڪي، روجهہ رجن ۾ روئن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻيلي پار ٻري ، مون کي ڇَڙن ڇوريو ،
محبتي ميهار جي سُتي ساز ڇري،
مٿي جهوڪ جهري ، پونديس پاريچن جي.

(شاهه جو رسالو-آڏواڻي، سر سهڻي، داستان 4 ، بيت 4)

مينهون هن ميهار جون الا سڀ جيئن،
ڪاريون، ڪڪيون، ڪنديون وار ڪيو وين،
جوءِ جا جاندارن ، ٻيلا ٻهه ٻهه ڪن،
ڇي ريل رهن، مون سانيارا سپرين.

(شاهه جو رسالو- شاهواڻي، سر سهڻي، دستان 4 ، بيت 20)

مطلب ته "ٻيلو" لس ٻيلي تائين خاص نه آهي. وڏراهه واري علائقي کي ٻيلو چئبو آهي.

### مددي ڪتاب:


1. شاهه جو رسالو- علامه آءِ آءِ قاضي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سال 1961ع
2. شاهه جو رسالو- غلام محمد شاهواڻي، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي سال 1993ع
3. شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي، روشني پبليڪيشن ڪنڍيارو 1997ع
4. شاهه جو رسالو الف بي وار- عبدالغفار گوهر دائو پوٽو، سنڌيڪا اڪيڊمي 1994ع
5. جامع سنڌي لغات- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
6. هڪ جلدي سنڌي لغت- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي لينگويج اٿارٽي، 2004ع
7. تاريخ معصومي- مير معصوم بکري، سنڌي ترجمو- سنڌي ادبي بورڊ، 1959ع
8. مختصر تاريخ سنڌ- سيد محب الله شاهه، سکر هسٽاريڪل سوسائٽي، 200ع
9. تحفة الڪرام- مير علي شير قانع ٺٽوي، سنڌي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ، 1994ع
10. دولت علويه- مولوي عبيدالله شائق سومرو، گلشن پبلڪيشن، سال 2003ع
11. لطيفي انسائيڪلوپيڊيا- بدر ڌامراهه روشني پبليڪيشن ، سال 2007ع
12. ست سورهيه ـ ڏهه ڏاتار- معمور يوسفاڻي، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 1999ع


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رسول بخش تميمي

# سر پرياتي جو روحاني راز

جناب محمد صلي الله عليه و بارڪ وسلم جي خانوادي جو روشن چراغ ۽ سنڌ جائو سونهارو ستارو، سرتاج الشعراء جناب سيد عبداللطيف ڀٽ ڌڻي ڪامل ولي ۽ آفاقي شاعر. سندس ڪلام ۽ ڪمال بابت اٽڪل رو ۽ هن وقت قلمي توڙي ڇاپي سترجي قريب رسالا مرتب ٿي چڪا آهن. قريبن ٽيهه ايڪٽيهه پي-ايچ-ڊي لاءِ ٿيسز لکيون ويون آهن. البت سندن شخصيت بابت لاتعداد مقالا، مضمون تاثر ۽ شعر لکيا ويا آهن ۽ اهو سلسلو هنوز جاري آهي ۽ انشاءالله جاري رهندو.

ڀٽ ڌڻي جي شخصيت ۽ شعر متعلق جڳ مشهور عالمن، اسڪالرن، دانشورن، اديبن ۽ شاعرن مدلل ۽ معتبر تحريرون رقم ڪيون آهن. انهن ۾ ڊاڪٽر سورلي، ڊاڪٽر ٽرمپ، قليچ بيگ، ڊاڪٽر دائود پوٽو، ڊاڪٽر گربخشاڻي، مير سانگي، علامه قاسمي، شيخ اياز، علامه آءِ آءِ قاضي ۽ جڳ مشهور عالم ڊاڪٽر بلوچ وغيره نمايان آهن.

پوءِ هر ليکڪ پنهنجي پنهنجي سوچ، فڪر و فهم، نقطه نظر ۽ ذهني لاڙن مطابق شاهه سائين جي فڪر ۽ فن توڙي ڪردار جي عڪاسي ڪئي آهي. پر ڳالهه بنهه پڌري پٽ پئي آهي ته شاهه سائين مذهبي اسڪالر هجي يا ملحد، سماج سڌار هجي يا منفي ملون، دهريو هجي يا ديندار، سرخو هجي يا صوفي! ڳالهه عقيدت جي ناهي، ڳالهه آهي حقيقت جي. جيستائين اسين شاهه سائين جي اذڪار، افڪار، گفتار ۽ ڪردار تي نظر نه ڊوڙائينداسين، تيستائين درست راءِ قائم نه ڪري سگهنداسين.

سيد سائين، عرب هو سيد صاحب پير طريقت هو سيد سگهڙو صوفي هو سيد سونهارو عالم هو سيد سچار سماجي سڌارڪ هو. سيد سڀاڄهو سنڌ جائو سنڌي هو ۽ سيد سوڀارو عالمي شاعر هو

ان ڳالھ ۾ ڪو بہ اختلاف نٿو رکي سگھي تہ پٽ ڌڻي سيد زادو نہ هو. ڪو برهمڻ، کتري، آريو، دراوڙ وغيره هو. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪو گمان باقي هجي تہ اڄڪلھ ڊي-اين- اي چڪاس جي سهوليت آهي. سندس خاندان جي ڪنهن فرد جي ٽيسٽ ڪرائي خاطري ڪري وٺي. مير سانگي صاحب، ڊاڪٽر بلوچ صاحب ۽ ٻين وڏي تحقيق ڪري شاهہ صاحب جو خانداني سلسلو ڏنو آهي.[1][2]

علامہ قاسمي صاحب، حضرت پٽ ڌڻي جي باري ۾ لکي ٿو تہ، "شاهہ صاحب سلوڪ جو درس پنهنجي والد شاهہ حبيب کان حاصل ڪيو، جنهن کي سلسليوار پنهنجي وڏن کان سلوڪ جو درس مليل هو."[3] ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي تحقيق موجب حضرت ڌڻي کي طريقت جو سلسلو پنهنجي والد صاحب کان حاصل ٿيو. ڊاڪٽر صاحب جن لکن ٿا تہ، "شاهہ عبداللطيف رحہ پنهنجي والد حبيب شاهہ کان قادري طريقي جي خلافت جو خرقو ڍڪيو."[4] معلوم هجي تہ اهل تشيعت ۾ امامت جو سلسلو هجي ٿو نہ ڪي مرشديءَ جو. اهل سنت ۾ طريقت ۽ مرشدي، مريدي سلسلو هجي ٿو. ان مان شاهہ صاحب جي عقيدي جي پروڙ پئجي سگھي ٿي. مسجدون جوڙائڻ ۽ پنج گانہ نمازن مان پڻ معلوم ٿئي ٿو.

سيد عبداللطيف سچو صوفي صادق هو. هن وٽ اونچ نيچ جو فرق نہ هو. هو صاف دل صالح هو. سندس مطالع ۾ قرآن مجيد، مثنوي مولانا روم ۽ سندس ننڍ ڏاڏي سيد عبدالڪريم جو ڪلام "بيان العارفين" رهيا بلڪ سدائين سيني سانُ سانديل رهيا. قرآن حڪيم مان خدا جي هيڪڙائي ۽ دين جي ساڃاهہ سکيو. تہ مثنوي ۽ بيان العارفين مان سلوڪ ۽ معرفت جا راز سکيائين ۽ سماجهيائين. جنهن مان هن کي ربانيت ۽ وحدانيت جي حقيقتن جي پروڙ پيئي، تڏهن تہ چئي ويٺو تہ:

---

1. مير عبدالحسن سانگي- لطائف لطيفي- ص- 20
2. شاهہ جو رسالو – جلد پهريون- ڊاڪٽر بلوچ- ص- 3
3. علامہ قاسمي – مقالات قسمي - ص- 639
4. شاهہ جو رسالو – جلد پهريون - ص- 33

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پڻ قرب هوس، هو ڪونجڙين ۽ سرهِ پکين لاءِ پڻ دعاگو ۽ دردمند آهي.[6]
ٻن گلرز جي ماءُ مري ويئي ته پاڻ انهن کي پالي وڏو ڪيائين. سنڌن نالا موتي ۽ ڪينهو رکيائين. فقيرن سان ڪاڏي پيتي ۾ ونڊ ورچ برابر جيتري رکڻ، اهي انسانيت جا اعليٰ گڻ آهن. جيڪي مجهس موجود هئا.

ڀٽائي صاحب، سنڌ جائو سيد زادو هو. هن سنڌي سماج ۾ اک پٽي، هن پنهنجي ٽنهي بنيادي ماخذن: قرآن ڪريم، مثنوي رومي ۽ بيان العارفين سان گڏوگڏ پنهنجي عالمگير خيالات جي روشني ۾ سنڌي احساسات کي شاعريءَ جي ڏوريءَ ۾ پوئي سنڌ جي قصن ڪهاڻين جي تاڃي پيٽي ۾ اُڻيو.[7] يقيناً عرب جا شاعر عرب ملڪ جون تشبيهون ،استعارا، ڪنايا ۽ مثال پيش ڪندا ته فارس وارا پنهنجي ديس جا. يورپ وارا پنهنجي وطن متعلق ته پوءِ پٽ ڏٺي ڪو آمريڪا ۽ آفريڪا جا قصا ڪهاڻيون مثالن طور ته پيش نه ڪندو!

ڀٽائي سائين اهي قصا ۽ ڪهاڻيون توڙي مثال پيش ڪيا، جيڪي اڳي ئي سنڌ توڙي اوسي پاسي ۾ مشهور هئا. لطيف سائين پهريون دفعو، پنهنجي شعر کي تفصيل سان مڪاني محاوري، ماحول، نفسيات مطابق سنڌ ۽ ان جي پسگردائي جي عام مروج قصن جي تاڃي پيٽي ۾ اُڻيو. انهي ڪري ملڪ جي هر هڪ ڪنڊ ڪڙڇ جي ماڻهن کي سندس ڪنهن نه ڪنهن سر ۾ پنهنجي ملڪ جو ماحول، پنهنجي ٻولي ۽ زندگيءَ جو عڪس نظر آيو.[8]

"آهي عبداللطيف تي رضامندو رحمان". هو عالمي شاعر آهي، هو آفاقي، الهامي شاعر آهي، هو انسانيت جو شاعر آهي ڪيس ڪنهن دائري ۾ بند نٿو ڪري سگهجي. سندس ڪلام ۾ تصوف جي ڳوڙهن نڪتن، روح اسلام جي حقيقت، محبت جي رازن، رندي جي رسمن ، عشق الاهي جي اسرارن، حياتي ۽ موت جي فلسفي توڙي علم و فڪر جي بين نظرين متعلق به اهم اشارا موجود آهن. هر صاحب شريعت، طالب طريقت، سالڪ حقيقت

6. آڏواڻي_ شاهه جو رسالو_ ص_ 17
7. ڊاڪٽر بلوچ_ شاهه عبداللطيف_ ص_ 80
8. ڊاڪٽر بلوچ_ شاهه عبداللطيف_ ص_ 82-83

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(متلاشي معرفت) عالم توڙي فلسفي سندس اڪثر بيت پڙهي وري وري پڙهندو، سوچي وري سوچيندو ۽ ڀٽائي صاحب جي اهل دل ۽ صاحب نظر هئڻ جي معتقد ٿيڻ بغير رهي ڪين سگهندو. [9]

ڀٽائي صاحب، شاعرن واسطي "اسوهٔ حسنيٰ" ۽ سندس ڪلام جڻ جام جم يا آئينو آهي. [10] سندس ڪلام ۾ سنڌ جي جاگرافي، تاريخ، سماجيات، سياسيات، معشيات، معاشريات، اخلاقيات، اخلا صيات، بهادري، توڙي سخاوت جا انيڪ مثال موجود آهن.

## سر پرياتي جو جائزو:

لطيف سرڪار، تمثيل نگار شاعر آهي. هن جيڪي نيم تاريخي قصا يا ڪهاڻيون پنهنجي شاعري ۾ ڪتب آندا آهن، انهن مان ڪنهن به هڪ کي تفصيل يا جزيئات سان بيان نه ڪيو آهي. هن جي نظر توڙي فڪر هميشه ڪنهن اهم ۽ معنيٰ خيز پهلو تي رهيو آهي. هڪ ته ڪڏهن به ڪو قصو منڍ کان شروع نٿو ڪري ۽ نه وري ان کي مروجه معنيٰ ۾ پڄاڻي تي پهچائي ٿو. [11]

پڻ ڏٺي، سر پرياتي ۾ لسٻيلي جي والي سپڙ جام جي سخا جي ڪهاڻي، پانن، منگتن، مڱڻهارن جي سستي ۽ ڪاهلي جو ذڪر ڪيو آهي. هي سر ونديندڙ ۽ وٺندڙ جي باري ۾ آهي، ظاهري ۽ سطحي طور ته اهو هڪ واقعاتي قصو آهي. لسٻيلي جو حاڪم جام سپڙ رونجهو وڏو سخي ۽ ڏاتار هو، هو منگتن مڱڻهارن، ڏڌن، کي سڏ ڪري پيو ڏان ڏيندو هو، ايرن، اٺهوندن، اپالن، محتاجن، مجبورن، معذورن، مسڪينن، کي پيو نوازيندو هو مگتن، مڱڻهارن، پڻن جو ته پيشوئي هو سخين ۽ سورهن کي ساراهڻ.

پرياتي هڪ راڳڻي جو نالو آهي، جيڪا پرڀات ڦٽي يا اسر ويل ڳائبي آهي. جنهن کي شاهه صاحب پنهنجي فڪري سانچي ۾ رکي غافل گهرجائو کي تنبيهه پيو ڪري ته ويل پئي وڃي، ۽ ستو پيو ننڊون ڪرين. هتي سپڙ سخي

9. ڊاڪٽر بلوچ_ شاهه عبداللطيف_ ص.83 (10) ايضاً، ص.113
11. ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو_ شاهه لطيف_ ص، 14

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سـپـڙ ڪـري سـڏ، ڏڏو ڏولـيءِ چـاڙھـيـو (23)

مگٽو نہ بنھ بيوقوف آهي پر سخي سپڙ نہ وري پيو سڏ ڪري ۽ ڏي، پوءِ توکي کھڙو اياڳ ورائي ويو آهي . هو پلٽي نہ پٽ پري جي ڏمرجي نہ بہ پيو ڏي، ترهي چاڙهيو تار پيو اڪاري، پوءِ تون آهين سو پنهنجي عقل جي راند پيو رهين. ادا منا! تنهنجي اها عقل واري راند ڪوٽي آهي، تون اها ٻولي ڪرجيڪا ٻيلي ڏٽيءِ کي پسند آهي.

ٻـولـي ٻـيـلـي جـي ڪـري، پـاسـي پـر پـئـو

سـٽـائـي سُـتـن کـي وهـاٽـيءِ وئـو

چاٽي ڪين پئـو، سر سـڪـيـو ئـي هـيـڪـڙو. (24)

اي خود ساخته ڏاها ادا! اتي رڳو تونهين تون جي تنوار ٿي قبول پئي ٻي ٻولي ڪين ٿي پڄهجي، دلين جا ساز ۽ راز تا چاڻجن . سو تون عقل گم ڪري، ماوراءِ عقل تي اعتبار ڪر نہ مان ماڻين،اياز ٿي نہ اعزاز ملندوءِ . ورنہ بي مراد ٿي هليو ويندين:

اگـهـيـا ويـڻ وهـاڳ،ڏنـگـا قـڏا ڏڏ جا،

متي موٽئا مگٽي سـندس ڏيـنـهـ سـهـاڳ،

رونـتـو ڏاران راڳ، سـپـڙ رات سـمـگـئـو. (25)

24. ڊاڪٽر بلوچ_شاھ جو رسالو_ص_123 25. ايضاً، ص،123

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر سيد مخمور بخاري

# سر پرياتي جو جائزو

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌي شاعري ۽ ٻولي جو هڪ اهم ۽سگهارو استعارو آهي. هن جي ڪلام، فڪر ۽ اسلوب کان سواءِ سنڌي شاعري جي شڪل صورت اها ساڳي نه رهندي بلڪ منجهس جمالياتي عڪس بنهه ٻسا نظر ايندا. شاهه لطيف بلاشبہ پنهنجي ڪلام، ٻولي، خيال ۽ اظهار جي انداز سبب سنڌي ڪلاسيڪل شاعري ۾ بنهه اوچي پد تي جرڪندي نظر اچي ٿو. شاهه سائين پنهنجي مشاهدي جي سگهه تي سنڌ جي تاريخي، نيم تاريخي ڪردارن کي پنهنجي شاعري ۾ سموهيو آهي، ان جي حوالي سان سندس ڪلام جون ڪيترين ئي خصوصيتون بيان ڪري سگهجن ٿيون.

شاهه جي رسالي ۾ موجود سُر پرياتي حقيقت ۾ سر بلاول جيان مڱڻ ۽ وڄڻ بابت چيل هڪ سُر آهي. هن سر ۾ خاص طرح لسٻيلي جي مشهور سخي سردار سپڙ ڄام جي سخا بيان ڪئي وئي آهي. هن سر کي ڪن رسالن "سرپرياتي" نه ڪن ۾ "سر جاجڪاڻي" پڻ سڏيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ هاڪارو عالم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو:

"هن سر جو نالو ان آڳاٽي رسم جو يادگار آهي، جڏهن پيشہ ور مڱڻهار پريات جو سوير اٿي سمن سردارن جي درن تي بيهي ڪين ساراهيندا هئا. جيڪي منگتا وڏا هنرمند ۽جاجڪ هئا، سي پنهنجي جاجڪاڻي ڳائڻ ۾ سردارن کي "مشابتون ۽ سُيون" ڏيندا هئا......

'جاڄو جاجڪن، ڀانن ۽ چارڻن جي ان هنرمندي ۽ ساراهه واري ڳائڻ کي "جاجڪاڻي" چيو ويو، ٻئي طرف خاص طرح پريات وارين ساراهن ۽ صدائن جي سر ۽ ڳائڻ کي عام نالي "پرياتي" سان سڏيو ويو"

*(شاهه جو "رسالو- شاهه جو ڪلام، جلد ٽيون، ص40)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه سائين جي چيل سر پرياتي کان اڳ، اسان کي سنڌ وڏي همعصر ۾ سنڌي ڪلاسيڪي شاعري جي هڪ اهم شاعر ميين شاهه عنايت جي رسالي ۾ پڻ سر پرياتي "سرود پريات"جي نالي سان موجود ملي ٿو. شاهه عنايت جي "سرود پريات" ۾ ڪيترين ئي خوبين نظر اچن ٿيون. اهي ئي مضمون ۾ خيال آيل آهن. جيڪي شاهه لطيف بيان ڪيا آهن. ان کان سواءِ شاهه عنايت جي پٽ شاهه شريف پوٽي بلال شاهه پڻ سر پرياتي جا بيت چيا آهن.

پٽائي گهوٽ جي سر پرياتي ۾ ظاهر ۾ سخي سپڙ چارڻ ۽ وڄتن جو ذڪر موجود آهي پر سر جي اونهي اڀياس سان لطيف سائين جو انسان شناس ۽ انسان دوستي وارو بنيادي نڪتو نظر اچي ٿو. جنهن مطابق انسان کي پيائي واري وات چڙهي پوندي. هن سر ۾ سپڙ چارڻ ۽ وڄتا ۾ مکيہ علامتون نظر اچن ٿيون. جنهن جي ذريعي بندي ۽ مالڪ جي وچ ۾ ڪيفيتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

## سر جو فڪري جائزو:

"ڏڏ تي ڏان گهر تون، چڏ وڄا جي وائي"

اندر ڪورو ڪر، خالي ڪر، اندر ۾ لاتعداد جي بت ڪڙا آهن. جيستائين انهن کي پيچي پورا پورا نہ ڪندين، جيستائين پنهنجي شناخت، سڃاڻپ نہ متائيندي، جيستائين پنهنجي نفي خود نہ ڪندين، پنهنجي مٽي تي غرور ڪرڻ ڇڏي ڏي، مٽي خود تي چا تڪبر ڪندي؟ اها تہ آهي مٽي جيڪا هوا جي زور تي اڏري وڃي ٿي، ۽ ذرو ذرو ٿي وکري وڃي ٿي. مٽيءَ جي پتلي تي غور ڪر، اندر ڪورو ڪر، پنهنجي اندر جي اصليت تي سوچ ويچار! تون ڇا آهين؟ تنهنجي روح ۽ ان جي لباس جسم جي حقيقت ڇا آهي، اهميت ڇا آهي، بنهي جي ڳنڍ هجڻ جو ڪارج ڇا آهي. روح کي بقا ڇو آهي؟ جسم کي فنا ڇو آهي؟بقا ڇا آهي؟ فنا ڇا آهي؟انهن سوالن جا جواب توکي ڳولڻا پوندا آهن. جواب تنهنجي اندر ۾ موجود آهن! تون ڳولا جو سفر ڪر. سفر در سفر ۽ سفر من اندر. ڏس تہ ڇا ٿو توکي پلئہ پوي. اندر جي کهڙي ڳڙ کي مان درشن ٿو نصيب ٿئي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون خلقيو ويو آهين. پنهنجي سڃاڻپ لاءِ ! پوءِ تون پنهنجي سڃاڻپ ڇو نہ ٿو ڳولين! تنهنجي اندر جا بت ايڏا طاقتور ڇو آهن؟ تون انهن جي نفي ڇو نہ ٿو ڪرين؟ توکي اها خبر بہ آهي تہ توکي تنهنجي سڃاڻپ لاءِ ڪيترو مختصر وقت ڏنل آهي.

سيراندي ساز ڪيو، سمهين ساري رات
جاجڪاڻي ذات، اي هوءِ اڳهين؟

۽ ڪٿان تنهنجي ڪنين اها بہ تلقين پوي پئي.

ستو ڪيئن ننڊون ڪرين، روهاڻي روءِ،
سيان ساز سنڌوءِ، پيو هوندو پٽ ۾.

جي توکي ان ڳالھ تي فخر آهي تہ تون اعليٰ نسب سان تعلق رکين ٿو ۽ اها ئي تنهنجي سڃاڻپ آهي تہ تون نقصان ۾ آهين! هي نسب/قبيلا تنهنجي اڻ ڄاڻائي ۽ بي سمجھي جي سڃاڻپ آهن پر تنهنجي حقيقي سڃاڻپ جا مظهر اهي نہ آهن جيڪي تون سمجهين ويٺو آهين! توکي ڇو نہ ٿو سمجھ ۾ اچي تہ تون انهن مان مرتبن سان پنهنجي مالڪ وٽ سرخرو نہ ٿوتي سگهين!

ڏات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي،
آريون اپوجهن جون، سپڙ ڄام سهي،
جو راءِ وٽ رات رهي، تنهن جکي تان نہ ٿئي.

ان وٽ رهڻ سان ڏک لهي وڃن ٿا ،سورن جي شدت جو احساس ختم ٿي وڃي ٿو بلڪ سور ئي موڪلائي وڃن ٿا. پر تون اجا اهو سوچيو ئي ناهي! بيشڪ خدا جي فرمان موجب "انسان وڏي نقصان ۾ آهي." توکڏهن ويچاريو آهي. تون ڪٿي آهين." ۽ جن سپڙ ڄام سان رهاڻيون ڪيون ۽ راءِ وٽ رات رهيا آهن ، اهي ڪٿي آهن؟

پيو ليٽين لٽ، سڃيون راتيون سمهين،
اٿي آڏي نہ ڪرين، سپڙ ساڻ سهٽ،
رونجهي رات اپٽيا، پيتائين پاٽيٽ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تڏهين تہ هيترا ڏينهڙا تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ پيا ويو آهن.

ڏاتار ڏک ڪيا، پاڻا متي مڱٽين،
مون در ڇڏيو مڱڻا! مڱين ڪوهہ پيا؟
تڏهن تو پيا، وچان ولهان ڏينهڙا.

هن جي سخا جي ڳالهہ ڪري نہ ٿي سگهجي ، هن جي سخا لاحساب آهي. هوئي مالڪ آهي، جيڪو پنهنجي بندي کي پاڻ ڏي سڏي ٿو ان جي سمورن اپوجهائپ جي باوجود هو پنهنجي بندي کي پاڻ ڪان گهرڻ جي تلقين ڪري ٿو. هو وڏو "رحمٰن و رحيم" آهي. هن جي رحم و ڪرم جي طفيل ئي هي جهان قائم آهي. هو سڏي ٿو ۽ بار بار سڏي ٿو. هو رحم ڪري ٿو ۽ بار بار ڪري ٿو. هن جي انهي وڙ سان صوفي کي هن مان عشق ڪرڻ جا پور پون ٿا.

اٿيو اپوجهاءُ، سپڙ جو سڏ ٿيو،
جيئن اٿين ڪيرت ڪٽ نہ سڪيا، تئن پاڻا ريڏو راءِ،
مڱو مون ملاءُ، آئون اوهان جو آهيان.

جڏهن جام ايڏو سخي هجي جو ور ڏئي سڏڙا ڪري ۽ پاڻ وٽ گهرائي تہ ان ويل مڱڻي جو وڙ آهي تہ هو پاڻ مٿائي عاجزي، انڪساري ۽ هيڻائين وٺي ان جام جي دربار ۾ پيرپائي ۽ هر هر پنهنجي عاجزي ڪري، ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان ان جي اندر مان بت پڇڻ شروع ٿيندا، ۽ اندر ڪورو ٿيندو، خالي ٿيندو، اڻ ڇاٽائي ۽ بي سمجهي جي غفا ۾ گهاريندڙ اي انسان! توکي ان سپڙ جام جي دربار ۾ پنهنجي هيٺائي، لاچاري ۽ بيوسي ظاهر ڪرڻي پوندي، توکي پاڻ کي اتي ثابت قدم رکڻو پوندو. ۽ تنهنجي اندر مان لحظي لاءِ بہ سخي سردار جي تات طلب گهٽجڻ نہ گهرجي.

سپڙ ساهُ پَساهُ ڄاڃڪ! ڄم وسارئين

توکي ان مقام تي ايتري تہ انڪساري ڪرڻي پوندي جو سخي جام دربار جي چائنٽ کي چمندو رهہ، ڇاڪاڻ تہ تنهنجي حقيقت بہ اها آهي تہ تون ان جام جي سامهون هميشهہ جي لاءِ پنهنجو پاڻ مٿائي ڇڏ! تون پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي پنهنجي سڃاڻپ جي بجاءِ هن جي سڃاڻپ سان ڳاڻ! چاڪاڻ تہ "تون" اهو ناهين جيڪو پاڻ سمجهين ٿو بلڪ "تون" اهو آهين جيڪو ڪجهہ بہ ناهي فقط هوئي پاڻ آهي. تنهنجي انڪساري ۽ هيڻائين ايتري تہ هجي جو تون ڪجهہ بہ نہ هجين:

تون سپڙ آئون سيڪڙو، تون صاحب آئون سڳ،
پڇي تنهجو پڳ، ڪلهي پاتم ڪينرو.

❋

تون سپڙ آئون سيڪڙو، تون ڏاتار ائون ڏوهہ،
تون پارس آئون لوهہ، جي سڄين تہ سون ٿيان.

مالڪ عاجزي ۽ انڪساري ڪندڙن کي پسند ڪري ٿو، هن جي نظر ۾ اهي ئي ممتاز بڻجن ٿا، اهي ئي ڪندن بڻجن ٿا جيڪي پنهنجي هستي ان جي لاءِ مٽائي ڇڏين ٿا. ظاهري وجود جي حيثيت جيڪڏهن تسليم ڪئي وئي تہ پوءِ هن مٽي جي وجود کان ٽپي روح جي حقيقت تائين پهچڻ ڏکيو ٿي پوندو. وجود جي هجڻ جي نفي ڪرا اي سالڪ تنهنجي عاجزي ۽ انڪساري جي اها حد هجڻ گهرجي جو تون هن جي راهہ ۾ پاڻ کي مٽائي ڇڏ! فنا ڪري ڇڏ! پوءِ ڏس تہ ڪهڙي ريت هو توکي سرفراز ڪري ڇڏي ٿو. توکي رڳو پاڻ مان "مان" يعنيٰ پاڻ کي ڪجهہ سمجهڻ، پنهنجي علم، عقل ۽ ظاهري مان مرتبي تي فخر ڪرڻ ڇڏڻو پوندو. پاڻ تي ضبط رک! پنهنجي علم کي پنهنجي عاجزي ۾ بدلاءِ ۽ پاڻ ۾ نهٺائي، انڪساري، عاجزي، هيڻائي، لاچاري پيدا ڪر. پوءِ ان در تي وڃي سخي سردار کي پڪار! جيڪڏهن تو ائين نہ ڪيو تہ پوءِ ڪجهہ بہ پلئہ نہ پوندئي، چاڪاڻ تہ اهو در عاجزي ۽ هيڻاهين ڪرڻ وارن لاءِ آهي، اهو در پاڻ کي اٻوجهہ سمجهڻ وارن لاءِ آهي جو تہ راجا اٻوجهن تي ريجهي ٿو:

جاڻين توءِ مَ جاڻ، اي در اٻوجهن جو،
ان در سيئي اگهيا، جن نہ ياڻيو پاڻ،
رونجهاڻي راڄاڻ، آهي اٻوجهن جو.

جڏهن تون اندران ڪورو ٿي ويندين، تنهنجي اندر جا سڀ شڪ لهي ويندا، غرور، تڪبر، وڏائي، لالچ، دوکي، دولاب جا سمورا بت ڀڄي پوندا ته پوءِ تنهنجا سمورا اهنج لهي پوندا ۽ ان ويل ئي مالڪ نظر عنايت ڪري ٿو ته پوءِ هر طرف هڪ چمڪ ٿئي ٿي، جڻ سموري ڪائنات روشن ٿي وڃي ٿيءِ ان لمحي ۾ سالڪ فنا مان بقا حاصل ڪري ٿو. "حق" ان ۾ سمائجي وڃي ٿو ۽ سالڪ جو رتبو متجي وڃي ٿو. هن جي نيڻ نهارَ ۾ پوءِ بس هڪ ئي عڪس پسجي ٿو. جنهن ۾ هن تي "راڻو ئي راڻو ري راڻي هيو ناهه ڪو" واري ڪيفيت طاري رهي ٿي.

ڪرت راهه گم ڪي، ڇاڻ وڃايو ڏاڻ،
جي سڃاڻين پاڻ، ته سيوئي سبحان تين.


Scanned with CamScanner

# سُر پرڀاتي

1. سُر پرڀاتي ڪلاسيڪل ويراڳ جو سُريا راڳ آهي. پرڀاتي ويراڳ جو چوٽيهون سُر آهي ۽ سياري جي موسم جو پنجون راڳ يا سُر آهي سُر پرڀاتي مٿين سرن جو راڳ آهي. هيءَ علي لصبوح جو راڳ آهي، سياري جي ڏکهي رات کان تنگ ٿي اسان جا استاد موسيقار شاهہ سائين هي راڳ ايجاد ڪيو. هي راڳ آسا، پورب ۽ بلاول راڳن کان مختلف راڳ آهي، سُر آسا ۾ ٽيپ سُر پوبان آهي، پر پرڀاتي ۾ پهريان آهي. سر آسا ۽ سر پرڀاتي ٻن ٻن گرامن وارا سريا راڳ آهن. ٻئي راڳ صبوح جا راڳ آهن، ٻئي سُر سياري جا سُريا راڳ آهن. اها ٻنهي سرن ۾ هڪجهڙائي آهي. هي وضاحتون شاهہ سائين جي راڳ ويراڳ مطابق آهن. سُر پرڀاتي ٽئين ڪلاسيڪل دؤر جو راڳ آهي.
2. راڳ ويراڳ شاهہ سائين جو تيار ڪيل سنگيت نامون آهي. راڳ ويراڳ ڪلاسيڪل موسيقي جو سنگيت نامون آهي. جنهن ۾ ستٽيهہ سُريا راڳ آهن. جنهن سنگيت نامي ۾ چئني مندن جا راڳ آهن. راڳ ويراڳ مارڳي ڪلاسيڪل راڳن کان بنهہ مختلف بہ آهي تہ ڪجهہ هڪجهڙايون بہ اٿن. مارڳي ڪلاسيڪل راڳن لاءِ ڪوبہ ساز مقرر ناهي. ڪڙتال، يڪتارو، سارنگي، بانسري، پکواز، طبلو وغيره جهڙا ساز مارڳي ڪلاسيڪل ۾ ساٿاري ساز آهن. راڳ ويراڳ جي پڌرائي ڏوهيڙن يا بيت سان ڪئي ويندي آهي. مارڳي ڪلاسيڪل جي پڌرائي بہ اها ئي آهي، تنهن ڪري اها ٻنهي ڪلاسيڪل راڳن ۾ هڪ جهڙائي آهي . برصغير ۾ راڳ وارو اصطلاح ڀٽ شاهہ کان شروع ٿيو.
3. راڳ ويراڳ جاتي سنگيت جي ڪلاسيڪل راڳن جيان ڪنهن خانداني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مفروضي تي ٻڌل سنگيت نامون ناهي. راڳ ويراڳ راڳڏاري اصولن تي مبني سنگيت نامون آهي . راڳ ويراڳ صرف تنبور ساز جي ساٿ سان آراسته آهي، جڏهن ته جاتي سنگيت ۾ سنک، مرلي، بانسري، سارنگي، طبلو، پکواز وغيره جهڙا ساز شامل آهن. راڳ ويراڳ چئن مندن تي آڌاريل سنگيت نامون آهي. جڏهن ته جاتي سنگيت ڇهن فرضي موسمن تي آڌرايل آهي. ڪنهن حد تائين موسمي هجهڙائي پنهي راڳن ۾ نظر اچي ٿي. سارنگ، بسنت، سريراڳ، آسا وغيره جهڙا راڳ پنهي سنگيت نامن ۾ موجود آهن.

4. جديد هندستاني ڪلاسيڪل سنگيت جيان راڳ ويراڳ صديون اڳ ۾ راڳڏاري اصولن پٽاندر تيار ڪيو ويو آهي. پر پنهي ڪلاسيڪل نظرين ۾ گهڻو اختلاف موجود آهي. هندستاني ڪلاسيڪل ۾ چئن سُرن سان ٽي سُرتيون ملائي ست سُر بنايا ويا آهن. جڏهن ته راڳ ويراڳ ۾ چار سُر آهن. ڪي به سُرتيون راڳ ويراڳ ۾ شامل ناهن. راڳ ويراڳ جا سمورا سُر راڳ ئي آهن. جڏهن ته جديد هندستاني ڪلاسيڪل، جاتي سنگيت ۽ مارڳي سنگيت ۾ راڳڻيون به آهن. هندستاني ڪلاسيڪل راڳ جي پڌرائي سُرن يعني سر گم وسيلي ڪئي ويندي آهي.

5. راڳ ويراڳ مارڳي ۽ جاتي راڳن جيان ڪورس ۾ ڳايو ويندو آهي. ايئن ئي مارڳي ۽ جاتي سنگيت جا راڳ پڳت ۽ سنگ ۾ ڳايا ويندا آهن. پر اڪيلي سر به ڳايا وڃن ٿا. راڳ ويراڳ ۾ اڪيلي سرڳائڪي جو ڪوئي اصول موجود ڪونهي. توڙي جو هن ٽنهي ڪلاسيڪل سنگيت نامن ۾ راڳ جي پڌرائي بيت، شلوڪ، يا ڏوهيڙي سان ڪئي ويندي آهي. راڳ ويراڳ راڳڏاري اصولن تي مبني آهي ۽ ٽئين ڪلاسيڪل دور جو سنگيت نامون آهي.

6. راڳ ويراڳ ۾ شامل ساز تنبورو چئن فطري آوازن جي آڌار تي جوڙيل ساز آهي. 1- ڇوڪر جو آواز 2- مرد جو آواز 3- ڇوڪريءَ جو آواز. 4- عورت جو آواز. تنبور جا ماخذ آواز آهن. ڇوڪري جي آواز جو سُر زبان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تار سان ڪيو ويو. مرد جي آواز جو سُر گهور تان سان ڪيو ويو. ڇوڪريءَ جي آواز جو سُر چيڙ تار تي رکيـ ويو. عورت جي آواز جو سُر ٽيپ جي تار سان ڪيو ويو آهي. جڏهن ته تنبور ۾ پنج تارون آهن. پر چيڙ وارو سُر ڇوڪري جي آواز تي آڌاريل آهيءَ تنهنڪري عورتاڻي چنچلتا کي نظر۾ رکي ڇوڪريءَ واري تار ۾ اها لچڪ رکي وئي آهي. اها تار ڇوڪريءَ جي ٻاراڻي چنچلتا ظاهر ڪري ٿي.

7. چئني آوازن جو بنيادي فرق به ظاهر ڪجي ته ڇوڪري ۽ مرد جي آواز ۾ يا ڇوڪريءَ ۽ عورت جي آواز ۾ ڇمار جي فرق ڪري، انهن جي آواز ۾ نمايان فرق فطري آهي. عورت ۽ مرد جي آواز ۾ جسماني ساخت ۽ بيهڪ جي ڪري به نمايان فرق آهي. ڇو ته عورت جي نڙي سنهي آهي تنهن ڪري عورت جو آواز مرد جي پيٽ ۾ فريڪوئينسي جي حوالي سان پري تائين پهچندو آهي. ٻين جي پيٽ ۾ ٽيون جنسي فرق به آهي جيڪو عورت ۽ مرد جي آواز ۾ لچڪ ۽ ڪوَمل هجڻ کي پڌرو ڪري ٿو.

8. ڏسو عورت ۽ مرد جي فريڪوئينسي وارو ڇوڪر ۽ ڇوڪري جي فريڪوئينسي وارون نقشو ۽ تارن وارا سُر ۽ بيهڪ

## نقشو نمبر -1

| | |
|---|---|
| ڇوڪريءَ واري تار | منو ڪلوميٽر جي فريڪوئينسي |
| عورت واري تار | سوا ڪلوميٽر جي فريڪوئينسي |
| مرد واري تارَ | هڪ ڪلوميٽر جي فريڪوئينسي |
| ڇوڪر واري تار | اڌ ڪلوميٽر فريڪوئينسي |

مٿيون نقشو پوري تار وارن سرن جو آهي، ان کان علاوه سرن کي گهٽ وڌ ڪرڻ وارو ۽ سمورن سُرن وارو نقشو ڏيڻ به ضروري آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## نقشو - 2

| | |
|---|---|
| فريڪوئينسي اڌ ڪلوميٽر | ڏيرم چيڙ |
| فريڪوئينسي اڌ ڪلوميٽر | پوري چيڙ |
| فريڪوئينسي هڪ ڪلوميٽر | ڪيڙاڱ چيڙ |
| فريڪوئينسي هڪ ڪلوميٽر | ڏيرم ٽيپ |
| فريڪوئينسي سوا ڪلوميٽر | پوري ٽيپ |
| فريڪوئينسي ڏيڍ ڪوميٽر | ڪيڙاڱ ٽيپ |
| فريڪوئينسي [illegible] ڪلوميٽر | ڏيرم گهور |
| فريڪوئينسي هڪ ڪلوميٽر | پوري گهور |
| فريڪوئينسي سوا ڪلوميٽر | ڪيڙاڱ گهور |
| فريڪوئينسي چوٿاڻ ڪلوميٽر | ڏيرم زبان |
| فريڪوئينسي اڌ ڪلوميٽر | پوري زبان |
| فريڪوئينسي منو ڪلوميٽر | ڪيڙاڱ زبان |
| فريڪوئينسي اڌاڻ ڪلوميٽر | اڌ ڪ زبان |

1. پوري تار
2. ڏيرم تار پوريءَ کان ڪجھ گهٽ
3. ڪيڙاڱ تار پوري تار کان ڪجھ مٿي
4. اڌ ڪ مان مراد زبان واري ڏيرم تار جو اڌ

راڳ ويراڳ جي سُرن جي گهٽ وڌائي بابت سکيا استاد کان وٺڻ ضروري آهي ڇو ته مضراب سان ضرب لڳائڻ ۾ سُر کي ظاهر ڪرڻ يا وجت کي ظاهر ڪرڻ جي سکيا اهوئي ڏيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

9. هاڻي ڏسو تنبور جو نقشو ۽ تارن جي بيهڪ

نقشو نمبر -3





Scanned with CamScanner

سپ کان اول تنبور جي ڄاڙين واريون تارون مجازي فقير پنهنجي آواز ملائيندو. هي چوڪريءَ جي آواز واريون تارون آهن. ان کان بعد ۾ تنبور جي ٽيپ واري تار مجازي فقير پنهنجي آواز سان ملائيندو. ٽيپ واري تار ڇيڙ واري کان تقريبن ھيٺ تي مٿي چاڙهي ملائبي آهي. ٽيپَ تارَ عورت جي آواز واري تار آهي. ان کانپوءِ گهور جي تار وارو فقير پنهنجي آواز سان تار ملائيندو. آخر ۾ زبان تار وارو مجازي فقير چوڪر جي آواز مطابق، پنهنجي آواز سان تار ملائي ونندو. هاڻي تنبور جون تارون ملي ويون.

هاڻي ويراڳي فقير اڳ شروع ڪندا. پر هلال چنڊ جيان اڌ حلقو ٺاهي ويهندا. جن جي مهاڙِ ڪعبة الله ڏي هوندي آهي. ويراڳ لاءِ هڪ مکيہ راڳي هيو ان جي ڪاٻي پاسي کان ويٺل ٽيپ وارو پاسڙيو راڳي ۽ ان جي پر ۾ ٽيون ڇيڙ تار وارو پاسڙيو راڳي ويهندو آهي. مکيہ فقير جي ساڄي کان گهور تار وارو فقير ويهندو ۽ ان جي پر زبان تار وارو پاسڙيو راڳي ويهندو ۽ ان جي پر ۾ اڌ وارو فقير ويهندو. جيڪو راڳ ويراڳ جي اصولن پٽاندر وقت سر تنبور جي تنبي تي ضرب هٽي وڄت ڪندو. ياد رهي تہ تال جي وڄت ۾ صرف اها ضرب تنبي لڳندي باقي وڄت جون بيون سپ ضربون تارن تي مِضراب سان لڳايون ويندیون آهن.

ڏسو فقيرن جي ويهي راڳ وارو نقشو




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

10. هاڻي ويراڳ جي شروعات ٿيندي. ان لاءِ ڏسو مکيه ويراڳي فقير سر پرڀاتي جو حقابو پيش ڪندو.

**سر پرڀاتي جو حقابو:**

وڄت ٻول: الوميان، تون ئي تون ميان!

ماترڪ ڇيد: 1+2+1+2، 2+2+2+1+2

**گرام: ڇيڙ+ ڏيم ٽيپ**

**پڌرائي:**

اڄ نه پاڻ پير، جئن ڪينر ڪيريءَ ٽنگيو.
سونهاري صبوح سين، وڃي ويٺين ويرُ،
توکي چوندو ڪيرُ، ڪيرت ڏارن مگڻو.

تهان بعد وائي ڇيڙي ويندي

11. ڏسو سر آسا جو حقابو:

وڄت ٻول: هلو ميان لا، لا ميان لا

ماترڪ ڇيد: 1+2+1+2، 2+1+2+2

**گرام: ڇيڙ+ ٽيپ**

**پڌرائي:**

لوچان ٿي لاحد، هادي لهان نه حد.
سپريان جي سونهن جو نڪو قد نه مد،
هت سڪڻ بيحد، هت پرينءَ پرواهه ناهه ڪا

12. راڳ ويراڳ ڪورس ڪان سوا بهترين ڊرامائي تشڪيل جو نمونو به آهي. جو ته عورت ڇوڪريءَ ۽ ڇوڪر وارا راڳي مجازي راڳي آهن. هن دؤر ۾ درگاهه واري ويراڳ کانسواءِ حقيقي ڪردارن وارا آواز آٿيا ته اهو هڪ واڌاري وارو عمل هوندو.

## هاڻي ڏسو سُر پرياتي واري هن مضمون جا ٽِپَ:

1. پرياتي جو تعارف
2. ويراڳ سنگيت جو مارگي سنگيت سان تقابلو
3. ويراڳ سنگيت جو جاتي سنگيت سان تقابلو
4. ويراڳ سنگيت جو جديد هندستاني ڪلاسيڪل موسيقيءَ سان تقابلو
5. ويراڳ بابت مختصر ويچار.
6. ويراڳ جي ساز تنبور ۽ آوازن جو ذڪر.
7. آوازن جو بنيادي فرق
8. آوازن وچت جي سائنسي اپٽار ۽ نقشا.
9. تنبور جي ملائڻ بابت ويچار ۽ نقشا
10. سر پرياتي جو حقابو
11. سر آسا جو حقابو
12. ويراڳ جي ڊرامائي صورت

## مددي ڪتاب:


1. 'شاهه جو رسالو' گنج شريف
2. 'شاهه جو رسالو' شاهواڻي وارو
3. 'شاهه جو رسالو' سڪر وارو ڇاپو
4. 'سنگيت نامون' راڳ ويراڳ اڻ ڇپيل
5. 'راڳ ساگر'
6. 'سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ'
7. 'علم موسيقي'
8. 'سنڌي راڳ ۽ تال'
9. 'ڪلاسيڪل موسيقي' (اردو)
10. 'زاويئہ موسيقي' (اردو)
11. 'اميرو خسرو ڪا علم موسيقي' (اردو)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نذير ناز

# سر پرڀاتيءَ جو اڀياس

صدين کان دنيا قائم آهي ۽ انهيءَ جو وهنوار صدين کان جاري ۽ ساري آهي. جيئن رات ٿيندي آهي هر انسان رات ايندي انهي اميد سان سک جي ننڊ ڪندو آهي، سڀاڻي جيڪو نئون سج ابرندو .انهي جا روشن ڪرڻا زندگيءَ ۾ روشنيءَ جا نوان ڪرڻا جوت ۽ امنگ ۽ خوشين جا رنگ وکرجي ويندا.

پر اُهو ابرندڙ سج جيون ۾ ڏک بک بدحالي جا ڪئين ڀيانڪ روپ ڪٺي نروار ٿئي ٿو، ڪي نه انسان انهيءَ حال ۾ زندگي جئين تئين گذاري هن دنيا مان هليا ويندا آهن پر ڪي ڏاها انسان اهو برداشت نه ڪري سگهندا آهن. اهي ڏاها انسان ڪڏهن پيغمبر ڪڏهن مفڪر ڪڏهن شاعر جي روپ ۾ جنم وٺندا آهن. هنن جي دل ۾ پنهنجي قوم جي بقاءِ نسل ڪي بچائڻ لاءِ جذبو نڪري نروار ٿيندو آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ٻارهين صديءَ جو هڪ وڏو عظيم انسان هو ۽ شاهه جي دور ۾ سنڌ سياسي طرح وڏي ڪشمڪش ۾ مبتلا هئي. مغلن جي غلاميءَ کان اڃا سنڌ آزاد ٿي هئي نه مٿان نادر اچي ڪڙڪيو اجا سنڌ نادر جي ظلم کان ڪجهه ساهه پٽيو نه وري قنڌارن جي ظلم برپا ڪيو. غيرن جي غلامي ڌارين جي پٺي در پٺي ڌاڙاين شاهه سائين جي ذهن کي گهڻو متاثر ڪيو. سنڌي قوم جي ڪاهلي، جيڪا مختلف دور جي حاڪمن ۽ لٽيرن کان شڪست بعد سستي جي ڪوهيڙي ۾ وڪوڙي وئي هئي، تن کي شاعري ذريعي زندگي جو معيار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ستل قوم کي جاڳائڻ لاءِ ان قوم جي تاريخي روايتن کان ڪم ورتو حقيقت ۾ زنده قومون فقط آسرن، اميدن ۽ تمنائن جي سهاري جيئرو نٿيون رهي سگهن. هنن کي جيئڻ جو طريقو ٻڌايو ٿو وڃي، بس جدوجهد ڪرڻ جو درس قوم کي شاهه سائين ڏنو.


Scanned with CamScanner

هن دوستن دشمن جي سڃاڻپ جي سگهه ۾ واڌ ڏيکاري. هن شاعريءَ ۾ ٻڌايو ته خوشحالي جا ٺلا خواب نه ڏسجن .نڪي ننڊون ڪري وقت وڃائجي، بلڪ حقيقي طرح جدوجهد ڪجي.

ان ڪري شاهه سائين پاڻ خود سفر ڪيا. پاڻ وچي اکين سان مشاهدا ڪيا ڇاڪاڻ ته هن جي دل ۾ قوم جي بيحسي ڏسي اندر ۾ هڻ تڻ متل هئي، انڪري پاڻ ڪٿي به سڪون سان نه ويٺا. سنڌ جا ڏورانهن ڏور سفر ڪيا. انهيءَ سفر ۾ لسٻيلو به ويو لسٻيلو جيڪو ڪوهستان جي علائقي ۾ آهي. جڏهن سائين اُتي پهچن ٿا ته اتي جي حاڪم سپڙ سخي جي ساراهه ٻڌي ٿو حاڪم سخاوت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. جو هڪ مڱڻهار جي صدا تي تازي گهوڙا انعام طور عطا ڪري ڇڏي ٿو حاڪم جي سخاوت شاهه تي اثر انداز ٿي. سر پرياتي جنم ورتو پرياتي هڪ راڳڻي جو نالو آهي اها راڳڻي پرهه ڦٽي ، يعنيٰ اسر ويلي ڳائي ويندي آهي.

سر پرياتي سڄو سخي سپڙ جي تعريف ۾ آهي. جيڪي مڱڻهار ۽ سوالي هن وٽ ويندا هئا. ان کي ڏاڍيون بخششون ڏيندو هو. ڪو سوالي هن جي در تان خالي ڪونه موٽندو هو. هو سخاوت ڪري ملڪ ۾ مشهور هو. شاهه سائين سخي حاڪم جي هن ريت ساراهه ڪري ٿو.

ڏاتار تـه تـون، ٻيـا مـڙيـئـي مڱـڻـا،
مدائـتـا مـيـنـهـن وسـڻـا، سدا وسـيـن تـون،
جي گهر اچين مون، ته ميريائي مان لهان.

شاهه جي ساراهه جو سنئون سڌو لاڳاپو ۽ ڳانڍاپو روحاني طور تـه رب پاڪ سان آهي، جئين ڏني تعاليٰ جي ڏيڻ جي ڪا به موسم ناهي، جنهن مهل به رب پاڪ مهربان ٿئي، بي حساب ڏيندو رهي ٿو باقي ظاهري طور ڪلام پڙهڻ سان ائين لڳو ته شاهه سائين هڪ بادشاهه کي گهر اچڻ جي دعوت ڏني ته تنهنجي اچڻ سان عزت حاصل ڪندس.

ستو ڪئين ننڊون ڪرين، رو وهاڻيءَ روءِ،
سيـان سـاز سـنـدوءِ پـيـو هـونـدو پـٽ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سستي ۽ ننڊ کي ڇڏ، انهي مان ڪجهه حاصل ڪو نه ٿيندو. اٿ همت ڪر، عمل جي ميدان ۾ نڪري نروار ٿي ۽ ترقي ۽ عروج کي حاصل ڪر. وقت جي نزاڪت کي سڃاڻ پنهنجي فرضن کي نه وسار اجايو وقت نه وڃائي پنهنجي اهليت ۽ لياقت کي استعمال ڪر ۽ عزت ۽ عظمت جيڪو انسان جو حق آهي، انهي کي حاصل ڪر. ويل وئي ته وري هٿ نه ايندي، جي ماڳ ماڻٺو اٿئي ته ننڊون ڪرڻ ڇڏ. عمل ڪرڻ سان ماڳ ملندو آهي. سر پرياتي ۾ شاهه سائين فرمائين ٿا.

ذات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي،
آريون، اپوجهن جون، سپڙ ڄام سهي،
جو راءِ وٽ رات رهي، تنهن جُڪي تان نه ٿئي.

هن بيت ۾ روحاني نڪتو سمايل آهي، شاهه سائين جي نظر ۾ ذات پات تي مت پيد دور ڪندي چون ٿا. ڪڙم قبيلي تي فخر ڪرڻ اجايو آهي ڇاڪاڻ الله پاڪ جي نظر ۾ سڀ انسان برابر آهن، پر انهيءَ کي مرتبو آهي، جيڪو عمل ڪري ٿو مرتبو انهيءَ جي ڪمائي عمل جي ڪري آهي. زندگي ۽ آخرت ۾ عمل اهي ڪم ايندا. جيڪي پنهنجي اهليت سان ڪيا هوندا خلوص ۽ دل سان ڪيا هوندا.

شاهه سائين جي نظر ۾ سنڌ ۾ جيڪا بدحالي، معاشي طرح انسان تباهه هو. انهيءَ جو سبب عوام جي سستيءَ ۽ ڪاهلي سبب صدين کان سنڌ جي ٻچي ٻچي کي چيپاٽيو ويو. سستي جي سبب خوشحالي ڦري غريبي، بيوسيءَ ۽ مسڪيني جو تحفو ڏنو ويو.

شاهه سائين سنڌي عوام جي اُنهي درد کي، انهيءَ سور کي ۽ انهيءَ احساس کي پنهنجي دل ۾ محسوس ڪيو. اهو هڪ سبب آهي شاهه جو موضوع آهن غريب طبقي جا ماڻهو شاهه سائين سرپرياتي جي وسيلي عوام کي سجاڳي جو پيغام ڏنو آهي. شاهه سائين صرف شاعر نه پر حقيقي پيغمبر هو هو وقت به وقت ملڪ و قوم کي پنهنجي ڪلام ذريعي جدوجهد ۽ سجاڳي جو سڏ ڏنو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرپرياتي ۾ سجاڳي سان گڏ اعليٰ مرتبي تي پهچڻ جو درس به ڏنل آهي ۽ اعليٰ حڪمتن، نادر نڪتن سان لبريز آهي ڇاڪاڻ ته انسان محنت و عبادت کان عاري ٿي خراب غفلت جي اگهور ننڊ ۾ ستل آهي، ان جي بيداري لاءِ هي پيغام ڏيندي چيو اٿن،

اُت ڪرت وارا ڪيترا ڪرڻ ڪبو ڪوھ،

جيڪي بندو ڪم ڪري، سو مڙوئي ڏوھ،

تون پارس، آئون لوھ، جي سڃين ته سون ٿيان.

شاھ سائين جي هر پيغام ۾ محبوب جو جلوه نمايان هو. ڪائنات جي هر مخلوق سان محبت ڪرڻ سندس جو ايمان هو پر منزل محبوب ڪي ماڻڻ لاءِ جيڪي تڪليفون ۽ مصيبتون راھ ۾ اچن ٿيون ۽ جيڪي آزمائشون سهٽيون پون ٿيون، انهي جو اپٽار ۽ ان مان پار پوڻ جا طريقا سر پرياتي جي فڪري انداز ۾ نمايان آهن ،ڇاڪاڻ ته جڏهن ڪائنات جي سڄي نظام کي آرام ڪونهي، نکٽ، سج، چنڊ، پنهنجي پنهنجي منزل طرف هلندا رهن ٿا ته مڱٽهار تون ڇو سڄي رات سمهيو ڪاٽيون ڇڏين؟ رات جيڪا اونداهيءَ آهي انهيءَ رات ۾ جاڳڻ، سوچڻ فڪر ڪرڻ سان ئي مقصد ماڻي سگهجي ٿو.

هي پوري قدرت جي ڪائنات مسلسل جدوجهد ڪندي رهي ٿي. هي زمين ۽ آسمان به گردش ۾ آهن. موسمن جو اچڻ ۽ وڃڻ اهو سڀ فطري عمل آهي ۽ انساني فطرت جي عمل جو هڪ حصو آهي. تنهن ڪري ڪيس به فطرت جي مشاهدي مان جيڪي ڪجهه حاصل ٿيو انهيءَ کي شعرن ۾ بيان ڪيو آهي. شاھ سائين جو ڪلام فطرت جو آواز آهي. سُر پرياتيءَ ۾ هن پنهنجي وقت ،ماحول ،حالتن ۽ خيالن کي سليس ۽ وڻندر انداز ۾ پيش ڪيو آهي. تنهنڪري اسان کي اهي پنهنجا احساس محسوس ٿين ٿا ۽ انهن کي پنهنجي دل جو آواز سمجهون ٿا. انڪري شاھ سائين جو ڪلام هر انسان جي ترجماني ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته وقت جي حقيقتن کي انسان جي نفسياتي حسن سان ملائي سر پرياتي ۾ اهڙي موزون انداز ۾ اظهار جو ذريعو بڻايو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي، جو اهو هر دور دل جو آواز بڻجي ويو آهي. تنهڪري سنڌس فڪر جو اثر انساني زندگي تي اهڙو ته ڇانئجي ويو جو سنڌس ڪلام اسان جي زندگي جو حصو بڻجي ويو آهي. هر انسان سنڌس پيغام کي پنهنجي مقصد ۽ فڪري نگاهه کان ڏسي ٿو.

شاهه سائين: انسان ذات کي زندگي جو مان مرتبو ڏيکارڻ لاءِ زندگي ۾ ترقي جون منزلون طي ڪرڻ لاءِ غفلت، سستي، مايوسي، ڪان ڪڍي همت ڏياريندي پنهنجي ڪلام ذريعي همٿايو آهي. بار بار ننڊون ڪرڻ کي ننديو ويو، جاڳڻ ۽ سجاڳي جي تاڪيد ڪئي وئي آهي.

ڪتڻ جي ڪانه ڪرين سٽي ساهين هڏ،
صبح ايندوءِ اوچتي عيد اڳهاڙن گڏ،
جت سرتيون ڪندءِ سڏ،
اُت سڪنديئنءَ سينگار کي.

اعجاز ممنائي

# سيراندي ساز ڪيو

ننڊ غفلت جو ٻيو نالو آهي. خواهه اها ذينهن جي هجي ٻيا رات جي
چو ته ان ۾ نيم بيهوشيءَ واري حالت رهي ٿي ۽ بيهوشيءَ ۾ هر عمل توڙي
دنيا جو هجي يا دين جو قابل قبول نه آهي. شاهه لطيف انسان کي جتي
"تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه" يعني محنت جو پيغام ڏنو آهي. اتي ئي سيرانديءَ ساز
ڪري سمهڻ کي به ننديو آهي چو ته "ننڊ" نياڳ جي نشانيءَ طور استعمال
ٿئي ٿي. فرمايائين ٿا:

سُتين سنجهي، منهن ويڙهي مٺن جيئن

—

سيراندي ساز ڪيو سمهين ساري رات

—

ستو ڪئين ننڊون ڪرين، روئي رات وهاءِ
اٿي آڌيءَ رات کي، پنهنجو تن تپاءِ

—

جٺن ڏکها ڪري پير، سڃيون راتون سمهين

—

غافل غفلت ڇوڙ، تون ڪيئن اٿاسي اوجهرين

مطلب ته شاهه پٽائي هر سٽ ۾ ننڊ کي نهوڙڻ جو درس ڏئي ظاهر
ڪيو آهي ته اهو عمل نفس کي راضي ڪرڻ جو آهي. اهو ڪو چڱو وڙ نه آهي
جو سڄي سڄي رات پنهنجي فرض کان لاپرواهه رهين. پنهنجي مقصد کي
وساري غفلت جي درياءَ ۾ غوطا کائيندو رهين. وقت جو ڪانٽو رڪجڻ جو نه
آهي نه ئي توکي ايتري همت آهي جو ويل وقت موٽائي سگهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## نفس ڇا آهي؟

نفس خواهشات جي معني ۾ استعمال ٿئي ٿو. انسان مٽيءَ جي پتلي هئڻ سبب خواهشات جو مرڪز آهي. ان ڪري نفس کي ٻن حصن نفس اماره ۽ نفسن مطمئنہ ۾ ورهايو آهي. نفس اماره مادياتي شين ڏانهن لاڙو رکي ٿو جڏهن تہ نفس مطمئنہ روحاني تعلقات کي اپارڻ جي خواهش رکي ٿو. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ انسان تہ خاڪ جو پتلو آهي پر روح ڇا آهي؟ ان لاءِ قرآن مجيد جو واضع حڪم آهي.

يسلونک عن الروح قل هو الروح من امر ربي (روح امر ربي آهي لازوال آهي)

ترجمو: اي نبي تو کان پڇن ٿا تہ روح ڇا آهي؟ کين ٻڌاءِ تہ روح منهنجي رب جو حڪم آهي.

هر سامي، جوڳي، فقير، بزرگ ۽ درويشن نفس اماره کي مختلف طريقن سان ماري مجاڻڻ جو درس ڏنو آهي ننڊ بہ اهڙي نفس جي پيداوار آهي، جنهن کي ختم ڪرڻ سان ئي انسانيت جو اصل مقصد ماڻهو سگهجي ٿو حضرت علي[ع] فرمائين ٿا. اڌ رات جو مٺي ننڊ ڦٽائي الله تعاليٰ جو ذڪر ڪرڻ افضل ترين عبادت آهي. جڏهن سڄي دنيا ننڊ ۾ هوندي آهي، تڏهن اڌ رات جو آسمان ۾ قدرتي چانديءَ جهڙي سفيد ۽ وڻندڙ روشني ذڪر ۽ فڪر وارن کي نصيب ٿيندي آهي.

جڏهن انسان پنهنجي اچڻ جي مقصد کي وساري ويهي ٿو تڏهن پريشانيون ان جي رستي ۾ حائل ٿين ٿيون ۽ ويچاري انسان کي ايتري بہ قوت ڪانهي جو انهن پريشانين مان پاڻ کي ڪڍي سگهي. جڏهن قوت بہ کنهن ٻئي هٿ ۾ آهي تہ پوءِ غرور ۽ تڪبر ڇا تي آهي؟ اهو تڪبر تہ انسان جي وصفن ۾ شامل بہ نہ آهي. جو تہ عزازيل سجدي کان انڪار ڪيو تڏهن خدا تعاليٰ ان کان سجدي نہ ڪرڻ جو سبب پڇيو "يا ابليس ما منعک ان تسجد بيدي استڪبرت ام ڪنت من العالمين."

ترجمو: اي ابليس تو کي ان شيءِ (آدم) کي سجدي ڪرڻ کان ڪهڙي ڳالهہ روڪيو جنهن کي مون پنهنجي امر (قدرت) سان بنايو تو تڪبر ڪيو آهي. يا تون عالمين مان آهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تڏهن عزازيل جواب ڏنو ته: "انا خير من خلقتني من نار و خلقته من طين"
ترجمو: مان ان (آدم) کان بهتر آهيان، مون کي تو باهه مان پيدا ڪيو ۽ هن کي تو مٽي مان خلقيو آهي.

ڏٺو وڃي ته اهو سجدو مٽي جي بوتي کي ڪرڻو نه هو پر امر الاهي کي شيطان ٺڪرايو ۽ سرڪش بنجي ويو هاڻي سمجهه ۾ آيو ته سرڪشي شيطاني عمل آهي. ۽ شيطان پاڻ کي امرالاهي کان افضل سمجهيو هاڻي خدا تعاليٰ جي امر جي جيڪو به مخالفت ڪري يا تڪبر ڪري، اهو شيطان جو حامي آهي ۽ شيطان نه ٿو چاهي ته انسان امر الاهي ۾ اچي. پر انسان الله تعاليٰ جي عظيم احسانن باوجود غفلت جي درياءَ ۾ غوطا کائڻ کي اهميت ٿو ڏئي ۽ پنهنجي صفات جو اهو عرفان حاصل نه ٿو ڪري. جنهن جي ذريعي الله سائين جا اهي اسرار ۽ رموز مٿس آشڪار ظاهر ٿين ٿا. هر آديءَ رات ان مالڪ جو امر پيو اچي، جنهن جي هٿ ۾ زندگي (بقا) ۽ موت (فنا) آهي. اهو امر آهي. "هل انت سائل" (آهي ڪو سوال ڪرڻ وارو) آخر انسان ان امر کي ڪيئن ٻڌي. جو اگهور ننڊ ۾ پيو آهي. شاهه پٽائيءَ ان امر الاهيءَ لاءِ چوي ٿو اي غافل سجاڳ ٿي، اٿي سعيو ڪر. هيءَ دنيا ٿوري وقت لاءِ آهي. ابدي زندگي آخرت جي حياتي هاڻي جيڪڏهن انسان پنهنجو مقصد سڃاڻيندو ته حقيقي منزل کي پهچي ويندو پر جيڪڏهن دنيا جي مشغولين ۽ مصروفتين ۾ پنهنجي زندگي غرق ڪندو ته پڇتاءَ کانسواءِ ڪيس ڪجهه به حاصل نه ٿيندو. انسان نقصان وري به پنهنجوئي ٿو ڪري جو ته هي سڀ مخلوق انسان واسطي خلقيل آهي، پر انسان کي خدا تعاليٰ پنهنجي لاءِ خلقيو آهي. هن زندگيءَ کي هر شعور وارو انسان خواب مثل ٿو سمجهي. جهڙي طرح خواب آيو ۽ انسان پاڻ کي بادشاهه سمجهو پاڻ سان گڏ وزير ڏٺائين، دولت جا بار ۽ شاهي محل ڏٺائين پر جڏهن جاڳي اٿيو ته ڪيس ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. ان ڪر انسان کي گهرجي ته هن دنيا ۾ جيستائين جيئرو آهي ته نيڪ عمل سر انجام ڏئي جو ته اهي ئي عمل سندس ڇوٽڪاري جو ضامن آهن. ياد هئڻ گهرجي ته هيءَ دنيا عمل جي دنيا آهي ۽ آخرت ان جو نتيجو آهي. جوٽي به آهي ته (جيڪو پوکبو سوئي لڻبو) پر افسوس آهي اهڙي انسان تي جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مقصد کي وساري ننڊ ٿو ڪري پنهنجو شان (اشرف المخلوقات) وڃائي (شيطان) سان ناتو ٿو ڳنڍي، جيڪو سندس ڪليو دشمن آهي. شاهه سائين اهڙي انسان لاءِ چوي ٿو: خبردار اي پليل انسان! (سلطاني سهاڳ نندون ڪندي نه ملي) تي غور ڪر حق سڃاڻ. باطل (نفس) سان مهاڏو اٽڪاءِ، غفلت ڇڏ. پرائو حق نه کاءُ. غريبن ۽ مظلومن تي ظلم نه ڪر. حقدارن جو حق ادا ڪر. بيواهن ۽ يتيمن جو يار ٿيءُ. هيٺن سان هر وقت همراه ٿي.

الله تعاليٰ جي حڪمن جي تعميل نه ڪندين ۽ "سيراندي ساز رکيو سڄي رات سمهيو رهندين" ته دنيا توڙي آخرت ۾ ذلالت ڪانسواءِ ڪجهه حاصل نه ڪندين. ننڊ انسان لاءِ حرام آهي، ڇو ته اها غافل جي نشاني آهي خود شاهه سائين جي سورمي سسئي ننڊ ڪري پنهنجو پيار (پنهون) وڃائي ٿي ويهي ۽ جڏهن جاڳي ٿي ته پڇتاءُ ڪانسواءِ وٽس ڪو حيلو نظر نه ٿو اچي. سرتين کي سبق ٿي سيکاري ته:

ننڊ ويرياڻي هوءِ، جيڏيون جم سمهو،
متان مون جئن پوءِ، ورن ۾ واڪا ڪريو.

وقت هٿان نڪري ويو ته، موٽڻ محال آهي. وقت جو مثال به ڪمان مان نڪتل تير ۽ ٿڻ مان ڏڌل کير جو آهي، جيڪي وقت سان هلن ٿا يا سوچين ٿا، سيئي منزل مقصود ماڻين ٿا، وقت محڪوم ناهي، حاڪم آهي جڏهن ڦيرو کائيندو ته شاهن جون شاهيون هليون وينديون.

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه! پير نه لهين پرينءَ جو.

دنيا ۾ سستي نه ڏيکار پر مقصد کي سڃاڻي ان لاءِ وک وڌاءِ ائين نه ٿئي ته وقت هٿن مان هليو وڃي پڇتاءُ جو پهرو ته متان هميشه هميشه لاءِ رهجي وڃي. غفلت جي ننڊ مان اٿي مالڪ جو سڏ ٻڌ ته هو توکي ڇا ٿو ڏيڻ چاهي؟ انسان! توکي عزت ۽ شهرت سان سينگارڻ ٿو چاهي، هو توکي دنيا ۽ آخرت جي دولت سان نوازڻ ٿو چاهي، هو توکي نيڪ ٻانهن جو بادشاهه ٿو ڪرڻ چاهي. هو توکي برن ڪان پري پڄڻ لاءِ ٿو چوي هو توکي پاڻ سڃاڻڻ سان گڏ رب کي سڃاڻڻ جي ساڃهه ڏيڻ ٿو چاهي، هو توکي پاڻ جي ويجهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رکڻ ٿو چاهي، هو توکي دنيا جي لذتن کان ڪناره ڪش ڪرڻ ٿو چاهي، هو توکي جنت جي باغن ۾ ڏسڻ ٿو چاهي، هو توکي علم جي شهر ۾ ڏسڻ چاهي، هو توکي شان ۽ مان واري سلطنت ڏيڻ ٿو چاهي. پر شرط صرف هڪڙوئي آهي ته سستي ڇڏ، ننڊ کي ترڪ ڪري محبوب جو مشاهدو ماڻ.

ستي نه سرنديا، ڪر پچار پرينءَ جي،
وهامي وينديا، گهڻا هٽنديِن هٽڙا.

محبوب (الله) جڏهن پاڻ سڏيندو آهي، تڏهن ظاهر ائين لڳندو آهي ته هو قهار آهي پر دراصل هو انهيءَ لاءِ سڏيندو آهي ته جئين پنهنجي مجلس جو مزو وٺائي. اهو ان جو دستور آهي ته هو جنهن کي دوست بڻائيندو آهي تنهن کي تڪليفون ڏئي آزمائيندو آهي.

دوست ڪهائي دادلا، محب مارائي،
خاص خليلن کي سختيون سهائي،
الله الصمد بي نياز سا ڪري جا چاهي،
انهيءَ منجهه آهي، ڪا انهيءَ ڳالهه اسرار جي.

سندس صحبت راحت آهي پر انسان ان کي آزار ٿو سمجهي. خدا تعاليٰ جاڳڻ کي زندگي ٿو چئي چو ته سجاڳ انسان هر وقت ڪنهن نه عمل جو رد عمل لاءِ تيار هوندو آهي. جڏهن ته بيهوش انسان ڪنهن به عمل جي لائق نه هوندو آهي.

چيتا ڪيو چٽيج بدا ماڻي بٽ ۾،
نيٽين ننڊ مَ ڏيج، چيڙون چپر آئيون.

پر ان جي مقابلي ۾ غافل، ڪاهل ۽ سست انسان ته خساري ۾ ئي آهي. ان کي شاهه سائين به جاڳائي ٿو ۽ چوي ٿو ته:

ستا اٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري،
توجو سائيهه پانئيو سو مانجهاندي جو ماڳ،
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نه ملي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هاڻ جڏهن انسان غفلت ڇڏي جاڳي پنهنجي مقصد کي سڃاڻي رب جي رحبانيت ۾ مشغول ٿي وڃي ٿو. تڏهن هو ڪامياب انسان ليکجي ٿو ۽ شاهه سائين به ان انسان کي هن دنيا جو انعام ڀڏائي ٿو.

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جي عبداللطيف چوي مٽيءَ لڌو مانُ،
ڪوڙين ڪن سلام، اچيو آسڻ ان جي.

اهو ئي غفلت ڇڏي ننڊ ڦٽائي رب ريجهائڻ جو انعام آهي. هتي اوجاڳو اهميت وارو آهي، جنهن ڪري ڪروڙين سلام ڪرڻ اچن ٿا پر جيڪي سيرانديءَ ساز ڪري ساري رات سمهن ٿا، سي محبوب جي ملڻ کان سواءِ ٿي روئندي رستي ۾ رهجي هميشه لاءِ هٿ هٽندا ٿا رهن. هاءِ افسوس! هاءِ افسوس! ڪرڻ سندن مقدر بڻجي وڃي ٿو. جيڪي انسان بغير مقصد جي زندگي گذارين ٿا سي جٺري ٿي مثل آهن. اهو انسان هڪ بوتي مثل آهي جنهن کي جسم ته آهي پر ان ۾ روح نه آهي. انسان هوندي به انسانن ۾ شمار نه آهي. تڏهن لطيف سائين بي خوف چئي ٿو ڏئي.

ايءَ ڪم ڪميڻن، جئن سمهن پير ڊگها ڪري،
لوچين جو نه لطيف چئي، هاري! لاءِ هوتن؟
ننڊ نياڳن کي اويالا اچن،
سي پنهون ڪوهه پچن، جي سنجهي رهن سمهي.

هڪ ننڊ ڪري تو وڏو ڏوهه ڪيو پر هاڻ ههڙين حالتن ۾ ننڊ ڪرڻ جڳائي نه ٿو. اڄ جڏهن دنيا تي نظر ڦيرايون ٿا ته سڄي دنيا ڪي سڪون نظر نه ٿو اچي. اجتماعيت وارو نظريو انفراديت ۾ تبديل ٿي ويو آهي. هر ڪو پنهنجا سور پاڻ وٽ سنڀالي رکڻ کي ئي اهميت ڏئي ٿو جيڪو دوستي جو تصور اسلام ڏنو سو ورق ٿي وڃائجي ويو آهي. نفرتن محبتن جي جاءِ والاري ورتي آهي. سڄا سر لڪائي ڪوڙن جي ڪچهري ۾ مگن آهن. ڪو ڪنهن کي نصيحت ڪرڻ عيب ٿو سمجهي. رب ريجهائڻ وارا الائي ڪٿي وڃي ويٺا آهن. ڪنهن کي منزل جو ڪو پتو ڪونهي انسان هوا جي جهوٽي جيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پروفيسر مهرالنساء لاڙڪ

# طمع جي تنوار متان ڪرين مڱڻا

شاعر ۽ درويش، پنهنجن جذبن ۽ احساسن، توڙي پنهنجي اندر جي لوچ کي، وقت جي گهرجن آهر پنهنجن ماڻهن تائين رسائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا رهيا آهن. دلي جذبن ۽ ڪيفيتن جي لحاظ کان منجهن اتساهه پيدا ڪرڻ لاءِ ته جيئن هنن ۾ جذبن جي سچي سڃاڻ پيدا ٿئي، انهن ڏانهن شاعرن ۽ ديندار بزرگن پنهنجي بيمثال ذات جي املهه خزانن جا دروازا عام ماڻهن لاءِ کوليا.

اسان جي هنن درويشن اسان کي تاريخ، ڏک، سک، نزاڪت، نفاست، سورهيائي ۽ سخاوت جو لازوال سنيهو ڏنو جيڪو هر دور ۾ هر زماني ۾ نئون نڪور آهي، جيئن ڀٽائي سائين جون سٽون آهن ته:

وڪر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نه ٿئي.

سنڌ جا ڀاڳ ڀلا جو ان جي سونهاري سرزمين تي سدا حيات شاعر ۽ مفڪر شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جنم ورتو جنهن اسان کي عالمگير فڪر جو اهڙو سهڻو سنيهو ڏنو جنهن ۾ مادي توڙي روحاني لحاظ سان هڪ اهڙي دنيا جو تصور موجود آهي. جنهن ۾ جذبن ۽ فڪر جي سگهه ۽ سونهن ملي ٿي. شاهه عبداللطيف رحه جي ڪلام جو اهو ڪمال آهي، جو ان جي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ کان پوءِ اهو خيال دل ۾ جاڳي ٿو ته هوئي اهڙو شاعر ۽ عارف آهي جنهن پنهنجي قومي ۽ مورثي، ثقافت کي پنهنجي هنج ۾ سمائي، ماڻهن ۾ اهو احساس پيدا ڪيو ته هو ماڳ جي انهن سهڻائين کي سڃاڻين، جيڪو سندن جنم هنڌ آهي. لطيف سرڪار،ثقافت جي سرهاڻ ۽ سڳنڌ جو اهو گلدستو آهي جيڪو اعليٰ نصيب جي صورت ۾ اسان سنڌين کي مليو آهي. سڀ کان اتم ڳالهه اها آهي جو شاهه سائينءَ، سنڌ جي سونهن پرين ڳڻن کي،هڪ اهم ورثي جي شڪل ۾ ماڻهن جي دلين تائين رسائي ايندڙ نسل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تائين محفوظ ڪري ڇڏيو.

شاهه سائين ڳاڻيٽي ڪان ٻاهر رنگن، زبانن، آوازن، سهڻن تصورن، ساٿيهه وارن جي ڳڻن کي، پنهنجي سيني ۾ سانڍي نه رڳو پنهنجي دور پر ايندڙ هر زماني ۽ هر نسل جي پڻ ترجماني ڪئي.

ڪن جي ماضي من ۾، ڪن جي استقبال،

حيف تنين جي حال، جنين وساريو حال کي.

سندس شاعري مان پلي پٽ واضح ٿئي ٿو ته سندس ڳالهيون ۽ سندس شاعري، ڌرتي جي جاگرافي، تاريخ ۽ ان جي مٽي سان سلهاڙيل آهن. شاهه سائين جو ڪلام به هن وسيع ڪائنات مثل آهي، پيغام ۽ ڪلام ساڳيو آهي پر وقت بدلجي ويو آهي.

اسان اڄ جي دور ۾ پاڻ کي دنيا جي قديم تهذيب ۽ تمدن جي روايت جا وارث چوايون ٿا، پر ان ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ اسان کي پنهنجي امڙ جي ڏنل پينگهي واري لولي جي ٻولي جي شاعر جي بيتن ۽ واين سان روح جو رشتو ڳنڍڻو پوندو ۽ نيئن زماني جي ضرورتن آهر سندس ڏنل پيغام تي نئين روشني وجهڻي پوندي. اسلام جي سيني قدرن، جهڙوڪ توڪل، رضا، صبر، تحمل وغيره مان سخا جو ڳڻ اعليٰ آهي. هينئر سر پرياتي جي ڳالهه ڪنداسين هن سر ۾ شاهه سائين، سخي سپڙ جي سخاوت جو ذڪر ڪيو آهي، سخاوت سيني ڳڻن ۾ اعليٰ ڳڻ آهي، دنيا ۾ عرب جي حاتم طائي جي سخاوت تمام گهڻو مشهور آهي. سنڌ ڌرتي تي به ڪيترائي سخي ٿي گذريا آهن، سنڌ ۾ سومرن کان پهرين عربن جي حڪمراني هئي ۽ سخاوت، عربن جي اجتماعي زندگي جو اهم جز هئي، سانجهي ٽاڻي قافلن جي جهوڪ وقت ٻاهين جا مچ ڪري ڇڏيندا هئا ته پل مسافر لڙي اچن، سنڌ ۾ سمن قبيلن اڳاٽو اسلام قبول ڪيو هو ۽ عربن سان گهڻو لهه وچڙ ۾ آيا، جنهن ڪري سخاوت سنڌن زندگي جو شعار بڻجي وئي، پر شاهه سائين جي شاعري جي اها خوبي قابل توجهه آهي ته پاڻ پنهنجي شاعري ۾ جيڪي به تمثيلون پيش ڪيون آهن، اهي سڀ ڌرتي سان تعلق رکن ٿيون. يعني مقامي آهن. "سپڙ جام" جي سخاوت جي پڻ سڄي سنڌ ۾ هاڪ هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انسان ۽ خالق جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو انهن ڳڻن جي فضيلت سان گهرو تعلق رکي ٿو. دنيا ۾ انسان جي زندگي جو اهو مشن آهي تہ الله جي وحدانيت يعني ڪلمي ۽ نماز کان پوءِ تمام تر اعمال صالح بجا آڻڻ جي ڪوشش ڪري. انسان پنهنجي جيءَ اندر هڪ وڏو جهان رکي ٿو. شاهہ سائين جي رسالي ۾ هر سر پنهنجي جاءِ تي ڳڻن ۽ خوبين سان ٽمٽار آهي. هونئن تہ راءِ ڏياچ جي سخاوت پڻ مشهور آهي. جنهن کي سر سورٺ ۾ شاهہ سائين بيان ڪيو آهي. سر ڪلياڻ ۾ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جو ذڪر آهي. سر ساموندي ۾ محنت ڪش وڻجارن جو بيان ملي ٿو. ڪاپائتي ۾ سنڌ جي محنتي عورت ۽ مرد جو ڪردار سامهون اچي ٿو. سر گهاتو ۾. ڪمزور موورڙئي جي بهادري ۽ طاقت جو اظهار ڪيل آهي تہ وري ڪٿي سسئي جو لافاني ڪردار سامهون بيٺل آهي. جيڪا رات ڏينهن منزل طرف وڌندي نظر اچي ٿي يعني پنهنجي مقصد جي حاصلات لاءِ ڪوشان نظر اچي ٿي تہ ڪٿي وري نوري جو نياز. ميدان کي مات ڪيو بيٺو آهي تہ وري مارئي پنهنجي حب الوطني جي ڳڻ سان پرپور نظر اچي ٿي. اهڙي طرح هن سر ۾ وري سپڙ پنهنجي سخاوت جي ڪري نمايان جاءِ تي نظر اچي ٿو.

هن سر ۾ جيڪي شاهہ سائين سوالي ڏيکاريا آهن. تن کي هڪ تہ تمام گهڻن لفظن ۾ ياد ڪيو اٿس. جنهن مان ٻولي جي شاهوڪار هئڻ جو ثبوت ملي ٿو پيو تہ لطيف سرڪار جي وسيع علم جي آگاهي پڻ ملي ٿي. لطيف جيئن مڱڻا يعني منگتي کي ڪٿي چارڻ. تہ ڪٿي ڀان ٿو سڏي، ڪٿي راڳائي تہ ڪٿي لنگها. ڪٿي ڪيرت وارا. تہ ڪٿي جاچڪ ٿو سڏي، انڪي ميراثي بہ چيو آهي. اهو ٻولي جي وسعت جو چٽو ثبوت آهي. منگتو ان کي سڏبو آهي، جيڪو گهر ڪري سوال ڪري هتي. منگتي کي شاهہ سائين چوي ٿو تہ:

مڱ تنهين کان مڱڻا جو ڏيهاڙي ٿو ڏي،
ڪوڙا در دنيا جا جاچڪ مڱين جي،
سيان تنهين کي، موٽائي هٿندا منهن ۾.

شاهہ سائين منگتو، کي سمجهائيندي چوي ٿو تہ: اي چارڻ تون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي رب کان سوال ڪري ان کان گهر جيڪو توکي بي حساب روزي پهچائي ٿو ۽ وري احسان به ڪو نه ٿو جتائي. پر اهڙن ماڻهن کان ڪڏهن به سوال نه ڪر جيڪي توکي ڏئي وري احسان جتائين ۽ توکي مهڻا ٻڌڻا پون. (ڍرتي تي سپڙ سخي مثالي ڪردار آهي) جيڪو هر ساهواري کي بي حساب ڏئي ٿو بندو ته وري به حساب سان ڏيندو. شاهه صاحب چوي ٿو ته تون بنا لالچ هر گهڙي ان کان گهر جيڪو توکي روزي رسائي ٿو.

سمن ۽ سومرن جي دور ۾ سنڌ ۾ ڏهه ڏاتار يعني سخي مشهور هئا 1_ وڪيو ڏاتار، 2_ جکرو جادمائي (جادم جکرو) 3_ڄام ڪرن .4_ راءِ ڏياچ، 5_ راهو هوٿياڻي، 6_ ڄام انڙ. 7_ سپڙ چوڻاڻي .8_ ڄام لاکو 9_ ڄام اوڻو جکراڻي، 10 _ هٽند ٺڏاڻي

هن سر ۾ جيڪو سپڙ ڄام تمثيل طور ڪتب آندل آهي، سو سر زمين سنڌ جي ڏکڻ ۽ اوڀر ڪنڌ واري علائقي سان تعلق رکي ٿو سنڌ جي تاريخ پڙهڻ مان معلوم ٿيئي ٿو ته ڏٽ ۽ پٽ کان پار وارو علائقو ننگر پارڪر ۽ ٻيلي جو علائقو آهي. ٻيلو قديم دور کان وٺي سخين ۽ ڏاتارن جي سرزمين رهيو آهي، جتي ابڙو اگهام، وڪيو ڄام ڏاتار، ڄام انڙ ۽ ڄام سپڙ چوڻاڻي جهڙا سورهيه ۽ سخي ڏاتار پيدا ٿيا آهن. جن مان ڄام سپڙ چوڻاڻي کي شاهه سائين سڏيوئي ٻيلي ڏڻي آهي. جيئن لطيف سرڪار چوي ٿو ته:

ٻاجهاڻو ٻيلي ڏڻي، ٻجهان ٻاجهه ٿئي،

سپڙ سا سئي، جيڪا چارڻ چت ۾.

مطلب ته ٻيلي جو ڏڻي ملڪ جو سردار، سپڙ، ٻڌان ٿو ته راضي ٿيو آهي جيڪا چارڻ يا پان جي دل ۾ ڳالهه هئي، اها سخي ٻڌي ورتي آهي ۽ هو راضي ٿيو آهي. هنن سخين سردارن وٽ سدائين، چارڻ، ڀٽ، ميراثي ۽ پان ايندا رهندا هئا، جيڪي سردارن جي سخاوت جون ڪٿائون چوندا هئا ۽ انهن ۾ جيڪي ڳڻن سان پرپور احساسات هوندا هئا، تن کي اڀاريندا هئا.

مٿيان سڀ ڪردار مجازي طور (Allegorical) استعمال ڪري دنيا ۾ سڦل زندگي گذارڻ جو ڍنگ ٻڌايو ويو آهي. سستي ۽ ڪاهلي ڇڏي . پنهنجي ڪرت ڪار ڪرڻ جو تاڪيد ٿيل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن سر ۾ متين نالي واري سخي "سپڙ" کي تمثيل طور ڪتب آندو ويو آهي. جئين هتي شاهه سائين جن فرمائين ٿا ته:

تون سپڙ آئون سيڪڙو، تون ڏاتار آئون ڏڏ،
سٽي تنهنجو سڏ، ڪلهي پاتم ڪينرو.

اي باري تعالي تون سخي آهين، تنهنجي سخاوت جي ڪا به حد نه آهي. تون ڪائنات جي هر جاندار کي ڏيڻ وارو آهين ۽ آئون سيڪڙو يعني سڪڻو سوالي آهيان، هر شيءِ لاءِ تنهنجي در تي طلبگار آهيان. جو ته تون ڏاتار آهين . تنهنجو ڪم آهي عطا ڪرڻ يعني ڏيڻ، منهجو ڪم آهي گهرڻ، ۽ تنهنجو فرمان آهي ته مون کان گهرو، تڏهن ته تنهنجي فرمان مطابق، ڪلهي تي ڪينرو (سرندو) رکي تنهنجي تلاش ۾ نڪري پيس، چوت ته تون متلاشين سان گڏ آهين. جيڪي سستي ۽ ڪاهلي ڪان ڪم وٺي ويهي ٿا رهن، ته منزل انهن کان ڏور ٿي پجي، ۽ جيڪي ڪاهل آهن. انهن کان لطيف سرڪار فرمائي ٿو ته :

اي نه پانن پير، جئين ڪينر ڪيريءِ ٽنگيو
سونهاري صبوح سين، وجهي ويٺين ويس،
توکي چوندو ڪير، ڪيرت ڏاران مگڻو؟

شاهه سائين سوالين کي هتي پان جي نالي سان مخاطب ٿيو آهي. يعني اهو ڪم يا نمونو پانن جو نه آهي ته هو پنهنجي سرندي کي ڪليءَ تي ٽنگيو، آرام سان ويٺا آهن. (ڪاهل يا سست ٿي ويهڻ منگڻهار (طالب) جو ڪم نه آهي، پاڇيري صبوح جو تون ستو پيو آهين، ننڊون پيون ڪرين. اٿ غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ٿي، انهي ملوڪ صبح کي، اکيون کولي ڏس. ڪيڏي نه سونهن پري صبح آهي. اٿ سويرئي منزل ڏانهن روانو ٿي، سرندو ڪلهي تي کڻ وڃائيندو هل، چو ته سرندي کان سواءِ توکي ڪير به مگڻو يعني چارڻ ڪو نه چوندو.

تاريخ پڌائي ٿي ته جيڪي ماڻهو سخاوت ، همت ، حوصلي ، سام جهلڻ، حياءَ، عدل، صبر ۽ سورهيائي جهڙن ڳڻن سان پريل هئا. اهي امر ٿي ويا. شاهه سائين انهن ڳڻن مان سخاوت ذريعي سنڌ جي سڃاڻپ، ڪرائي آهي، شاهه سائين جي ذهني تخليق جو ڪمال آهي ته هڪ چارڻ کي به املهه

ڪرڻ لاءِ چوي ٿو ته:

جنين سک نه آهه، چارڻ سي چئجن،
رڄن راهه پڇن، متي ڪلهن ڪينرا.

يعني جيڪي سک سمهن ٿا ننڊون ڪن ٿا، اهي منزل ماڻي نه ٿا سگهن، بلڪ اهي ڏوجهڙي ۾ اچي وڃن ٿا. ۽ انهن کي "چارڻ" نه ٿو چئي سگهجي، پر جيڪي پنهنجي سک ۽ آرام کي تياڳي ٿا ڇڏين، اهي ئي چارڻ طالب چورائڻ جا حقدار آهن ۽ اهي سدائين حق جي وات (جنهن کي بظاهر ڪا به رونق يا گلزاري نه آهي) جا ڏس پڇن ٿا ۽ اهڙن سچن ڀانن جي ڪلهن تي ڪينرا موجود آهن ۽ اهي پنهنجي مطلوب جي تلاش ۾ رات ڏينهن جاڪوڙنيدا رهندا آهن. پنهنجي ڪرت جي ڪري انسان جي سڃاڻپ ٿيندي آهي. انسان ته مري وڃي ٿو پر پنهنجي عمل جي ڪري ان جو نالو سدائين روشن رهي ٿو.

ڀٽائي سائين سر پرڀاتي ۾ سخاوت جو ذڪر ڪندي، اسان کي اها تلقين ڪن ٿا ته:

ڏاتار تون ٻيا مڙئي مڱڻا،
مينهن منداڻا وسڻا، سدا وسين تون،
جي گهر اچين مون، ته ميريائي مان لهان.

هن بيت ۾ شاهه سائين سخاوت جو ڪيڏو نه دلڪش انداز اپنايو آهي، جيڪو ماڻهو سخاوت جي نهايت اعلي منزل تي پهتل هجي ان کي عربي ۾ 'ڪريم سڏبو آهي. هندي ۾ ان کي "داتا" ۽ سنڌي ۾ ڏاتار سڏبو آهي، لطيف سائين سڀڙ سخي کي ڏاتارن جي صف ۾ شامل ڪري ٿو پر سڀڙ جو سهارو وٺندي شاهه سائين انسان کي پنهنجي حقيقي منزل مقصود ڏانهن وٺي هلڻ جو اشارو سمجهائيندي خالق اڪبر جي عظمت بيان ڪندي چون ٿا ته دنيا ۾ ڪيترائي سخي چو نه هجن ته پر اصل رب تعالي ئي ڏاتار آهي، جيڪو هميشه هر گهڙي ، هر هڪ کي ڏيندو رهي ٿو صرف هڪ خدا سيني جو ڏاتار آهي. اسين سڀ ان جي در جا سوالي (منگتا) مڱڻا آهيون ۽ مينهن ته پنهجي مقرر وقت تي وسندو آهي، پر باري تعاليٰ جي رحمت جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بارش سدائين وسندي رهي ٿي ۽ جڏهن اسان تي ان رحمت جا ڪڪر وسن ٿا ته اسان جون دليون باغ بهار ٿيو پون. ڇو ته اها بارش انسانن جي طرفان ٿيل نه آهي. ڏاتار رب تعالي جي در تان ڪو به مڱتو (سوالي) خالي ناهي موٽندو. در اصل شاهه سائين رسالي جي سڀني سرن جي اوٽ ۾ انسانن کي الاهي عشق، بي لوث محبت، قرباني، دوستي جا اهڃاڻ ته اعلي سبق ڏنا آهن جو جيڪڏهن انسان انهن کي هئين سان هنڊائي، انهن تي عمل ڪري ته هوند پنهنجا ٻئي جهان موچارا ۽ سوڀارا ڪري سگهي ٿو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شاهه جي ڪلام جي متعلق هئين چون ٿا ته: ”ڀٽائي صاحب پنهنجي صوفيانه خيال، فڪر ۽ فلسفي کي شعر جي نازڪ ڏوري سان سنڌ جي قديم قصن ۽ ڪهاڻين ڪهاڻين جي تاڃي پيٽي ۾ اڻيو آهي.“

هن سر ۾ سپڙ جام جي سخاوت جي آڙ ۾ عظيم فڪر ۽ فلسفي جي سمجهائڻ جي ڪوشش ٿيل آهي، جئين انگريز شاعر شيڪسپيئر جو چوڻ آهي ته هي دنيا هڪ اسٽيج وانگر آهي، ۽ هر انسان پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪري، زندگي گذاري وڃي ٿو شاهه سائين به، اهو فلسفو سمجهائيندي چون ٿا ته:

تون سپڙ آئون سيڪڙو، تون ڏاتار آئون ڏوهه،
تون پارس آئون لوهه، جي سڃين ته سون ٿيان.

يعني سخي ٿي يا سخين سان گڏ هج، ته تون به ائين ئي ٿي ويندين، جو لوهه جڏهن پارس سان لڳندو آهي، ته اهو سون ٿي پوندو آهي، در اصل لوهه جي پنهنجي اهميت(Value) ته گهٽ هوندي آهي. پر جڏهن سون ٿي پوندو آهي ته ان جي اهميت تمام گهڻي وڌي ويندي آهي يعني ته اسان حقيقت ۾ ته مٽي مان ٺهيل آهيون، اسان جي اهميت تڏهن وڌندي جڏهن اسين پنهنجي منزل سڃاڻڻ لاءِ ڪنهن هادي، رهبر سخي جو هٿ جهلنداسين. هتي پارس به پنهنجي رهبر ڪامل کي سڏيو ويو آهي، پوءِ ان پارس سان گڏ رهي اسان به پنهنجي اصل اهميت کان آگاهه ٿي سگهون ٿا، جنهن لاءِ اسان کي پيدا ڪيو ويو آهي 1400 سال پهرين جيڪو فلسفو اسان جي عظيم پيغمبر حضرت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محمد صلي الله عليه وسلم سمجهائي ٿو. شاهه سائين اهو فڪر ۽ فلسفو سر پرياتي ۾ وري سمجهايو آهي ته اسين پنهنجي نفس تي (Control) ضبط ڪريون. ان جي ڪنهن به طمع ۽ غرض تي توجهه نه ڏيون.

رب کي راضي ڪرڻ لاءِ پنهنجي صفتن تي ڌيان ڏي. ۽ ڳنڍائتو بڻج ۽ ڳنڍن سان. دنيا ۾ پنهنجو درجو بلند ڪر. جئين سپڙ چام سخاوت ذريعي الله جي رضا حاصل ڪئي. تون حقوق الله سان گڏ حقوق العباد جي واٽ وٺ.

آخر ۾ ڏاتار رب پاڪ پاڻ آهي. انسان منگتو ۽ گهرجائو آهي. انهي جي در تي ٻاڏائڻ گهرجي. اهو فڪر ڏنو ويو آهي ته دنيا ۾ انسان کي پنهنجو مان مرتبو سڃاڻڻ گهرجي. انهي ڪان سواءِ ٻيو در آهي ئي ڪونه. جيڪڏهن ٻانهو اهو در ڇڏي ٻئي در تي وڃي ٿو ته قدرت کي پسند نه ٿو اچي. ان لاءِ لطيف سرڪار هئين چون ٿا ته:

ڏاتار ڏک ڪيا، پاڻان متي مڱڻي،
مون در ڇڏيو مڱڻا ،مڱين ڪوهه ٻيا،
تڏهن تو ٻيا ،وڃان ولها ڏينهڙا.

دنيا جي ول ڇل ۾ گرفتار نه ٿجي. جيڪا خدا ۽ ٻانهي جي وچ ۾ ويچا ٿي وڌائي ۽ پوءِ انسان غافل ٿي وڃي ٿو.


**حوالا:**

1_ شاهه جو رسالو_غلام محمد شاهواڻي

2_ سر سورٺ. شاهه عبداللطيف جي 259 هين عرس جي موقعي تي شايع ڪيل مقالن جو ڪتاب (ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه)

3_ شاهه عبدالطيف رحه جي ڪلام ۾ اسلامي اقدار(1966ع)۾ منعقد ڪيل ادبي ڪانفرنس تي پڙهيل مقالا)

4_ "ست سورهيه ڏهه ڏاتار". معمور يوسفاڻي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

علي نواز پنيرو

# سُر پرڀاتي جو جائزو

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام خالق ڪائنات جي ثنا خواني ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جي سچي عشق سان ڀرپور آهي. سُر پرڀاتي جي مفهوم تي نظر وجهبي ته منجهس اَمُل ماڻڪ ۽ موتي پريل نظرايندا. پرڀاتي جي معنيٰ ۽ مفهوم بيان ڪندي، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ پنهنجي تصنيف 'لغات لطيفي' ۾ رقم طراز آهي ته پرڀاتي فجر جي ڳائڻ جي راڳڻي يا وِهاڳ کي چئجي ٿو. جڏهن ته پرڀاتي جي تشريح ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر بشير احمد شاد پنهنجي تصنيف "عرفان لطيف" ۾ لکي ٿو ته پرڀاتي هڪ هندستاني راڳڻي جو نالو آهي، پرڀات ڀاڪ ڦٽيءَ جي راڳ کي چئبو آهي. هن راڳڻي جي ڳائڻ جو وقت اهو آهي، تنهن ڪري مٿس اهو نالو پيو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي لغت ۾ پرڀاتي جي معنيٰ هڪ راڳڻي جو نالو ٻڌائي ٿو. اصطلاح ۾ اهڙي راڳڻي جيڪا رات جي پوئين پهر ۾ ڳائي سگهجي. جنهن ۾ بندو واحد جي واکاڻ ۽ ثنا خواني ڪري مالڪ مهربان جي عنايت ۽ بخشش جي طلب ۽ عاجزي سان ڏٺي در ٻاڏائي پنهنجي خطائن جي معافي وٺي. سُر پرڀاتي تي غور ڪبو ته هي اهڙو سُر آهي، جيڪو ظاهري طرح ڄام سپڙ جي سخاوت جو ذڪر آهي. ڄام سپڙ هڪ وڏو سخي سردار هو سندن سخاوت منگتن، پانن ۽ چارڻن کي موهي وڌو هو هُو صبح سانجهي پنهنجي سردار جي سخا جا ڳڻ ڳائي ڪيرت ڪندا هئا. پر اُهي غافل جيڪي صبح جي سونهاري ويل ۾ ڪينري کي تنگي غفلت جي ننڊ ۾ غافل ۽ موڳا رهن ٿا ۽ ڪيرت کي ويجهائي نٿا وڃن. انهن کي هدايت ڪندي شاهه عبداللطيف فرمائي ٿو ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کيرت ڪا سنباھ چارڻ چوڻاٽيءَ ڪٽي،
وائي ڄاڻي سيڪا، جيڪا ڪرين سا،
لنگھا تون ليلاءِ، اڳيان انڙ ڄام جي.

شاھ لطيف فرمائي ٿو تہ ڄام سپڙ منگتن کي سڏ ڪري دان ڏنا. سنڌس در جا عاقل تہ ٺهيو پر ابوجهہ بہ آسروندا آهن. جيئن شاھ سائين شاهدي ڏني آهي.

ميرا پسي مگڻا، سپڙ سڏ ڪيا،
سپوجهن سواءِ اپوجهن لاءِ آسرو.

ڏٽي جا سچا عارف ۽ عاشق سدائين پاڻ کي لوھ مثل پائيندا آهن. پرودگار جي ذات پارس آهي. جڏهن بندي تي نوازش جي نگاھ ٿئي ٿي تہ هو ڪندن بڻجيو وڃي. ڏٽي جي در نياز ۽ نوڙت سان ليلائجي، چاڪاڻ تہ بندو گناهگار آهي. هو سدائين مالڪ جي مهر جو طلبگار ٿو رهي، تہ جيئن راڻو راضي ٿئي. شاھ سائين فرمايو آهي تہ:

ات ڪيرت وار ڪيترا، ڪيرت ڪبو ڪوھ،
جيڪي بندو ڪم ڪري سو سيوئي ڏوھ،
تون پارس آئون لوھ، سڄين تہ سون ٿيان.

شاھ سائين ڄام سپڙ جي سخاوت جو ذڪر ڪندي، منگتي کي هدايت ٿو ڪري تہ اي منگتا تون موچاري محل جو تندن جي تنوار جاري رک تہ ڏيهن جو ڏاتار ۽ سپاجهو ستار ڪا لطف جي نگاھ فرمائي، مالڪ تہ نپاڳن کي بہ نوازيو ٿو ڇڏي، سنڌس در جي سخا جو هي سارو عالم منتظر آهي. جيئن شاھ سائين هن بيت ۾ فرمايو آهي تہ.

ڏيئي سين ڏاتار تي موچاري مگڻي،
اچي چارڻ چوري ڪا جا تند تنوار،
سا سيباڻي راجيي سپاجهي سار
نياڳن نوازئي تلن تا، تاتار،
آٽيون حاتم هٿ ۾، لکي جي پتار.

ڏٺي بندي جي سينن جا راز ڄاڻي ٿو. تنهنڪري بندي کي مالڪ جي راضپي لاءِ نيٺن جي ننڊ ڦٽائي مالڪ جي عظمت ۽ ذڪر ڪرڻ گهرجي. جن پاڻ کي غافل سمجهيو. اُهي ان در تان تڙ جي ويا. الله تعاليٰ اهوجهن تي پنهنجا پال پلايا آهن. جيئن شاهه سائين فرمايو آهي تہ:

ڏڏ تي ڏان گهر ڇڏ وڄاءِ جي وائي،
سپڙ رات سنباهيا تازي تو لائي،
جوڄاڻي نہ ڪائي، تنهن سين ٻيلي ڏٺي ٻاجهہ ڪئي

ذات تي ڏات نہ آهي. جيڪو ڏٺي در راتيون جاڳي عرض ڪري ٿو اهو اهڙا دان حاصل ڪري ٿو جيئن لطيف فرمايو آهي تہ:

ڏات نہ آهي ذات. جو وهي سو لهي،
آريون اپوجهن جون، سپڙ چام سهي،
جو راءِ وٽ رات رهي، تنهن جکي تان نہ تئي.

جڏهن بندو صراط المستقيم جي سڌي رستي کي ڇڏي اوجهڙ ۾ اڙجي پوندو آهي. تڏهن کيس سندس غلطين جو احساس ٿيندو آهي. جڏهن هُو پاڻڌ ڳچي پائي اکين مان آب هاري، پنهنجي گناهن جي معافي وٺي ٿو تڏهن ڏٺي بندي جون منديون معاف ڪري پنهنجي رحمت سان بندي کي نوازي ٿو. چارڻ يعني بندي جي جيڪا چت ۾ آهي. مالڪ تنهن راز جي مام کي بہ پرکي ۽ پروڙي ٿو ۽ مٿس ٻاجهہ ۽ بخشش ڪري ٿو. جيئن شاهه سائين فرمايو آهي تہ:

ٻجهان ٻاجهہ تئي، ٻاجهائون ٻاجهہ ڏٺي،
سپڙ سان سٽي، جيڪا چارڻ چت ۾.

جڏهن بندو وڄا جي وائي ڇڏي ڏڏ تي، ڏان گهري ٿو. تڏهن مالڪ مٿس ماڻکن جيان مينهن وسايو ڇڏي جيئن شاهه سائين فرمايو آهي تہ

ڏڏ تي ڏان گهريج تون ڇڏي وڄا جي وائي،
سپڙ رات سنباهيا تازي تو لائي،
جوڄاڻي نہ ڪائي تنهن سين ٻيلي ڏٺي ٻاجهہ ڪئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سچا سالڪ سدائين ڏاتار جي در تي ڪيرت ڪري ڌڻي جي ذڪر ۾ مشغول رهي پنهنجي خطائن جي معافي وٺن ٿا تڏهن ئي مٿس ڏاتار جي نوازش ٿئي ٿي. هو شيطاني وسوسن کان محفوظ رهن ٿا. جيئن ڀٽائي فرمايو آهي ته:

ڪڙهه اڳيان ڪَپُ ڏيهاڻي ڏاتار جي،
لنگها لاهه مَ لڪِ سين مٿان چائنٺ چپ،
منگڻهارن مپ، ڪونهي هيو ڪيرت ري.

جڏهن بندو ڌڻي جو در ڇڏي جو در ڇڏي شرڪ جهڙي گناهه جو مرتڪب ٿئي ٿو تڏهن ڪيس ڌڻي جي طرفان ڏوراپا ملن ٿا. انهيءَ ڪري ڪيس ڪيترن ئي تڪليفن ۽ مصيبتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جيئن شاهه سائين فرمايو آهي ته

ڏاتار ڏک ڪيا پاڻان مٿي مڱڻي،
مون ڏر ڇڏيو مڱڻا مڱين ڪوهه پيا،
تڏهن تو پيا وڇان ولها ڏينهڙا.

هتي لطيف سرڪار فرمائي ٿو ته مالڪ مهربان اُهو آهي، جيڪو جهان کي رزق رسائي ٿو سموري ڪائنات جو مالڪ آهي. تنهن ڪري اي بندا دنيا جي ڪوڙن درن تي ڀٽڪڻ ڇڏي ڏي، جيڪي سياڻي توکي مهڻا ۽ طعنا ڏيندا گهرڻو ائين ته ڏيهن جي ڏاتار کان گهر، جيڪو سيني سوالين جا سوال سٽي ماڻڪن جيان مينهن وسائي ٿو. جيئن شاهه سائين فرمايو آهي ته:

جو ڏينهاڻي ٿو ڏي مڱ تنهن کي مڱڻا،
ڪوڙا در دنيا جا، جا جڪ مڱين جي،
صباح توهين کي، موڻي ڏيندا منهن ۾.

جڏهن مڱڻو ڪلهي ۾ ڪينرو پائي هوڏ ۽ هستي کي ماري ڌڻي جي در اچي سوالي بڻجي ٿو. تڏهن مالڪ نوازش جي نگاهه ڪري ٿو. مالڪ مهربان هر شيءِ تي قادر آهي، سالڪ جي حال کي ڄاڻي ٿو.

شاهه سائين فرمائي ٿو ته تون مالڪ آهين. آئون تنهنجي در جو سوالي آهيان، تون مهرواري نگاهه ڪر تنهنجي ئي بخشش جو طالب آهيان، جيئن شاهه سائين فرمايو آهي ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون سپڙ آئون سيڪڙو تون صاحب آئون سگ،
پچي تنهنجو پگ ڪلهي پاتم ڪينرو.

شاهه سائين مالڪ جي سخا جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو تہ الله تون ڏاتار آهين تو کان سواءِ ٻيا سڀ تنهنجا مڱتا آهين. مينهن بہ مند تي وسي ٿو پر تنهنجي رحمت ايتري وسيع آهي، جو ڪنهن مند جي بہ محتاج ناهي. يا الله تون مون گنهگار جي دل پنهنجي پاڪ ذڪر سان معمور ڪر جيئن شاهه سائين شاهدي ڏني آهي تہ:

ڏاتار تہ تون ٻيا مڙيئي مڱڻا،
مينهن مندائتا وسڻا، سدا وسين تون،
جي گهر اچين مون، تہ ميريائي مان لهان.

شاهه سائين اهڙن غافلن کي سجاڳي جو سڏ ڏيندي فرمائي ٿو تہ تارو اپريو آهي، هاڻي مڱتا تون غفلت جي ننڊ ڇڏي ڌڻيءَ جو ذڪر ڪر، سچي دل سان سچي سائين جي در تي ٻاڏائي چاڪاڻ تہ مالڪ دلين جا راز پرکي ٿو جيئن شاهه سائين فرمايو آهي تہ:

اپريو تارو اٿي ور وهاڳ ڏي،
سپڙ ريسارو چت پرکي چارڻين.

شاهه سائين ڪاهل ۽ غافل بندن کي هدايت ڪندي فرمائي ٿو: اي بندا تو ننڊ تي نيڻن کي اجايو هيرايو اٿئي، اها ننڊ نياڳي اٿئي. اٿي اسر ويل جو ڌڻي جي يادگيري ۽ ذڪر ڪري نيڻن مان نير واهي پنهنجي گناهن جي معافي وٺ سپاڻي توکي نصيب ٿئي يا نہ تنهنڪري اٿ ۽ ڪرت جي ڪر نہ تہ ويل وهي ويندي پوءِ فقط توکي پڇتاءَ جا لڙڪ واهڻا پوندا جيئن شاهه سائين فرمايو آهي تہ:

سو ڪيئن ننڊون ڪرين رو وهاڻيءَ روءِ،
سپاءِ ساز سنڌوءِ پيو هوندو پٽ پر.

شاهه سائين هتي صاحب وصال ۽ سچن عارفن ۽ عاشقن جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو تہ صبوح جو سهاڳ انهن ئي ماڻيو آهي، جيڪي وهاڻي

ويل جاڳي ڏئي ڏٽي جو ذڪر ڪري راڻي ڪي راضي ڪن ٿا. چاڪاڻ تہ سهاڳ سائين جي اختيار ۾ آهي. جنهن کي چاهي تنهن کي سهاڳ بخشي، لوهہ مان پارس بنائي تہ بہ وس وارو آهي شل هن نماڻي ۽ عاجز ڪي ڏٽي جو وصال نصيب ٿئي. جيئن شاهہ سائين شاهدي ڏني آهي تہ:

صبح جو سهاڳ مڳ ٿهارن ماڻيو
ڏنائون ڏاتار ڪي وڏي وير وهاڻ،
وس منهنجي ناهہ ڪا سيڻن هٿ سُهاڳ،
پرين سي پهاڳ، نماڻي نصيب.

**حوالاءِ مددي ڪتاب:**


1. شاهہ جو رسالو مرتب: علامہ آءِ آءِ قاضي ٽيون ڇاپو 1993
2. شاهہ جو رسالو: الف ب وارو ترتيب: ڊاڪٽر محمد عالم سومرو پهريون ڇاپو 1993
3. لغات لطيفي: شمس العماءُ مرزا قليچ بيگ ڇاپو 1994
4. عرفان لطيف: ڊاڪٽر بشير احمد شاد ڇاپو ٽيون 1998
5. پيغام لطيف: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڇاپو ٽيون 1998
6. شاهاڻو شاهہ: ڊاڪٽر امر ڏنو مل جڳتياڻي ٻيو ڇاپو 1989
7. سنڌي لغت ترتيب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڇاپو پهريون جولاءِ 1997
8. سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مظاهر علي

# شاه لطيف ۽ سر پرڀاتي

پرڀاتي هڪ هندستاني راڳڻي جو نالو آهي. "پرڀات" صبح سويل، باک ڦٽي ويل کي سڏبو آهي. دراصل هن راڳ جي ڳائڻ جو وقت اهو آهي ۽ پيو شاهه صاحب هن سر ۾ انهي ويل جي وڏيڪ اهميت ظاهر ڪئي آهي، انڪري هن سر جو نالو سر پرڀاتي رکيو آهي. هن سر ۾ شاهه صاحب لس ٻيلي جي حاڪم "سپڙ" جي سخاوت ۽ ڪشاده دلي جو قصو بيان ڪيو آهي، ڇو ته "سپڙ" سخي سردار لاءِ مشهور هيو هن ڪڏهن ڪنهن سوالي کي خالي نه موٽايو هو. لاڪيڻي لطيف هن سر ذريعي روحاني رمز ۾ سپڙ جي حوالي سان الله تعالىٰ جي سخاوت جو ذڪر ڪيو آهي ۽ هن سر ۾ چوي ٿو:

"مڱ تنهين کان مڱتا! جو ڏيهاڙي ڏئي،
ڪوڙا در دنيا جا، جاچڪ! مڱين جي،
سيان توهين کي، موٽي ڏيندا منهن ۾."

مطلب ته اي بندا! پنهنجي پالڻهار کان گهر، جنهن جي در تان ڪو سوالي خالي نٿو موٽي، هو ته رزاق رحيم آهي. هن کي ڇڏي ٻي ڪنهن وٽ ڇو ٿو وڃي ليلائين. شاهه لطيف جي سيني سرن ۾ صوفيانه ۽ روحاني راز سمايل آهن، هن سر تي ٿورو غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته هو چاهي پيو ته، انسان ٻي ڪنهن کي واجهائڻ بدران صرف الله جي طرف رجوع ڪري. هو ٻهريان نيڪ مقصد سوچي پوءِ انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ غفلت ڇڏي جدوجهد ڪري پوءِ، الله کي سوال ڪري ته جئين مقصد ۾ ڪامياب وڃي.

## سر پرڀاتي ۽ فلسفه جبريه و قدريه:

شاهه لطيف هڪ سچو صوفي بزرگ هيو ۽ سچي صوفين جي اها خاصيت هوندي آهي ته هو الله کي ۽ رسول کي دل و جان سان مڃين، شريعت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي هلي پنهنجو اندر صاف ڪري، پاڻ کي ۽ الله کي سڃاڻين. ماڻهن سان محبت رکن. هو ماڻهن جي مسئلن جهڙوڪ روحاني، سياسي، اخلاقي اقتصادي مسئلن تي غور و فڪر ڪندا آهن. ان ڪانپوءِ قوم جي ڪمزورين، مشڪلاتن، خوبين ۽ خامين کان بخوبي واقف ٿين ٿا. ان بعد انهن جي ڪارڻن ۽ اسبابن تي غور ۽ فڪر ڪن ٿا. ماڻهن جو ماضي، حال ۽ مستقبل سندن اڳيان رهي ٿو ان جي آڌار تي هو ماڻهن لاءِ نصب العين مقرر ڪن ٿا ۽ انهيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي ۽ تجويزون سندن دماغ ۾ اچن ٿيون ته انهن کي هو پنهنجي بيان يا ڪلام ۾ شامل ڪري پيغام جي صورت ۾ پيش ڪندا آهن.

شاهه صاحب به پاڻ ايئن ڪيو هن پهريون پاڻ کي ۽ پوءِ الله کي سڃاتو. پاڻ سڄي سنڌ جو پيادل سفر ڪيو. ماڻهن سان گڏ گذاريائين. سندن عادتن ۽ اخلاقن کان واقف ٿيو. جهونا قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌائين ۽ اتان جي رسمن ۽ رواجن جو غور سان مطالعو ڪيائين. سنڌ جي سياسي، معاشي، معاشرتي، اخلاقي پسماندگي، اقتصادي، سياسي سماجي پستي وغيره. بهرحال انهن مسئلن ۾ هڪ مسئلو "جبريه" ۽ "قدريه" فلسفو به هيو. جنهن جي اثر ڪري ماڻهن جي اڪثريت يا ته بلڪل ڇڙواڳ ٿي پئي يا وري ذهني تعطل ۽ غفلت ڪري هو ڪار آمد ڪمن کان عاري ٿي پئي هئي.

"جبريه" نظريي جي حامي ماڻهن جو خيال هو ته انسان مجبور ۽ لاچار آهي، سندس اعمال ۽ افعال قادر مطلق جي رحم و ڪرم تي آهن. هو پنهنجي عملن جو جوابده نه آهي ڇو ته جيڪي نصيب ۾ لکيل هوندو، اهوئي ٿيندو. ته پوءِ ڪا ڪوشش ڪرڻ بي سود آهي.

شاهه صاحب هڪ هنڌ ان نظريي جي حوالي سان بيان ٿو ڪري ته:

"توڙي ولاڙون ڪرين، توڙي هلين وڪ،
لکيي منجهان لڪ، ذرو ضايع نه ٿئي"

مطلب ته تمام گهڻو تکو هلين يا آهستي، پر جيڪي لکيو آهي سو ڪين ٽرندو.

"قدريه" نظريي جي حامي ماڻهن جو اهو خيال هو ته، انسان خود

مختيار ۽ پنهنجي ارادي ۽ عمل جو مالڪ آهي. سندن وجود ۾ اهي زبردست مخفي ڦڙتون رکيل آهن. جن جي وسيلي هو ڪائنات، جي ڪايا پلٽ ڪري سگهن ٿا. مطلب ته هو هر ڪنهن نموني سان آزاد آهن ۽ جو چاهن سو ڪري سگهن ٿا.

شاهه لطيف نڪي پڪو "جبري" هو ۽ نه وري "قدري" بلڪ هو اعتدال پسند هو سندس تعليم آهي ته سڪثي توڪل نه ڪجي، بلڪه پنهنجي مقصد کي ماڻڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪجي. ان ڪانپوءِ بندي کي ڪاميابي ملي ٿي ته به واهه ۽ جي نه ٿي ملي ته به واهه پاڻ فرمايو اٿس:

"ستو ڪيئن ننڊون ڪرين، روءِ و هاڻي روءِ،
سيان ساز سندوءِ پيو هوندو پٽ ۾ "

بي هنڌ پاڻ چيو اٿائين:

"تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه، پير نه لهين پرين جو "

ان فلسفي جو اثر گذريل صدي يعني ويهين صدي ۾ به نظر آيو جڏهن بي مهاڀاري لڙائي ختم ٿي. يورپ ۾ هر طرف موت جو رقص هيو هزارين نه پر لکين ماڻهو مري ويا هئا. ڪروڙين ماڻهو بي گهر ۽ لاوارث ٿي ويا هئا. وري متان طائون Plague جي بيمار ڦهلجي وئي، جنهن ڪري موت جي شرح وڌي وئي. اهڙي صورتحال ۾ مذهبي "جبري" ماڻهن جو خيال هو ته انهن سيني ڳالهين جو سبب انهن جا گناهه هئا. جو ته انسانن جا جڏهن گناهه وڌي ويندا آهن ته پوءِ اهڙي قسم جون سزائون انهن کي، انهن جي گناهن جي بدلي ۾ ملنديون آهن. انسان مجبور آهي ۽ هن حالت ۾ هو ڪجهه نٿو ڪري سگهي. جڏهن ته بي قسم جي "قدري" ماڻهن جو خيال هيو ته، هي سڀ ڪجهه انسانن جو پنهنجو ڪيو ڪرايو آهي ۽ هن حالت کي هو سڌارڻ جي به سگهه رکي ٿو خاص ڪري طائون ۽ اهڙي قسم جي ٻين بيمارين کي ختم ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو انيڪارنا انسائيڪلوپيڊيا موجب ان خيال کي وجوديت: Existentialism جو نالو پهرين سارتر Jean- Paul Sartre ڏنو هيو. جنهن 1943ع ۾ پنهنجي ڪتاب Being and Nothingness ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان نظريي جي حوالي سان چيو ته انسان کي گهرجي ته اقتدار ڏٺين سان بغاوت ڪري پنهنجي دنيا پاڻ ٺاهي. پنهنجي ڪمن جي ذميواري پاڻ کڻي ۽ ان ڏس ۾ سماج يا مذهب جي مدد نه وٺي. ان خيال جا پوءِ ڪافي فلسفي ايري آيا. انهن مان هڪ البرٽ ڪامو Albert Camus جنهن 1948ع انهن سلسلي ۾ مشهور ناول The Plague لکيو. جنهن ۾ هن اهو ٻڌايو ته طائون جي ڪري هزارين لکين ماڻهو مري ويا ۽ هي اسان جي گناهن جي شامت نه آهي ۽ اسان گهڻو ڪجهه ڪري سگهون ٿا. ٻيو هڪ ناول نگار ۽ ڊرامه نگار سيموئل بيڪٽ Samuel Beckett هو جنهن پاڻ ان حوالي سان مشهور ڊرامو Waiting for God لکيو. جنهن ۾ هن اهو مقصد ٻڌائڻ چاهيو ته مصيبتن ۽ تڪليفن جي وقت مسيحا جو انتظار نه ڪجي ۽ پنهنجي مدد پاڻ ڪريو جي اصول تحت ڪم ڪجي.

مقصد چوڻ جو اهو ته انسان کي فلسفي شروع کان وٺي هيل تائين منجهايو آهي. شاهه صاحب ان کي هن مسئلي کي پنهنجن گهڻن ئي بيتن ۾ ۽ سر پرياتي ۾ پڻ اجاگر ڪيو آهي پاڻ فرمايو اٿن ته:

”اي ءُ نه پانن پير، جڻين ڪينر ڪيريءَ، ٽنگيو،
سونهاري صبوح سين، وڄهي وينين وير،
توکي چوندو ڪير، ڪيرت ڏاران مڱڻو.“

## ننڊ جو فلسفو:

هن بيت ۾ يا سر پرياتي جي ٻين بيتن خاص طور تي شروعاتي بيتن تي غور ڪرڻ سان پتو پوندو ته لطيف سرڪار هڪ ٻي مسئلي کي پڻ اجاگر ڪيو آهي، سو آهي گهڻي دير تائين ننڊ ڪرڻ. پاڻ اهو پيغام ٿا ڏيڻ چاهن ته انسان کي گهرجي ته غفلت واري ننڊ ڇڏي صبح سوير اٿي ڀرپور ڏٽي درٻاڏائي پوءِ ٻيا ڪم شروع ڪري. اسان جي پياري رسول ڪريم جن جو فرمان آهي. ”عن الصخر الغامدي، قال رسول الله: اللهم بارك لا متي في بكورها (الترمذي)“ يعني اي منهنجا الله! منهنجي امت کي سويري واري (سوير اٿڻ جي) نعمت عطا فرماء. غور طالب ڳالهه اها آهي ته ٻنهي جهانن

جي سردار ۾ شاهه صاحب گهٽي ننڊ نه ڪرڻ جو ايترو تاڪيد ڇو ڪيو آهي.

هاڻي جڏهن سائنسي تحقيقات سامهون آئي آهي، تڏهن معلوم ٿيو آهي ته گهٽي ننڊ جو ڪهڙو نقصان آهي. ان انيڪارٽا انسائيڪلوپيڊيا موجب دراصل اسان جي ننڊ سرڪاڊين رڌم Circadian rhythms سان وابسته آهي. سرڪاڊين رڌم اهو جسماني نظام آهي، جيڪو اسان جي جسم چوويهه ڪلاڪ هڪ گهڙيال وانگي هلي ٿو ۽ انسان جي جسم جي عضوون کي فطرت سان هم آهنگ رکي ٿو. اهو اسان جي دماغ جي ان حصي سان تعلق رکي ٿو جنهن کي هائيپوٿيليمس Hypothalamus سڏبو آهي، جيڪو دماغي تنتن جو مجموعو آهي، ان کي سپراڪيازميٽڪ نيوڪليس Suprachiasmatic Nucleus يا مختصر SCN سڏبو آهي. SCN وري پائينل غدودن Pineal glands کي سنياليندو آهي. دراصل ننڊ جو نظام اهڙي طرح آهي جو SCN اک جي ذريعي پائينل غدودن تائين اطلاع ڏيندو رهي ٿو ته هن مهل ڏينهن آهي يا رات، معنيٰ روشني هجڻ يا نه هجڻ جي معلومات فراهم ڪري ٿو. اگر رات هوندي آهي ته هي غدود ميلاٽونن هارمون Melatonin Hormone جاري ڪندو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ اسان کي ننڊ ايندي آهي ۽ اهو هارمون تيستائين جاري رهندو آهي، جيستائين صبح جي روشني جي معلومات دماغ تائين نه ٿي پهچي. جڏهن ئي صبح ٿئي ٿو ۽ ماڻهو جاڳي ٿو ته صبح جي روشني جي معلومات ملڻ تي هي غدود ميلاٽونن هارمون جاري ڪرڻ بند ڪري ڇڏيندو آهي. اگر انسان صبح ٺيڪ سان نٿو جاڳي ۽ دير تائين سمهي رهي ٿو ته پوءِ اهي هارمون پائينل غدود مان جاري ٿيندا رهن ٿا يا وري دير سان ننڊ ڪرڻ جي صورت ۾ به ائين ئي ٿئي ٿو. سائنسدانن جي تحقيق موجب انهن هارمونس جو گهٽي دير تائين جاري رهڻ سان ننڊ جو نظام متاثر ٿئي ٿو جنهن ڪري ننڊ جو مسئلو غنودگي، ڊپريشن، بلڊ پريشر جهڙا مرض لاحق ٿيڻ جا خطرات وڌي وڃن ٿا. جو جو هي هارمونس رت ۾ شامل ٿي وڃن ٿا ۽ جڏهن خطرناڪ حد تائين وڌي وڃن ٿا ته مٿيان بيان ڪيل مسئلا ٿي سگهن ٿا. مطلب ته گهٽي جاڳڻ يا سمهڻ سان ماڻهن کي اهڙي قسم جا مسئلا لاحق ٿين ٿا. ان ڪان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

علاوه ان ماڻهو کي معاشري ۾ عزت گهٽ ٿئي ٿي ۽ هر ڪوئي، خود ان جي گهر وارا به توڙي سڏين ٿا تڏهن ته شاهه لطيف چوي ٿو:

"سيراندي ساز ڪيو، سمهين ساري رات
جاجڪاڻي ذات، اي هوءِ اڳين"

### وقت سر ڪم ڪرڻ جي اهميت:

هڪ ٻي ڳالهه جنهن تي لطيف سائين زور ڀريو آهي اها آهي غفلت واري ننڊ ڪري سمهي پوڻ يعني آئيندي جو ڪو فڪر نه ڪرڻ. مطلب ته انسان کي گهرجي ته غفلت ڇڏي ۽ ڪم جي وقت ڪم ڪجي، تڏهن ڪاميابي ملندي، نه ته ماڻهو کي پنهنجو مقصد ماڻڻ مشڪل يا ناممڪن ٿي پوي ٿو. تڏهن ته لطيف سائين سر پرياتي ۾ وقت تي ڪم ڪرڻ جي قدر و قيمت سمجهائي ٿو، پاڻ فرمائن ٿا ته:

"اپريو تارو، اٿي ور وهاڳ ڏي،
سپڙ ريسارو، چت پرکي چارٽين."

مطلب ته اي انسان پنهنجي الله سائين کي پرچائڻو اٿئي ته ان جو وقت صبح صادق آهي، تون ان وقت يعني اسر مهل پنهنجي راڳڻي ڳاءِ، رب ريسارو آهي پر ايئن ڪرڻ سان هو پرچي پوندو. هو در اصل پنهنجن بندن جو دليون ٿو پرکڻ چاهي. هو ڪڏهن به نه چاهيندو آهي ته انسان غفلت جي ننڊ ۾ سمهي رهي ۽ ڏسڻ گهرندو آهي ته ڪهڙو بندو آهي جو پنهنجي آرام ڇڏي منهنجي ڍر تي ٿو اچي. مطلب ته الله سائين کي پرچائڻ لاءِ صبح جو وقت آهي. مجموعي طور تي ڏسنداسين ته وقت جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو آهي. جو ته وقت تي ڪم نه ڪرڻ سان اهو ڪم جيڪو ان وقت اهم آهي ته ماڻهو کي ڳڻتي ۾ وجهي ڇڏي ٿو يا وري اهو ڪم جيڪو ان وقت ضروري نه آهي اڳتي هلي ضروري بڻجي وڃي ٿو ۽ ان وقت ڳڻتي جو سبب بڻجي ٿو خاص طور تي جڏهن دير ڪرڻ عادت بڻجي پوي ٿي. پوءِ انهيءَ ماڻهو کي ستهيون سنهيون ڳڻتيون ورائي وڃن ٿيون ۽ جيئن ان جا گهڻا ڪم ڪار پوئتي پوندا وڃن ٿا، تئين ان کي ٽينشن وڌي وڃي ٿو. هڪ آمريڪي ليکڪ

۽ صحافي Daniel Goleman پنهنجي ڪتاب Working with Emotional Intelligence جي توسط سان چوي ٿو ته جڏهن ڪو ماڻهو پريشر يا ايمرجنسي ۾ ڪم ڪري ٿو ته ان وقت ان جي دماغ جو اڳيون حصو جيڪو مکيه مرڪز آهي، ڪم سبب، گهٽو متاثر ٿئي ٿو. هوچوي ٿو ته هونئن ته ٿوري ڳڻتي هر ماڻهو کي هجڻ کپي ته جيئن هو ڪم ڪري سگهي ۽ ان ٿوري ڳڻتي وقت ماڻهو جي دماغ مان Catecholamines رطوبتون خارج ٿين ٿيون. پر اها ڳڻتي جيئن ئي وڌي ٿي ته دماغ مان Cortisol رطوبتون خارج ٿين ٿيون. جيڪي دماغ جي سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت کي نقصان پهچائن ٿيون ۽ ايئن وڌندي وڌندي ڊپريشن، بلڊ پريشر جهڙيون خطرناڪ بيماريون پيدا ٿيون. تڏهن ته شاهه لطيف فرمائي ٿو ته:

"ستو ڪيئن ننڊون ڪرين، روءِ وهاڻي روءِ،

سيان ساز سندوءِ، پيو هوندو پٽ ۾"

مطلب ته اسان غفلت جي ننڊ ڇڏي وقت جي اهميت سمجهي، پنهنجو ڪم وقت سر ڪيون، نه ته سياڻي ناڪامي ۽ پريشاني ڏسڻي پوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بشير احمد سومرو

# سرپرياتي ۽ مادرن سائنس

لطيف سائينءَ سر پرياتي جي آخري وائي ۾ ڪائنات جي تخليق جو تصور ۽ انسان جي پيدائش جو ذڪر به ڪيو آهي ته ساڳئي وقت تي موجوده دؤر جي فلاسافرن ۽ سائنسدانن کي به تنقيد جو نشانو بڻايو آهي. جيڪي حقيقت پسنديءَ کان منهن موڙي انڌي مادي پرستيءَ ۾ ڪاهي پيا آهن. اهي حقيقي راه ڏيکارڻ بدران گمراهيءَ ڏانهن وٺي وڃن ٿا ۽ انهن انسان جي تباهيءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهن. مادي پرستي انسان جي جسم ۾ موجود روحاني اسرارن کي ابدي ننڊ سمهاري ڇڏي ٿي. موجوده دور جي سائنسي فلاسافرن انسان کي هڪ اهڙي مادي ڄار ۾ ڦاسايو آهي جو هو نه صرف پاڻ ۾ موجود اسرارن کي سمجهڻ کان عاري آهن پر ڪائنات جا راز به سمجهڻ کان پري ٿيندا پيا وڃن ڇو ته هو ذهني طور تي ان کي سمجهڻ لاءِ تيار نه آهن ته انسان کي روحاني قوت به آهي. جيڪا اسان کي اپيل ٿي ڪري ته مادي سوچ کان سواءِ به انسان ڪائنات جي کوجنا ڪري سگهي ٿو. لطيف سائينءَ انهن مادي پرستن تي سخت تنقيد ڪئي آهي ۽ روحاني اپروچ کي واضح ڪيو آهي، جنهن تي اڃا تائين مادي پرست سائنسدانن جي سوچ نه وئي آهي يا وري هو الله کي ليبارٽريءَ ۾ ڏسڻ چاهين ٿا.

جيڪڏهن غور ڪبو ته اسان کي لطيف سائينءَ جي دؤر ۾ سنڌ ۾ فلسفي ۽ سائنس جي ترقي پري پري تائين نظر نه ايندي ۽ جڏهن ته لطيف سائينءَ جي دؤر ۾ اسان کي مذهبي تعليمات جو اثر گهڻو نظر اچي ٿو: جنهن ۾ قرآن، ويد، بائيبل، ويدانيت ۽ ٿورو گهڻو ڪي ٻين مذهبن جي باري ۾ علم هيو، ان وقت سنڌ ۾ فلسفي ۽ سائنس جو وجود ئي ڪونه هيو. لطيف سائينءَ مذهب ۽ مادي پرستي جو ذڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪري اهو ثابت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيو آهي تہ هن جي شاعري جو انداز نرالو آهي جنهن ۾ هن ڪائنات جي اڻ ڳڻين رازن تان پردو کنيو آهي. اهو انداز لطيف سائينءَ کي دنيا جي عظيم شاعرن ۾ سڀ کان مٿي ڪري ٿو. لطيف سائينءَ ان جو اظهار پنهنجي وائي جي چند سٽن ۾ ڪيو آهي.

ڪين منجهان جو ڪري سو نہ سارا هين سائين،
وتعز من تشاءُ و تذل من تشاءُ آهي سڀ اتائين،
نوازيائين نطفو، منجهان ڪين ڪيائين،
حرفت حرفين جي پيري پڳائين،
حاسد حزن ۾، مدعي پاڻ مٺائين،
اديون عبداللطيف چئي آه پاڻ وٽندڙ سائين.

جيئن تہ سيني مذهبن جي اجتماعي سوچ ساڳئي آهي تہ اهي انسان جون روحاني ۽ اخلاقي صلاحيتون اجاگر ڪرڻ چاهين ٿا. ان ڪري انهن مذهبن ۾ ٿوري فرق ڪانسواءِ ارتقا جو مرحلو ساڳيو آهي. اهو بہ ان ڪري جو قرآن پنهنجي اصلي فارم ۾ موجود آهي. جڏهن تہ ٻيا ڪتاب پنهنجي اصلي ٻولي وڃائي چڪا آهن. اسان هتي صرف سائنسي ۽ فلاسافيڪل اپروچ جو ذڪر ڪنداسين ۽ سائنسي معيار تي لطيف سائينءَ جي شاعري جي پرک ڪنداسين تہ جئين اسان کي معلوم ٿئي تہ لطيف سائين دنيا جو وڏي ۾ وڏو ۽ هر دور جو شاعر آهي. لطيف سائين پنهنجي شعر جي پهرين سٽ ۾ ڪائنات جي تخليق جو بيان ڪيو آهي:

ڪين منجهان جو ڪري سو نہ سارا هين سائين

هن سٽ ۾ اهو ٻڌايل آهي تہ ڪائنات جي ارتقا عدم مان ٿي آهي. يعني اڳ ۾ ڪجهہ بہ نہ هو، اچو تہ ان تخيل کي ارتقا جي نظريي سان پرکيون تہ ڇا واقعي ائين آهي جيئن لطيف سائين چوي ٿو. رائيل ۽ ايلن سنيڊج پنهنجي تحقيق کان پوءِ بگ بينگ جو نظريو پيش ڪيو. ان نظريي مطابق ڪائنات هڪ دونهين واري نقطي يا مقام مان ڦاٽي ڪري وجود ۾ آئي هئي. ان مقام کي سنگيولرٽي ۽ جو نالو ڏنو ويو پر اهو نہ ٻڌايو ويو آهي تہ بگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بينگ. جو ٿيو يا کهڙي قوت جي ڪر ٿيو هو يا وري ايڏو وڏو گولو ڪٿان ۽ ڪٿين آيو! پڙرين اها سنگيولرٽي ان حد تائين گرم هئي جو ان جو اندازو لڳائڻ مشڪل هو. هڪ سيڪنڊ جي سوين حصي ۾ هيءَ سنگيولرٽي باهه جي گولي واري صورت ۾ ڦهلجي وئي ۽ ان جي گرميءَ جو درجو هڪ سئو ارب ڊگري ڪيلون هيو. ان وقت تائين نه ته اليڪٽران، پروٽان، نيوٽران ۽ نه وري چارئي مادا (مٽي، باهه، پاڻي ۽ هوا) وجود ۾ آيا هيا. تنهن وقت مادو ۽ توانائي هڪ ٻئي سان مليل هيا ۽ چارئي انٽرايڪشن هڪ مضبوطيءَ سان جڙيل هيا. پوءِ شروعاتي گرم ۽ دونهين سان ڀريل باهه جو گولو ڦهلجڻ لڳو ته اهو آهستي آهستي ٿڌو ٿيڻ لڳو ۽ هڪ ترتيب واري صورت اختيار ڪيائين. پهريائين ڪشش ثقل جي قوت يا مخالف عمل جي ڪري ڌار ڌار شڪلين ۾ ٿي پيو ۽ اهڙي طرح ڪمزور ۽ طاقتور اليڪٽرو ميگنيٽڪ انٽرايڪشن پاڻ ئي ان ترتيب ۾ آيل مادي مان پيدا ٿي پيو ۽ پوءِ آسماني جسمن ۽ زمين جو ڌماڪي سان ڌار ٿيڻ وارو عمل شروع ٿي ويو. اهڙيءَ ترتيب جي ٽٽڻ ڪري شروع واري سيميٽريڪل انٽرايڪشن جي ڌار ٿيڻ جي ڪري فزڪس جا چار مخالف انٽرايڪشن ڪمزور نيو ڪلائي فورس، طاقتور نيوڪلائي فورس، ثقلي فورس ۽ اليڪٽرو ميگنيٽڪ فورس وجود ۾ آيا.

مشهور سائنسدان آئن اسٽائين پنهنجي نظرئي اضافيت ۾ انهيءَ ڳالهه جو ثبوت ڏنو آهي ته مادو ۽ توانائي هڪ ئي وقت هڪ ئي شئي آهن. مادو توانائيءَ جي ڪنڊينسڊ صورت آهي ۽ جڏهن ته توانائي پنهنجي جڳهه تي هڪ آزاد مادو آهي. هو ان ڳالهه کي به ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي ته ستاري ۽ وقت کي هڪٻئي کان الڳ نٿو ڪري سگهجي. اهي هڪ خلا ۽ وقت جي سلسلي ۾ ٻڌل آهن. وڌيڪ ڪوجنا ڪانپوءِ اهو دريافت ٿيو ته ڪشش ثقل ۽ ان لاءِ وزن به ان سلسلي ۾ صرف هڪ موڙ آهي. جڏهن ڪائنات وجود ۾ آئي ته اها ڪشش جي مدد سائين قائم رهي، جيڪا انهيءَ جي وجود ۾ اچڻ جي سلسلي ۾ مددگار هئي. هڪ طريقي سان هي انٽرايڪشن ۽ ريلشن جي مليل عمل مان ظاهر ۽ ثابت ٿئي ٿي. بجليءَ جي معاملي ۾ مخالف چارجز هڪ ٻئي کي پنهنجي طرف ڇڪين ٿيون. جڏهن ته هڪجهڙيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چارجز هڪٻئي کي ڌڪين ٿيون. هيءَ هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن جي مدد سان ائٽم ۾ ٻئي مادي جي موجودگي ثابت ٿئي ٿي. وڌيڪ ته ڪشش ثقل جي سبب قوت ان جي مرڪز گريز قوت جي مدد سان توازن پذير آهيئي جنهن کي لوڪس چئجي ٿو جيڪي ستارن ۽ سيارن جي نظام کي قائم رکيون بيٺيون آهن؛ جو ته هر شيءِ جي بقا پوءِ اهو ننڍي ۾ ننڍو ائٽم هجي يا وري وڏي کان وڏن ستارن جي نظام جي بقا به انهيءَ جي ڪري آهي. ٻئي طرف ستارن ۽ سيارن جي گردش ڪائنات ۾ پوري مادي کي ڪشش ثقل جي قوت جي ذريعي فنا ٿيڻ جي عمل کان روڪيو بيٺي آهي. جڏهن ته خالي جڳهه يا ٠ يارو جنهن ۾ خلا بلڪل نه آهي، ان کي جديد فزڪس ۾ پلينم چيو وڃي ٿو. هائزن برگ جي پرنسيپل آف انسرٽينٽي جي مطابق ان خالي جڳهه يا خلا جي اندر وقت گهٽجي ٿو يا وقت گهٽجي ۽ وڌجي ٿو. هائزن برگ جي بيان ڪندڙ اصولن جي پسمنظر ۾ جيڪي حدون مقرر ڪري سگهجن ٿيون ان ۾ مادي ۽ توانائيءَ جو تحفظ ان حد کان به لنگهي وڃي ٿو. جو عقل حيران آهي ۽ توانائيءَ جي واضع اڪاين يعني ڪوانٽا کي غيروجود مان وجود ۾ آڻي سگهجي ٿو. لطيف سائينءَ انهيءَ سچي سائنسي راز کي هڪ سٽ ۾ سمجهايو آهي.

ڪين منجهان جو ڪري سو نه ساراهين سائين

ان کان پهرين جو انهن کي محفوظ ڪيو وڃي يا وري وجود حاصل ڪن. اهي جلدي هڪ لمحي ۾ ئي فنا ٿي وڃن ٿا. وري ان لمحي ۾ اهو ذرو غيروجود ۾ غائب ٿي وڃي ٿو. انهيءَ ذري کي ورچوئل پارٽيڪل سڏيو وڃي ٿو پر جيڪڏهن انهن ذرن ۾ توانائي مناسب مقدار ۾ پهچائي وڃي ته ان کي مادي جي حالت ۾ آڻي سگهجي ٿو يا وري ان ۾ جان وجهي سگهجي ٿي. هاڻي ته ڪوانٽا مان وجود ۾ آڻڻ واري مادي جو سائنسي ليبارٽرين ۾ به مشاهدو ڪيو وڃي ٿو

اهڙيءَ طرح ڪائنات ۾ مادي صورتون يعني ستارا ۽ توانائي وجود ۾ آيون . بگ بينگ ٿيڻ بعد ٻه ارب سالن جي اندر ڪهڪشائون وجود ۾ آيون. انهن ڪهڪشائن ۾ اسان جي سج کان هزارين دفعا وڏا ستارا موجود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن. اسان جي ڪهڪشان ۾ اهو ستارو به هو، جنهن مان اسان جو نظام شمسي وجود ۾ آيو. آمريڪي ماهر فلڪيات لارنس بيڊش جي تحقيق مطابق ساڍا چار ارب سال اڳ ۾ اسان جو نظام شمسي ان ستاري جي ڦاٽڻ سان وجود ۾ آيو. شروع ۾ هي هڪ سپرنووا جي شڪل ۾ ان جي اندر مٽي، دونهين ۽ گيس جو تمام وڏو اثر هيو. ان دائري پنهنجي مرڪز جنهن پوءِ جي شڪل اختيار ڪئي، ان جي چوڌاري گردش ڪرڻ شروع ڪئي. اينڊڙ ستر ڪروڙ سالن ۾ نظام شمسي پنهنجي بهتر شڪل ۾ اچي ويو. مٽي، دونهون ۽ گيسون زياده ڪنڊينسڊ ٿي ڪري سيارن جي شڪل اختيار ڪيائون ۽ اسان جي ڌرتي به انهن مان هڪ گره آهي، جتي زندگيءَ جي شروعات ٿي ۽ ٻين جاندارن سان گڏ انسان جو به وجود ٿيو.

لطيف سائين ۽ ارتقا جي ان سڄي مرحلي کي جنهن ۾ جاندارن جي بهترين ۽ گهٽ درجي واري صورت جو راز سمايل آهي، ان کي هن آيت جي انداز سان بيان ڪيو آهي.

وتعز من تشاءِ وتذل من تشاءِ ايئن اتائين

جنهن جو مقصد اهو آهي ته احسن تقويم ۽ اسفل سافلين. سائنسي لفظن ۾ ان کي انتراپي چئبو يعني پهريائين اسيمبل ۽ پوءِ ڊسٽرڪشن جيڪا ڪائنات ۾ اج سوڌو جاري آهي، پر ان جي ابتڙ مادي پرست سائنسدان چون ٿا ته پهرين تباهي ٿي ۽ پوءِ نهڻ ٿيو. لطيف سائين انهيءَ سائنسي نظريي کي هن آيت جي ذريعي رد ڪيو آهي ۽ سمجهايو آهي ته انسان پنهنجي اصلي مقام يعني لاشعور واري زندگي جنهن ۾ هو جيڪو طلبيندو هيو اهو حاصل ڪندو هيو. جڏهن ان تان هيٺ ڪري پيو ته پوءِ هو مادي دنيا ۾ ڦاسي پيو ۽ اهو هينئر اجتماعي طور تي جنسي عمل ۾ ڦاسي پيو آهي. تڏهن ئي ته لطيف سائين فرمايو:

نوازيائين نطفو منجهان ڪين ڪيائين

اسان جيڪڏهن نطفي کي سائنسي طور تي ڏسنداسين ته اسان کي معلوم ٿيندو ته انسان جي تخليق جو جز ۽ ساڳئي وقت تي موروثي بنياد جو ذريعو آهي. انسان فزيالاجي ۾ نطفي جو نهڻ مياسس جي ذريعي ٿيندو آهي


Scanned with CamScanner

۽ ساڳئي وقت تي انسان ۾ مائٽوسس بہ موجود آهي. زائگوٽ ۽ ايمبريو ناهڻ ۾ بہ اهم ڪردار نطفي جو آهي. لطيف سائين هن سٽ ۾ فرمائي ٿو تہ منجهان ڪين ڪيائين. يعني انسان اجا بہ ارتقا جي منزل طئي ڪندو ۽ ان مقام کي پهچندو جنهن تان هو ڪريو آهي. علامہ عنايت الله مشرقي پنهنجي ڪتاب "انساني مسئلا" ۾ انسان جو اهڙو فارم ڏسيو آهي. جيڪو هن جنسي عمل مان پاڻ کي آزاد ڪرائيندو. آئن اسٽائين ان کي ٿيوري آف رليٽوٽي جي ذريعي سمجهايو آهي تہ مادو تبديل ٿئي ٿو توانائي ۾ پر مادي جي رفتار روشنيءَ جي رفتار کان هيٺي هجي تہ جيڪڏهن انسان ان صورت ۾ سفر ڪري تہ پوءِ ان جي صورت اها رهندي جيڪا هاڻي آهي يا اهو شعور ۽ لاشعور جو ذڪر پڻ ڪيو آهي. جنهن کي اڄ جي دنيا ۾ سائيڪالاجي جو علم چون ٿا. ان مان لطيف سائين جي اڄ جي اپروچ جو پتو پئي ٿو تہ ان جي شاعريءَ ۾ ڪيتري گهرائي آهي.

لطيف سائين انهن سٽن کان پوءِ انهن سائنسي فلاسافرن تي تنقيد ڪئي آهي ۽ پڻ انهن سيني اينڊڙ فلاسافرن لاءِ بہ چيو اٿس جيڪي اڄ جي دور ۾ ڊارون جي ارتقا جي نظريي کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

حرفت حريفن جي پيري سپ پڳائين،
حاسد سپ حزن ۾ مدعي پاڻ مٺائين.

هن سٽن ۾ لطيف سائين هر دؤر جي مادي پريت سائنسدانن کي ننديو آهي، جيڪي دهريت جو بنياد آهن ۽ پنهنجي حرفت سان انسان جي شعور کي پٽڪايو اٿن: چو تہ انسان فطرت کان جيڪا ڊماند ڪري ٿو اها سائنسي سوچ هن کي مهيا ڪونہ ٿي ڪري. سائنسدانن بيشڪ انسان لاءِ تمام بهترين ايجادون ڪيون آهن پر اهي سپ مادي ضرورتون پوريون ڪن ٿيون ۽ جڏهن تہ انسان جو روح ڪجهہ ٻيو ڊماند ڪري ٿو. چو تہ انسان مادي لذتن مان اها تسڪين پوري حاصل نٿو ڪري سگهي، جنهن جي هو تلاش ۾ آهي. جڏهن تہ سائنسي فلسفي انسان کي ارتقا جي ڪوڙي نظريي ۾ ڦاسائي اصلي راهہ کان ڀٽڪائي ڇڏيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هتي اسان خاص طور تي ارتقا جي حوالي سان ڪجهه ذڪر ڪنداسين ته ڪيئن لطيف سائين جي چوائي اهي پنهنجي ئي جار ۾ ڦاسي پون ٿا. جديد سائنس جي ارتقا جو بنياد يورپ ۾ پيو جڏهن ته يورپ ۾ ڪرسچنٽي جو تمام زور گهٽو هيو ۽ سائنسدانن کي ڳولي ڳولي تي ماريو ويو ڇو ته انهن جي تعليم بائيبل جي خلاف هئي ۽ اهو ئي سبب هو سائنسدانن جي بغاوت جو. پر ان بغاوت جي سزا پوري انسانيت کي ڏني وئي ڇو ته سائنسدانن فلاسافرن کي اهڙا بنياد فراهم ڪيا، جن جي بنياد تي انهن پنهنجو ڌار مذهب تشڪيل ڏنو. جڏهن ڊارون ارتقا جو نظريو ڏنو ته ڪارل مارڪس پنهنجي مشهور ڪتاب "داس ڪيپيٽل" ۾ لکيو "ڊارون جي نظريي ان کي مادي پرستي ۽ ڪميونزم لاءِ هڪ مضبوط بنياد فراهم ڪيو آهي". جديد فزڪس جي ماهر ميڪس پلانڪ چيو. هر سنجيده ماڻهو جيڪو سائنس جو مطالعو ڪري ٿو ان کي سائنس جي دروازي تي هي جملو لکيل ملندو. "يقين سان ۽ ايمان سان گڏ زنده رهه"

لمارڪ کان پوءِ ڊارون جڏهن ارتقا جو نظريو ڏنو ته هل ۽ هنگامو مچي ويو. جنهن جو اندازو مارڪس جي پيش ڪيل لفظن مان صاف ظاهر آهي. جڏهن ته ڊارون جو ڪتاب هر محفل جو موضوع رهيو. انهيءَ ڪتاب عيسائين جا لاه پٽي ڇڏيا، پر انهن به هار نه مڃي ۽ جڏهن مينڊل جي جنيٽڪس واري ٿيوري ظاهر ٿي ۽ ڪروموسومز جي جوڙي وارو تصور آيو ته اها ڳالهه ظاهر ٿي پئي ته انسان ڪنهن پولي جو ترقي يافته نسل نه پر هڪ ڌار تخليق آهي پر انهي جو توڙ لاءِ جين پول جي نظريو آيو ۽ جڏهن ان تي به تنقيد ٿي ته وري ان نظريي کي وري نيوڊارونزم جي صورت ۾ ظاهر ڪيو آهي ۽ سائنسدانن انهيءَ کي وڏي طمطراق سان پيش ڪري رهيا آهن. سر جيمس جينز پنهنجي هڪ مضمون "اين ايسٽر انامرس ويو اباٺوٽ يونيورس" ۾ انهيءَ کي هيئن پيش ڪيو.

"جيڪڏهن ڪجهه گهٽو وقت ڏنو وڃي ته 6 ٻولا يقينن اهڙي ڪوشش ڪري سگهن ٿا ته اهي شيڪپيئر جو هڪ سانيٽ لکي سگهن."

جڏهن اهڙي ارتقائي نظريي تي تنقيد ڪئي وئي ته 1912ع ۾ هڪ مشهور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر چارلس ڊانس برطانيا ۾ هيءَ اعلان ڪيو تہ ان کي هڪ کوپڙي سان گڏ پلٽ ڊائون جي هنڌ تي هڪ ڪڏ مان هڪ ڪاڏيءَ جي هڏي هڪ کوپڙي ۽ سان گڏ ملي آهي ۽ ان جا ڏند ۽ کوپڙي انسان وانگر آهن. انهيءَ تي پلٽ ڊائون ماڻهوءَ جو ليبل لڳائي، ان جي لاءِ وڏائي جيو ويو تہ اهو پنج لک سال پراڻو آهي ۽ پوءِ ان کي ميوزم ۾ رکيو ويو. ان تي چاليهہ سالن تائين مضمون ۽ مقالا لکيا ويا جڏهن تہ ان موضوع تي پنج سو کان مٿي ڊاڪٽوريٽ جون ڊگريون ۽ تحقيقي مقالا لکيا ويا. قديم بائلاجي ماهر ۽ برٽش ميوزم جي انچارج ڪينٿ اوڪلي 1949ع ۾ اتي فلورين جو تجربو ڪيو تہ حيرت جي حد نہ رهي تہ اهو پلٽ ڊائون ماڻهو فرضي نڪتو. فلورين جي ٽيسٽ ڪرڻ کانپوءِ اهو پتو پيو تہ جاڙيءَ وارو هڏو صرف ڪجهہ سال پراڻو آهي، جڏهن تہ کوپڙي ۾ فلورين گهٽ هجڻ ڪري اها چند هزار سال پراڻي هئي. انهيءَ فوسل تي ويئر 1953ع ۾ ريسرچ ڪئي تہ اها کوپڙي ڪل پنج سو سال مس پراڻي هئي ۽ انهيءَ هڏن ۽ ڏندن تي پوٽيشم جا ٻرنگي نشان لڳايا ويا هئا اهي داغ ان وقت غائب ٿي ويا، جڏهن ان کي تيزاب ۾ وڌو ويو. تڏهن تہ لطيف سائين هر دؤر جي مادي پرستن لاءِ چيو آهي:

حرفت حريفن جي پيري سڀ پڳائين.

هڪ روسي ارتقا پسند اليگزينڊر آءِ او پيرن جنهن کي ماليڪيول جي ارتقا تي پنهنجي دؤر ۾ هڪ اٿارٽي سمجهيو ويندو هيو. ان 1936ع پنهنجي ڪتاب "اوريجن آف لائيف" ۾ لکيو آهي "بدقسمتيءَ سان جيو گهرڙي جي ابتدا جي باري ۾ سوال جو جواب نٿو ڏئي سگهجي، جيڪو حقيقت ۾ ارتقا جي نظريي جو وڏو انداهو پهلو آهي"

ارتقا جي انهيءَ نظريي کي ثابت ڪرڻ لاءِ ملر جو تجربو سامهون آيو. جڏهن ان تي اهي اعتراض اٿاريا ويا تہ ڪائنات جي ابتدا ۾ اهي گيسون ڪيٿن آيون، جيڪي ملر بيان ڪيون آهن. تازو اهڙا اعتراض نيشنل جيوگرافڪ چينل تي مارچ 1998ع ۾ بيان ڪيا ويا. ان کانپوءِ سڊني باڪس امائينو ائسڊ يعني پروٽينائيڊس کي گڏڻ ۾ ڪامياب ويو ۽ ان کان بعد ۾ وري ڊي اين اي جو وجود سامهون آيو. هارورڊ يونيورسٽيءَ جي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيميائي ماهر والٽر گلبرٽ تہ اها دعويٰ ڪئي تہ ٻلين سال اڳي هڪ آر اين اي ڪنهن نہ ڪنهن طرح وجود ۾ اچي چڪو هو جنهن بعد ۾ ڊي اين اي جي صورت ۾ اختيار ڪئي هوندي. ملر، واٽسن ۽ ڪرڪ تي مشهور ارتقا پسند ڊاڪٽر ليزلي اورگل تنقيد ڪندي چيو تہ اهو ناممڪن آهي تہ هڪئي وقت تي ۽ هڪئي هنڌ تان نڪرنڊز ماليڪيول جو وجود ۾ اچڻ ممڪن هجي. جڏهن تہ ٿرموڊائنامڪس جو ٻيو قانون بہ ان ارتقا جي نظريي کي ڪوڙو ثابت ڪري ٿو ۽ ساڳئي وقت تي انٽراپي پڻ.

تازو پولائزر جي ان سوچ تي پڻ تنقيد ٿي آهي، جنهن ۾ هن اهو چيو هيو تہ جيڪڏهن مان پٿر کي لت هڻان تہ مون کي سور محسوس ٿيندو جنهن جو مقصد آهي تہ مان آهيان. پر هاڻي جيڪا اسٽڊي آئي آهي، ان اهو چيو ويو آهي تہ اسان جو دماغ جيڪو محسوس ڪري ٿو، اهي برقي اشارا آهن. جڏهن تہ اصل جسم يا شئي سان دماغ جو واسطو نہ ٿو پوي ۽ اسان جي دماغ ۾ ان جو عڪس پهچي ٿو تہ پوءِ محسوس ڪرڻ وارو ڪير آهي. اهو تصور تڏهن آيو جڏهن روبوٽ کي اک لڳائي وئي تہ ان کي نظر اينڊز شيون بليڪ اينڊ وائيٽ نظر آيون ۽ سائنسدان اهڙي مائيڪرو چپ انسان کي بہ لڳائڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن تہ پوءِ هي دنيا ان کي نظر ڪيئن ايندي. اسان جي ٻاهرين انفارميشن اليڪٽرو ڪيميڪل تي مشتمل آهي. جيڪڏهن اسان جي ٽيسٽ جي سينس کي بلاڪ ڪري پوءِ ڪا شئي کارائي وڃي تہ اسان کي ان جو احساس نہ ٿيندو تہ پوءِ آخر ان ڪاڏي جي ٽيسٽ جي ڪيئن خبر پوندي. اهو نظريو اسان کي وري وحدانيت ڏانهن وٺي اچي ٿو جنهن لاءِ لطيف سائين فرمائي ٿو :

حرفت حريفن جي پيري پڳائين
اديون عبداللطيف چئي آهي پاڻ وٽندڙ سائين

**مددگار ڪتاب:**

1. قرآن ۽ سائنسي حقيقيتون — هلوڪ نور باقي
2. ارتقا جو نظريو هڪ فريب — هارون يحيٰ
3. دي لاسٽ ٿري منٽس — ترجمو: ارشد رازي
4. ڪن فيڪون، ڪائنات ڪي ان گنت راز — طارق عزيز
5. روحاني ڊائجسٽ — شمس الدين عظيمي
6. ڊان جا سائنٽيفڪ ميگزين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري

# سرپرياتي جو جائزو

عربين جي دؤر حڪومت کانپوءِ سنڌ تي سنڌين جي حڪمراني قائم ٿي. سنڌ تي 1050ع کان 1350ع تائين سومرن ۽ 1350ع کان 1520ع تائين سمن جي حڪومت قائم هئي. انهن ٻنهي دؤرن ۾ سنڌي ادب اسريو ۽ اڀريو. خاص طرح سان لوڪ ادب جي حوالي سان گهڻي ترقي ٿي. هن عرصي دوران ڀٽن ۽ ڀانن سخي سردارن جي سخاوت کي ڳائي راڄن ۽ ڀاڳين ۾ گهڻو مشهور ڪيو. سنڌ ۾ سخاوت جي حوالي سان ڄام ڪرن، ابڙو اگهام، ڄام راهو ڏياڄ ويراڻي، ڄام سپڙ ڄوڻاڻي، ڄام جکرو اوڍاڻي، ٽانور ڀٽي، ڄام اٺ، ڄام جکرو ڀَهڙ راءِ ۽ لاکو ڦلاڻي ڏهه ڏاتار جي نالي سان مشهور ٿي گذريا آهن.

"سمن جي دؤر کي رعيت پروري ۽ سماجي توڙي معاشي لحاظ کان نهايت خوشحالي وارو دؤر سمجهيو وڃي ٿو. انهيءَ دؤر ۾ ڪيترائي سخي، سورهيه ۽ مٿير مڙس پيدا ڪيا." (1)

سر پرڀاتي ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سمن جي دؤر جي مشهور سخي ڄام سپڙ جي سخاوت کي پنهنجي شاعري جو موضوع بڻايو آهي. "هون ته سمن سردارن ۾ ڪئين سخي ۽ ڏاتار ٿي گذريا آهن، جن جي سخا جا ڳڻ اڄا تائين پيا ڳائجن. پر ڄام سپڙ اهڙو سخي هو جيڪو نه رڳو در تي آيل فقيرن ۽ منگتن کي خيرات ڏيندو هو. پر ماڻهو موڪلي ملڪ جي گهرجائن ۽ ضرورت مندن جي تلاش ڪري مدد ڪندو هو. جنهن جو اثر اهو ٿيو جو سنڌس راڄ مان بک، تڪليف ۽ اوک بلک ختم ٿي ويا ۽ سڄو علائقو خوشحال ٿي ويو." (2)

حقيقت هي آهي ته شاهه صاحب جي هر سر ۾ هڪ تمثيل رکيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي، هڪ طرف تہ هن حقيقت کي ان جي موضوع مطابق بيان ڪيو آهي ۽ ٻي طرف وري ان جي روحاني يا اصلي حقيقت کي بہ عيان ڪيو اٿس.

"لطيف سائين ۾ مشاهدي جي قوت تمام تيز ۽ پرڪا ۽ پروڙ جي سگهہ سرس هئي. جتي ويو اتي جي عوام جي حقيقتن کان واقفيت حاصل ڪيائين ۽ انهن حقيقتن کي شعر جي مالها ۾ پوئي علامتي رنگ ۾ پيش ڪيو اٿائين. سر پرياتي پڻ اهڙن خيالن جو ترجمان آهي." (3)

"پرياتي هڪ راڳڻي جو نالو آهي جا پريات يعني اسر جو ڳائبي آهي. هن سر ۾ شاهہ انسان کي بندگي جي تاڪيد ٿو ڪري ۽ ڏاتي جي اپار سخاوت کي ٿو ساراهي، هتي سپڙ سخي مان مراد ڏاتي آهي، جو رب العالمين آهي ۽ سڀ کي روزي ٿو رسائي. سپڙ سخي هڪ جڏي جاجڪ کي تازي گهوڙا انعام طور عطا ڪري ڇڏيا. ساڳي طرح انسان ڪيترن بہ عيب سان پريل هجي پر جي سائين اڳيان ٻاڏائي تہ هو ڪيس مالامال ڪري ڇڏي." (4)

شاهہ صاحب سر پرياتي ۾ مڱڻهار جو مثال وٺي، انسان کي صلاح ٿو ڏي. غلفت ڇڏي پريات جو اٿي ڏاتي در ٻاڏائي ان کي سوال ڪر جيئن مالڪ مهر ڪري تو مان راضي ٿئي. شاهہ صاحب ڏڄ منگڻهار جي مثال ذريعي هن سر ۾ سمجهايو آهي جيئن ڄام سپڙ منگتي کي نوازيو عين انهي طريقي سان هڪ گناهگار ۽ خطا ڪار انسان الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي ٻاڏائيندو تہ رب جي رحمت ضرور جوش ۾ ايندي. شاهہ صاحب هن سر ۾ فرمائي ٿو تہ اها منگتن جي ريت نہ آهي تہ جو گهر ۾ سرندو ننڊيو رهي ۽ مڱڻهار صبح تائين ستو رهي. تہ اهڙن حالتن ۾ ڪيس ڪير بہ مڱڻهار نہ سڏيندو. ٻين لفظن ۾ شاهہ صاحب انسان کي نصيحت ٿو ڪري تہ اسر جو اٿي الله کي ياد ڪر جيئن توکي ماڻهو الله جو بندو سمجهن.

اي نہ پانن پير، جڻن ڪينر ڪيري ننڊيو،
سونهاري صبوح سين، وڄهي ويٺين وير،
توکي چوندو ڪير، ڪيرت ڏاران مڱڻو؟

لطيف سائين انسان کي سجاڳ ٿو ڪري ۽ ڪيس سمجهائي ٿو تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي ڪمائي جو وقت آهي، جيڪو تون آرام ڪري سمهي ٿو گذارين ۽ سياڻي جڏهن تنهنجو جسم مٽي حوالي ٿيندو ته پوءِ تو کي ڪجهه به پلئي نه پوندو.

ستو ڪئن ننڊون ڪرين، رو وهاڻي روءِ،
سيان ساز سندوءِ پيو هوندو پٽ ۾.

شاهه صاحب ٻڌائي ٿو ته جيڪڏهن انسان هڪ سست ميراثي وانگر ساز سيراندي ڪري سمهي رهندو ته پنهنجي مالڪ وٽ سرفراز نه ٿي سگهندو. شاهه صاحب منگتي کي مشورو ڏئي ٿو ته ڇو پنهنجو وقت ٿو وڃائين ۽ پنهنجو ماضي ڪٿي گذاريئي، هاڻي تون پنهنجا خراب افعال ڇڏ جيئن تون پنهنجي مالڪ اڳيان سرخرو ٿيئن.

موڙهو پٽين منگتا، ڪيڏانهن هئين ڪالهه؟
لنگها ڇڏ، لطيف چئي، اجهڻ جا افعال،
سپڙ در سوال، ڪر ته قيمت آٿئين.

ڌڻي تعاليٰ وٽ گهڻائي انسان بندگي ڪندڙ آهن. تون اتي ڇا سامهون پيش ڪندين؟ حقيقت به اها ئي آهي ته انسان جيڪو به ڪم ڪري ٿو سو ڏوهه ۾ شامل آهي. پر جيڪڏهن مالڪ ان تي مهرجي نظر ڪري ته ڏوهاري انسان جي به نجات ٿي سگهي ٿي.

ات ڪُرت وارا ڪيترا، ڪرت ڪبو ڪوهه؟
جيڪي بندو ڪم ڪري، سو مڙوئي ڏوهه،
تون پارس، آئون لوهه، جي سڃين ته سون ٿيان.

انسان کي هڪ ڏينهن ڌڻي در حاضر ٿيڻو آهي. ان ڪري انسان کي ڪپي ته ان لاءِ تيار رهي ۽ ان مالڪ ۽ خالق جي اڳيان عاجزي ۽ انڪساري سان پيش اچي ڇاڪاڻ ته هو پاڻ فرمائي ٿو ته مون کان گهرو ته مان اوهان کي ڏيان. قرآن شريف ۾ ارشاد رباني آهي ته "فاذ کروني اذ کر کم" يعني "اوهين مون کي ياد ڪريو ته مان اوهان کي ياد ڪيان." اهڙي طرح شاهه صاحب به ڪجهه اهڙن ئي خيالن جو اظهار ڪيو آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انسان کي ڪپي ته هو هڪ مڱڻهار وانگر جيڪو سدائين سخي جي در جو سوالي هوندو آهي. تيئن انسان به مالڪ اڳيان ليلائي آزيون ۽ نيازون ڪري. جيئن مڱڻهار جو سخي ڪانسواءِ ڪو ٻيو رستو نه آهي تيئن هڪ انسان جو رب تعاليٰ ڪانسواءِ ڪو ٻيو در نه آهي.

ڪڙهه اڳيان ڪپ، ڏهاڻي، ڏاتار جي،
لنگها! لاهه م لڪ سين، مٿان چانئٺ چپ،
مڱڻهارن مپ، ڪونهي ٻيو ڪيرت ري.

جيستائين انسان ۾ ساهه آهي، تيستائين مالڪ کي وسارڻ نه کپي ۽ جهڙو به حال اٿس، اهو پنهنجي مالڪ اڳيان پيش ڪري، ان مالڪ جي اڳيان ليلائي جيڪو سندس اصلي مالڪ آهي.

سپڙ ساهه پساهه، جاجڪ! جم وسارئين،
ريهي رپي سنديون، تندون تنبي کي پاءِ،
لنگها! تون ليلاءِ، اڳيان وجي ان جي.

شاهه صاحب انسان کي الله تعاليٰ جي اڳيان نهايت ئي نهٺائي ۽ نماڻائي سان پيش اچڻ جي تاڪيد ڪئي آهي ۽ ان جو مثال ڪجهه هن طرح پيش ڪيو اٿس.

تون سپڙ آئون سيڪڙو، تون ڏاتار آئون ڏوهه،
تون پارس آئون لوهه، جي سجين، ته سون ٿيان

شاهه صاحب هن سر ۾ واضع طور چٽن لفظن ۾ چيو آهيَ ته ڏيڻ واري ذات رب تعاليٰ جي آهي. ٻيا سڀ مڱڻا آهن.

ڏاتار ته تون ٻيا مڙئي مڱڻا،
مينهن منڊائتا وسڻا، سدا وسين تون،
جي گهر اچين مون، ته ميريائي ماڻ لهان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حوالا:

1. ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو: "شاهه جي شاعري ۾ علامت نگاري" شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد سنڌ، 1994ع، ص 401 ۽ 402.
2. معمور يوسفاڻي: "ست سورهيه ڏهه ڏاتار". مهراڻ اڪيڊمي واڳڻو درشڪارپور، 1999ع ۾ ص 61 ۽ 62.
3. ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو "شاهه جي شاعري ۾ علامت نگاري". شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز سنڌ، 1994ع، ص 401
4. ڪلياڻ بولچند آڏاڻي: "شاهه جو رسالو" ڪانياواڙ اسٽور، اردو بازار ڪراچي، 1996ع ص 440

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محمد سليم نظاماڻي

# سر پرڀاتي جو روحاني راز

"پرڀاتي" هڪ هندوستاني راڳڻي جو نالو آهي. "پرڀات" ٻاڪ ڦٽي يعني اَسر مهل کي سڏبو آهي. هن راڳڻي جي ڳائڻ جو وقت اهو ئي آهي، تنهن ڪري مٿس "پرڀاتي" نالو رکيو ويو. حقيقت ۾ جيڪا عبادت اسر ويل ڪئي ويندي آهي ته انسان سڄو ڏينهن سڻو ٿو گذري. هن سر ۾ شاهه سائين انسان کي بندگي جي هدايت ڪري ٿو ۽ ڏٺي جي اَپار سخاوت جي ساراهه ٿو ڪري. سُرجي مضمون ۽ سٽاءَ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ڀٽائي صاحب لسٻيلي جي هاڪاري حاڪم سپڙ سخيءَ جي سخاوت جو قصو ٻڌي بيحد متاثر ٿيو آهي. چيو وڃي ٿو ته "سوالي وڃي نه خالي" جي مصداق هن سخي مرد ڪنهن به سوالي کي خالي نه موٽايو. ڄام سپڙ چوٽاٽي هڪ سخي سردار هو، جنهن زماني ۾ "ڏيرڪ" پرڳڻي تي ڄام انڙ "وير" جو راڄ هو. تنهن دور ۾ "چوٽاڻ" ۽ "ٻيلي" تي ڄام سپڙ رونجهي جي حڪومت هئي ۽ انهن علائقن ۾ وڙاهه، جبل ۽ پٽون به هيون، جنهن جي ڪري پٽ ڏٺي، ڄام سپڙ کي "ٻيلي ڏٺي" ۽ "چوٽاٽي" سڏيو آهي.

ڄام سپڙ پنهنجي دؤر جو وڏو سخي ڏاتار هو. هونءَ ته سمن سردارن ۾ ڪئين سخي ۽ ڏاتار ٿي گذريا آهن، جن جي سخا جا ڳڻ اڄا تائين پيا ڳائجن، پر ڄام سپڙ اهڙو سخي هو جيڪو به رڳو در تي آيل فقيرن ۽ منگتن کي خيرات ڏيندو هو، پر ماڻهو موڪلي، ملڪ جي "گهرجائن" ۽ "ضرورت مندن" جي تلاش ڪري مدد ڪندو هو، جنهن جي ڪري هر غريب ماڻهو کيس ياد ڪندو هو. ڄام سپڙ جي انهي روش جي ڪري ڪيترائي گهرجائو ۽ جڏا فقير گهر ويٺي ڏانهس نياپو موڪلندا هئا ته اسان کي ضرورت جون شيون موڪلي ڏي ۽ اهو نياپو ملڻ شرط اهي شيون کين ملي ونديون هيون.

ڄام سپڙ، سخي هجڻ سان گڏ، اهڙو "پارکو" هو جو ضرورت مندن کي ڏسي، پروڙي وٺندو هو ته ان کي ڪهڙي گهرج آهي ۽ هڪدم اها گهرج

پوري ڪري، پوءِ ھيو احوال وڻندو ھو. سپڙ ڄام "راڳ" ۽ "ڪيرت" جو پڻ ڪوڏيو ۽ قدردان ھو. جنھن ڪري ڪيترائي "منگتا" ۽ "ڪيرتيا" اسر مھل اٿي، سندس در تي وڃي "وھاڳ" ڪندا ھئا. جنھن جي ڪري ڪين گھڻو ڏان ملندو ھو ۽ سندس در تان خالي نہ موٽندا ھئا.

سُر پرياتي ۾ بہ شاھ لطيف، ڄام سپڙ کي ساراھيو آھي. لاڪيڻي لطيف جو اصل اشارو انھيءَ ڏاتار ڌڻي ڏانھن آھي، جيڪو سموري مخلوق کي روزي رسائي ٿو. ھاٿيءَ کي مڻ ۽ ڪِولي کي ڪڻ عطا ٿو ڪري، بي نياز بادشاھ آھي. ڪافر کي بہ ڪشادو ٿو ڏيئي، سندس سخاوت جو دامن وسيع آھي. ھن سر ۾ انسان جي اصلاح لاءِ انيڪ سبق سمايل آھن.

شاھ صاحب سُر پرياتي ۾ انسان جي لاءِ نصيحت رکي آھي، شاھ جو ڪلام ھڪ مڪمل پيغام آھي، پيار جو، انسانيت جو، دوستي جو، سماجي زندگي گھارڻ جو، وفا جو ۽ زندگي جي ھران شعبي جو، جنھن جو تعلق اسان جي ھر پل ۽ ھر وقت سان آھي. شاھ صاحب جي سُر پرياتي ۾ زندگي جي ھر پھلو کي نروار ڪيو ويو آھي. سُر پرياتي جي ھر بيت ۾ الله تعاليٰ جي وحدانيت کي ساراھيو ويو آھي. اھوئي اسان جو خالق ۽ مالڪ آھي ۽ اھوئي روزي رسائيندڙ آھي ۽ انسان کي الله تعاليٰ جي دربار ۾ سربسجود ھجڻ گھرجي ۽ جيڪي ڪجھ گھرڻو ھجي، پنھنجي خالق ۽ مالڪ کان گھريو وڃي ۽ اھوئي ڏيڻ وارو آھي. سُر پرياتي ۾ شاھ صاحب انسان کي بندگي جي تاڪيد ٿو ڪري ۽ ڏٽي جي اپار سخاوت کي ظاھر ڪري ٿو ۽ الله تعاليٰ جي سخاوت کي ساراھي ٿو. سر ۾ سپڙ مان مراد ڏٽي تعاليٰ آھي، جيڪو سيني کي روزي رسائي ٿو. سپڙ سخي بہ ھڪ جڏي جاجڪ کي ھڪ سؤ تازي گھوڙا انعام عطا ڪري ڇڏيا. ساڳي طرح انسان بہ انھيءَ جاجڪ جڏي فقير جيان عيبن سان پريل آھي. پر رب جي تعاليٰ آڏو سچي دل سان ٻاڏائي ٿو تہ ھو ڪيس مالا مال ڪري ڪِري ڇڏي ٿو.

اٿو اٻوجھاءُ، سپڙ جو سَڏ ٿيو،
جِنُن ائين ڪيرت نہ سکيا، تِنُن پاٿا ريڏو راءُ،
مَڱو مون ملاءُ، آئون اوھان جو آھيان.

شاھ صاحب سُرپرياتي ۾ انسان کي غفلت جي ننڊ مان اٿارڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انسان بہ پنهنجي رب تعاليٰ آڏو آزاريون ڪري، جيڪي گهرجي، پنهنجي پروردگار کان گهري. الله تعاليٰ بي نياز آهي ۽ اهوئي ڏيندڙ آهي ۽ ڪنهن حيلي بهاني وسيلي روز ملندو رهي ٿو ۽ اها خبرئي ڪانہ ٿي پوي تہ ڪيئن ۽ ڪٿان ورزي پئي ملي. اهي ڳجهہ هر راز الله تعاليٰ بهتر ڄاڻي ٿو، جيڪي رزق ڏيندڙ آهي، جنهن کي چاهي نوازي ڇڏي ۽ جنهن کي چاهي فقير بڻائي ڇڏي. انسان خطا جو گهر آهي. هن کان انيڪ گناهہ ٿي وڃن ٿا. انسان تہ هر وقت ڏوهن ۾ هوندو آهي. هر وقت ٻين جي آڏو جهول جهليو ڪجهہ گهرڻ لاءِ بيٺو هوندو آهي. پر جيڪر پنهنجي خالق و مالڪ جي نظر ڪرم ٿي وڃي تہ رڱجي وڃي.

اَت ڪرت وارا ڪيترا، ڪِرت ڪَبو ڪوهہ،
جيڪو بندو ڪم ڪري، سومڙوئي ڏوهہ،
تون پارس آئون لوهہ، جي سڄين تہ سون ٿيان.

سو الله تعاليٰ وڏو مهربان ۽ ٻاجهارو آهي، هو جنهن کي چاهي جيترو چاهي، نوازي ڇڏي ٿو. الله تعاليٰ آڏو ڪابہ شيءِ ناممڪن ناهي، رب پاڪ جي مرضي سان هي سخت ۽ بيئل زمين، جنهن کي دنيا جي ڪابہ طاقت لڏائي نٿي سگهي، بيئل سخت پهاڙ ڇري پري نٿا سگهن، پر الله تعاليٰ چاهي تہ چند سيڪنڊن ۾ هي زمين ۽ پهاڙ ريزه ريزه ٿي سگهن ٿا. ان ڪي بہ روزي ملي ٿي، جيڪو الله تعاليٰ جو ذڪر نٿو ڪري. انسان جي لاءِ هي هڪ نصحيت آهي. اي انسان! پنهنجي اندر جي غرور کي ختم ڪر ۽ اهو نہ ڄاڻ تہ تون ڪو طاقتور آهين. هر وقت هشاش بشاش رهندين، توکي خبر ئي نہ پوندي جو موت جو فرشتو اوهان جي مٿان روح قبض ڪرڻ لاءِ اچي پهچندو. تون پنهنجي پالڻهار کان ايمان ۽ عزت گهر، اهڙا ڏينهن گهر جنهن ۾ تون عبادت ڪندو رهين. رب تعاليٰ سخي آهي، جهڙي طرح سپڙ ڄام، هڪ جڏي ڄاڄڪ کي انعام ۾ سؤ تازي گهوڙا ڏيئي ڇڏيا. جنهن کي ڳڻڻ بہ نہ ايندو هو. اهڙي طرح رب تعاليٰ توتي بہ رحم و ڪرم جي نظر ڪندو تہ توکي ايترو نوازي ڇڏيندو جو تنهنجي وهم و گمان ۾ نہ هوندو.

ڏڏ ٿِي ڏاڻ گهريج، ڇڏ وِڃا وڃائي،
سپڙ رات، سنباهيا، تازي تو لائي،

پنهنجي پالڻهار کي ياد ڪري رهيو آهين، شايد! هن گناهگار کي بخشش ملي ۽ توبهه قبول پوي. اي انسان! تون انهيءَ زنگ لڳل لوهه جيان آهين، جيڪو ڏينهون ڏينهن ڳرندو ويندو آ، پر جي الله تعاليٰ جي نظر پارس بڻجي لڳي ته سون ٿي پوين.

تون سپڙ، آئون سيڪڙو، تون ڏاتار، آئون ڏوهه،

تون پارس، آئون لوهه، جي سڄين ته سون ٿيا.

”سُپرياتي“ جي آخري بيت ۾ وڏو روحاني راز سمايل آهي، شاهه صاحب فرمائي ٿو ته اي انسان! سڄي حياتي ائين گذاري ڇڏي اٿئي، سڄي رات غفلت جي ننڊ ۾ گهاري ڇڏي اٿئي، هينئر به وقت اٿئي، ڪجهه پل اڃا به اٿئي، موت ٻڌائي نه ايندي آهي، موت ڪو به مقرر وقت نه آهي، هن عارضي دنيا ۾ زندگي جو ڪو به ڀروسو ناهي، صبح گهران نڪرندين، پر اها پڪ ناهي ته واپس ورندءِ به يا نه؟. هر وقت پنهنجن پرين پيارن سان سچي دل سان محبت ڪر، اندر منجهه ڀيائي نه رک، ڪنهن جو دل نه ڏکاءِ پرهه جو تارو نڪري نروار ٿيو آهي، اٿي غفلت جي ننڊ مان پنهنجي ڏٺي سڳوري کي ريجهائڻ لاءِ اسر ويل ذڪرِ الهي ڪر. سپڙ (ڏٺي سڳوري) غيرت وارو آهي ۽ هر ڪنهن جون دليون ٿو پرکي. ظاهري ۽ ڏيکاءَ واري عبادت نه ڪر، ڇاڪاڻ ته رب تعاليٰ کي سڀ ڪا خبر آهي، الله تعاليٰ هر ڪنهن جي دلين کي سڃاڻي ٿو. تنهن ڪري اي انسان! جيڪو به تون عمل ڪرين ٿو، ان کي تون هن عارضي دنيا کان لڪائي سگهين ٿو پر پنهنجي ڏٺي تعاليٰ کان ڪا به ڳجهه جي ڳالهه لِڪل نه آهي. هو هر ڪنهن جي دلين جا راز ڄاڻي ٿو، تنهن ڪري ظاهري عبادت کان پاسو ڪر، ڏيکاءَ تڪبر الله تعاليٰ کي پسند ناهي.

اُڀريو تارو، اُٿي وَر وهاڻ ڏي،

سپڙ ريسارو، ڇِتِ پَرِکي چارَٽين.

**مددگار ڪتاب:**

”شاهه جو رسالو“ ڪلياڻ آڏواڻي

”ست سورهيه ڏهه ڏاتار“ معمور يوسفاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اعجاز احمد ميمڻ

# پرياتيءَ جي اصطلاحي ٻولي

سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ "اصطلاح" عربي ٻولي کان آيل آهي، جيڪو ٻوليءَ جي سونهن، سينگار ۽ سجاوت پيدا ڪرڻ ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. چوته ٻوليءَ اندر استعمال ٿيندڙ جملن ۾ اصطلاح جو استعمال جملن کي اثرائتو ۽ وزندار بڻائي ٿو. ٻوليءَ ۾ پنهنجي مفهوم کي ظاهر ڪرڻ لاءِ عام لغوي معنيٰ رکندڙ لفظن جو استعمال به ڪري سگهجني ٿو، پر اصطلاح ٻوليءَ جو اهم مضبوط جز آهي، جنهن سان ساڳيون مفهوم وڌيڪ اثر ائتو ۽ وزندار ٿي سگهي ٿو.

اصطلاح لفظ جي معنيٰ ۽ مفهوم جي جائزي وٺڻ کان اڳ ان لفظ جي اکري نکيڙ ڪرڻ لازمي آهي. اصطلاح لفظ جو بنياد "صَلَحَ" آهي. جنهن جي مصدري صورت هيٺين ريت ڏجي ٿي:

- بنياد: 'صَلَحَ'- بروزن 'فَعَلَ'= هن ٺيڪ ڪيو، هن سنواريو، هن اصلاح ڪئي
- اصل: 'اِصتَلَحَ'- بروزن > 'اصطَلاَحَ'- بروزن 'اِفتَعَلَ'= درست رويو اختيار ڪرڻ.
- مصدر: 'اِصطلاح'- بروزن 'اِفتعال'= درستگي ڪرڻ، اتفاق ڪرڻ، ٺيڪ ڪرڻ.[1]

'اصطلاح' ٻوليءَ جي ڪنهن بيان/ جملي جي اهڙي مصدري لفظ يا لفظن جي مجموعي کي ٿو چئجي، جيڪو ڪنهن جملي ۾ لغوي معنيٰ کان هٽي ڪري رواجي معنيٰ ڏئي؛ يعني 'اصطلاح' جو بنياد بيان جي وزندار جزئيات تي رکيل آهي ۽ مصدري سڃاڻ سان لغوي معنيٰ عيوض ٻوليءَ جي رواج پٽاندر مروج معنيٰ ڏئي.

اٻڙو عبدالرحيم ارشد 'اصطلاح' بابت ڄاڻائي ٿو ته "اصطلاح انهن لفظن جي ميڙ کي چئجي ٿو جنهن ۾ اڪثر ڪري فعل ڪتب آيل نه

هوندو آهي ۽ سندس مفهوم لفظي معنيٰ کان مٽيل هوندو آهي." (2)

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب جي اصطلاح بابت وضاحت وري هيئن ڪئي آهي تہ: "اصطلاح معنيٰ صلح ڪرڻ. ڪنهن لفظ جي ٻي معنيٰ مقرر ڪرڻ مثال: 1) "پراڻو نڪر پڳو تہ پوءِ ناهي" 2) "هن مون تي خوامخواه نڪر پڳو آهي، تنهن جو ڏاڍو ارمان اٿم" پهرين مثال ۾ 'پڳو' فعل پنهنجي حقيقي يا اصلي معنيٰ ۾ نہ پر رواجي معنيٰ ۾ ورتل آهي، يعني نڪر جو نڪر ٽيڻ. ٻئي مثال ۾ "پڳو" فعل پنهنجي حقيقي يا اصلي معنيٰ ۾ نہ پر رواجي معنيٰ ۾ روتل آهي يعني ڪوڙو الزام! واضع ٿيو تہ اصطلاح جون ٻہ معنائون ٿيون " هڪڙي مقرر ٿيل" جنهن کي "لغوي يا اصلي" معنيٰ چئجي ٿو ۽ ٻي رواجي، جنهن کي اصطلاحي معنيٰ چئجي ٿو." (3)

انجنيئر عبدالوهاب سهتو پنهنجي ڪتاب 'ورجيسون' ۾ اصطلاح جي مفهوم بابت لکي ٿو تہ: "اهو فقرو جيڪو مصدر سان گڏ جملي ۾ ٻي معنيٰ ڏيکاري، تنهن کي اصطلاح چئبو آهي." (4)

مٿين ٽن حوالن ۾ جيڪو تضاد پيدا ٿئي ٿو سو آهي 'فعل يا مصدر' جو! حالانڪ مصدر ۽ فعل جو لاڳاپو لازم ملزوم وارو آهي. ابڙو عبدالرحيم صاحب اصطلاح جي حوالي سان فعل کي رد ڪري ٿو جڏهن تہ فعل جو بنياد ئي مصدر آهي ۽ مصدر ڪانسواءِ اصطلاح جو جڙڻ ان پرولي ۽ وانگر آهي. جيئن 'ماءُ جائي ناهي پٽ ڪوئي تي!' البتہ عبدالوهاب واري وضاحت تز ۽ نهڪندڙ آهي، ڇو تہ هر اصطلاح جو پير مصدر سان بيهندو. ڊاڪٽر سنديلي صاحب اصطلاح جو ناتو مصدر يا فعل سان باقاعده پيرائتو ۽ واضح ڄاڻايو آهي.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب اصطلاح جي وضاحت بابت ڄاڻايو آهي، اهو مروج استعمال جيڪو بيان ۾ ڪنهن جملي جو جزو ٿي ڪتب ايندو آهي ۽ اکري معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج مطابق ٻي معنيٰ ڏيندو آهي انهيءَ کي محاورو يا اصطلاح چئبو آهي." (5)

ڊاڪٽر مرليڌر صاحب جي اصطلاح بابت وضاحت برابر درست آهي، ليڪن سندس راءِ موجب محاورو ۽ اصطلاح ساڳي شيءِ هجڻ، تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اختلاف رکجي ٿو محاورو ۽ اصطلاح ٻئي معنوي فرق رکندڙ لفظ آهن.

محترم محمد عمر چند صاحب، لفظ "محاوره" جي وضاحت ۾ ڄاڻائي ٿو تہ: "محاورة: حَورَ مان نڪتل هي لفظ گهڻين معنائن ۾ استعمال ٿئي ٿو پر ان جي پاڙ مان جيئن هي لفظ نڪرن ٿا. پٽڪي جي ورَ کي چون حورَ، جيڪڏهن ڪنهن جي قسمت وري وڃي، ڦري وڃي تہ چون حورَ، جيڪڏهن ڪو ڏٽي ڏي موٽي وڃي، تہ بہ حورَ، انٽي ڳوهڻ ٽنهڻ يا ورائڻ کي بہ چون حور. ويلڻ جنهن سان ماني ٽنجهي يا ورائجي، ان کي چون محور يا محاور. جنهن شيءِ جي چوڌاري ڪا ٻي ڦري تنهن کي چون محور. اهڙي طرح حاور جو اسم مصدر ٿيو محاورة. جنهن جي معنيٰ ٿي ورندي، وراٽي، (جيڪا ڳالهہ ورائي چئجي يعني جواب) مڪالمه يا مباحثه (محيط المحيط) انهيءَ ڪري هڪڙي ماڻهوءَ ڪا ڳالهہ چئي، ان جي ورنديءَ ۾ ڪنهن ٻي ڳالهہ چئي، اهڙيءَ طرح ڳالهہ ٻولهہ جي ڏي وٺ جاري ٿي... اڪثر عربي ڊڪشنرين جيڪي "محاورة" جون معنائون انگريزي ۾ ڄاڻائيون آهن سي آهن: "ڪنورَسيشن، ڊايالاگ، ڊبيٽ، ڪانفرنس، ٽاڪ، آرگيومينٽ."[6]

مٿين حوالن مان اهوئي اخذ ٿئي ٿو تہ اصطلاح ۽ محاوري ۾ يقيناً فرق آهي، جو تہ لفظن جي بنياد ۽ ان جي استعمال مان واضح ٿئي ٿو تہ اصطلاح ڪنهن لفظ جي حقيقي معنيٰ نہ ٿو ڏئي، جڏهن تہ محاورو ڳالهہ ٻولهہ ۾ آيل جملي جي اهڙي جز کي چئي سگهجي ٿو جيڪو اصطلاح جي گهاڙيٽي جهڙو تہ آهي ليڪن اهو جملي جو جز پنهنجي حقيقي معنيٰ ڏئي ٿو. ان کي آسان ڪرڻ لاءِ هيٺيان مثال ڏئي چند ڇاڻ ڪري سگهجي ٿي:

- ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلڻ. (اصطلاح)
- ڪلهو ڪلهي سان ملائڻ. (محاورو)

پهرين مثال ۾ "ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلڻ" وارو جملي جو جز پنهنجي حقيقي معنيٰ ان حوالي سان نہ ٿو ڏئي سگهي، جو ڪلهو ڪلهي ۾ ڏئي هلڻ ۾ ڪا رواني پيدا ڪانہ ٿيندي، بلڪ اهو عمل تهائين ڏکيو ٿي پوندو: اهڙي انداز سان هلڻ ۾ ضرور ڪٿي جهول پوندي يا اٽڪاءُ جي صورت ۾ قطع پوندو. ان صورت ۾ ان کي اصطلاح ئي چئي سگهجي ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن جي معنيٰ بيهندي: هڪبئي جي ڏکن سکن ۾ شامل حال رهڻ.

ٻئي مثال ۾ ”ڪلهو ڪلهي سان ملائڻ“ پنهنجي حقيقي معنيٰ ان صورت ۾ به ڏئي سگهي ٿو جيئن نماز وغيره ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ڏئي ملائي بيهبو آهي؛ يعني هن فقري ۾ جملي جو جز پنهنجي حقيقي معنيٰ سان به سلهاڙيل آهي. ان صورت ۾ مذڪوره جملي جي جز کي محاورو چوڻ روا ٿيندو؛ چو ته اهڙا جملي جا جز اسان جي ڳالهه ٻولهه يا عام ڳالهائجندڙ ٻوليءَ جو حصو آهن.

لفظ محاورو هوندئن ته پنهنجي بنيادي معنيٰ ”ڳالهه ٻولهه“ جي ئي رکي ٿو، پر جڏهن اهو لفظ عربيءَ کان فارسي ۽ هندي/ اردو ۽ سنڌيءَ ۾ آيو ۽ معنيٰ به اصطلاح واري رکيائين ته ان صورت ۾ ان جي حيثيت کي به رد ڪري نه ٿو سگهجي. تنهن لاءِ لفظ محاوري جو مفهوم اهڙو جملي جو جز هجي جيڪو عام ڳالهه ٻولهه ۾ ڪم ايندڙ گفتي کي چوڻ گهرجي، جيڪو پنهنجي سڌي معنيٰ سان به سلهاڙيل هجي.

هت صرف اصطلاح تي لکڻ مقصود آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ٻوليءَ اندر اهڙا لفظ چونڊيا استعمال ٿين، جن جي لغوي معنيٰ بيان سان ٺهڪندڙ نه آهي، عيوض ۾ عام رواجي معنيٰ ورتي پئي وڃي؛ يا انهن لفظن جي استعمال جو ڪهڙو سماجي ڪارج آهي!

در اصل ’اصطلاح‘ جو استعمال ڳالهه ڳالهائڻ، لکڻي لکڻ، شاعري ڪرڻ ۽ سگهڙائپ کي پر اثر بنائي ٿو جملي جي ننڍي جز ۾ وسيع مفهوم سمايل آهي جو پڙهڻ پڙهائڻ ۽ ڳالهه ڳالهائڻ ۾ ٻڌندڙ تي نهه پهه اثر ٿيو پوي.

اصطلاح جو ڪارج اهو آهي ته ٻوليءَ اندر بيان / جملي کي وزندار يا اثرائتو ڪيئن بڻائجي! پر ڪنهن جي اصلاح تمثيلي بنيادن تي ڪرڻ به آهي، جيڪا چٽي، واضح ۽ اثرائتي نموني ٿئي. اهڙن لفظن جي ڪارج جو مکيه مقصد اهوئي آهي ته سماج (سماجي فرد) جي اصلاح ٿئي ۽ مهذب ٿڦو وڃي.

معلوم ٿيو ته ’اصطلاح‘ جو استعمال مام ۾ ڳالهائڻ/ لکڻ، ڍڪي ڳالهائڻ ۽ سماجي مسئلن جي اصلاح ڪرڻ آهي. ٻوليءَ اندر اصطلاحي لفظ ٽُڙ ۽ توريل تڪيل هئڻ ڪري ٻوليءَ جو سينگار ۽ سونهن ٿيو پون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان جي معاشري ۾ روزمره واري زندگيءَ اندر اٿڻ ويهڻ، ڳالهاءِ ڳالهائڻ وقت عام رواجي معنيٰ رکندڙ لفظن جو استعمال پيو ٿئي جيڪي بغير ڪنهن جهل جهپ جي ۽ لاشعوري طور ڪتب آند وڃن ٿا، سي ئي ٻوليءَ جو سينگار آهن!

سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ اصطلاحي ٻولي پنهنجي زيب و زينت برقرار رکيو بيٺي آهي. شاهه صاحب سر پرياتيءَ ۾ ڪم آندل اصطلاحي ٻولي/ بيتن جا جز يقيناً في البديهه چيا هوندا، جيڪي ٻوليءَ جو اڻٽٽ حصو آهن. هتي آءٌ انهن بيتن جي جزن جا جزا يڪجا ڪري، انهن کي اصطلاح ڄاڻائي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو: (❋)

## 'ڪينر ڪِيري ٽنگڻ'

لغوي معنيٰ: ڪينر= سرندو؛ ڪِيري= ڪلي؛ ٽنگڻ= لٽڪائڻ

اصطلاحي معنيٰ: پنهنجي ڪرتب واري اوزار کي ڇڏي سستي ڪرڻ ڪاهلي ڪرڻ

ڪم آندل: 'ايءَ نه پاڻن پير، جيئن ڪينر ڪيريءَ ٽنگيو'

## 'سيراندي ساز ڪرڻ'

لغوي معنيٰ: سيراندي= مٿن ڪان؛ ساز= واڄو

اصطلاحي معنيٰ: بي اونو ٿيڻ، لاپرواهي ڪرڻ، غفلت ڪرڻ

ڪم آندل: 'سيرانديءَ ساز ڪيو، سمهي ساري رات'

## 'رُڃن راهه پڇڻ'

لغوي معنيٰ: رڃن= بيابانن، پٽن وارو رڻ؛ راهه= دڳ.

اصطلاحي معنيٰ: جاکوڙ ڪرڻ، ڪوشش ڪرڻ، حق جي تلاش ڪرڻ.

ڪم آندل: 'رُڃن راهه پڇڻ، مٿي ڪلهن ڪينرا.'

---

❋ مانوري اعجاز ميمڻ اصطلاحن بابت چڱي جاکوڙ ڪئي آهي. ابتدائي اصطلاح ۽ محاوري جي فني سڃاڻ به ڄاڻائي اٿائين، پر اڳتي هلي پاڻ ڪيترن محاورن کي اصطلاح قرار ڏئي معنيٰ ڪيدي اٿائين معنائون ۾ هڪ ڪرو معيار رکي نه سگهيو آهي. ان موضوع تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي- ايڊيٽر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ’آريون سهڻ‘

لغوي معنيٰ: آريون= انگل؛ سهڻ= برداشت ڪرڻ.
اصطلاحي معنيٰ: انگل ڪٽڻ، ڪسيون پڪيون سهڻ؛ مستن ڪي مايا ڏيڻ
ڪم آندل: ’آريون ابوجهن جون، سپڙ چام سهي‘

## ’طمع جي تنوار ڪرڻ‘

لغوي معنيٰ: طمع= ضرورت؛ تنوار= پڇار، وائي.
اصطلاحي معنيٰ: اميد رکڻ؛ بار بار گهرڻ؛ آسرو هئڻ.
ڪم آندل: ’طمع جي تنوار، متان ڪرين مڱڻا،‘

## ’ماڻڪ مٺ ۾ ڏيڻ‘

لغوي معنيٰ: ماڻڪ= قيمتي موتي؛ مٺ= ٻريل هٿ.
اصطلاحي معنيٰ: محنتاڻو ملڻ، عيوضو ملڻ. بدلو ملڻ، اجورو حاصل ٿيڻ.
ڪم آندل: ’ڏڪي ڪنڌءِ ڏار، ماڻڪ ڏئي مٺ ۾.‘

## ’ڏڪي ڏار ڪرڻ‘

لغوي معنيٰ: ڏڪي= هٽائي؛ڏار= الڳ
اصطلاحي معنيٰ: تڙي ڇڏڻ؛ وساري ڇڏڻ؛ معزول ڪرڻ؛ دل تان لاهي ڇڏڻ؛ ناتو ٽوڙڻ؛
ڪم آندل: ’ڏڪي ڪنڌءِ ڏار، ماڻڪ ڏئي مٺ ۾.‘

## ’ڏڏ تي ڏان گهرڻ‘

لغوي معنيٰ: ڏڏ= موڳو اڄاڻ؛ ڏان= طريقو؛ گهرڻ= وٺڻ.
اصطلاحي معنيٰ: عاجزيءَ سان حاصل ڪرڻ؛ هيٺاهين سان گهرڻ؛ ايلاز ڪرڻ؛ نماڻا سوال ڪرڻ.
ڪم آندل: ’ڏڏ تي ڏانءِ گهرئج تون، ڇڏي وڇا جي وائي.‘

## ’چائنٺ چپ لائڻ‘

لغوي معنيٰ: چائنٺ= ٻنيي در جي هيٺين ڪاٺي؛ لائڻ= چمڻ
اصطلاحي معنيٰ: تعظيم ڪرڻ؛ نوڙت ڪرڻ؛ جهڪڻ.
ڪم آندل: ’لنگها! لاهِ مَ لِڪ سين، متان چائنٺ چپ‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ’راءِ ريجهڻ‘

لغوي معنيٰ: راءِ= سردار، ريجهڻ= پرچڻ.

اصطلاحي معنيٰ: خوشنصيب ٿيڻ، ڀاڳ نيارا ٿيڻ

ڪم آندل: ’جِئن آئين ڪيرت ڪَٿ نہ سڪيا، تئن ڀاڳان ريڌو راءِ‘

## ’سُتن سڏائڻ‘

لغوي معنيٰ: ستن=ستلن، سڏائڻ= ﭽڏائڻ

اصطلاحي معنيٰ: خبردار ڪرڻ، بيدار ڪرڻ، هوشيار ڪرڻ.

ڪم آندل: ’سڏائي سُتن کي، وهاڻيءِ ويو‘

## ’تندون تنبي پائڻ‘

لغوي معنيٰ: تندون= تارون، تنبي= دنبوري کي.

اصطلاحي معنيٰ: تياري ڪرڻ، سمر سنباهڻ، هوشياري وٺڻ

ڪم آندل: ’ريهي رُبي سنديون، تندون تنبي پاءِ‘

## ’ڪيرت جي ڪرڻ‘

لغوي معنيٰ: ڪيرت= سارا ه

اصطلاحي معنيٰ: عبادت ڪرڻ، بندگي ڪرڻ، ٻانهپ ڪرڻ.

ڪم آندل: ’چارون وس نہ ڪا، تہ ڪا ڪيرت جي ڪري‘

## ’ڏکيا ڏوليءِ چاڙهڻ‘

لغوي معنيٰ: ڏکيا= لانجها، ڏولي= کٽ، چاڙهڻ= وهارڻ

اصطلاحي معنيٰ: مان ڏيڻ، ابوجهن کي گلي لائڻ، عزت ڏئي پر وهارڻ.

ڪم آندل: ’سير ڪريو سڌ، ڏکيا چاڙهي ڏولئين‘

## ’سهاڳ مائڻ‘

لغوي معنيٰ: سُهاڳ = ڀلو بخت، مائڻ= حاصل ڪرڻ.

اصطلاحي معنيٰ: خوشي ملڻ، انعام حاصل ڪرڻ، پرينءِ جو ديدار ٿيڻ.

ڪم آندل: ’صبوح جو سهاڳ، مڱڻهارن مائيو‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ’وهاڳ ڏيڻ‘

لغوي معنيٰ: وهاڳ = ڳائڻ.

اصطلاحي معنيٰ: ذڪر ڪرڻ: شڪر ڪرڻ: التجا آڏو رکڻ: عرض ڪرڻ

ڪم آندل: ’ڏنائون ڏاتار کي، وڏيءَ وير وهاڳ‘

## ’ڀاڳ ٿيڻ‘

لغوي معنيٰ: ڀهاڳ = پرچاءُ

اصطلاحي معنيٰ: الله جو راضپو حاصل ٿيڻ: رٺل راضي ٿيڻ: ماڙ ٿيڻ.

ڪم آندل: ’پرين سين ڀهاڳ، مان نماڻيءَ نصيب ٿئي.‘

## ’در ڇڏڻ‘

لغوي معنيٰ: در = ٻنيو: ڇڏڻ = پري ٿيڻ.

اصطلاحي معنيٰ: حق کان پري ٿيڻ: وساري ڇڏڻ: ڀٽڪي وڃڻ: ڌڪاٽاپا کائڻ

ڪم آندل: ’مون در ڇڏيو، مڱڻا! مڱيين ڪوهه ٻيا.‘

## ’ڏينهڙا پوڻ‘

لغوي معنيٰ: ڏينهڙا = ڏينهن: پوڻ = ٿي وڃڻ واري حالت

اصطلاحي معنيٰ: ناغو پوڻ، وٿي پوڻ: ويساهي ڪرڻ.

ڪم آندل: ’تڏهن تو پيا، وڇيان ولها ڏينهڙا‘

## ’موٽي منهن ۾ ڏيڻ‘

لغوي معنيٰ: موٽي = ورائي: منهن = چهرو

اصطلاحي معنيٰ: بي مانو ڪرڻ: تعنا تنڪا ڏيڻ: مهڻا ڏيڻ

ڪم آندل: ’صباح توهين کي ، موٽي ڏيندا منهن ۾.‘

## ’ڪينرا ڪلهي رکڻ‘

لغوي معنيٰ: ڪينرا = سرندا، ساز: ڪلهي = ڳچيءَ پر جسم.

اصطلاحي معنيٰ: سعيو ڪرڻ: سنيرڻ: تيار ٿيڻ.

ڪم آندل: ’وِنڙا وڏيءَ وير: ڪلهي رکي ڪينرا،‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ’تنوار سمجڻ‘

لغوي معنيٰ: تنوار = پچار؛ سجھڻ = پجھڻ، سُڌ پوڻ.

اصطلاحي معنيٰ: معرفت حاصل ٿيڻ؛ حق عيان ٿيڻ، خبر پوڻ.

ڪم آندل: ’اڄ نہ سُجي، اڳيئن تنبيرن تنوار‘

## ’مڙهيو پورڻ‘

لغوي معنيٰ: مڙهيون = آستان؛ پورڻ = بند ڪرڻ

اصطلاحي معنيٰ: ڪوچ ڪرڻ؛ هجرت ڪرڻ؛ لڏ پلاڻ ڪرڻ؛ راهي ٿيڻ.

ڪم آندل: ’مڙهيون منگڻهار، پوري ڪنهن پار ويا.‘

## ’پڳ پڇڻ‘

لغوي معنيٰ پڳ = ڏس؛ پڇڻ = معلوم ڪرڻ.

اصطلاحي معنيٰ: خبر وٺڻ، ڏڳ ڳولهڻ؛ سڌ لهڻ

ڪم آندل: ’پڇي تنهنجو پڳ، ڪلهي پاتم ڪينرو.‘

## ’ڪلهي ڪينرو پائڻ‘

لغوي معنيٰ: ڪلهو = ٻانهن مٿان وارو انگ؛ ڪينرو = سرندو.

اصطلاحي معنيٰ: تيار ڪرڻ؛ ڪنهن منزل ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪرڻ.

ڪم آندل: ’پڇي تنهنجو پڳ، ڪلهي پاتم ڪينرو.‘

## ’پارس ٿيڻ‘

لغوي معنيٰ: پارس = لوهہ کي سون بڻائيندڙ قيمتي پٿر.

اصطلاحي معنيٰ: هدايت پائڻ؛ رنگجي وڃڻ؛ هاديءَ جي صحبت ملڻ.

ڪم آندل: ’تون پارس آئون لوهہ، جي سجين تہ سون ٿيان.‘

## ’سون ٿيڻ‘

لغوي معنيٰ: سون = قيمتي ڌاتو.

اصطلاحي معنيٰ: سرخرو ٿيڻ: املهہ ٿيڻ؛ ڪامياب ٿيڻ.

ڪم آندل: ’تون پارس آئون لوهہ، جي سجين تہ سون ٿيان.‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## 'ميرياڻي ماڻ لهڻ'

لغوي معنيٰ: ميرياڻي = گدلو؛ ماڻ = عزت.

اصطلاحي معنيٰ: گنگھار جي بخشش ٿيڻ؛ ڇوٽڪارو ٿيڻ، قبول پوڻ.

ڪم آندل: 'جي گهر اچين مون، تہ ميرياڻي ماڻ لهان.'

## 'تارو اڀرڻ'

لغوي معنيٰ: تارو = آسمان گرهہ؛ اڀرڻ = نڪرڻ.

اصطلاحي معنيٰ: مند اچڻ؛ وقتائتي مهل اچڻ؛ وارو اچڻ

ڪم آندل: 'اڀريو تارو، اٿي ورُ وهاڳ ڏي.'

## 'وهاڳ ڏي ورڻ'

لغوي معنيٰ: وهاڳ = ڳائڻ ورڻ = موٽڻ.

اصطلاحي معنيٰ: سئين راهہ تي اچڻ: هدايت يافتہ ٿيڻ؛ فهميدو ٿيڻ.

ڪم آندل: 'اڀريو تارو، اٿي ورُ وِهاڳ ڏي.'

## 'چت پرڪڻ'

لغوي معنيٰ: چت = ذهن، من، دل؛ پرڪڻ = جاچڻ.

اصطلاحي معنيٰ: ماڻهپ جاچڻ؛ ٿانوءِ جاچڻ؛ اندر جو منجهہ جاڻڻ

ڪم آندل: 'سپڙ ريسارو، چت پرڪي چارٽيين.'

## 'ٻن وجهڻ'

لغوي معنيٰ: ٻن = ڪڏ؛ وجهڻ = اڇلائڻ.

اصطلاحي معنيٰ: ناس ڪرڻ؛ چٽ ڪرڻ: برباد ڪرڻ؛ ٻڏڻ.

ڪم آندل: 'ٻيائيون وجهي ٻن ڪي، سمو ڪڻ سوائِي.'

## 'اهڃ ڏيڻ'

لغوي معنيٰ: اهڃ= نشان، علامت.

اصطلاحي معنيٰ: ذهن نشين ڪرائڻ؛ ٻانور ڪرائڻ؛ اشارو ڏيڻ.

ڪم آندل: 'اٿي عشاقن ڪي الفت اهڃ ڏنائين.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**مددي حوالا:**

1. شبير احمد پتو- اڪمال صرف- مڪتبہ سعديہ مدرسہ تعليم الهديٰ، الرا. پرپايو 140 هجري
2. ابڙو عبدالرحيم ارشد- رفيق گرامر- انٽرنيشنل اڪيڊمي هالا 1986ع ص 60
3. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو- اصطلاحن جي اصليت- ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو اڪيڊمي لاڙڪاڻو 1993ع ص :12
4. انجنيئر عبدالوهاب سهتو- ورجيسون- سنڌي ساهت گهر حيدرآباد 2003ع ص :15
5. ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي- سنڌي پهاڪا ۽ محاورا- روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو- 2004ع ص: 54
6. الطاف حسين جوکيو- اشتقاقن جي اڪيڙ (اڻڇپيل)
7. محمد عمر چند- سنڌي ٻولي، لسانياتي جاگرافي، آراڌايون ۽ لفظي ترتيب- سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد 2004ع ص : 62 - 63
8. علامہ آءِ آءِ قاضي- شاهہ جو رسالو- سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ڇاپو ٽيون، 1993ع
9. ڪلياڻ آڏواڻي- شاهہ جو رسالو – ڪائياواڙ اسٽور بندر روڊ لاڙڪاڻو 1999ع
10. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ - جامع سنڌي لغات- سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو- پنجئي جلد
11. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ- روشني، شاهہ جي ڪلام جي لغت- سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد= 2002ع
12. فيروز اللغات، عربي اردو- فيروز سنز لميٽيڊ لاهور 1979ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر علي اڪبر ايم. ڍڪڻ

# سُر پرڀاتيءَ ۾ اقتصادي ۽ اخلاقي نقطاه

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سونهاري سنڌ جو عوامي، فطري ۽ الهامي شاعر ۽ صوفي درويش هو. هن پنهنجي لاثاني ۽ بي نظير سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعريءَ سان سنڌ جي ٻولي، تهذيب، ثقافت ۽ سنڌ جي جاگرافيءَ جي تاحيات ۽ مستقل حفاظت ڪري ڇڏي آهي. مطلب ته جيستائين شاهه جو ڪلام زنده آهي، ايستائين سنڌ جي وجود ۽ سنڌ جي ماڻهن جي ثقافت کي ڪوبه لهر ۽ لوڏو نه آهي. ڀلي ويري ويرڪن، ڀلي اغيار ۽ ڌاريا سازشون سٽين پر شاهه جي سنڌ سرسبز ۽ شاداب رهندي. شاهه صاحب عوامي شاعر انڪري آهي جو هِن سمورو ڪلام عام ۽ خطي جي ماڻهن جي زبان ۽ ٻولي ۾ سازن ۽ سرودن سان چيو آهي. جنهنڪري هر ماڻهو سندس ڪلام جهونگاري ڳائيندو رهي ٿو ۽ پنهنجي دل جي تختي تي اوتاري ڇڏي ٿو. شاهه صاحب فطري شاعر قدرتي منظرن ۽ انمول نظارن کي ڳائڻ ۽ ورجائڻ ڪري سڏيو وڃي ٿو. ڪيس الهامي شاعر انڪري سڏيو وڃي ٿو جو هِن هر شعر ازخود ۽ بنا رنڊڪ جي چيو آهي. جنهن مان ائين محسوس ٿئي ٿو ته سندس خيال ۽ ٻولي قدرتي طور روانيءَ سان جاري ۽ ساري، پاڻيءَ جي وهڪري جيان وهندڙ ۽ ٽمندڙ آهن. شاهه صاحب جا جمع ڪيل بيت ۽ وايون اسان وٽ ڪتابي صورت ۾ موجود آهن. سُر پرڀاتي عموما سيني رسالن ۾ موجود آهي سواءِ هڪ ٻن رسالن جي.

## تاريخي پسمنظر:

پرڀات، رات جي آخري حصي کي چئبو آهي يا ٿورن لفظن ۾ اسر

ويل يا صبح سوير واري وقت کي سڏبو آهي. هيءَ مهل پيرن جي مهل سمجهي ويندي آهي، جنهن ۾ سکون ۽ سانت، امن ۽ امان، خاموشي ۽ ماٺ هوندي آهي. جنهن ڪري پنهنجي خالقٺهار جي ياد ۽ ذڪر ڪرڻ ۾ وڏو لطف ۽ مزو، سکون ۽ فرحت محسوس ٿيندي آهي، سيڪو پنهنجي ڪم وَ ڪار لاءِ سنباها ڪندو آهي. پکي پکڻ بہ الله جي عبادت پنهنجي چُر پُر ۽ گهوگهو ڪرڻ ۾ لڳي ويندا آهن. سموري رات ننڊون ۽ آرام ۾ گذاري پيٽ قوت لاءِ اڏامڻ جي تيارين ۾ پرسوهيندا ۽ تيڙيندا آهن. مطلب تہ هيءَ مهل پنهنجي رب پاڪ جي ياد ۾ مشغول رهڻ جي هوندي آهي. فجر جي آذان ۾ هي لفظ چيا ويندا آهن تہ "الصَلوات خيرُ من النَوم" يعني: نماز ننڊ کان بهتر آهي. اهو نيا پوهر انسان کي ٻڌائي ٿو تہ هن مهل جو رب جي عبادت ڪرڻ ۾ گذارڻ بهتر آهي. ان سان گڏ عبادت ڪرڻ کان پوءِ جسم کي تنومند رکڻ لاءِ ڪليل ۽ صاف هوا ۽ فضا ۾ گهمڻ ۽ ورزش ڪرڻ سان انسان صحتمند رهي ٿو. ان سان گڏ سوير اٿڻ سان پنهنجا فرض ۽ ڪم و ڪار وقت سر سنڀالي ادارن ۽ ڏنڌن کي چار چنڊ لڳائي سگهجن ٿا، جنهن سان روزگار ۾ برڪت ۽ خوشحاليءَ اچي ٿي. شيخ سعديءَ فارسي شعر ۾ صبح سوير واري مهل کي هن طرح ساراهيو آهي.

دعائي صبح و آه شب گنج مقصو دست.

بدين راه وروش ميرود کہ بادلدار پيوندي.

يعني: صبح جو سوير وايون عبادتون ۽ رات وارا ڪنيل ساهہ يا آهون پربل تمنا ڪيل خزانا بخشين ٿيون. ان راهہ ڏانهن وجو ۽ اهڙي طريقي سان توهان پرينءَ جي پار پهچي ويندا.

## پرياتي سُر جو مضمون:

شاهہ لطيف هن سُر ۾ لس بيلي جي والي پهاڙ عرف سپڙ جام جي سخاوت جو ذڪر ڪيو آهي. سپڙ جام پنهنجي نالي وڏائڻ ۽ مشهوريءَ لاءِ سخاوت نہ ڪئي پر هن ڪيرت وارن جي قدرن داني ۽ ڪمزور ڏڻن يا ضعيفن جي دلجوئي ۽ پرجهلائي لاءِ سخاوت جا دروازا کولي ڇڏيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

### لس ٻيلو :

هي هڪ پراڻو ننڍڙو ڳوٺ هو. جيڪو سنڌ ۾ شامل هو. هن وقت هي ڳوٺ هڪ وڏو شهر ۽ بلوچستان جو ضلعي هيڊ ڪوارٽر آهي. ڪراچي ڪوئيٽه روڊ تي واقع آهي ۽ ڪراچيءَ کان اٽڪل هڪ سو ڪلوميٽر جي فاصلي تي آهي. ڪراچيءَ کان ويندي پهريائين حب اچي ٿو ۽ پوءِ چاليهه کن ڪلوميٽر تي اُٿل شهر اچي ٿو. ان کان اڳتي اٽڪل 50 يا 60 ڪلو ميٽر تي لس ٻيلو مڪيه روڊ تي اچي ٿو. شهر جي ٻاهران ٻاءِ پاس آهي، جتان ٻاهران ئي ٻاهران روڊ خضدار، قلات، ۽ ڪوئٽا ڏانهن نڪري وڃي ٿو. هي شهر ڄام سردارن جو حلقو ۽ رهائش رهيو آهي. جتي اڄا به ڄامن جي سرداري ۽ سياسي اڳيرائي آهي. هي علائقو سمنڊ جي هوائن طوفانن ۽ جهولن ڪري لسياٽو ۽ ڪارو آهي. سموري زمين غير آباد ۽ لوٽيائي لڳي ٿي، ٻيلي جا ته ڪي نشان ئي نظر نه ٿا اچن. مگر جهنگلي ٻوٽن، ڪانڊيرن، ڪرڙن، لاٽين ۽ لوَن ليَن سان ڀريل نظر ايندي آهي. سنئين سڌي زمين هجڻ ڪري هن علائقي کي لَس چيو ويندو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي لسي ۽ سڌي سنئين، جنهن ۾ ڪو ور وڪڙ نه هجي.

### ماضي جي ماحول جا اهڃاڻ :

هن سُر ۾ سمن جي سردار جي جَهلڪ پيش ڪيل آهي. اهي سردار پنهنجي شان شوڪت ۽ مشهوريءَ جي وڏاءَ لاءِ موروثي طور منگڻهار پاليندا هوا ته جيئن هو وڏيون سوغاتون ۽ سوکڙيون وٺي، سندن شان ۽ مانَ ۾ راڳ ۽ ساز الاپين. ۽ سندن تعريفون ڪن ته جڳ جا ماڻهو سندن نالو ٻڌي عزت ۽ آبرو ڪن ۽ سندن درجو ۽ حثيت بلنديءَ تي پهچي وڃي ته جيئن دنيوي عهدا ۽ خطاب ڪٽي وڏيڪ عيش ۽ عشرت ماڻين. اهڙيءَ طرح لالچي ۽ طمع رکندڙ منگتن يا گهرندڙن، ڀانن، چارڻن، ٻارڻن ۽ ڀانن جي ڳائڻ ۽ وڄائڻ جي فن ۾ واڌارو ۽ ترقي آئي ته ٻئي پاسي صبح جو سوير اٿڻ سان ۽ ڪيرت ڪرڻ سان سندن ٻولن ۽ گفتار ۾ بلاغت پيدا ٿي. پنهنجي سردارن ۽ مربين کي ساراهڻ سان سندس سارهه ۽ تعريف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ماڳ وٺان لنگهيو تہ سندس ماءُ جنهنجو سخاوت شروع ڪرڻ لاءِ چيو. چيو نہ مڃيو هوائين، تنهن انڙ جو منهن ڪپڙي سان اگهيو انڪري جو سخي اوتار جي گهوڙن جي دز نہ سندس منهن تي پوي ۽ سندس پٽ بي وس ڏاتار ٿي پوي.

انڙ پنهنجي ماءُ جي اهڙي منهن اگهڻ واري ڪم مان اهو سمجهي ويو تہ ملڪ ۾ سندس تمام گهٽي ڳالا هلي رهي آهي. سو حڪم ڪيائين تہ جيڪي بہ ترجا منگتا آهن سي پلي خيرات وٺن. اهڙي اعلان تي منگتا اچڻ لڳا ۽ خيروٺي خوش ٿيندا رهيا. مگر سندس ذهن انڙ جي ڊپ سان پريل رهندو هو ان لاءِ شاهہ صاحب فرمايو تہ:

اُنڙ ۾ آس گهٽي تِهان وڏيرو ڊرپءِ.

## ڄام سپڙ جو نسب:

پرياتي سر ۾ ڄام سپڙ جي سخا جو ذڪر ٿيل آهي ۽ سپڙ جو ڪردار نمايان ۽ نروار آهي، تنهن ڪري ضروري آهي تہ سندس حسب ۽ نسب جي باري ۾ ڪجهہ معلوم ڪجي. داستان پهرئين جي بيت (9) ۽ بيت (18) ۾ ڪيس رونجهاڻي ۽ داستان (2) جي بيت نمبر (4) ۽ بيت نمبر (20) ۾ ڪيس رونجهو سڏيو ويو آهي. جو هو رونجهن جي قبيلي مان هو ۽ سندس وڏو ڏاڏو بہ رونجهو نالي هو. داستان (2) جي بيت نمبر (4) ۽ بيت نمبر (14) ۾ ڪيس چوڻاڻي چيو ويو آهي، جو هو ڄام چوڻا جو پٽ هو. رونجهن جي روايتي نسبنامي موجب، ان جي اولاد مان بہ پائر انڙ ۽ چڪار مشهور ٿيا. سپڙ جو پيءُ چوڻا هو، جيڪو انڙ جي اولاد مان هو. جو ٻئي داستان ۾ سپڙ کي (استعاري) طور انڙ سڏيو ويو آهي. پر سنڌ جي سَمن جي نسبنامي جي هڪ روايت موجب سپڙ جي پيڙهي هن طرح آهي تہ سپڙ پٽ چوڻا پٽ ٽاٽو پٽ پهو. ٻي روايت مطابق: سپڙ پٽ چوڻا پٽ ڪارو پٽ ٻيلو پٽ رونجهو. رونجهن جي حڪومت 13 صدي عيسوي ڌاري يا پوءِ شروع ٿي ۽ سخي سپڙ بہ اوائلي دور ۾ ٿي گذريو (نوٽ) هي حسب ۽ روايتي ڳالهيون سائين محترم سنڌ جي اعليٰ ترين محقق ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دانشور جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي "شاهہ جو رسالو شاهہ جو ڪلام" جلد ٽيون تان ورتل آهن.

## پرياتي سُر ۽ راڳ:

هن سرجو نالو ان رسم جو يادگار آهي، جڏهن پيشي وارا عادي مڱڻهار سمن سردار جي درن تي بيهي خيرات لاءِ سينون هڻندا هوا ۽ سندس تعريف ۾ گيت ڳائيندا هوا ۽ مخاطب ٿي چوندا هوا تہ تون سياڳو آهين، بختاور آهين . تو جهڙو سخي جهان ۾ ڪونہ آهي، تون سوڀارو ۽ سدورو آهين، اهڙي ساراهہ ڪرڻ وارن بيتن کي جاجڪاڻي چئبو آهي. خاص صبح سوير وارين صدائن ۽ سينن کي سرءِ ڳائڻ جي هنر ۾ پرياتي چيو ويندو آهي. تنهنڪري هن سُرجا جدا جدا رسالن ۾ وقت جي آڌار سان مختلف نالا ورجايا ويا آهن. سي هن طرح آهن: جاجڪاڻي، سرود پرياتي، پرياتي ۽ وهاڳڙو يعني رات وهامڻ ۾ ساراهہ ۽ صدا ڪرڻ جو سُريا وهاڳ ڳائڻ جو سريا جدا ٿيڻ جو سُرچو تہ رات جو ڪچهري لڳي پئي هوندي آهي يا محبوب سان ماڻهو رات جو گڏ گذاريندو آهي. مگر صبوح جو ڏينهن ٿيڻ سان محبوب کان ماڻهو الڳ يا جدا ٿي ويندو آهي وغيره .

## سُر ۾ علامتون يا تمثيلون: Allegories

1 سپڙ، جام، سمون، راڄاڻ، ٻيلي سائين، ٻيلي ڏڻي (King of Lasbella) The) لس ٻيلي جو بادشاهہ

2 وهاڳ (Moring Song) يعني صبوح جي عبادت. Morning Prayer

3 مڱڻو لنگهو منگتو يعني ( Ministrel A humanbeing or Seeker) گهرندڙ، پينو

4 ڪينر يعني سرندو (Prayer = Fiddle) يا عبادتون يا دعائون.

5 مدعي يعني فريادي (Plaintiff) يا (Devil or Satan) معنيٰ شيطان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏکيا ڪري سمهيو رهن.

پيو ليٽين لَٽَ، سڄيون راتيون سُمهين،
اتي آڌيءَ نہ ڪرين، سپڙ ساڻ سهڻ،
رونجهي رات اُپٽيا، پيٽنيئون پاٽيڻ،
ميڙي تئان مَٽَ، چونڊي پريا چارٽين.

معنيٰ: تون سڄي رات سڌو ٿي سمهيو رهين، اڌ رات جو اٿي، سپڙ سخيءَ کي عرض نہ ٿو ڪري يا رابطو نہ ٿو رکين. گذريل رات رونجهي سپڙ هيرن سان پريل پيٽيون کولي ڇڏيون هيون. خيرات گهرندڙن يا چارڻن انهن مان چونڊي پنهنجا ٿانوَ پري ڇڏيا.

مولانا جامي فارسيءَ ۾ چيو آهي تہ:

بنده عشق شدي ترک نسب کن جامي،
کہ درين فلان ابن فلان چيزي نيست.

يعني: جڏهن تون عشق جي ڦندي ۾ ڦاسين ٿو تہ اي جامي! حسب نسب ڀلائي ڇڏ ڇو تہ عشق ۾ ڦلاڻو پٽ ڦلاڻي واري حيثيت ڪا شيءِ نہ آهي. علامہ اقبال بہ هن طرح ڳالهہ ڪئي آهي:

گر نسب راجزو ملت کرده،
رخنہ درکار اخوت کرده.

يعني: جيڪڏهن تون حسب نسب يا وراثت کي دين جو حصو ٿو سمجهين تہ پوءِ ڀائيچاري ۾ وڏو رخنو پيدا ٿي ويندو.

## سر پرياتيءَ ۾ سنڌ جو فنڪار:

پرياتي سر ۾ ڪينرو يعني سرندي ساز جو ذڪر ٿيل آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ (fiddle) چئبو آهي. صبوح جي مهل هي ساز وڄائي لس ٻيلي جي سخي سردار سپڙ کان خيرات گهري ويندي هئي. هڪ طرف صبوح جي صاف ۽ پرمسرت مهل سرندي جو ملو آواز، ڪٺور دل کي بہ نرم ۽ رحمدل بنائي ڇڏيندو آهي. سو سخاوت سان سرشار سپڙ سردار بہ پنهنجي پالڻهار جي نالي تان صدقي وجي سائلن کي ڏان ڏئي خوش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ضعيف ماڻهن کي سخيءَ جي دعوت هن طرح ڏني ويئي آهي. "اٿو اُبوجهاءِ، سپڙ جو سڏ ٿيو."

## ٻوليءَ جي حسناڪي:

سر پرياتي ۾ شاهه صاحب جي تمام سولي ، سلوڻي ۽ عام عوامي ٻولي استعمال ٿيل آهي. جيڪا تمثيلن ۽ علامتي شعور سان نمتار آهي. هنن بيتن ۾ کهڙي نه پرڪشش ۽ سهڻي انداز ۾ ٻولي استعمال ڪئي وئي آهي:

1 "ڏات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي"

2 ڏڏ تي ، ڏان گهريج.

3 ستو ڪئين ننڊون ڪرين.

4 سيرانديءِ ساز ڪيو، سمهين ساري رات.

5 جيڪي ڏڏن ڏئي، ڳجهان ئي ڳجهه ۾.

6 تون سپڙ ، آئون سيڪڙو، تون صاحب، آئون سگ.

7 اپريو تارو وَرَ وهاڳ ڏي.

## تشبيهن ۽ استعارن جو استعمال:

سر پرياتي نه سمورو علامتن، تشبيهن ۽ استعارن سان ڀريو لڳو پيو آهي، هن سُر ۾ هي تشبيهون ۽ استعارا استعمال ٿيل آهن:

1 سَپِڙُ جام: سمون، راڄاڻ، ڀيلي سائين ، ڀيلي ڏٺي جي تشبيهه الله سائين ڏانهن آهي.

2 وهاڳ: صبوح جو وقت يا مهل يا اسر

3 مڱڻو: چارڻ، پان، لنگهو انسان، آشا رکندڙ، گهرجائو يا عبادت گذار

4 ڪينر: معنيٰ عبادتون،صلواتون، پوڄا.

5 مدعي: معنيٰ شيطان، حاسد.

## لهجن جو استعمال:

سنڌي ٻوليءَ جا لهجا ۽ اچار خطي يا جاگرافيءَ مطابق ڳالهايا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويندا آهن. جئين لاڙي علائقن ۾ لاڙي لهجو، اترين سنڌ ۾ اترادي ۽ سرائڪي لهجو، وچولي سنڌ يعني نواب شاهه وغيره ۾ وچولو، اولاهين يعني جابلو علائقن ۾ ڪوهستاني لهجا اختيار ڪيا ويندا آهن. انهن علائقن جي ماڻهن جي ڳالهائڻ واري نموني ۽ ڍنگ مان پتو پئجي ويندو آهي ته هي ماڻهو ڪهڙي علائقي جو رهاڪو آهي. سر پرياتيءَ جو احوال لس ٻيلي سان تعلق رکي ٿو. انڪري شاهه سائين هتي لاسي اچار ۽ لهجا استعمال ڪيا آهن. جهڙوڪ پانڻ پيں، ڪينر ڪيري، وجهي وينين ويس، رو رهاڻي روءِ، جاجڪاڻي ذات، ايَ نه هو اڳهين، قيمت آٽين، چارڻ لڱو، جيڪي ڏڏن ڏئي ، اتو اٻوجهيا، مڱو مون ملاءِ، آريون اٻوجهن جون، ڪڙهه اڳيان ڪَپ، جاجڪ جِم، تون سپڙ آءِ سيڪڙو، جت پرکي چارڻي.

## سيراندي ساز ڪيو سمهين ساري رات:

پوري رات ننڊ ڪرڻ ۽ ڪيرت نه ڪرڻ سان مڱڻهار خالي خيرات جي رهجي وڃن ٿا پر جيڪي صبوح جي مٺي مهل تي اٿي پنهنجا ساز ۽ سرود، سرندا ۽ ڪينرو وڄائڻ ٿا تن کي سخي سپڙ سردار جام ڏن ڏئي ٿو ۽ هو خوشحال زندگي گذارين ٿا. تنهن ڪري انسان کي گهرجي رب پاڪ کي ٻاڏائيندا رهن ۽ رب کي راضي ڪري سکي ۽ ستابي زندگي بسر ڪن . شاهه صاحب هئي سُر ۾ هن طرح تنبيهه ڪئي آهي:

ساري رات سبحان جي جاڳي جن ياد ڪيو،
تن جي عبداللطيف چوي مٽيءَ لڌو مانُ،
ڪوڙين ڪن سلام، اچي آسڻ ان جي.

## طمع جي تنوار متان ڪرين مڱڻا:

شاهه صاحب لالچ ۽ لوڀ کي ننديو آهي هن سُر ۾ به مڱڻهار کي وڏي واڪين خبردار ڪيو ويو آهي ته سخي جام سان ڪا به لالچ يا طمع نه ڪر چوته هو تنهنجي هن لالچي لڇڻ ڪري ٿوري خيرات ڏئي، پنهنجي حويليءَ جي در تان ڪڍائي ڇڏيندءِ . سو الله پاڪ کان به ڪنهن طمع ۽ لالچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان ٻاجهه ۽ رحم نه گهرجي، قرآن حڪيم ۾ آهي تہ: "اِنَ اللهَ يرزق مَنَ يّشاء" شاهه صاحب به فرمايو آهي تہ:

جيڏو تنهنجو ناءُ، ٻاجهه بہ اوڏائي مڱا
ري ٽنيين ري ٽوٽي، ٽون ڇپر ٽون ڇانو
ڪڄاڙو ڪهان، تو ڪي معلوم سيڪا

فارسي ۾ دعا گهري وئي آهي:

يا اِلاهي عاجزم اميد وارم ازلطف تو
حال مارا خودبداني، من چہ گويم پيش تو

## اڀءُ نہ پائن پير:

پان، چارڻ، مڱتا، مڱڻهار يا پينو فقيرن جي ريت نہ آهي تہ پنهنجا سازو ويڙهي سيڙهي پٽ يا ڪنهن ٻئي هنڌ ڪوڪا هڻي تنگي رکي ڇڏين مگر ڪين پنهنجا سرندا، سارنگيون ۽ ٻيا ساز ڪليا رکي وڄائڻ گهرجي ۽ سخين کي انهن جي منٿ سرن سان من موهي خيرات يا ڏان وٺڻ گهرجن. جيڪڏهن ائين ڪندا ۽ فجر جي سڪون ۽ عبادت وقت ننڊون ڪندا رهندا ۽ ساز نہ وڄائيندا تہ پوءِ هو بکيا رهجي ويندا ، مطلب تہ صبوح جو عبادت جو وقت آهي، انسان کي ان وقت اٿي بسم الله ڪري رب العالمين کان سندس رحم ۽ ڪرم پنڻ گهرجي تہ جئين هو هِن دنيا ۾ ايندڙ دنيا ۾ موت ڪان پوءِ سکي زندگي گذاري ۽ جَنتون ماڻي سگهن. شاهه صاحب فرمايو آهي تہ:

"ستا اٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ملي،

ٻئي هنڌ فرمايل آهي تہ:

تتي ٿڌي ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهہ، تہ پير نہ لهين پرينءَ جو

## ڏات نہ آهي ذات:

آغا محمد يعقوب انگريزي ترجمو ڪندي هن طرح لکيو آهي ته
Pedigree does not sway the grant of spiritual elevation. It goes by merit based on hard work put in) مطلب ته موروثيت تي نصيب نه ملندا آهن مگر جيڪو جيتري مشقت ڪندو اوترويئي ماڻيندو.
قرآن حڪيم ۾ فرمايل آهي ته: لَيسَ لِلاِ انِسانَ اِلاَ ماسَعيٰ ه
يعنيٰ: جيڪو جيترو لوچيندو ان کي اوترو ملندو.
شاهه صاحب فرمايو آهي ته:

ستي نه سيرنڊياءِ، ڪر پچار پرين جي،
وهامي ويندياءِ گهڻا هٽنديں هتڙا.

وري فرمايو اٿس ته:

وکر سو وِهاءِ، جو پئي پراڻو نه ٿئي،
ويچيندي، وِلات ۾، ذور ٿئي نه ضياءِ،
سا ڪاهڻ هلاءِ، اڳهہِ جنهنجي اُبهين.

## اقتصادي نظريا:

شاهه جو سمورو ڪلام، سمورا داستان يعني سمورو رسالو روحاني ۽ اخلاقي نصيحتن ۽ هدايتن سان ڀريل آهي. انسان جي ڀلائي، نيڪي، ترقي ۽ خوشحالي ان ۾ آهي ته انسان کي روزيءَ جا سمورا ذريعا ميسر هجڻ لازمي آهن. روزي نه هوندي ته انسان پنهنجو وجود سالم نه ٿو رکي سگهي، ان ڪري انسان جي صحت ۽ تندرستيءَ لاءِ ترقيءَ واريون پاليسيون ۽ نظريا عمل ۾ آڻڻ ضروري آهن. سُر پرياتيءَ ۾ شاهه صاحب هي قتصادي نقطا پيش ڪيا آهن:

1 محنت سان روزگار ملي ٿو بيت 1
2 نند ڪرڻ سان روزگار جا موقعا ماڻهو وڃائي ويهي ٿو بيت 2
3 محنت سان گڏ اتساهه ضروري آهي، بيت نمبر 4 ۽ 5
4 هنر سکڻ ضروري آهي. بيت نمبر 6
5 هنر سان گڏ ڏنڏي ڏانهن ڌيان ۽ خيال. بيت نمبر 9

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

6 بي ايماني ڪرڻ سان مالڪ ناراض ٿئي ٿو بيت نمبر 9(a)
7 صفائي ۽ سٺائي، صحت برقرار رکي ٿي ته اپراسو به وڌي ٿو بيت نمبر 9(b)
8 محنت ئي بخت بالا ڪري ٿي. بيت نمبر 11
9 سٺي ورتاء ۽ هلت سان ڌڻ وڌي ۽ ويجهي ٿو. بيت نمبر 13
10 سويرائي ڪم تي لڳڻ سان وڌيڪ نظر پيدا ٿئي ٿو ۽ وقت جو قدر ٿئي ٿو. بيت نمبر 14
11 پنهنجي فرض کان غائب رهڻ سان ڌڻ رلجي وڃي ٿو. بيت نمبر 15
12 چالاڪ ۽ ڪم ۾ ماهر ٿيڻ سان پيداوار ۾ اضافو اچي ٿو بيت نمبر 16
13 صفائيءَ سان ماحول اچو ۽ اجرو رکي ڌڻ کي فائدو رَسائي سگهجي ٿو، بيت نمبر 18
14 يماندريءَ سان پنهنجو رزق وڌائي سگهجي ٿو بيت نمبر 19
15 هڪ ڌڻ ڪرڻ سان مهارت وڌي ٿي ۽ مزدور جو قدر وڌي ٿو بيت نمبر 19 (b)
16 ڌڻ جي مالڪ سان وفادار ٿيڻ گهرجي ان ۾ ترقي ۽ عهدا ماڻي سگهجن ٿا.

شاهه صاحب رح جي وائيءَ ۾ پيداوار وڌائڻ ۽ وڏن درجن جو دارومدار پنهنجي مالڪ ۽ رب العالمين جي هٿ وس ۾ آهي.

ڪين منجهان جو ڪي ڪري، سونهن سارا هين سائين
وَتُعزمَن تَشاءُ وتذل من تشاءُ، ائين اتائين،
حِرفت حريفن جي، پيري سَپ پڳائين،
حاسد سَپ حزن ۾، مدعي پاڻ مٺائين
اديون عبدالطيف چئي، آهي پاڻ وٽندڙ سائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ثاقب سومرو

# ذات نہ آهي ذات

ڏات نہ آهي ذات، جو وهي سولهي،
آريون اُبوجهن جون، سپڙ چار سهي،
جو راءِ وٹ رات رهي، تنهن جُڪي تان ٽئي.

تاريخ شاهد آهي تہ جنهن وقت دنيا ۾ دوکي، دولاب، فريب، مڪاري ۽ انسانيت سوز عملن جو دؤر چالو ٿيو تہ رب العزت پنهنجي طرفان پيغبر موڪلي، انسان جي رهنمائي ڪئي. جڏهن پيغمبرن جي آمد ۾ وِٿي پوندي هئي تہ ان خطي ۾ رهندڙ انسانن مان ڪا اهڙي هستي پيدا ٿيندي هئي، جا انسانن جا ذهن مفلوج ٿيڻ بجاءِ پنهنجي قول، فعل ۽ عمل سان سنواريندي هئي. اها هستي پيغمبرن جي ڏسيل راه موجب پرچار ڪندي هئي. اهو پرچار: تحرير، تقرير يا شعر جي صورت ۾ هوندو هو. شعر ۾ پنهنجو راز سموهي انسان اڳيان پيش ڪري. اها هستي پنهنجو حلقو پيدا ڪري پنهنجو اعليٰ ڪردار عيان ڪندي هئي.

دنيا جي تاريخي اوراقن تي نظر وجهبي تہ معلوم ٿيندو تہ هر دؤر، هر وقت ڪيترائي اديب، مفڪر، دانشور، شاعر، سگهڙ ۽ رهبر پيدا ڪيا آهن. انهن ۾ هر ڪنهن جي پنهنجي پنهنجي اهميت ۽ افاديت نظر ايندي. ڪي مشرق جا تہ ڪي مغرب جا شاعر سڏجڻ لڳا. جن جو دائرو محدود رهيو.

اهو هن ڌرتيءَ تي رب العزت جو احسان ۽ ڪرم آهي، جنهن پنهنجا پال ٻلائي ٻلوڙ شاعر، مفڪر، وقت جو نبض شناس "ڀٽائي ڀلارو" پيدا ڪري سنڌ کي منور ڪري ڇڏيو.

دنيا جي خطن جا شاعر مثلاً: ملٽن، گوئٽي، پربلو نرودا، شيڪسپيئر، وروس ورٿ وغيره، پنهنجي پنهنجي شاعريءَ مطابق مانُ رکندا هوندا. ڪي چند شاعر آهن. جن ۾ مکيہ طور "شاهہ عبداللطيف" آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جن جي شاعريءَ کي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ ترجمو ڪري، انهن ٻولي ڳالهائيندڙن به پنهنجي قوم جي رهبري ڪئي. لاڪيٽي لطيف جي ڪلام جو مجموعو جنهن کي "شاهه جو رسالو" سڏجي ٿو رسالو عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "پيغام" لطيف سائينءَ جو ڪلام حقيقي حق جو پيغام آهي ۽ نه ٻين شاعرن وانگر "ديوان يا بياض"

موڙهو پٽين مڱتا، ڪيڏانهن هئين ڪالهه،
لنگها ڇڏ، لطيف چئي اُجهن جا افعال،
سيڙ در سوال، ڪر ته قيمت آٿئين.

سخاوت هڪ قدرتي ذات آهي، جيڪا ڪنهن ذات، نسل ۽ قبيلي تائين محدود نه آهي، اهو عمل قدرت طرفان عطا ٿيندو آهي.

لطيف سرڪار جي شاعريءَ ۾ "تصوف" جو رنگ پريل آهي.

تصوف جا افڪار هر قوم ۾ هئا ۽ اهي فڪر هر قوم کان ٻي قوم ۽ هر ملڪ کان ٻئي ملڪ ڏانهن منتقل ٿيندا رهيا.

اسان جا ڪجهه مسلمان عالم ان تي ڏاڍي چڙ ڪائيندا آهن انهن کي اهو ڏکيو لڳندو آهي ته مسلمان صوفين هندستان جي ويدانيت مان استفادو ڪيو.

تصوف جي جذبي کي حديث شريف ۾ "احسان" جو نالو ڏنو ويو آهي.

اڳتي هلي جڏهن تمدن جي ترقيءَ سان گڏوگڏ مسلمانن ۾ علمن جي تدوين ٿي ته احسان کي به علمي شڪل ڏني وئي ته اهو علم "تصوف" چئجڻ لڳو.

دين محمديءَ جو هڪڙو آهي "ظاهر" ۽ ٻيو آهي "باطن (ڳجهه)".

ظاهر جي حفاظت ۽ سنڀال فقيهن، محدثن، غازين ۽ قارين پنهنجي ذمي ڪئي، دين جي باطن ۽ مغز جنهن کي قرآن شريف "احسان" ڪوٺيو آهي، ان جي اشاعت ۽ اقامت جو ڪم اولياءَ الله جي ذمي ٿيو.

سخاوت به هڪ اهڙو اعليٰ گڻ آهي، جنهن سان حاجتمند انسانن جي حاجت پوري ٿئي ٿي ۽ اهي انهن سخين جا ڳڻ ڳائيندا رهن ٿا. پوءِ اهي سخي ڪهڙي به ذات سان سڏبا هجن. لطيف سرڪار سخين تي عاشق هو سندس مديحي ڪلام مان پروڙ پوي ٿي ته، سچو سخي به هڪ اهڙو فقير آهي، جنهن جي وڏائي ڪامل عارف به ڳائين ٿا. سخين جي سخاوت هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ڏسيل اصولن تي آهن تہ اهوئي الله کي عزيز آهي.

ذات ۽ ذات پہ اهڃاڻ آهن. جيڪي لطيف سرڪار پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيا آهن. ذات پاڪ جو ويچو هند ۽ سنڌ ۾ ايامن ڪان آهي پذمت ڪجهہ عرصي تائين انهن ويڇن کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب وئي. ان بعد اسلام آيو. ان ۾ اهي ويڇا نہ هئا. پر مقامي روايتن جي اثر هيٺ "سيد" ۽ "امتي" پيدا ٿيا. امتين ۾ بلوچ اوچي ذات سڏائڻ لڳا هنرمند ۽ محنت ڪش، ڪوري، موچي گهٽ ذات ڀانئيا ويندا هئا.

شاهہ لطيف پنهنجي وقت ۾ رائج سماجي قدرن کي قبول نہ ڪيو. ذات پات ۽ اونچ نيچ جا هترادو ويڇا هن کي نہ آئڙيا. لطيف سرڪار وٽ "ذات تي ذات نہ آهي" پر "وهڻ" يعني محنت ڪرڻ واروئي عزت لائق آهي. جاگيرداري سماج ۾ پورهيت، ڪمي ۽ ڪاسبي گهٽ ذات سمجهيو ويندو آهي. پر لطيف سائينءَ آڏو پورهيت ئي آهي جيڪو ڪجهہ حاصل ڪرڻ (لهڻ) جو حقدار آهي.

"نئون نياپو آئيو، راڻي ملان رات،
لڏي سون لطيف چئي، ڪنا ذاتر ذات،
کهڙي پڇين ذات؟ جي آيا سي اگهيا" (مومل راڻو)

هن بيت ۾ لطيف سرڪار نہ فقط سنڌ پر پوري دنيا کي "نئون نياپو" ڏنو آهي. اهو نياپو برابريءَ جو نياپو مساوات جونياپو، انساني هڪجهڙائيءَ جو نياپو آهي. اهو نياپو فرق ميساريو ڇڏي.

سنڌي سماج ۾ شاهہ لطيف جي زماني کان وٺي اڄ ائين ڳائڻ وڄائڻ وارن کي گهٽ نظر سان پئي ڏٺو ويو آهي. "ڳائڻ" ۽ "وڄائڻ" "خاندان" ۽ "شريف گهرائڻ" لاءِ ممنوع آهي. ڳائڻ وڄائڻ وارن کي "مڱڻهار"، "مڱڻو"، "منگتو" "پينو" ۽ "پينار" سڏيو ويندو آهي. گويا جيڪو ڪين سنڌن فن جي عيوض ملي ٿو اهو سنڌن فن يا محنت جو اجورو نہ پر خيرات آهي. ان ڪري ئي انهن کي "گهرندڙ" يا "مڱڻهار" جو نالو ڏنو ويو آهي. شاهہ لطيف عام ماڻهوءَ جي نظر ۾ ان حقير ۽ ڌڪاريل طبقي کي عظمت جي بلندين تائين پهچائي ڇڏيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"جنين سڪ ناهه ڪي، چارڻ سي چئجن،
رُجن راهه پچن، متي ڪلهن ڪينرا." (پرياتي)

چارڻ يعني محنتي اهي چئجن جن کي وڻي کوبہ سڪ ناهي، اهي هر وقت پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙيندا رهن ٿا، جن جي ڪلهن تي ڪوڏرون، ڪهاڙيون ۽ هٿ ۾ ڏاٽا آهن.

لطيف سرڪار معمول جي عام واقعن مان ڪونہ ڪو اخلاقي سبق ڪڍي ٿو يا سيني شين جي اڪثريت مان "وحدت" پيو ڳولي ۽ ان مان الله تعاليٰ سان وصل جي خوشي پيو ماڻي.

رسالي ۾ جيڪي تمثيلون ڏنيون ويون آهن، سي گهڻي ڀاڱي "صوفي فڪر" جي خزاني مان ورتل آهن. شاهه عبداللطيف ڪو شعوري ۽ مستقل فلاسافر ڪونہ هو. اسان سندس شاعريءَ مان جلال الدين رومي، جامي يا سيد احمد هاتف اصفهاني جي تمثيلي خزاني جي اميد ڪونہ ٿا رکون. مگر سندس فلسو عالم آشڪار آهي.

"ڪڙهہ اڳيان ڪپ، ڏهاڙي ڏاتار جي،
مڱڻهارن مپ، ڪونهي پيو ڪيرت ري ءَ"

شاهه لطيف فاني شين مان لافاني ۽ لازوال، وقتي ڳالهين مان آفاقي ۽ ازلي حقيقتون ڳولي ڪڍيون آهن. اهڙي شاعريءَ جو هڪ وڏو ڪم آهي، انهن لازوال، لافاني ۽ ازلي حقيقتن جي ڳولا ڪجي، اها بہ فاني، وقتي ۽ عام شين مان.

فرانسيسي فيلسوف برگسان لکيو آهي تہ "ڪهاڻي مختلف عڪس، جيڪي ڌار ڌار جاين تان ڪنيان ويا هجن، اهي شعور کي هڪ اهڙي نقطي تي مرڪوز ٿا ڪن، جنهن مان هڪ قسم جو عرفان ٿو حاصل ٿئي" اهو عرفان ئي شاعريءَ جو ماڳ مقصد آهي. اهو عرفان ڪنهن واقعي يا مشاهدي جي باري ۾ هجي يا سموري ڪائنات جي باري ۾ هجي.

عڪس ظاهري طور هڪٻئي کان مختلف آهن. هڪٻئي سان واسطو نٿا رکن، پر تڏهن بہ اهي من کي هڪ وحدت تي مرڪوز ڪن ٿا.

شبلي لکي ٿو تہ: "سمبالزم، ڪنهن حقيقت جي هڪ سطح کان


Scanned with CamScanner

هيءَ سطح تي آيل حقيقت سان لاڳاپي ڪي چئجي ٿو.

جئين "سر پرياتيءَ" ۾ "ذات نہ آهي ذات تي" جي مصداق ظاهري ڄام سپڙ سخي آهي ۽ مڱڻهار يا منگتو گهرجائو آهي. جن مان اصل حقيقت واضح ٿي ٿئي تہ اصل "رب العزت" ڏيهن ڪي ڏيڻ وارو ۽ مڱڻهار يا منگتو عام انسان آهي، جيڪو سندس در تان پنڻ جو عمل ڪري ٿو ۽ خالي نٿو موٽي.

"هئزارڊ آڊمس" جي لکت موجب تہ اڪيلي اهڃاڻ جي ڪابہ معنيٰ نہ آهي. اهڃاڻ جي معنيٰ آهي، ان جي لاڳاپي ۾ لفظن. يا مصرعن توڙي سڄي شعري سٽاءَ موجب اهڃان طور ڪم آندل لفظ جي معنيٰ نڪري ٿي.

"ٿامس ڪارلائل" اهڃاڻ جي باري ۾ لکي ٿو تہ: "اهڃاڻ ڄاڻائيءَ ۽ سڏائيءَ سان ڪنهن لامحدود حقيقت جو عرفان آهي. ان ذريعي لامحدود، محدود سان رلجي ملجي وڃي ٿو. هو ڪائنات ڪي خدا جو هڪ وسيع اهڃاڻ سڏي ٿو. "شيڪسپيئروٽ، ايليزبيٿ جي دور زندگيءَ ۾ شائلاڪ ياري ظالم يهوديءَ جو، توڙي مٿانهين طبقي جي اميرن، شاهوڪارن ۽ لارڊن جو ذڪر ٿيل ملندو.

لطيف سرڪار پنهنجي شاعريءَ جو موضوع پنهنجي ملڪ جي عام ماڻهن کي بڻايو. علامہ آءِ- آءِ قاضي لکي ٿو تہ: لطيف سائين مهاڻن، ماڇين، هارين، چرخي ڪتيندڙن، منگتن، چارڻن ۽ شهزادن کي ساڳئي نوع سان بيان ڪيو آهي. شاعريءَ لاءِ تشبيهون ۽ استعارا پڻ انهن ئي طبقن جي ماحول ۽ زندگيءَ مان چونڊيا آهن.

شاهہ سائين جي سورمن ۽ سورمين تي نظر ڪبي تہ اهي پورهيت ۽ فنڪار طبقي مان ئي هئا. جن کي هن ڪان اڳ دنيا جي عظيم شاعرن، شاعريءَ مان نيڪالي ڏئي ڇڏي هئي.

"تون سپڙ آءٌ سيڪڙو، تون ڏاتار آءٌ ڏڏُ.

سٽي تنهنجو سڏ، ڪلهي پاتم ڪينرو."

لطيف سرڪار "پرياتي" ۾ مڱڻهار جو ذڪر سهڻي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. هر اهو فرد مڱڻهار يعنيٰ طالب آهي، جيڪو ڏاتار يعني مطلوب ڏانهن رجوع ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"سر پرياتي" اهڃاڻ آهي: جستجو، جاکوڙ ۽ محنت جو اسر يعني پرڀات جي اهميت لطيف سائين جي مختلف، سرن ۾ واضع آهي.

"سودا سکياڻي ٿيان، اچين جي "پرڀات"،
اتي عبداللطيف چئي، "ڏاتر ڏيندم ڏات" (مومل راڻو)

❊

ٻانهي ڪوٺين ٻاجھ سين، ته ڪر لڌيم "ڏات"
ڪنديس عرض الله کي، سياڻي "پرڀات" (ڪاموڙي)

❊

ڪوھ ڪيرينديس ڪانڌ ريءَ، وهاڻي "پرڀات"
مٽ نه معذورين جا، ڪاجا جوڳي "ڏات" (رامڪلي)

چارڻ، منگتا، مڱڻهار، اهي ڇٽبا آهن، جن کي ڪوسک نه هوندو آهي ڪلهن ۾ ڪينرا کڻي راهه پڇندا رهن ٿا. اي منگتا تون سچ (الله تعاليٰ) جي در وجي سوال ڪرته قيمتي انعام ماڻي.

انسان ڪيترن ئي عيبن سان ڀريل هجي پر ڏاتار اڳيان ٻاڏائي ته هو ڪيس مالا مال ڪري ڇڏيندو.

**حوالاءِ ڪتاب:**


1. مذهب جو فلسفو (مولانا عبدالله سنڌي)
2. شاهه عبداللطيف شاعري (تنوير عباسي)
3. ڀٽ جو شاهه (ڊاڪٽر ايڇ- ٽي سوارلي)
4. شاهه جو رسالو (ڪلياڻ آڏواڻي)
5. شاهه جو رسالو (ٻاگوجي ڏانوجي)
6. سر پرياتي شاهه جي نظر ۾ مضمون (راقم الحروف) روزاني آفتاب
7. دنيا جو عظيم شاعر مضمون (راقم الحروف) روزاني آفتاب


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عبدالقادر چاچڙ

# سر پرڀاتيءَ جو فڪري جائزو

شاهه عبداللطيف ڀٽائي دنيا جي وڏن ۽ عظيم شاعرن مان هڪ آهي. ان جو ڪلام هڪ سمنڊ مثل آهي. جيئن سمنڊ ۾ ملاح ۽ دنيا جا سوداگر مڇي، موتي، جواهر، سپ وغيره پيا ڳوليندا آهن. ائين فڪري سچ رکڻ وارا، شاعريءَ سان محبت ڪرڻ وارا، پڙهيل ۽ ڀلايل راهن وارا شاهه لطيف جي رسالي مان هدايتون حاصل ڪندا رهندا آهن. جيئن سمنڊ مان مڇي، سپ، موتي، جواهر وغيره اڄ تائين ملاح ۽ سوداگر کُٽائي نه سگهيا آهن. ائين شاهه لطيف جي فڪر جي اونهائي کي اڄ تائين پوريءَ ريت ڪو به طالب، محقق ۽ پارکو پهچي نه سگهيو آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام "شاهه جو رسالو" جي نالي مشهور آهي. شاهه جي رسالي ۾ 30 سر ڏنل آهن ۽ هر هڪ سر ۾ جدا جدا فڪر سمايل آهن، سر پرڀاتي به انهن سرن مان هڪ آهي. هن مقالي ۾ سر پرڀاتيءَ جو فڪري جائزو تفصيل سان هيٺ ڏجي ٿو.

## لفظي ۽ اصطلاحي معني:

**پرڀات:** پرڀات جمع پرڀاتيون: [پر= ڳهٽو چوڏاري+ ڀا= چمڪڻ] سج اڀرڻ کان اڳ واري مهل- وڏو اسر- وڏو صبح- علي الصبح [1]

پرڀات اصل ۾ هندستاني راڳڻي به آهي جيڪا اسر جو ڳائبي آهي.

انهيءَ ڪري اڌ رات بعد خدا کي ياد ڪرڻ ۽ ياد ڪرڻ کي مجازاً پرڀات چئبو آهي.

## علامت ۽ تشميل:

شاهه ڀٽائي جي هيءَ خوبي آهي ته هُن ماڻهن کي فڪر ۽ حقيقت سمجهائڻ لاءِ مقامي ۽ مشهور واقعن توڙي ڪردارن کي پنهنجي شاعريءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

علامت جي طور تي آندو آهي، جيئن عام ماڻهن کي ڳالهه سمجهڻ ۾ آساني ٿئي. مثلاً سهڻي، ليلا چنيسر، مومل راڻو مارئي، سورٺ، سسئي وغيره.

الله تعاليٰ سخي ۽ فياض آهي، جيڪو هر ماڻهوءَ کي رزق مهيا ڪري ٿو، پوءِ اهو فرمانبردار هجي توڙي نافرمان، مسلمان هجي توڙي ڪافر، اولهه جو هجي توڙي اوڀر جوءِ اڇو هجي توڙي ڪارو. شاهه ڀٽائي سر پرياتيءَ ۾ آقا ۽ غلام يعني الله تعاليٰ ۽ بندي جي واسطي ۽ تعلق کي سمجهائڻ لاءِ لس ٻيلي جي حاڪم سپڙ جام [(2)] کي ڏيندڙ مڱڻي کي وننڌڙ جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي. جيئن لنگهو (دهلائي) ڌن دولت ڏيڻ وارن کي پيو صدائون هڻندو آهي، تيئن حضرت ڀٽائي بندي کي حڪم ڪيو آهي ته هو مڱڻو يعني، مڱڻ ۽ گهرڻ وارو تي سپڙ سخي حاڪم يعني الله تعاليٰ کان گهري. هتي سپڙ کي سخاوت جي علامت طور تي آندو آهي.

## سر پرياتيءَ جو فڪري جائزو:

شاهه ڀٽائي هن سر ۾ جيڪي فڪري ڳالهيون سمجهايون آهن، انهن ۾ توحيد، رات ۽ صبح سوير رب پاڪ کي ياد ڪرڻ جي فضيلت الله کان نماڻو ۽ لاچار ٿي رزق روزي طلبڻ، عزت ۽ ذلت جو مالڪ الله کي سمجهڻ، انصاف بجاءِ مالڪ الملڪ کان فضل طلبڻ، حسد ۽ ڪُوڙين ڳالهين کان پاڻ کي بچائڻ وغيره جو فڪر شامل آهي.

### توحيد:

توحيد جو مطلب آهي الله تعاليٰ کي اڪيلو خالق ۽ مالڪ مڃڻ ۽ ڪنهن کي به ان جو ساٿي نه بڻائڻ. ڀٽائي ماڻهن کي هيءُ به فرمايو آهي ته اهي ڏک سک ۾ الله ڏانهن رجوع ڪن ۽ ٻين درن ڏانهن نه واجهائڻ. الله کي ڇڏي ٻين درن ڏانهن واجهائڻ کي ناپسندي ڪندي هن ماڻهن کي ڏوراپو ڏنو آهي ته:

مڱ تنهين کان مڱتا! جو ڏيهاڙو ٿو ڏئي،
ڪوڙا در دنيا جا، جاچڪا! مڱين جي،
سيان توهين کي، موتي ڏيندا منهن ۾.

## رات جي عبادت جي اهميت:

پرڀاتي هندوستاني راڳڻي آهي جا اسر (رات جو آخري) وقت ڳائبي آهي، اسلامي نقطهٔ نگاهه سان رات جو آخري حصو عبادت ۽ دعاء جي قبوليت جو تاثير آهي، رات جي وقت الله تعاليٰ جي رحمت آسمان کان زمين تي لهي ٿي اچي ۽ انهيءَ وقت ماڻهو جيڪا دعا گهرندو اها قبول پوندي، جيڪو سوال ڪندو اهو پورو ٿيندو ۽ جيڪو رب کان معافي گهرندو ته کيس معافي پڻ ملندي. رات جي پوئين حصي ۾ عبادت ڪرڻ جي ترغيب ڏيندي لطيف سائين فرمايو آهي:

ايــر تــارو اٿــي ور وهـــاڳ ڏي.

پياري پيغمبر حضرت ڪريم ﷺ جي پڻ هي عادت هئي ته رات جو پهرين حصي ۾ ننڊا ڪندا هئا ۽ پوئين حصي ۾ جاڳي رب کي ريجهائيندا هئا. جيڪي ماڻهو سڄي رات ننڊ تا ڪن ۽ الله کي ياد ڪرڻ کان غافل ٿا رهن، اهڙن ماڻهن کي لطيف سائين ڏوراپو ڏيندي فرمايو آهي:

ستو ڪئن ننڊون ڪرين، رو وهاڻيءَ روءِ.

يا هڪ بيت ۾ پڻ فرمايو آهي:

سيرانديءَ ساز ڪيو، سمهين ساري رات.

پهرين شعر جو مطلب آهي ته اي ڀانها تون اڃا ستو پيو آهين، اسر (پرڀات) وقت ٿيو آهي، اٿي خدا کي ياد ڪر ۽ ٻئي شعر ۾ انسان کي لطيف سائين فرمائي ٿو ته الله کي ياد ڪرڻ کان غافل ٿي سڄي رات سمهين ننڊ ٿو ڪرين، اها ڳالهه بندي جي شان وٽان نه آهي. ان کي ته رات جي پيٽ ۾ اٿي رب کي ٻڌائڻ ۽ راضي ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ گهرجي.

## صبح سوير خدا کي ياد ڪرڻ:

صبح جو سوير پکي پرندا اٿي مالڪ الملڪ کي ياد ڪندي تنوارين ٿا. ڪڪڙ ٻانگ ڏئي ماڻهن کي نئين صبح جي نويد ڏين ٿا ۽ ملا جي ٻانگ پڻ ماڻهن کي نئين ڏينهن شروع ٿيڻ ۽ ان جي شروعات ڏٺي ٻاجهاري جي در سجده بسجود ٿيڻ جو سڏ ڏئي ٿي. حضرت پڻائي صبح جو خدا کي ياد ڪرڻ

عطا ڪيل نعمتن ڏانهن توجهہ نہ ٿا ڪن. اهڙن توجهہ نہ ڪرڻ وارن ماڻهن ڪي حضرت ڀٽائي الله جو پيغام ڏيند فرمائي ٿو:

مون در ڇڏيو مڱڻا، مڱين ڪوهہ ٻيا!
تڏهن تو پيا، وڃان ولهان ڏينهڙا.

## رب پاڪ جي فضل ڪي طلبڻ:

ماڻهن ڪي الله تعاليٰ عبادت ۽ رب جي ساراهہ لاءِ پيدا ڪيو آهي. [و ماخلقت الجن والانس الا ليعبدون] يعني، مون جنن ۽ انسانن ڪي صرف عبادت لاءِ پيدا ڪيو آهي.

پر ماڻهن جي زندگيءَ جي وهنوار ڪي ڏسجي ٿو تہ پوءِ رب پاڪ جي هن فرمان جو عملي مشاهدو ٿئي ٿو تہ انسان خساري ۾ آهن. [والعصر ان الانسان لفي خسر]

جو تہ هڪ طرف انسان جي خلقت رب جي عبادت لاءِ ٿي آهي تہ ٻئي طرف وري هو خدا جي حڪم جي پوري ڪرڻ جي ڪسوٽيءَ تي پورو نہ ٿو لهي. اهڙي حال ۾ هو رب ڪان انصاف جي گهر نہ ڪري، بلڪ اطاعت ۾ پاڻ بہ پتوڙي ۽ خدا باري تعاليٰ ڪان فضل بہ طلبي. جيڪڏهن رب جو فضل ٿيندو تہ پوءِ ماڻهو پار پوندو. باقي حساب ڏئي ڪونہ ڇٽي سگهندو. رب جي فضل طلبڻ ڪي حضرت ڀٽائي نهايت وڻندڙ انداز ۾ هن طرح آندو آهي:

ات ڪرت وارا ڪيترا، ڪرت ڪيو ڪوهہ،
جيڪي بندو ڪم ڪري، سو مڙوئي ڏوهہ،
تون پارس آئون لوهہ، جي سڄين تہ سون ٿيان.

رب ڪي ٻاڏائڻ وارا ڪيترائي آهن پر رب ڪي راضي ڪرڻ وارا ڪي ڪي آهن. ٻيو تہ ماڻهن چڱائيون گهٽ ۽ لنگهايون وڌيڪ ڪن ٿا. اهڙي حال ۾ جيڪڏهن رب راضي ٿئي تہ پوءِ لوهہ وانگر ڪٽيل، ڪچ ۽ ميرو انسان سون ٿي پوندو ورنہ ان جو حال ڪونهي ڪو.

تون سپڙ آءٌ سيڪڙو، تون ڏاتار آءٌ ڏوهہ،
تون پارس آئون لوهہ، جي سڄين تہ سون ٿيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## رزق ۽ روزي ڏيڻ جو عجيب انداز:

سموري مخلوق کي الله تعاليٰ رزق ڏئي ٿو. [و الله يرزق من يشا بغير حساب] يعني، رب پاڪ جنهن کي چاهي ٿو ان کي بيحساب رزق ڏئي ٿو. ماڻهوءَ کي پنهنجي علم، هنر ۽ فن تي ناز نہ ڪرڻ گهرجي، بلڪہ انهن شين کي بہ رب جي ذات کي راضي ڪرڻ جو سبب بڻائڻ گهرجي. لطيف سائين انهن ڪيميادانن لاءِ فرمايو ٿو:

جيڪي ڏڏن ڏي، ڳجهيان ئي ڳجهہ ۾،
سي جي سٽن ڪڏهن، ڪرت وارا ڪي،
تہ ساز مڙوئي سي، هوند پٽون ڪن پلڪ ۾.

## صبر ۽ استقامت جي تلقين:

صبر ۽ استقامت جي اسلام ۾ وڏي اهميت آهي ۽ جيڪي قومون اڄ دنيا جي گولي تي ترقي يافتہ آهن، انهن جي ترقيءَ جو هڪ سبب استقامت پڻ آهي. قرآن ڪريم ۾ صبر وارن جي فضيلت هن طرح بيان ڪئي وئي آهي. [ان الله مع الصابرين] يعني الله تعاليٰ صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي ۽ ڪنهن ڳالهہ تي استقامت سان قائم رهڻ رارن جي تعريف ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي: [ان الذين قالوا ربنا الله ثم استقامو] يعني جن ماڻهن الله تعاليٰ تي ايمان آندو آهي ۽ ان تي استقامت سان قائم رهيا آهن تہ اهي ڪامياب ٿيا.

استقامت جو پهريون ڏاڪو صبر آهي، جنهن ماڻهوءَ ۾ صبر جي صلاحيت اچي وئي، ان ۾ استقامت جي سگهہ بہ پيدا ٿي پوندي. حضرت ڀٽائي رحہ ماڻهن کي درس ڏئي ٿو تہ توهان الله جي در تي پيا ليلائيو، پروردگار کي پيا پڪاريو. اوهين ڪڏهن بہ ان جي در کي نہ ڇڏيو، ڇو تہ خدا جي در کان سواءِ ٻيو ڪوبہ در ڪونهي جتي ماڻهو وڃي پنهنجا ڏک سور پيش ڪري ۽ پنهنجون مرادون ماڳي. لطيف سائين استقامت جي تلقين ڪندي فرمايو آهي.


Scanned with CamScanner

ڪـڙهـہ اڳـيـان ڪـپ، ڏهـاٽـي ڏاتـار تـي،
لنگها! لاهہ مَ لک سيئن، متان چانئٹ چپ،
مڱڻهارن مپ، ڪـونـهـي هـيـو ڪـيـرت ري.

## عزت ۽ ذلت خدا جي وس ۾:

قرآن ڪريم ۾ واضح حڪم آيل آهي تہ ماڻهوءَ جي عزت ۽ ذلت خدا جي وس ۾ آهي. انهيءَ ۾ ماڻهوءَ جو وس ۽ عمل دخل نہ آهي، جيڪو الله ڏانهن رجوع ڪندو، الله کي راضي رکڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو تہ ان کي عزت ملندي ۽ جيڪو رب جو در ڇڏيندو ان کي خواري ۽ رسوائيءَ کان سواءِ هيو ڪجهہ بہ پلئہ نہ پوندو. حضرت پتائي انهيءَ ڳالهہ کي الله جي فرمان سان ڳنڍ پنهنجي شعر ۾ هن طرح آندو آهي:

"تعزمن تشاءوتذل من تشاء" آهي سپ اتائين.

## ذات پات کي اهميت ڪونهي:

هيءَ بين الاقوامي قاعدو ۽ اصول آهي تہ ذات پات کي اهميت نہ آهي بلڪ اهميت ماڻهوءَ جي ڪردار، ڪم، علم، فهم فراست کي آهي. اسلام بين الاقواميت جو سڀ کان پهريون داعي آهي ۽ قرآن ۾ انهيءَ ڳالهہ جي چٽيءَ ريت وضاحت آيل آهي تہ: (ترجمو) "اي انسانو! توهان کي مون هڪ مرد ۽ عورت (آدم ۽ حوا) مان پيدا ڪيو آهي، ذاتيون ۽ قبيلا صرف توهان جي سڃاڻ لاءِ آهن. توهان مان الله وٽ عزت وارو اهو ماڻهو آهي جيڪو پرهيزگار آهي"(4) انهيءَ ڳالهہ کي وڌيڪ واضح ڪندي حضرت محمد ڪريم ﷺ پنهنجي آخري خطبي (حجة الوداع) ۾ فرمايو تہ اڄ کان بعد ڪنهن بہ عربيءَ کي عجميءَ تي، اڇي کي ڪاري تي فضيلت نہ آهي، مگر پرهيزگاري جي ڪري. يعني عزت ۽ وڏائي توڙي شرف جو معيار پرهيزگاري (چڱن ڪمن ۽ سٺي ۽ چال چلت) کي قرار ڏنو ويو آهي. حضرت پتائي انهيءَ ڳالهہ کي سمجهائيندي پنهنجي ڪلام ۾ فرمايو آهي:

ذات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ذات، خوبي، هنر، سمجهه توڙي دانائپ ڪنهن علائقي، رنگ، قوم، نسل سان خاص نہ آهي. بلڪ جيڪو ماڻهو ڪوشش ڪندو سوئي منزل تي پهچندو. هڪ طرف آذر جي گهر ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام جو پيدا ٿيڻ انهيءَ ڳالهہ جي تصديق ڪري ٿو تہ ٻئي پاسي نوح عليہ السلام جي پٽ توڙي گهرواريءَ کي نبيءَ جي گهرپاتي هجڻ باوجود بہ هدايت نصيب نہ ٿي ٿئي.

موجوده زماني ۾ بہ ڪيترا عجيب و غريب مثال نروار ٿي سامهون آيا آهن. تقريباً هڪ صدي پهريون تائين ڪاري نسل جا ماڻهو آمريڪا ملڪ ۾ غلام هئا، اڄ دنيا جي سڀ کان وڏي ترقي يافتہ ۽ طاقتور ملڪ جو صدر هڪ ڪاري نسل جوئي ماڻهو بارڪ حسين اوباما ٿيو آهي.

هندوستان ۾ خاص طرح پوري برصغير ۾ عام طرح گهٽ ذات واري هندن سان هٿ ملائڻ ۽ انهن سان گڏ ڪائڻ پيئڻ کي جاهلانہ سوچ رکڻ وارا ماڻهو پسند نہ ڪندا آهن. پر اهڙي پوسٽ واري ماحول ۾ گهٽ ذات وارا هندو بہ ڪيترن ئي اهم عهدن تي فائز آهن ۽ آهستہ آهستہ جاهلانہ ريتون رسمون پنهنجي موت پاڻ مري رهيو آهي. اهي سڀ ڳالهيون قرآن مجيد، حديث رسول ۽ ڀٽائي جي ڪلام مان آساني سان سمجهي سگهجن ٿيون.

## ڄڱي جي ڄڱائي پٺي ڳائبي:

سخاوت، غريبن، ضرورتمندن ماڻهن جي مدد ڪرڻ، سائل کي بغير ڏيڻ جي واپس نہ ڪرڻ اهي سڀ بنيادي طور تي رب پاڪ جون صفتون آهن. پر شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙن سخي مردن جا مثال ڏئي حقيقي سخي (رب ڪريم) جي ماڻهن کي ساراهہ ڪرڻ جي ترغيب ڏيندا آهن.

سر پرياتيءَ ۾ حضرت شاهہ ڀٽائيءَ لس بيلي جي سخي حاڪم "سپڙ جام" جي سخاوت جون ڳالهيون ٻڌائي، ان جي ڄڱائين کي ياد ڪيو آهي. حاڪم تہ ڪيترائي گذريا آهن پر سپڙ جام هڪ سخي مرد هو. اها ان جي ڄڱي وصف هئي ۽ جيئن تہ ڄڱن ماڻهن جو ذڪر صدين تائين پيئي هلندو آهي، انهيءَ ڪري سپڙ جام جو بہ ذڪر شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ آڻي ان کي امر بڻائي ڇڏيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان سر مان اسان کي هيءَ سبق ملي ٿو ته جيڪو ماڻهو چڱا ڪم ڪندو ته ان جون چڱايون صدين تائين پيون ڳائبيون. انهيءَ ڪري ماڻهن کي گهرجي ته چڱن ڪمن ڏانهن پنهنجو پاڻ کي ورائين، جنهن سان انهن جي دنيا ۽ آخرت ٻئي سنوار جي پون ٿيون. سپڙ حاڪم لس ٻيلي جو هو. ان جي سخاوت ڪري لس ٻيلي کي وڏي شهرت عطا ٿي ۽ دنيا جي مشهور شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي پڻ پنهنجي ڪلام ۾ لس ٻيلي جو ذڪر ڪري ان علائقي کي شرف بخشو آهي.

**حوالا ۽ سجهاڻيون:**

(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، نئين جامع سنڌي لغات، جلد 1 صفحو 581، ناشر سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد ڇاپو ٻهريون سال 2004

(2) شاهه جو رسالو جي اڪثر نسخن ۾ لس ٻيلي جو حاڪم کي "سپڙ"، پ سان آندو ويو آهي، البته ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ترتيب ڏنل شاهه رسالي توڙي شاهه ڀٽائي جي ڪلام جي تحقيقي جائزي جي جلد ٽيون ۾ لس ٻيلي جي سخي حاڪم کي "سبڙ" ٻالي سان آندو آهي. جڏهن ناليواري محقق حضرت علامه آءِ آءِ قاضي پنهنجي رسالي ۾ لس ٻيلي واري سخي حاڪم لاءِ لفظ "سپر" آندو آهي.

(3) محدث محمد بن عيسيٰ سنن ترمذي، صفحو 649 جلد 2، ناشر مڪتبه رحمانيه لاهور

(4) سورت حجرات آيت 13

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪريم عباسي

# پرڀات جي پچار

لاکيڻي لال لطيف، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ جيڪي مختصر ترين سُر آهن، تن ۾ سُر گهاتو، سُر ڪاپائتي ۽ سُر پرڀاتي به شامل آهن، جنهن ۾ سُر پرڀاتيءَ کي سدا حيات شاهه ڀٽائي هڪ علامت طور آندو آهي، جنهن ۾ هو دنيا جي دورنگي ۽ بي ثباتي جو ذڪر وڏي ڀوڳهي فڪر سان ڪري ٿو، ڇو ته دنيا جو لوڀ انسان کي ازل کان ڀٽڪائيندو رهيو آهي ۽ ان جي موهه تي موهجي اٻوجهه انسان پنهنجي رب کان دور ٿيو وڃن ۽ ٻيا در وڃو واجهائين پر ڪين اُتان ڪجهه به پلئه نٿو پوي.

پرڀاتي در حقيقت ۾ هڪ راڳڻي آهي، جيڪا اَسر ويلي يعني پرڀات وقت ڳائي ويندي آهي ۽ اَسر ويل آهي ئي عبادت ۽ ڌڻي جي خوشنودگي حاصل ڪرڻ جو سمو. ان سمي جيڪي نيڪ ۽ پرهيزگار انسان هوندا آهن، سي پنهنجي ڌڻيءَ جي بارگاهه ۾ سر بسجود هوندا آهن ۽ پنهنجي پالڻهار ۽ مالڪ حقيقي جي عبادت ۽ بندگي سان پنهنجي نئين ڏينهن جو آغاز ڪندا آهن ۽ پوءِ ان وقت ۽ لمحن جون برڪتون سميٽي نيا ڳ جي ننڊ ۾ سُتل بدنصيب انسانن کان افضل ٿي پوندا آهن ۽ مالڪ وٽ اَگهجي ويندا آهن: ڇاڪاڻ ته رب تعاليٰ نقطئه نواز آهي. سندس اڳيان عمل نيت جي وڏي اهميت آهي، ڪو ڪٿي ڪيتري به وڏي رتبي ۽ دٻدٻي وارو ڇو نه هجي پر ان جو عمل نيڪ ناهي ۽ نيت دُرست ناهي ته پوءِ هو تڇ ۽ نيچ آهي ۽ ان جي برعڪس هڪ غريب مسڪين بندو پنهنجي پروردگار جي رُوبرو پنهنجي وجود کي وڃائي، ان جي رضا تي راضي ٿو رهي ته ان سڀ ڪجهه ماڻي ٿو وڃي ۽ سائين سچاجهي جي اڳيان سرخرو ٿي وڃي ٿو.

شاهه لطيف سائين جو اهو ڪمال فن آهي جو هن هر سُر ۽ بيت ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باطني ۽ ظاهري هئي معنائون چگي طرح چٽي ڇڏيون آهن. شاهه لطيف جي سُر پرياتي ۾ بہ ڪُل ڪائنات جي مالڪ الله ڏانهن رجوع ڪرڻ لاءِ تلقين ڪن ٿا ۽ فرمائن ٿا تہ ان بادشاهه جي بادشاهن کان گهرو مڱيو جيڪو بي حساب ڏئي ٿو ۽ نہ وري حساب ڪتاب وٺي ٿو. باقي دنيا کان کهڙو گهرڻو ڇو تہ اُها پڻ سندس ئي محتاج آهي.

انسان ميراثي ۽ مڱڻهار جي روپ ۾ آهي، ان داتا جي اڱيان سڀ ڪائنتس ئي گهرون ٿا ۽ بيشڪ پاڻ پنهنجي مخلوق ڪي هر طرح سان نوازي ٿو ۽ اهو سلسلو ازل کان وٺي ابد تائين ائين ئي هلندو رهندو. ان جي ئي حڪم سان هر ڪم ٿئي ٿو ۽ اها ڪار ساز هستي هن سموري سنسار جو چرخو هلائي رهي آهي. جيئن تہ مذڪوره سُرجو بنادي نقطوئي آهي انسان کي غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ڪرڻ، ڇاڪاڻ تہ جڏهن بندگي لاءِ بنايل انسان پنهنجي منصبي فرض کان ٽڪي وڃي رڳو پيو ننڊون ڪري نيستي پڪيڙي ۽ ان مالڪ حقيقي جا شُڪرانا بجا آڻڻ بدران پيو گوتنات ڪري پنهنجو وقت وڃائي ۽ پوءِ پڇاڙي ۾ پڇتائي تہ افسوس مون ساري حياتي ۾ ڪي ڪين ڪيو. پر ان وقت تہ سڀ ڪجهہ هٿن مان وڃي چڪي هوندو آهي ۽ پوءِ ڪا شئيءِ نٿي ٿي سگهي.

شاهه لطيف سرڪار، سُر ۽ ساز ۽ لئي تال، موسيقي، گائيڪي، لفظن جي جڙاوت ۽ لئي ڪاري ۾ وڏو پَڙ شاعر آهي. جنهن پنهنجي شاعريءَ ۽ هدايت وسيلي جتي سڀ ڳالهہ کولي سمجهائي ڇڏي آهي، اُتي سنڌي سماج، ٻولي، تهذيب و تمدن ۽ ثقافت جي وڏي خدمت ڪئي اٿس. پنهنجي پيغام کي مٺڙي ماءُ جي لُولي واري ٻولي ۾ پيش ڪري، پنهنجي ماروئڙن جي ميّار کان پاڻ بچايو اٿس نہ تہ ان زماني ۾ فارسي زبان عروج تي هئي جت ڪٿ ان جو راڄ هو ڪن ڪن هنڌن تي ايراني ۽ عربي ٻوليون بہ ڳالهيون ويندبون هيون. پر شاهه سائين پنهنجي بيتن ۾ نج سنڌي تشبيهون استعارا، علامتون، ادبي اشارا ۽ تجنيسون استعمال ڪري، هن مٺڙي ٻوليءَ کي اَمر ڪري ڇڏيو آهي، جيڪا رهندي دنيا تائين قائم رهندي. جيڪو سندس هڪ شاندار ڪارنامو آهي. جنهن ۾ سندس هم عصر شاعرن کي پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهٽو پوئتي ڇڏي ويو آهي ۽ انهن جي چيل بيتن ۽ ڪلام ۾ اها رَس چَس نظر نٿي اچي جيڪا شاهه لطيف جي انفراديت آهي.

درحقيقت سُر پرڀاتي جو بنيادي فلسفو هي آهي ته ”روحاني فيض جي عنايت، ڪنهن به مخصوص ذات تي دارومدار نٿي رکي. جن چڱا ڪم ڪيا ۽ عمل صالح ڪيا سي ئي سوڀارا ٿيندا. باقي ظاهري نٽ نانگر هٺ وڏائي، آڪڙ ۽ هنيو چيون هٽڻ مان ڪجهه ڪين ورندو. انهن سمورن پرهيزگار ۽ متقي انسانن جا ڪم ڪارين به اهو پروردگار سولا ڪري ٿو جيڪي سندس ئي توڪل تر هي تي تڪيو ڪن ٿا.“

ذات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لَهي،
آريون اَبوجهِن جون، سَپَڙ چام سَهي،
جو راءِ وٽ رات رهي، تنهن جُڪي تان نه ٿئي.

هونئن به شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ تمام گهٽيون روحاني رمزون بيان ڪري ٿو جا بجا سندس بيتن مان آيتن جي آسيس پئي اچي ۽ پڙهڻ وارو ان فڪر ۾ فنا هوندو آهي ته هي واقعي الهامي پيغام آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جي هر مامري جي پروڙ ۽ پرک تي نهايت گهرائي ۽ ڳوڙهائي سان روشني وڌي وئي آهي، چاڪاڻ ته ٻانهو پنهنجي رب جي اڳيان هر دم عاجز ۽ محتاج آهي، ڏوهاري ۽ گنهگار آهي، جڏهن به اُن پالڻهار جي نظر سان ذرڙو به نواز جي وجي ته پوءِ ته سونو ٿيو پوي، يعني الله تعاليٰ جي نيڪو ڪار ٻانهن ۾ شمار ٿيو وڃي:

تون سپڙ، آئون سيڪڙو، تون ڏاتار آئون ڏوهه،
تون پارس، آئون لوهه، جي سڄين ته سون ٿيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پرهه جان راڄپر

# ذات نہ آهي ذات

ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي اهڙو اهم ۽ موضوعاتي شاعر آهي، جيڪو پنهنجي شاعراڻي سگهہ ۽ فلسفيانہ شعور ذريعي نسل درنسل کي جاڳرتا ارپي رهيو آهي ۽ غفلت جي ننڊ کان بيدار ڪرڻ جي بار بار نصيحت ڪندي نظر اچي ٿو ۽ چوي ٿو الله رب العالمين آهي يعني الله پاڻ کي ڪنهن هڪ فرقي، قوم يا مذهب ۾ قيد نہ ڪيو آهي. قرآن مجيد ۾ هي حڪم انهيءَ طرف اشارو ڪري ٿو "وتعزمن تشاء وتذل من تشاء بيدڪ الخير وَهو عليٰ ڪل شيءِ قدير".

يعني (الله اهو آهي) جنهن کي وڻيس عزت وارو ڪري ۽ جنهن کي وڻيس ذلت وارو ڪري چو تہ چڱائي ڀلائي ان جي هٿ ۾ آهي ۽ اهو ئي هرشيءِ تي قادر آهي.

هاڻ الله تعاليٰ جي مرضي آهي تہ جنهن کي وڻي تنهن کي اڏي، ان کان ڪو بہ پڇڻ وارو نہ آهي، ان ڪري ئي چوڻي آهي تہ "جنهن جو رب تنهن جو سڀ". پر ان هوندي بہ قرآن مجيد جو هيءُ حڪم نهايت فڪر وارو آهي تہ :

فمن يعمل مثقال ذرة خيرًا يره

جنهن ذري برابر بہ سٺو ڪم ڪيو، تنهن کي ان جو اجر ملندو.

فمن يعمل مثقال ذرة شرًايره

جنهن ذري برابر بہ غلط ڪم ڪيو، تنهن کي سزا ملندي.

يا "جيڪو پوکيندو، سوئي لڻندو"

هر ماڻهو دنيا جي آسائشن جو طالب آهي، ڪن کي سک زماني جي تہ ڪن کي طلب عاقبت جي، ڪي مال ۽ مِلڪ ۾ مست پيا ڦِرن تہ ڪي تاج ۽ تخت جا طلبگار ٿا ڏسجن. مطلب تہ هر ڪو پنهنجا پنهنجا سوال ان حقيقي مالڪ جي بارگاهہ ۾ رکي ٿو پر پوءِ "جو وهي سو لهي" مطابق ڪيس حصو ملي ٿو چو تہ الله تعاليٰ جي نظر صرف ظاهر تي نہ آهي پر هُو تہ دلين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو پارکو آهي، ڪيس خبر آهي تہ هِن بندي جي من ۾ ڇا آهي؟ سو ڦل بہ دل جي سچائي، خلوصِ نيت ۽ محنت تي ٻڌل آهي ڇو تہ قرآن مجيد ۾ واضح آيل آهي تہ:

فذ ڪروني اذ ڪر ڪم (توهان منهنجو ذڪر ڪريو تہ مان توهانجو ذڪر ڪريان.) فذ ڪروني ۽ مان مراد انسان جي عبادت طرف سڌ ٿئي ٿو ۽ اذ ڪر مان مراد خدا تعاليٰ پنهنجي نعمتن طرف متوجہ ڪري ٿو. يعني عبادتن بدلي نعمتون ملن ٿيون. ان لاءِ ڪنهن اوچي ذات جو هجڻ شرط نہ آهي، جيڪو غافل رهندو يقيناً نعمتن کان محروم رهندو. هرچگو ڪم عبادت آهي.

جڏهن اسين اهو تسليم ڪريون تہ الله تعاليٰ اسان کي پيدا ڪيو آهي، اسان کي ان ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ محسوس ڪرڻ جون صلاحيتون عطا ڪيون آهن. جسماني طاقت، اولاد، مال ۽ دولت مطلب تہ تمام تر نعمتون ڏنيون آهن تہ پوءِ اسين الله تعاليٰ ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڇو ٿا ڪريون؟

الله تعاليٰ ڪنهن اهڙي شيءِ کي قبول نہ ٿو ڪري جيڪا خالص ان جي لاءِ وقف نہ ڪئي وڃي. اسان کي اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ عبادت جو اصل جوهر اخلاص آهي يعني رڳو الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ. اخلاص ڪانسواءِ عبادت ڪرڻ ائين آهي جيئن روح کان سواءِ جسم.

تاريخ جي ڪتابن مان هزارين اهڙا مثال ملن ٿا. جن مان اها حقيقت چٽي نموني معلوم ٿئي ٿي تہ خدا تعاليٰ جنهن جي عبادت قبول ڪرڻ چاهي ٿو. ان لاءِ وٽس ڪنهن ذات پات جو هئڻ، امير يا غريب جو هجڻ، شاهہ ۽ گدا جي حيثيت نہ آهي. ان وٽ سڀ انسان هڪ جهڙا آهن. سندس نظر ۾ پلو اهو آهي، جنهن جا عمل ڀلا آهن. هي قبيلا ۽ ذاتيون تہ هڪ ٻئي کي سڃاڻڻ لاءِ ٺاهيون ويون آهن. رنگ ۽ نسل جي ڪري ڪنهن کي بہ ڪنهن تي فوقيت نہ آهي.

خود شاهہ ڀٽائيءَ جي سورمي نوريءَ تي نظر وجهون تہ هوءَ ڪم ذات مهاڻي آهي، پر وقت جو حاڪم (بادشاهہ) ڄام تماچيءَ کي موهي وجهي ٿي.

ڳنڍ جنين جي ڳوڏ ۾، پاهوڙا پوشاڪ،
انين جي اوطاق، راڄا ريجهي آئيو.

مطلب ته مالڪ جي جڏهن مهرباني پئيس ۽ جڏهن ڪرم نوازي ٿيس، تڏهن ان جي سامهون ڪابه رڪاوٽ ڪانه ٿي اچي، جو ته ذات تي ڪابه ذات رڪيل ئي ڪانهي. الله تعاليٰ ته انهن مسڪين تي فدا آهي، جن جي ظاهر ۾ ڪوبه زيب زينت يا شان شوڪت نه آهي. جن جو ڳهڻو نهٺائيءَ ۽ خاڪساري آهي، دنيا جي نظر ۾ اهڙا انسان خسيس آهن پر مالڪِ حقيقي وٽ انهن جو وڏو مُلهه آهي ۽ انهن کي وڏو مانُ ملي ٿو.

انسان ۾ الله رب العزت وڏو اسرار رکيو آهي. هن ۾ وڏيون صلاحيتون لياقتون ۽ خوبيون پوشده رکيون آهن. جيئن جيئن هو پاڻ سڃاڻي پنهنجي انهن لڪل لياقتن ۽ صلاحيتن مان ڪم وٺي ٿو، تيئن تيئن هو ڪاميابيءَ جون منزلون طئه ڪندو اڳتي وڌندو رهي ٿو.

تاريخ انسانيت گواهه آهي ته جڏهن به جنهن قوم همت ڪان ڪم ورتو آهي ته هن وڏا وڏا ڪم سرانجام ڏنا آهن. خود عربستان جي تاريخ ڏسون ٿا ته عربن ۾ ڪوبه اتحاد ۽ اتفاق نه هو پر رسول الله ﷺ جن منجهن اهڙو روح ڦوڪيو، جنهن جي طاقت سان قيصر ۽ ڪسريٰ جي حڪومتن جي پاڙ پٽي ڇڏيائون ۽ دنيا جي وڏي حصي تي حڪمراني ڪري، نئي تهذيب کي جنم ڏنائون.

تاريخ ان ڳالهه جي به ثابتي ڏني آهي ته جڏهن به ڪنهن قوم همت ڪان ڪم نه ورتو آهي ته اها تباهه ۽ برباد ٿي آهي ۽ انهن جون بادشاهيون غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙ جي ويون آهن. مسلمان مؤرخ ۽ فلسفي ابن خلدون ۽ فرانس جي فيلسوف ڊاڪٽر موسيوليبان حڪومتن جي ڪمال ۽ زوال کي نهايت وضاحت سان بيان ڪيو آهي ۽ ثابت ڪيو آهي ته جنهن جنهن قوم همت ڪان ڪم نه روتو آهي ان پنهنجي عزت ۽ وقار کي وڃايو آهي چو ته الله تعاليٰ جو حڪم آهي ته مان انهيءَ قوم جي حالت تيستائين نه بدلائيندو آهيان جيستائين هوءَ پنهنجي حالت پاڻ بدلائڻ جي ڪوشش نه ٿي ڪري. جيڪو به حق ۽ سچ جو ڳولائو آهي. منزل به ان کي ملي ٿي. ان لاءِ ذات پات جي ڪابه حد مقرر ٿيل نه آهي. هو ته اهوجهن کي به ڊايو ٿو ڇڏي:

ذات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي،
آريون اهوجهن جون، سپڙ چام سهي،

جو راءِ وٽ رات رهي، تنهن کي جکي تان نه ٿئي.

دنيا جو دستور ته اهو آهي ته ڪمائي هڪڙو، کائي ٻيو. پر الله تعاليٰ جي امر ان جي برعڪس آهي ته جيڪو ڪمائيندو، اجر ان کي ئي ملندو. شاهه سائين ٻڌايو ”جي لوچين، سي لهن“ جيڪي محنت ڪن ٿا، ڦل انهن کي ئي ملي ٿو. سست ۽ نڪمي انسان جي ڀيٽ محنتي ۽ جفاڪش انسان سان نه ٿي ڪري سگهجي.

هونئن ته ذات پات جا ويڇا هند ۽ سنڌ ۾ ايامن کان جاري آهن. آرين پاڻ سان اوچ نيچ ۽ ذات پات جا ويڇا آندا. برهمڻ ۽ شودران مذهب جي پيداوار آهن. ٻڌمت وارا ڪجهه عرصي تائين، انهن ويڇن کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ان ڪانپوءِ اسلام آيو جنهن ۾ اهي ويڇا نه هئا پر پوءِ مقامي روايتن جي اثر هيٺ سيد ۽ اُمتي پيدا ٿيا. امتين ۾ پڻ اوچ نيچ ذاتيون پيدا ٿيون. بلوچ اوچي ذات وارا هئا. ان جي ڀيٽ ۾ هنرمند ۽ محنت ڪش ڪوري ۽ موچي گهٽ ذات پانئيان ويندا هئا. حالانڪ اهي ويڇا اسلام جي تعليم جي خلاف هئا.

شاهه ڀٽائيءَ ان اونداهي، جهالت ۽ جاگيرداري سماج ۾ هڪ ورسايل طبقي ۽ اوچي خاندان (سيد) ۾ پيدا ٿيا پر هن پنهنجي وقت ۾ رائج سماجي قدرن کي قبول نه ڪيو. ذات پات، اوچ نيچ جا هٽرادو ويڇا هن کي نه آئڙيا ۽ چئي ڏنائين ته:

ذات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي.

ذات تي ڏات نه آهي پر ”وهڻ“ محنت ڪرڻ وارو ئي عزت لائق آهي. جاگيرداري سماج ۾ پورهيت، ڪمي ۽ ڪاسبي گهٽ ذات سمجهيو ويندو آهي. پر شاهه لطيف آڏو پورهيت اتم ۽ اعليٰ آهي. ان گهٽ ذات وارن ۽ حقير ماڻهن کي عظمتن جي بلندين تائين پهچايو آهي. ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته پاڻ ۾ اهو جذبو اها همت ۽ اها اوج پيدا ڪجي جنهن سان فنا کي بقا ملي سگهي جيڪو ڪمائتو آهي انگل به ان جا برداشت ٿين ٿا. مالڪ سائين به ان کي پنهنجي اڻکٽ خزاني مان مالا مال ڪري ڇڏي ٿو چو ته هو ڏاتار آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نياز احمد راڄپر

# سُر پرڀاتي جون تشبيهون ۽ استعارا

سنڌ امن ۽ آشتيءَ جي ڌرتي آهي، جنهن پنهنجي ڪُک مان ڪيئي عالم، فاضل، بزرگ، اديب ۽ الهه لوڪ ماڻهو پيدا ڪيا، جيڪي هر دور ۾ پنهنجي علم، ڏاهپ ۽ دورانديشيءَ ذريعي حق جي راهه کان ڀٽڪيل انسانن جي رهنمائي ۽ فراقيل دلين جي آبياري ڪندا رهيا آهن ۽ پنهنجي ڪمالي صفتن ذريعي خلق کي موهت ۽ مسحور ڪندا رهيا آهن. سنڌ ڌرتيءَ جي اهڙن املهه ماڻڪن مان حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليه به هڪ آهي. پاڻ پنهنجي لافاني شاعري ذريعي اندر کي اجارڻ سان گڏوگڏ انسانيت جي امن سلامتيءَ ۽ محبت جو پيغام ڏنو اٿن.

شاهه سائين جي شاعري عالمي معيار جي شاعري آهي، پاڻ جتي عشق ۽ محبت جا داستان بيان ڪيا اٿائين، اتي وحدت واري وائي کي به ڪين وساريو اٿس، جتي جدائي، فراق، ۽ ڏکن ڏاکڙن کي بيان ٿو ڪري، اتي وصل وصال کي ذڪر ڪري ٿو. پنهنجي پهنوارن، ماروئڙن ۽ سنگهارن جو به تذڪرو ڪري ٿو پنهنجي ساڻيهه ۽ ڌرتيءَ جي واڪاڻ ڪان به پوئتي ڪين رهيو آهي، ۽ شاعري کي به اهڙي عمدي نموني بيان ٿو ڪري، جيڪا شاعري جي صفتن سان ڀرپور آهي . فصاحت ۽ بلاغت سان ٽمٽار، علم معاني ۽ علم بيان سان همڪنار آهي. سندس شاعري ۾ سلاست موجود آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ته ڪلام ۾ اهڙا لفظ آيل هجن جي روز مره ماڻهو استعمال ڪن ٿا . ۽ استعارا، تشبيهون ۽ ٻيون ڪلامي صنعتون اهڙيون ساديون ۽ سوليون هجن، جو ماڻهو هڪدم پروڙي سگهن ۽ هر هڪ ماڻهو پنهنجي فهم ۽ لياقت آهر ان مان لطف ۽ مزو حاصل ڪري سگهي، سڀ کان سهڻو شعر ان کي چئبو آهي جو ڪو ماڻهو پڙهي يا ٻڌي ته ازخود ائين چوي ته 'سچ' آهي.[1] شاهه سائين محاڪات جو ماهر آهي، سندس نقش

نگاري هر هڪ بيت مان چلڪي رهي آهي، جيڪڏهن ڪو چاهي ته بيت ته پنهنجي جاءِ، پر هر هڪ مصرع جي موضوع تي به تصوير ڪڍي سگهي ٿي.[2]
هتي اسان شاعريءَ جي انيڪ صنعتن مان ٻن صنعتن "تشبيهه" ۽ "استعاره" کي سر پرڀاتي جي شعرن جي روشني ۾ واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

## پرڀاتي جو موضوع:

سر پرڀاتيءَ جو موضوع واکاڻ ۽ مداح آهي. شاهه سائين سخين جي شان ۾ مديحي شعر چئي سندس واکاڻ ڪئي آهي. "مديحي شعر لکڻ جو رواج مشرق ۾ ايامن کان جاري هو. اهڙي شعر کي عربستان ۾ "قصيدو" ڪري چوندا آهن ۽ اصل پيدائش به اتي جي آهي. عرب انهي قسم جي شعر ۾ ڪماليت کي وڃي رسيا هئا ...... ۽ شاعر کي اهڙي مدح لکڻ جي عيوض ۾ انعام اڪرام ملڻ جي تمنا هوندي هئي...... شاهه پڻ انهيءَ شعر ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. مگر بنا ڪنهن لالچ جي، جو ته سندس دور ۾ ممدوحن مان ڪو به حال حيات نه هو."[3]

هن سر ۾ شاهه سائين انسانن کي بندگيءَ جو تاڪيد ٿو ڪري ۽ ڏاتي جي اَپار سخاوت کي ٿو ساراهي، هتي سپڙ سخي مان مراد ڏاتي آهي. جو رب العالمين آهي ۽ سڀ کي روزي ٿو رسائي. سپڙ سخي هڪ جڏي جاجڪ کي تازي گهوڙا انعام طور عطا ڪري ڇڏيا. ساڳي طرح انسان ڪيترن به عيبن سان ڀريل هجي، پر جي سائين اڳيان ٻاڏائي ته هو ڪيس مالا مال ڪري ڇڏي.[4]

## تشبيهه:

تشبيهه عربي ٻولي جو لفظ آهي، معنيٰ: هم مثل ، هڪجهڙو ٻڌائڻ، ڀيٽ ڏيڻ علم بيان جي اصطلاح ۾ تشبيهه جي تعريف آهي. التشبيه الحاق امر بامر في وصف باداة لغرض[5] ترجمو: ڪنهن مقصد لاءِ هڪ شيءِ کي ٻي شيءِ سان وصف ۾ ملائڻ کي تشبيهه چئبو آهي. جيڪڏهن شاعر ڪليو ڪلايو ٻن شين جي ڀيٽ ڪندو ته چئبو هن "تشبيهه" جي صفت استعمال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪئي آهي.[6] جنهن شيءِ کي پيٽ ڏجي ٿي، ان کي 'مُشَبَّهُ' ۽ جنهن سان پيٽ ڏني وڃي ان کي 'مُشَبَّهُ بِهِ' چيو ويندو آهي.

مثال: علم روشني ۽ جهالت اونداهي آهي. تشبيهه ذريعي شاعر پنهنجي مشاهدن کي اهڙي ريت بيان ڪري ٿو جو اکين ۾ انهيءَ جو نقشو ڦري ٿو وڃي، پر اهو انهيءَ وقت ٿي سگهي ٿو. جڏهن تشبيهه صحيح، عمدي ۽ فطري هوندي آهي.[7]

## سُر پرياتي ۾ تشبيهون:

شاهه سائين پنهنجي ڪلام ۾ انيڪ تشبيهون استعمال ڪيون آهن. جن مان سُر پرياتي متلق ڪجهه جو ذڪر ڪجي ٿو:

جيڪي بندو ڪم ڪري سو مڙوئي ڏوهه،
تون پارس آئون لوهه، جي سجين ته سون ٿيان.

الله جي ذات عالي ۽ مٿاهين آهي ته سندس لاءِ عمل به اهڙو ڪرڻ گهرجي، حالانڪ انسان ڪيتري به خلوص سان سندس بندگي ڪري ته به اها سندس شان وٽان ناهي، بلڪ عمل به گناهه مثل آهن. جيڪو بندو ڪم ڪري "اسم موصول" مشبهه ۽ مڙوئي ڏوهه "مشبه به آهي، جنهن ۾ ڪم کي گناهه سان تشبيهه ۽ پيٽ ڏني وئي آهي. هن بيت ۾ ڏڻي کي خطاب آهي، تون پارس پٿر آهين جو لوهه کي سون بڻايو ڇڏين ۽ آءٌ لوهه آهيان، تون جي نظر سان نوازين ته آءٌ سون ٿي پوان. "تون" ضمير مخاطب مشبهه ۽ "پارس" مشبه بهه آهي، اهڙي "آءٌ" ضمير متلڪم "مشبهه" ۽ "لوهه" مشبهه ٿيندو. ڏڻي کي پارس سان ۽ پاڻ کي لوهه سان تشبيهه ڏنائين.

شاهه سائين 17 بيت ۾ فرمائي ٿو:

تون سپڙ، آئون سيڪڙو، تون صاحب آءٌ سگ،
پڇي تنهنجو پڳ، ڪلهي پاتم ڪينرو.

ڏڻي کي مخاطب آهي، تون سپڙ، سردار، ۽ آءٌ سيڪڙو مڱڻهار غلام آهيان. "تون" ضمير مخاطب مشبهه "سپڙ" مشبهه به، "آءٌ" مشبهه، "سيڪڙو" مشبهه به ڏڻي کي سردار مالڪ سان ۽ پاڻ کي مڱڻهار سان پيٽ ڏنائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون صاحب آئون سڳ. "سڳ" فارسي لفظ سگ جي بگڙيل صورت آهي، جنهن جي معنيٰ ڪتو آهي.

شاهه سائين چوي ٿو اي سخي! تون صاحب آهين، هر شيءِ جو مالڪ ۽ واڳ ڌڻي آهين ۽ آءٌ سڳ يعني تو مالڪ جو مان ڪتو آهيان. آءٌ تنهنجي ڪڍ هلندس. ان جملي ۾ "تون" ضمير مخاطب مشبهه ۽ "صاحب" مشبهه به ۽ "آءٌ" ضمير متڪلم مشبهه. "سڳ" مشبهه به آهي. جنهن ۾ سخي کي مالڪ سان ۽ پاڻ کي ڪتي سان تشبيهه ڏنائين. شاهه سائين جن 18 بيت ۾ فرمائي ٿو:

تون سپڙ آءٌ سيڪڙو، تون ڏاتار آئون ڏوهه

"تون سپڙ آئون سيڪڙو" جي وضاحت مٿي گذري چڪي. بيت جي ٻئي جملي تون ڏاتار آئون ڏوهه ۾ فرمائي ٿو. اي سخي ! تون نه ڏاتار، ڏيندڙ، جهوليون ڀريندڙ آهين ۽ آءٌ ڏوهن ۾ غلطان گنهگار آهيان. "تون" ضمير متڪلم مشبهه جنهن کي سخي سان مشابهت ڏني وئي، جيڪو "ڏاتار" مشبهه به آهي. اهڙي طرح "آءٌ" ضمير متڪلم مشبهه، جنهن کي گناهه سان پيٽ ڏني وئي جيڪو "ڏوهه" مشبهه بهه آهي .

تون پارس آئون لوهه، جي سجين ته سون ٿيان،

هتي ڌڻي کي خطاب ڪري ان کي "پارس" سان تشبيهه ڏنائين، "تون" ضمير مخاطب مشبهه "پارس" مشبهه به ۽ پاڻ کي لوهه سان ڀيٽ ڏنائين. جنهن کي پارس سون بڻايو ڇڏي، "آءٌ" ضمير واحد متڪلم مشبهه ۽ "لوهه" مشبهه به.

## استعارو:

"استعاره" عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: ڪا شيءِ اڌاري وٺڻ. جڏهن ڪنهن لفظ جي حقيقي معنيٰ ڇڏي، ان جي لاءِ مجازي معنيٰ اڌاري ورتي وڃي ته ان کي 'استعارو' چئبو.

علم بيان ۾ استعارو جي تعريف آهي "الاستعاره" بان تذکر احد طرفي التشبيه وتريدبه الآخر (8) ترجمو: استعارو هي آهي ته تون تشبيهه جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوءِ تنهنجي مرڻ کان بعد، تنهنجي ڪايا، ڪمائي دولت تو ڪي ڪم نہ ايندي.

ستو ڪئين ننڊون ڪرين- ۾ خطاب مان انسان مراد آهي. جيڪو "مستعار له" آهي. جنهن کي "دنيادار انسان سان تشبيهه ڏنل آهي. جيڪو مستعارمنهه آهي، پوءِ ان لاءِ دولت ثابت ڪئي وئي، جيڪا ڪيس مناسب آهي، ان کي استعارو "ترشيحيہ" چئبو. شاهہ سائين 4 نمبر بيت ۾ فرمائي ٿو:

جنين سک ناهي کو چارڻ سي چئجن،
رجن راهہ پچن، متي ڪلهن ڪينرا.

چارڻ انهن کي چئجي، جن کي ڪا ويساند يا آرام ناهي، چارڻ اهي چئجن، جي ڪلهن تي سارنگيون ڪري، رجن جي واٽ ڳولين [11] هتي چارڻ کي هڪ سيلاني سان پيٽ ڏني وئي آهي، جيڪو پنهنجي گهر گهاٽ ڇڏي، لڏ پنڌ سان هڏي ، جبل، لڪ، ماٿريون لتاڙيندو، قدرت جي ڪاريگريءَ جي پروڙ ٿو ڪري ۽ ڪيس گهمڻ جي ڳت لڳل آهي.

چارڻ مستعار له جنهن کي سيلاني سان تشبيهه ڏني وئي جيڪو "مستعارمنه" ۽ ان جو ذڪر نہ ڪيو ويو. ان کي "استعاره بالڪنايہ" چئبو. شاهہ سائين بيت نمبر (16) ۾ فرمائي ٿو.

رونجهي رات اپنيا، پتيئون پاٽيٺ،
ميڙي تئان مَٽ، چونڊي پريا چارٽين.

رونجهي ذات جي راجا (سپڙ سخي) رات پيتين مان ماٽڪ ڪڍي نروار ڪيا، مگٿهارن (سچن سالڪن) اهي ميڙي پنهنجا مٽ پر ڪيا. [12]

سپڙ سخي کي هڪ سان تشبيهه ڏني وئي، پوءِ مستعارلہ کي حذف ڪيو ويو، جيڪو سپڙ سخي آهي، ۽ رونجهي ذات جو سخي راجا "مستعارمنه" ذڪر ڪيو ويو ان کي "استعاره تصريحيہ" چئبو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**حوالا:**


1 شاهہ جو رسالو_ پروفيسر هوتچند مولچند گربخشاڻي، صفحہ نمبر_ 39
2 شاهہ جو رسالو_ غلام محمد شاهواڻي، صفحہ نمبر_ 42_43
3 شاهہ جو رسالو_ ڪلياڻ آڏواڻي، صفحہ نمبر_ 410
4 شاهہ جو رسالو_ پروفيسر گربخشاڻي، صفحہ نمبر_ 53
5 شاهہ جو رسالو_ ڪلياڻ آڏواڻي ، صفحہ نمبر_ 410
6 دروس البلاغتہ_ حفني ناصف، صفحہ نمبر_ 98
7 شاهہ جو رسالو_ غلام محمد شاهواڻي، صفحہ نمبر_ 48
8 سنڌي شاعري ۽ علم عروض_ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل" صفحہ نمبر_ 43
9 مختصر المعاني_ علامہ سعدالدين تفتازاني ، صفحہ نمبر_ 415
10 شاهہ جو رسالو_ غلام محمد شاهواڻي، صفحہ نمبر_ 47
11 شاهہ جو رسالو_ ڪلياڻ آڏواڻي، صفحہ نمبر_ 411
12 شاهہ جو رسالو_ ڪلياڻ آڏواڻي ، صفحہ نمبر_ 411
13 شاهہ جو رسالو_ ڪلياڻ آڏواڻي، صفحہ نمبر411
14 شاهہ جو رسالو_ ڪلياڻ آڏواڻي، صفحہ نمبر413


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منثار ملاح

# سُرُ پرڀاتيءَ جو جائزو

شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي امر شاعريءَ ۾ اهي سڀ رنگ ڀري ڇڏيا آهن، جيڪي ڪائنات ۾ ڏسي ۽ پسي سگهجن ٿا. اهوئي ڪارڻ آهي، جو شاهه صاحب جي شاعري هڪ آئيني جي مثل آهي، جنهن ۾ هر ڪو پنهنجو منهن ڏسي سگهي ٿو. منظر نگاريءَ کان ڪردارن جي موجودگيءَ تائين ۽ لفظن جي صنعت گيريءَ کان وٺي ٻوليءَ جي حسناڪيءَ تائين، شاهه صاحب جي شاعري باقي ٻين شاعرن کان هڪ الڳ حيثيت رکي ٿي. انهن خوبين شاهه صاحب کي خاص دور جو نه پر هر دور جو شاعر بڻائي رکيو آهي.

اها به حقيقت آهي ته، شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪائنات اندر نظر ايندڙ انهن سڀني قدرتي رنگن جو ذڪر پڻ ڪيو آهي. محترم ڊاڪٽر تنوير عباسي "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ رنگن جو اڀياس" جي عنوان سان هڪ مڪمل مقالو پڻ لکيو آهي. هُو لکي ٿو ته، "ڪائنات انيڪ رنگن ۽ روپن سان ڀري پئي آهي، شاعر ۽ فنڪار لاءِ ڪائنات جو رنگ سونهن سوڀيا به آهن، ته اشارا به ڀيج ڀني، ايرندڙ سج، چمڪندڙ چنڊ، نيرو آسمان، اڇا ڪڪر، ڪاري رات ۽ ساوڪ. اهي سڀ شاعريءَ ۽ مصوري لاءِ پنهنجي روپ کان اوڀيءَ معنيٰ رکن ٿا. پر شاعر يا مصوري جن جن رنگن کي وڌيڪ استعمال ٿو ڪري، اهي نه فقط ان جي سوچ ڏي اشارو ڪن ٿا، پر سندس نفسياتي ڪيفيت ۽ ذهني لاڙن جي ڪي سمجهڻ ۾ پڻ مدد ڏين ٿا. شايد ان ڪري ئي شاهه لطيف چيو آهي ته، "ويري ٿئو ورن" ڳالهه ڪيائين ڳُجهه جي." (انرجي تند نيارسين)

رنگن بابت هن بيت ۾ شاهه سائين فرمائي ٿو

رچَي جي ريٽو ٿيا ڪينَ اُباٽجن اوءِ.
ڪُنيَ نه ڪاري ٿنهن کي جو هالاري هوءِ.

تـوٽـي ڏوہي ڏوءِ، تـہ لالـي تـنـهـن نـہ لَـهـي.

(مومل راڻو 3-6)

شاهہ صاحب جهڙيءَ طرح پنهنجي لازوال شاعريءَ ۾ ڪردارن ڪي صاف ۽ چٽو رکيو آهي، ساڳيءَ طرح زمان ۽ مڪان ڪي بہ مخفي نہ رکيو آهي. سر پرياتي جيڪو نالي مان ئي چٽو آهي، ساڳيءَ طرح زماني ۽ مڪان ڪي بہ مخفي نہ رکيو آهي. سر پرياتي جيڪو نالي مان ئي چٽو آهي تہ. هيءَ لفظ پربات مان ورتل آهي، جنهن جو مطلب آهي سج اڀرڻ کان اڳ وارو وقت يا گهڙيءَ ۽ رات ختم ٿيڻ کان پوءِ صبح ٿيڻ جو وقت. اِهي صبح ٿيڻ واري وقت ڪي شاهہ صاحب سرپرياتيءَ ۾ هن طرح بيان ڪري ٿو.

اِيءَ نہ ڀانئِ ڀير، جئَن ڪِينرَ ڪِيريءَ ٽنگيو،
سونهاري صبوح سين، وڄهي وينـين ويرُ،
توکي چونـدو ڪيـر، ڪِيـرت ڏاران مَـڱـڻو.

## سر پرياتيءَ ۾ وقت جو اظهار:

وقت جو احساس ڏياريندو شاهہ صاحب هڪ ٻئي بيت ۾ فرمائي ٿو.

سُتو ڪِيئن ننڊون ڪَرئين،روئي رات وهاءِ،
سُـيـان سـاز سـنـداءِ، پـيـا هُـونـدا پَـٽَ ۾.

(پرياتي-2)

هن بيت ۾ مڱڻي ڪي هدايت ڪئي وڃي ٿي تہ، جيڪڏهن تون ستوئي رهندين تہ، صبح جو تنهنجا ساز تنهنجي مدد ڪري ڪونہ سگهندا. ننڊ کان بهتر آهي تہ اٿي لوچ. هت ننڊ مان مراد غفلت آهي ۽ روئڻ جو مقصد ليلائڻ آهي. ساڳي ئي مفهوم ۾ هڪ ٻئي بيت ۾ فرمائي ٿو.

روءُ وِهاڻي روءِ، سُتو ڪيئَن ننڊون ڪَرئين،
سُـيـان سـاز سـنـدوءِ، پـيـو هـونـدو پَـٽَ ۾.

هن بيت ۾ بہ سازينڊڙ (مڱڻي) ڪي نصحيت ڪئي وڃي ٿي تہ، سمهي وقت نہ وڃاءِ، چاڪاڻ تہ، تنهنجو ساز جيڪو تنهنجي عزت، وقار ۽ روزيءَ جو سامان آهي، سو وقت گذري ويو تہ، تنهنجي ڪابہ مدد ڪري نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهندو. جيڪڏهن تون انهيءَ ساز کي سيرانديءَ ڪري سمهي رهندي تہ وقت تنهنجي هٿن مان نڪري ويندو. تون کان اڳ جيڪي تو جهڙا ، مازيندڙ هئا، سي تو وانگر ننڊون نہ ڪندا هئا.

اهڙي منظرنگاريءَ کي شاهہ صاحب هن طرح بيان ڪري ٿو.

سيرانديءَ ساز ڪيو، سُهَمين، ساري رات،
جاجڪاڻي ذاتِ، اِيئن نہَ هئي اَڳهين.
(پرياتي 1-4)

## سر پرياتيءَ ۾ سازن جو ذڪر:

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سر پرياتيءَ ۾ ٻن سازن جو ذڪر چٽيءَ طرح ڪيو آهي. هڪ ڪينرو يا ڪينر، ٻيو تُنبو يا تنبورو- ڪينرو جهن کي سارنگي يا رباب بہ سڏيو ويندو آهي. هن قسم جي ساز ۾ تارن (تندن) جي مدد سان سر آلاپيا ويندا آهن. هيءَ اهوئي ساز آهي، جيڪو ٻيجل ٻرايو هو ۽ راءِ ڏياچ پنهنجو ڪنڌ ڪپي ڏنو هو.

شاهہ صاحب، هن سر ۾ هڪ ٻئي ساز تبني جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جي وڄائيندڙ کي تنبير سڏيو ويو آهي، هيءَ اهوئي ساز آهي، جيڪو ڪينر سان ملندڙ جلندڙ آهي. جنهن کي تنبورو بہ چئي سگهجي ٿو. هن ساز تي بہ تندون مڙهيل هونديون آهن. تڏهن انهن منجهان سر آلاپڻ لڳندا آهن. شاهہ سائينءَ ڪينرو يا ڪينر ڪجهہ بيتن ۾ هن طرح ڪتب آندو آهي.

ايءَ نہ پانن پير، جِئَن ڪينرو ڪيريءَ تُنگيو.
سُونهاري صُبوحَ سين، وجهي ويٺين وِير،
توکي چوندو ڪيُر، ڪيرت ڏاران مگڻو.

## سرپرياتيءَ ۾ پيشي ذات ۽ ڪرت جو ذڪر:

شاهہ صاحب، هڪ ئي ذات کي پيشي ۽ ڪرت جي لحاظ کان مختلف نالن سان بيان ڪيو آهي. ان مان شاهہ صاحب جي وسيع علم ۽ مشاهدي جو اندازو بہ لڳائي سگهجي ٿو شاهہ صاحب ان هڪ ئي ذات کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هنن نالن سان پنهنجي ڪلام ۾ ڪتب آندو آهي. پان، مگڻو، مگڻهار، جاجڪ، چارڻ ۽ لنگهو، جن جو احوال تفصيل سان هيٺ ڏجي ٿو.

## پان:

هيءَ سنڌ جي قديم ذات آهي، جنهن جو پيشو ڳائڻ ۽ وڄائڻ آهي. شاهه صاحب، هن ذات کي هن طرح پنهنجي بيت ۾ ڪتب آندو آهي.

اي نہ پانن پير، جيئن ڪينر ڪيريءَ ٽنگيو.

يعني پانن جي هيءَ ريت يا نمونو ڪونهي جو ڪينر ڪيريءَ ۾ ٽنگيو پيو هجي.

## مگڻو:

شاهه صاحب، مگڻهار کي ئي مگڻو ڪوٺيو آهي. جنهن جو مطلب آهي گهرندڙ.

توکي چوندو ڪير، ڪيرت ڏاران مگڻو.

هن بيت جو مطلب آهي تہ، جيڪڏهن تون ڪيرت يعني رات جي صدا چائين ڪين ٿو تہ، پوءِ توکي مگڻو ڪير چوندو.

## جاجڪ:

جاجڪ پڻ ساڳي ذات جو اسم آهي. جاجڪ لفظ کي شاهه صاحب هن طرح ڪتب آندو آهي.

سيرانديءَ ساز ڪيو، سمهين ساري رات.
جاجڪاڻي ذات، ائين نہ هئي اڳهين.

## چارڻ:

چارڻ بہ مگڻهارن ۽ منگتن جي ذات آهي. ڪرت بہ ساڳي اٿن تہ پيشو بہ ساڳيو اٿن. شاه صاحب چارڻ ذات کي هن طرح بيان ڪيو آهي.

جنين سک ناهہ ڪو، چارڻ سي چئجن.
رجن راهہ پچن، متي ڪلهن ڪينرا.

يعني پنهنجي مقصد جي حاصلات لاءِ پنهنجو ثمر (ساز) ڪڍيو رچ ۾ بہ ماڳ پهچڻ جاڳس پچندا وتن ٿا ۽ اهي سک سان سمهن ڪونہ ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## لنگها:

هيءَ به مگڻهار جي ذات آهي، اهي ڪيڏا نه خوش نصيب آهن ذات وند ماڻهو جن کي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي ڪلام جي سونهن بڻائي ڇڏي. لطيف سرڪار انهن تي ٿي پال ڪيا آهن. جيڪي مختلف ڪسبن سان تعلق رکن ٿا. اهي ڪوري، موچي، لهر، ڍڪڻ، ڌوٻي، ملاح ۽ مهاڻا جيڪي شاهه جي شاعريءَ جا ڪردار آهن. سي سڀ هن کي ايترائي مِٺا آهن. جيترا ڪيس پنهنجا بيت ۽ وايون مٺيون آهن. ڏاتار جي در اڳيان ڪپي ويهڻ جي دعوت ڪنهن وڏي مان مرتبي واري کي نه پر هڪ صدا گر لنگهي کي ڪري ٿو.

ڪَڙَهَ اڳيان ڪَپُ، ڏيهاڻي ڏاتار جي،
لنگهالاهِ مَ لڪ سين، متان چائنٺ چپ،
منگڻهارن مَپُ، ڪونهي هيو ڪيرت ريءَ.

هن بيت ۾ چارڻ، مگڻي ۽ مگڻهار کي نصحيت ڪئي پئي وڃي ته. ڏاتار جي دروازي تي ويهي رَهُ ۽ ان جي چائنٺ کان ذرو به پري نه ٿيءُ. چاڪاڻ ته. سواليءَ جي صدا کان سواءِ ٻي ڪا حد ئي ناهي.

## سر پرڀاتيءَ ۾ ڪردارن جو ذڪر:

هن سُرَ ۾ به ڪردار اهم آهن. هڪ ڄام سپڙ. جنهن کي شاهه صاحب. مختلف نالن سان ۽ لقب سان پنهنجي ڪلام ۾ شامل ڪيو آهي. مثلاً سپر، ڏاتار ۽ ٻيلي ڏٽي.ٻيو ڪردار چارڻ. مگڻو جاجڪ ۽ مگڻهار آهي. ڄام ڏاتار آهي ته. چارڻ منگتو آهي. ٻيلي ڏٽي سخي آهي ته. مگڻهار سوالي آهي. شاهه صاحب. سخي ڄام کي سخاوت جي طفيل پنهنجي لازوال شاعريءَ جي زينت بڻائي ڇڏي آهي. ڄام سپر. لس ٻيلي جو حاڪم هو ۽ ذات جو رونجهو هو.

سائين حميد سنڌي پنهنجي مضمون "آٽي ڏنائون هيرا لعل هٿن سان." ۾ لکي ٿو ته. هن خطي جي تاريخ جيتري پراڻي اهي ان جا ماڻهو به اوترائي قديمي ۽ پراڻن قدرن جا سنڀاليندڙ آهن. انهن لاءِ حق ۽ سچ جا قدر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سندن ورثو آهن. (مهراڻ 1988 صفحو 113)

اهڙن ئي قدر دانن ۽ منجهان ڄام سپڙ بہ هڪ هو. شاهہ صاحب، جڏهن سيلانيءَ جي صورت ۾ جڏهن لس ٻيلي پهتو تڏهن هن ڄام رونجهي جا سخاوت جا درواز! کليل ڏٺا تڏهن سندن انهيءَ سخي واريءَ خوبي کان متاثر ٿي کيس پنهنجي ڪلام ۾ شامل ڪري ڇڏيائين.

ٻُجهان ٻَاجهہَ تِنئي، ٻاجهاڻو ٻيلي ڏٺي،
سَپُڙ سا سُئي، جيڪا چارڻ چِتِ ۾.

(پرياتي ع.ق)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ سخاوت ۽ فياضيءَ کان متاثر ٿي سنڌ جي ڄام جکري، سمي، ابڙي ۽ راءِ ڏياچ کي بہ پنهنجي ڪلام ۾ امر بڻائي ڇڏيو آهي.

آءٌ جکري جيهو پرس پسان ڪونہ ٻيو،
وائي جنهن جي وات ۾، ڏيو ۽ ڏيو
وجي چو نہ وهو، ان دَرَ متي مڱڻا.

(بلاول 14)

ابڙي وَڏو سَوءُ وڙو، جهلي سو سامُن،
سرڻين جا سِونا سَهي، سُمون سُونهن سينِ
تنهن دَر سَبِ اَچِن، ڪنڌ نہ ڪدي ڪَڄَ ڏٺي.

(بلاول 1-15)

الله جي آس ڪري، هَليو هُئائين،
چارڻ ٻڌا چنگ ڪي، جُهوڙا ۽ جهَائين،
ڏولي راءِ ڏياچ جي، ڏوران ڏٺائين،
سڀاجها سائين، راءِ ريجهائين راڳ سين.

(سورٺ 1-1)

هن سر ۾ ڄام کي تہ وڏي عزت بخشي وئي آهي پر مڱڻي کي بہ مان مليل آهي. ڇاڪاڻ تہ، مڱڻو پنهنجي رباب جي تندن سان سخي ڄام جي روح کي راضي رکي ٿو هاڻ ڏاتار جيڪڏهن مرشد آهي تہ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مگڻو مريد آهي. ڏاتار کي راضي ڪرڻ واري جدوجهد ۾ مگڻو بہ پنهنجي منزل ماڻي سگهيو آهي.

## سر پرياتيءَ ۾ تصوف جو رنگ:

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سمورو ڪلام تصوف جي رنگ ۾ رنگيل آهي. سندس ڪلام ۾ صوفياڻو رنگ تہ آهي ئي، پر هُو عملي زندگيءَ ۾ بہ سچو صوفي هو. سامين، سناسين ۽ جوڳين کي نہ رڳو پنهنجي ڪلام ۾ شامل ڪيو اٿس پر گيڙو ويس پائي ساڻن ڪشالا بہ ڪٽيا اٿس.

محترم غلام نبي سڌايو لکي ٿو تہ "لطيف سائينءَ جي شاعري تصوف جي ڀٽاندڙ ڪيل آهي. جنهن ۾ هن پنهنجي تاريخي ۽ روايتي وٿن (Values) جي آڌار تي سماج کي سڌارڻ خصوصاً سنڌي قوم ۽ عموماً ڪائنات جي مڙني انسانن جي ذهني، اخلاقي ۽ سماجي آزاديءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي، ۽ اهو سربستو احوال علامت ذريعي اوريو اٿس."

شاهہ صاحب، سر پرياتيءَ ۾ ڄام سيڙ جي ڪردار کي پڻ علامت طور ڪتب آندو آهي. ڄام کي رهبر ۽ رهنما طور ڏيکاريو ويو آهي. ساڳي طرح چارڻ يا مگڻي کي پوئلڳي ڪندڙ سمجهيو ويو آهي. ننڊ مان مراد غفلت آهي، ساڳي طرح روئڻ جو مقصد ليلائڻ يا بندگي ڪرڻ آهي. ساز مان مراد ثمر يا سامان آهي. جنهن جي وسيلي رهبر کي راضي ڪري سگهجي ٿو. رڃ جو گس پڇڻ جو مطلب حق جي واٽ جو متلاشي هجڻ آهي.

تُون سَيَرُ آئون سيڪڙو، تِون ڏاتارِ آئون ڏوهہ،

تون پارس آئون لوهہ، جي سَجين تہَ سون ٿيان. (32-1)

هن بيت ۾ ڄام سيڙ کي پارس سان تشبيهہ ڏني وئي آهي ۽ مگڻي کي لوهہ سان. ڄام کي پارس چئي هن جي هستيءَ ۽ پاڪائيءَ کي بيان ڪيو ويو آهي. ساڳي طرح لوهہ کي سجڻ سان سون بنائي ڇڏڻ مان مراد هڪ ڪامل مرشد جي ڪرامتن طرفن اشارو آهي، جيڪو پنهنجي مريد يا پوئلڳ کي حقيقت واري رنگ ۾ رنگي ڇڏي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُپـريـو تـارو، اُتـي وَرَا! وِهـاڳُ ڏي،
سَـپَـڙُ رِيسـارو، چِـتُ پـرکـي چـارَڻـيـن.

تارو اُپريو، معنيٰ رات وهامي وئي ۽ اسر ٿي ويو. انهي ڪري صدائون ڪندڙ چارڻ فقير کي صلاح ۽ تاڪيد ڪندي فرمائي ٿو تہ اُٿي وهاڳ ڏي ور. شاهه سائين هن سُر جي ٻن بيتن ۾ جاجڪاڻي ذات جو ذڪر پڻ ڪيو آهي. انهن جو پيشوئي ساز وڄائڻ آهي:

سيرانديءَ ساز ڪِئو، سُمهين ساري رات،
جاجِـڪـاڻـي ذات، اِيـئَـن هـوءِ نـہ اَگِـهـيـن.

شاهه سائين سُر پرياتي ۾ ديس وارن کي پنهنجو شاندار ماضي ياد ڏياريو ۽ پنهنجي خالق و مالڪ جي صحيح عظمت ۽ رفعت پر شڪوه نظام، ربوبيت حيرت انگيز تدبر جي فهمائش ڪئي آهي:

ڏاتِ نـہَ آهـي ذاتِ، جـو وَهـي سـو لَـهـي،
آرِيُـون اُبـوجَـهـنِ جُـون، سَـپَـڙُ چـامُ سَـهـي ،
جو راءَ وَٽِ راتِ رَهي، تنهن جُڳي تان نہَ ٿِئي.

شاهه سائين فرمايو آهي تہ ذات تي ڏات نہ آهي، جو وهندو سو ئي لهندو يعني جيڪو ڪرت ڪندو، انکي لاڀ ملندو. پنهنجا ذاتي عمل ئي انسان جي چوٽڪاري جو باعث بڻجن ٿا.

الله سائين پنهنجون رحمتون موڪلي ٿو ۽ ڪين پـنـهـنـجـي پـيـارن منجهان ٻٽائي ٿو ڇڏي . پوءِ اهڙن ابوجهن جا انگل ۽ آرا بہ مڃي ٿو ۽ سـنـدن عرض اگهائي ٿو.

سُتو ڪِيئَن نِنڊُون ڪَرين، رو وِهاڻِيءَ روءِ،
سُـيـان سـازُ سـنـدوءِ، پـيـو هـونـدو پَـٽَ ۾.

شاهه سائين اهڙي ستل انسان کي سجاڳ ڪندي فرمائي ٿو: اي ڪاهل! تون ائين ويسلن وانگر سمهي ننڊون ڪيئن ٿو ڪرين! سجاڳ ٿيءُ، وهاڻيءَ ويل اٿي الف سان اور. اکين مان ڳوڙها ڳاڙي، پنهنجن ڪيل ڪوتاهين جي مالڪ کان معافي گهُر، ڪهڙي خبر تہ سياڻي تنهنجي لاءِ ٿئي بہ الائي نہ! پوءِ تنهنجي هر هڪ شيءِ هتي پئي هوندي مگر تون پاڻ ڪو نہ هوندين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جَنين سُکَ ناهِ کو، چارَڻ سي چِئِجَنِ،
رُجن راهہَ پُڄَنِ، مٿي کَلهن کِينرا.

شاهہ سائين هن بيت ۾ فرمائي ٿو تہ جنهن کي نينهن جا نيزا لڳل آهن سي ڪٿي تا سک سان سمهن. اهي پنهنجي مطلب ماڻڻ لاءِ جهنگ جهر ۽ بر بحر هڪ ڪري تا ڏين. رات ڏينهن ڪاڪ جا ڪشالا تا ڪڍن ۽ رڻن ۾ رلندا تا رهن.

دَر آئي "مگٽي" ڏان سيڪو ڏي،
سَپَڙ سي ساري، جي جهو پڙين ۾ جهپڪيا.

جام سپڙ جي انهي روش جي ڪري ڪيترائي گُهرجائو ۽ جڏا فقير گهرويني ان ڏانهن نياپو موڪليندا هئا تہ اسان کي ضرورت جون شيون موڪلي ڏي. ان نياپي ملڻ شرط کين گهربل شيون فقيرن کي ملي ويندي هيون. انهي نياپي کي حضرت پٽ ڌڻي هن طرح بيان ڪيو آهي

چارَڻُ لَڳو، پنڌ گهٽو چوٽاٽيءَ چئيج،
هِتِ ڪِي هلائيج، اُتي آئون نہ اچٽو.

جام سپڙ اهڙو پارکو هو جو ضرورتمند کي ڏسندي ئي پروڙي وٺندو هو تہ ان کي ڪهڙي گهرج آهي ۽ اها پوري ڪري بيو احوال وٺندو هو. سپڙ جي انهي سياڻپ بابت شاهہ سائين فرمايو آهي تہ:

پاجهاڻو بيلي ڌڻِي، پُجهان پاجهہ تِئي،
سَپَڙ سا سُئي، جيڪا چَارَڻَ چتَ ۾.

شاهہ سائين سُر پرياتي ۾ غافل انسان کي ڏونڏاڙي سجاڳ ڪرڻ جو سڏ ڏئي ۽ کيس آگاهہ ٿو ڪري تہ حياتي جو سج لهڻ وارو اٿئي. اٿي ڪو عاقبت جو فڪر ڪر. ويسرن وانگر ويهي نہ رهہ پنهنجي جهد و عمل ذريعي رب کي ريجهاءِ.

آخر ۾ دعا آهي تہ شل الله تعاليٰ اسان کي پيلاري پٽ ڌڻي جي رسالي ۾ آيل روحاني فلسفي کي سمجهڻ، ان تي عمل ڪرڻ ۽ صراط مستقيم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نجم شيخ

# سُر پرياتي جا روحاني راز

اسان جيڪڏهن هن دور جي پنهنجن نظرين، اصولن ۽ قدرن جي ڪسوٽيءَ ۽ تقاضائن تي پرکڻ بدران، لاڪيٽي لطيف جي شاعريءَ جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ شروع ڪيون ته هوند ته پلارو پٽ ڌٽي پنهنجي نظرين، قدرن ۽ اصولن جا اسان جي دل ۽ دماغ تي واهڙ وهائي ڇڏي. ان ۾ ڪو به شڪ ڪو نهي ته شاهه عبداللطيف هڪ وطن دوست، ۽ انسان دوست شاعر هئو پر انهيءَ ڳالهه کان به ڪو انڪار نه ٿو ڪندو ته پلارو پٽ ڌٽي هڪ مثالي موحدِ ۽ عاشق رسول هئو. بيشڪ سندس ڪلام جي آئيني مان اسان سندس دور جي ويدانتي ۽ ڀڳتي تحريڪن جا روپ ۽ اثر به پرکي سگهون ٿا، پر هن ڳالهه کان به انڪار ڪري نه ٿا سگهون ته جنهن علم ۽ جن ڪتابن ڪيس حد کان وڌيڪ متاثر ڪيو ۽ جيڪي ڪتاب هن ڪڏهن به پنهنجي جيءَ کان جدا نه ڪيا، اهي هئا سندس تڙ ڏاڏي شاهه ڪريم جو رسالو، مولانا روميءَ جي مثنوي ۽ الله تعاليٰ جو پاڪ ڪتاب قرآن شريف. هردم ۽ هر هنڌ انهيءَ انمول خزاني جي ساڻس موجودگيءَ مان سندس سچي ۽ پڪي مسلمان هئڻ جي سچي ۽ پڪي شاهدي ملي ٿي.

هن عظيم انسان جي شايد ڇهينءَ حس ڪم ڪيو، جهڙو ڪيس خبر هئي ته مڙيا مڇ هزار، پاڳا ٿيندي سهٽيءَ مصداق ڪانئس پوءِ نقاد ۽ سندس فلسفي ۽ پيغام کي پنهنجي پنهنجي حوالي سان ڏسندا ۽ پڙهندا. ان ڪري شاهه عبداللطيف پنهنجي شاعريءَ جو مقصد پاڻ ٻڌائي ڇڏيو ۽ فرمايو ته:

بيت نه ڀانئيو ماڻها اهي آيتون آهين،
نئيون من لائين، پريان سندي پار ڏي.

شاهه لطيف پنهنجي شعر ۾ جيڪو آيتون لفظ ڪم آندو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان کي پلي تہ اسان قرآني آيتون تسليم نہ ڪيون ۽ آيت جي معنيٰ ” شاهديءَ “ يا ”نشاني“ ڪري وٺون تہ بہ ان جو مطلب هي ٿيو تہ اسان لطيف سائين جي ڏسيل نشانين تي پنهنجي مطلب ۽ مقصد واري منزل ماڻي سگهون ٿا.

هيءَ ڳالهہ اسان کي مڃڻي پوندي تہ پلارو پٽ ڏٺي سيد هئو ۽ سيدالمرسلين جي آل اولاد مان هئو. ليلا رام وطنمل غير مسلم ليکڪ هئڻ باوجود، شاهہ سائين جي ڪلام ۾ ڪم آندل صوفي، اصطلاحن، حديثن پاڪ ۽ ڪلام پاڪ جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ هيڏو سارو ڪتاب (Life, Religion and Poetry of Shah Abdul Latif) لکيو. انهيءَ هڪ مثال مان ئي ثابت ٿيو تہ شاهہ لطيف ڪو اڻ پڙهيو ۽ اُمي نہ پر لکيو پڙهيو ۽ ڪلام الله، ۽ حديثن جو ڄاڻو ۽ مثنوي خواهہ ”بيان العارفين“ جو تفصيلي ۽ وسيع مطالعو رکندڙ شاعر هئو.

شاهہ لطيف فقط شاعر نہ هئو پر جئين عرض ڪيو ويو آهي تہ هڪ سچو ۽ پڪو مسلمان هئو. اهو مسلمان جنهن مسلمانيءَ کي آساني وارو روايتي نظريو نہ ڄاتو پر اسلام جي تعليم ۽ مسلماني تقاضائن سان پنهنجي قول ۽ فعل، شخصيت ۽ ڪردار کي آراستہ ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ سُر پرياتي کي اسان مثال طور پيش ڪري سگهون ٿا. جنهن ۾ هڪ سچي ۽ پڪي بندي جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي. رات اسان وٽ ظلم، ڏاڍ ۽ ڏمر جي علامت آهي. پر پريات اُميد ۽ روشن مستقبل جي علامت مڃي ويندي آهي، ڇو تہ اونداهي رات جو انت انهيءَ وقت کان شروع ٿيندو آهي ۽ روشني پکڙجڻ جو اتان ئي آغاز ٿيندو آهي.

اسلامي تاريخ ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي حياتي مبارڪ ۾ اهو دور بہ آيو جو الله پاڪ طرفان کيس حڪم مليو تہ چادر پائي آرام ڪندڙ نند مان اٿي، پنهنجي رب پاڪ کي ياد ڪر ۽ پاڻ کي محنت ۽ مشقت سان آراستہ ڪر تہ جئين منهنجي دين جي تبليغ ڪرڻ وارو ڪم اڃا بہ اوهان لاءِ آسان ٿئي. نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن رات جو وڏو حصو الله جي عبادت ڪندا هئا. مومن جي ماءُ امڙ بيبي عائشہؓ جن هڪ

دفعي حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي عرض ڪيو تہ نبين جا سردار اوهان پنهنجي آرام جو، خيال نہ ٿا ڪيو ۽ ڏاڍي عبادت ڪريو ٿا. ان تي پاڻ فرمايائون تہ جنهن خدا مون تي اڻ ڳڻيا احسان ڪيا آهن، ڇا مان ان جي اڳيان "سِرُ" نہ جهڪايان.

نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي عبادتن ۽ رياضتن جو اهو سلسلو جاري رهيو. ان کان پوءِ الله پاڪ طرفان رات جي آخري پهر ۾ وس ۽ وسعت مطابق ۽ عبادت ڪرڻ جي اجازت ملي. اهڙي ريت تهجد واري عبادت جو تصور حقيقت جو روپ وٺڻ لڳو.

رات جنهن جي پيٽ ۾ ڪلام پاڪ نازل ٿيو، انهي رات کي الله جي عبادت لاءِ سوغات بڻايو ۽ اسان کي پنهنجي رسول مقبول ﷺ جي توسط سان اها تلقين ڪئي وئي تہ رات جي انهيءَ پهر ۾ ڪلام پاڪ جي تلاوت ۽ الله پاڪ جي عبادت بندي جي رتبي ۾ عظمت جا رنگ پري ٿي.

جڏهن دنيا آرام ۾ هجي، پکي پکڻ جهنگ جا جناور ننڊ ۾ هجن، ان وقت الله جو نيڪ بندو اٿي الله پاڪ کي ٻاڏائيندو آهي ۽ رب کي راضي ڪرڻ لاءِ عبادتون ڪندو آهي. رات جي عبادت جي عظمت بيان ڪندي لطيف فرمايو آهي:

ساري رات سبحان کي، جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، اچي آسڻ ان جي.

لطيف سائين پاڻ راتين جون راتيون پنهنجي اکين کي اوجاڳا ڏنا ۽ وڏيون عبادتون ۽ رياضتون ڪيون. ۽ پاڻ کي سچو مسلمان ۽ پڪو صوفي ۽ مثالي ولي الله ثابت ڪيو. پريات جو اٿي پرين پرچائڻ جو ذڪر هن سر پرياتيءَ ۾ ڪيو آهي. هن سُر ۾ شاهہ لطيف منگتن ۽ مڱڻهارن سندس ڪرت ۽ ڪيرت ۽ سخي سردار کي تمثيل طور ڪم آندو آهي. سخي سردار جي تمثيل جو مطلب آهي: خدا پاڪ ۽ منگتي مان مراد آهي: اهو بندو جيڪو پنهنجي گهرج لاءِ ڏٺي در ٻاڏائي ٿو. شاهہ لطيف رب پاڪ لاءِ چئي ٿو تہ الله پاڪ ئي آهي، جيڪو سڀ جو خالق ۽ مالڪ آهي، هڪ واحد


Scanned with CamScanner

انهيءَ کي بي نياز بادشاهه جي سخاوت ۽ قدرت جا انيڪ رنگ آهن. توفيق به اهو ٿو ڏئي يا اڻ گهريو به اُهو ٿو ڏئي، هو جيڪو ڏئي، اهو اسان جي عبادتن ۽ رياضتن کي ڏسي نه ٿو ڏئي، پر پنهنجي ڪبريائي جي ادا مطابق ڏئي ٿو.

جيڪي ڏڌن ڏي ڳجهيان ڳجھه ۾،
سو جو سٽن ڪڌهن ڪرت وارا ڪي،
ته ساز مڙوئي سي، هند پٽون ڪن پاڪ ۾.

بندي لاءِ پريات جو وقت وڏي وٽ آهي، رات جي انهيءَ گهڙي الله پاڪ انسان تي اڻ ڳڻيا احسان ڪري ٿو. ان ڪري اي سچا عبد تون سچو عابد ٿي، عبادت ڪر، رياضت ڪر، پر ياد رک ته تنهنجي انهن عبادتن ۽ رياضتن جي الله کي تانگهه ڪانهي، هو ته تنهنجي دل کي پرکڻ ٿو گهري.

ايرئو تارو، اُتي ور، وهاڳ ڏي،
سپڙ ريسارو، چت پرکي چارٽين.

ان ڪري عبديت جو حق ادا ائين ٿيندو ته بندو پنهنجي بي پرواهه بادشاهه اڳيان آڻ مڃي ۽ اهو تسليم ڪري ۽ اقرار ڪري ته:

تون سپڙ آءُ سيڪڙو، تون ڏاتار آءُ ڏوهه،
تون پارس آءُ لوهه، جي سچين ته سون ٿيان.

اهو دل سان مڃي ۽ زبان سان اقرار ڪري ته

ڏِاتار ته تون پئا مڙئي مڱڻا،
مينهن منداڻتا وسڻا، سدا وسين تون،
جي گهر اچين مون ته ميريائي مان لهان.

دل الله جو گهر آهي، انهيءَ گهر ۾ الله جي ياد، عبادت ۽ رياضت سان ئي صفائي ۽ پاڪائي ڪري سگهجي. انهيءَ دل کي الله جي عشق جو جام پيارڻو آهي ۽ انهيءَ دل کي موڙڻ لاءِ پرياتي ٿيڻو آهي. اکين کي اوجاڳا ڏيڻا آهن. عبادتون ۽ رياضتون ڪرڻيون آهن، عبديت جو معراج ائين ئي ماڻبو ۽ رب پاڪ کي راضي ڪرڻ جو اهوئي ڏس ۽ ڏان آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ورچي تون وهاڳ ڪان، متان ڏيين پاهين!
در داتا مڱ مڱتا، اندها! هوئج اوڏاهين.

الله پاڪ انسان تي احسان ڪيو ۽ ڪيس پنهنجو نائب بڻائي هن دنيا ۾ موڪليو. انهيءَ نائب کي پنهنجون ذميواريون ڪٽڻيون پونديون. ڪهڙو گس وٺڻ گهرجي، پاڻ کي ڪيئن تيار ڪرڻ گهرجي. ڪهڙي دڳ سان هلڻ گهرجي؟ ڪيئن هلڻ گهرجي ۽ ڪڏهن هلڻ گهرجي، انهن سڀني نقطن جي سُر پرياتي ۾ شاهه لطيف نهايت چٽائي سان وضاحت ڪئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ممتاز علي ڪُنير

# سُر پرڀاتي ۽ سنڌ جو فنڪار

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله دنيا جي انهن بزرگ شاعرن، ولين ۽ درويشن مان هڪ آهي، جنهن جي چيل هر شعر جو مفهوم ۽ معنيٰ پرکڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته انهي شعر ۾ دنيا جي خالق ۽ مالڪ جي تخليقن ۽ جوڙن جو ڳوڙهو اڀياس ڪجي.

شاهه سائين جا سُر الله پاڪ جي وحدانيت ۽ رسول پاڪ صلي الله عليه وسلم سان سچي عشق ۽ محبت سان سرشار آهن، جن کي پڙهي من اندر جا سمورا تڪ لهي ٿا وڃن.

سُر پرڀاتي صبح جي صدا آهي، جيڪا اندر کي اجاري ٿي ۽ بندي کي خدا پاڪ جي بارگاهه ۾ نياز نوڙت، ادب ۽ محبت سان عرض ڪرڻ لاءِ اتساهي ٿي. صبح ساجهر جي صدا وڻندڙ ۽ روح کي راحت ڏيندڙ آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو هر دل رکندڙ خدا جي بندي کي وڻي ٿي ۽ اها صبح جي مٺڙي ۽ وڻندڙ صدا اندرجي گهراين مان نڪرندي، ڌڻي پاڪ جي بارگاهه ۾ قبوليت جو درجو ٿي ماڻي.

ڪلياڻ آڏواڻي طرفان ترتيب ڏنل ۽ معنيٰ سان ڇپايل شاهه جي رسالي ۾ سرپرڀاتي بابت ڪلياڻ آڏواڻي لکي ٿو ته لس ٻيلي جو حاڪم سپڙ سخي سخاوت ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ هو هن هڪ ڏڌ مڱڻهار کي هڪ سئو تازي گهوڙا انعام ۾ ڏنا. ڌڻي به اهڙو ئي سخي آهي، جو اهوجهن کي ڏايو چڙي.

سنڌ جي فنڪارن شاهه سائين رح جي ڪلام کي دل سان ڳايو آهي. سنڌ جي ثقافت ۽ ادب کي جياريندڙ سنڌ جا فنڪار صوفياڻو ڪلام ڳائي اندر کي اجاريندا رهيا آهن.

سُر پرڀاتي جيڪو صبح جو سُر آهي، تنهن کي سنڌ جي مولودي فقيرن به ڳايو آهي. عثمان فقير مڱڻهار، حاجي غازي، محمد قاسم جوڻيجو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محمد ايوب، حاجي غلام نبي شاهه، ابراهيم خاصخلي، محمد رحيم ۽ ٻيا اهڙا ڪيترائي نالا آهن، جن انهي سُر کي مولود شريف ۽ مداح ۾ پڙهيو آهي.سنڌ ۽ هند جي فنڪارن پڳت ڪنور، ماسترچندر، استاد خير محمد فقير، جيوٽي ٻائي، رمضان فقير، استاد منظور علي خان، محمد ابراهيم، محمد جمن، امير علي، محمد يوسف، وحيد علي ۽ ٻيا ڪيترائي فنڪار جن ٻين سرن سان گڏ سر پرياتي کي نهايت پر سوز انداز ۾ ڳايو آهي.

ڪلياڻ آڏواڻي اڳتي قلمبند ڪري ٿو ته پرياتي هڪ راڳڻي جو نالو آهي جا پرياتي يعني آسُر جو ڳائبي آهي. هن سُر جي اڪثر شعرن کي ڪلام جي شروع ۾ يا وچ دوران ڏوهيڙي طور ڳايو ويندو آهي. جئين سنڌ جي سريلي راڳي شفيع محمد فقير، حضرت صوفي صادق رحمت الله عليه جي هڪ ڪلام ۾ ڳايو آهي:

اي نه پانن پير، جئين ڪينر ڪيري تنگيو،
سونهاري صبوح سين وجهي ويٺين وير،
توکي چوندو ڪير، ڪيرت ڏاران مڱٹو.

ڪيرت ۽ وهاڳ، پانن جو ڏاج هو، پانن جي اها عادت هوندي هئي ته اهي اَسُر مهل ڪينرو کڻي ڪنهن سخي يا سورهيه جي ڏرتي وجي وجائيندا هئا ۽ ڪيرت ڪندا هئا ۽ گڏوگڏ گهر ڌڻي کي دعا به ڪندا هئا. جيڪا ٻڌي گهر ڌڃاڻي ڏونري جو وٽو پري اچي ان کي ڏيندي هئي. هڪ ٻي هنڌ پت ڌڻي شاهه عبداللطيف رح فرمائين ٿا ته:

جنين سُک نا هي ڪو چارڻ سي چئجن،
رُجنَ راهه پُڃنِ، مٿي ڪُلَهنِ ڪِينرا.

چارڻ انهن کي چئجي جن کي ڪا ويساند يا آرام ناهي، چارڻ اُهي چئجن، جي ڪلهن تي سارنگيون ڪري رجن جي وات ڳولين. معنيٰ شاهه جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي تان ورتل آهي.

چارڻ ۽ پانن بابت فن ۽ فنڪار مقالي ۾ احمد ڪيريو، ميرپورخاص جو تاريخي سفر ۾ لکي ٿو ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موڙهو پٽين مڱڻا، ڪيڏانهن هئين ڪالهه،
لنگها ڇڏ لطيف چئي، اجهڻ جا افعال،
سپڙ در سوال ڪر تہ قيمت آڻئين.

فنڪار جي نڙي مان نڪرندڙ صدا انسان جي اندر جو آواز بڻجندي آهي ، تڏهن گهڙي پل لاءِ بندي ۽ خدا جي وچ ۾ رابطو ٿي پوندو آهي. سنڌ جا ڳوٺ، واهڻ ۽ وستيون ۽ انهن جا ٿڏا پهر ۽ حسين صبوح جيءَ کي جيارين ٿا، ۽ جڏهن خدا جو بندو ڀٽائي سائين رح جي هن بيت کي من اندر ۾ رکي پرڀاتي ٻڌي ٿو، تڏهن تنبوري جي تار جي ردم من اندر جا سمورا تڪ لاهيو ڇڏي.

تون سپڙ، آئون سيڪڙو، تون ڏاتار، آئون ڏوهه،
تون پارس، آئون لوهه، جي سجين سون ٿيان.

نڙ تي بيت چوندڙ فقيرن کي جڏهن ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ انهن جي انداز بيان کي ماڻهو من اندر جي گهراين سان محسوس ٿو ڪري. معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جا فنڪار ۽ مولودي شاهه سائين جا فقير ”تصوف“ کي پنهنجي فن ذريعي عام ماڻهن تائين پهچائيندا رهيا آهن ۽ ائين انهن پنهنجي حصي جو ڪردار ادا پئي ڪيو آهي . حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي لفظن ۾:

اُيريو تارو اُتي وَرَ، وِهاڳ ڏي،
سَپڙ رِيسارو، چِتِ پرکي چارڻين.

محمد سلطان نعيمي

# سيان ساز سندوءِ

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو رسالو رموز الاهي جي اسرارن جو هڪ مها ساگر ۽ معرفت جي موتين جو موجزن مهراڻ آهي ۽ رسالي جو هر سر تزڪيہ نفس ۽ تصفيہ قلب جو سرچشمو آهي ۽ شاهه صاحب جو ڪلام روحاني فلسفي جي رقيق ۽ عميق مسئلن تي مشتمل آهي. جيڪڏهن انسان هيڪل ڪنو ٿي مطالعو ڪندو تہ وارادت قلبي ۽ ڪيفيات روحاني جو مشاهدو ماڻيندو ۽ شاهه جو رسالو معرفت جي پانڌيئڙن لاءِ مينار نور آهي. سندس سوجهري ۽ فيض سان قلبي سڪون ملي ٿو خصوصاً پرياتي سر اهڙيون روحاني رمزون سمايل آهن، جنهن کي ڪو سالڪ ئي سمجهي سگهي ٿو.

طريقت جي صاحبن جو چوڻ آهي تہ انسان ڏهن لطيف جزن مان ٺهيل آهي، پنجن جو تعلق عالم امر سان آهي. جيڪي هي آهن: (1) قلبي (2) روحي (3) سري (4) خفي (5) اخفيٰ ۽ انهن جو اصل ۽ مرڪز عرش عظيم آهي ۽ اهي لامڪانيت سان تعلق رکن ٿا. پر الله تعاليٰ سندس قدرت ڪاملہ سان اِهي نعمتون انسان جي جان ۾ امانت طور رکيون آهن. پر انسان دنيا جي لڳ لاڳاپن ۽ نفس جي خواهشن جي ڪري انهن جزن جو پنهنجي اصل کان رابطو ڪٽجي ويندو آهي پوءِ انسان دنيا کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهڻ لڳندو آهي ۽ دنيا ۾ متفرق هوندو آهي. جڏهن ڪو انسان ڪنهن ڪامل مرشد جو دامن جهلي ٿو. تڏهن وري نگاهه ولي جي خاص توجهہ سان مرڪزءِ اصل سان رابطا بحال ٿي ويندا آهن ۽ ڏسيل هدايتن سان ڪشش ۽ قرب وڌندو ويندو آهي، وڃي نيٺ ہانهو فنا و بقا جي اعليٰ درجي تي فائز ٿي ويندو آهي. شاهه صاحب پرياتي سر ۾ مرشد وٽڻ ۽ مرشد جي خاص توجهہ جو ذڪر ڪيو آهي.

> تو سڀڙ آئون سيڪڙو تون ڏاتار آئون ڏوهہ،
>
> تون پارس آئون لوهہ، جي سڃين تہ سون ٿيان.

بزرگان دين اندر اجارڻ جا ٽي طريقا مقرر ڪيا آهن: (1) ذڪر الاهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فرمائي ٿو آئون بادشاهه آهيان. آهي ڪو دعا گهرڻ وارو جنهن جي دعا قبول ڪريان. آهي ڪو سوالي تنهن کي عطا ڪريان. آهي ڪو بخشش گهرڻ وارو جنهن جي بخشش ڪريان. اها صدا صبح تائين جاري رهندي آهي.(صحيح بخاري)

جڏهن ٻانهون پنهنجي رب کي ياد ڪندو آهي، تڏهن رب ٻانهي کي ياد ڪندو آهي "فاذ ڪروني اذ ڪرڪم" يا وَسَارِ عُوا اِلٰي مغفرة من ربڪم" ترجمو: اي انسانو پنهنجي رب جي بخشش ڏانهن ڊوڙو

لطيف سائين پنهنجي ٻالڪن کي ساڳيون درس ڏي ٿو:

موڙهو پٽين مڱڻا، ڪيڏانهن هئين ڪالهه،
لنگها ڇڏ لطيف جي، اُجهڻ جا افعال،
سپڙ در سوال، ڪر ته قيمت آٽيين.

واقعي ٻانهي جي پهچ سدرة المنتهيٰ تائين ڪونهي ۽ عرش عظيم تائين رسائي ڪونهي ۽ لامڪان جي طاقت ڪونهي پر الله تعاليٰ جو ڪرم ته ڏس فرمائي ٿو تون اعليٰ مقامن تائين نٿو پهچي سگهين پر آئون ته. تو تائين پهچي سگهان ٿو. ٿوري ننڊ ڦٽائي اسرويلي جاڳي ته ڏس آئون تو تائين پهچان ٿو يا نه؟ ڀٽائي صاحب فرمائي ٿو چارڻ ويچارو منڊو آهي، پنڌ پري آهي، تون ڪريم هٿ هلائيج اتي پهچڻ جي مون کي سگهه نه آهي.

چارڻ لڱو پنڌ گهڻو، ڪي چوڻائي چئيج.
هٿ ڪي هلائيج، اتي آئون نه اچڻو.

وري چوي ٿو ابوجهو سپڙ جو سڏو هلي رهيو آهي. وڃي ڪيرت ڪري ڪجهه ڪمايو اهائي هڙ حاصل ڪرڻ جي جڳهه ۽ وقت آهي.

اٿو ابوجهاءُ، سپڙ جي سڏ ٿيو
جيئن ائين ڪيرت نه سکيا، تيئن پاٽان ريڏو راءِ
مڱو مون مُلان، آئون اوان جو آهيان.

اڳتي وري چئي ٿو ڏاتر وٽ حسب و نسب جي پڇا ڪونهي، اهو انهن کي ڏي ٿو جيڪي انهن راهه ۾ هلن ٿا ۽ عاجزي انڪساري ۽ نوڙت سان نمن ٿا. انهيءَ کي ڪنهن جي پرواهه ڪونهي.

ذات نه آهي ذات تي جو وهي سو لهي،

محمد اياز قريشي

# لطيف جي نظر ۾ انسان جو تصور

ڪائنات جا اسرار بي انتها آهن. جيتري ان جي ڦولهه ڪبي، اوتري قدر مونجهاري ۾ پئبو. شاهه صاحب فرمائي ٿو:

"اونهي تنهن عميق جي واري ڇڏ وماس"

انهيءَ ڪائنات کي صوفين جي اصطلاح ۾ "عالم اڪبر" ڪري سڏيو آهي. انسان ان ڪائنات جو جزو آهي. تنهن کي "عالم اصغر" ڪري چيو اٿن. جيڪي به ڪائنات ۾ موجود آهي، تنهنجو اختصار انسان ۾ موجود آهي. تنهنڪري انسان سڀني ممڪنات (يعني ٿيندڙ يا ممڪن) شين جو مجموعو آهي. انهيءَ حالت ۾ انسان جي وجود جا اسرار به لامتناهي ۽ غير محدود آهن. جيئن شاهه صاحب فرمائي ٿو:

نه ڪا ابتدا عبد جي، نه ڪا انتهه،

جن سڃاتو سپرين، سي وڃڻ کي ويا.

انهيءَ ڪري صوفين وٽ مشهور حديث آهي ته: "من عرف نفسه فقد عرف ربه". "جنهن پاڻ کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو"

باوجود انهيءَ رتبي جي انسان ٻن متضاد "مخالف" طاقتن جي وچ ۾ آهي. منجهس ملڪوتي طاقتون به آهن ته بيهمي (يعني مِرن جون) (رحماني ۽ شيطاني) طاقتن به. جيڪڏهن بيهمي طاقتون قباض ٿي وڃن ته انسان پسونءَ جي درجي کان به هيٺ ڪري پوندو. جيڪڏهن ملڪوتي قوتون غالب ٿيون ته ملائڪن جي درجي کان به مٿي چڙهي ويندو. فارسي ۾ چيل آهي ته:

آدمي زاده طرفه معجونيست، از فرشته سرشته واز حيوان.

گر ڪند ميل اين شودبه ازين، ورڪند ميلاً ن شودبه ازان.

تنهنڪري متضاد طاقتن جي وچ ۾ هميشه جنگ جاري آهي. جنهن پنهنجي نفس کي ماري مات ڪيو تنهن گويا وجود جو ورق واريو ۽

پاڻ کي اِلاهي حضور جي لائق ثابت ڪيو. اهڙو ماڻهو روحاني ترقي ڪندي ڪندي آخر اهڙي حد کي پهچي ٿو، جتي ان کي ڪامل انسان چئجي ٿو. صوفين جي نظر ۾ ڪامل انسان فقط حضور اڪرم ﷺ جن آهن. جو پنهنجي ڪمال ۽ قرب سبب اهڙي حد تي پهتل آهن، نه کي عاشق نه کي معشوق، نه کي خالق، نه کي مخلوق. انهيءَ باري ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو:

عاشق چوَ مَ ان کي، مَ ڪي چئو معشوق،
خالق چئو مَ خام تون، مَ ڪي چؤ مخلوق،
سلج تنهن سلوڪ، جو ناقصيائي نگيو.

اهڙي حبيبي حقيقت، جنهن کي صوفي "حقيقت محمدي" ڪري چوندا آهن، خواجہ محمد زمان لنواري واري هن طرح بيان ڪيو آهي:

عجب جهڙي آهه حقيقت حبيب جي،
نہ ڪي چئبو سو ڏٺي، نہ ڪي مخلوقا.
شفق جي ساڃاءِ، جامع ليل و نهار کي.

گروهڙي صاحب ان جو وستار هن طرح ڪيو آهي:

وصف جنهن ورونهه جي، مٽي مُور نہ آهه،
سسئي، سهڻي، مون پرين مارئي محبوبا،
پاڙي مون پرين جي مجنون معشوقا،
حقيقت حبيب جي عجب جهڙي آهه.
جامع ليل ونهار کي شفق جي ساڃاءِ
آگو چئو مَ ان کي، نڪي مخلوقا.

اهو سالڪ جو انهيءَ منزل کي رسي ٿو، تنهن گويا توڙ ڪيو ۽ اهو آهي انسان جي ڪمال جو شان، جو بشري عارضن جي فنائيت بعد نصيب ٿئي ٿو. جيئن شاهه صاحب فرمائي ٿو:

نابودي نيئي، عبد کي اعليٰ ڪيو،
مورت ۾ مخفي ٿيا، صورت پڻ سيئي،
ڪبي اُتِ ڪيهِي، ڳالهه پريان جي ڳجهه جي.


Scanned with CamScanner

اهڙي قسم جو قرب ۽ اتصال معبود ۽ عبد جي وچ ۾ راءِ ڏياچ ۽ ٻيجل جي قصي ۾ نمايان آهي. انهيءَ ۾ وڏي تمثيل رکيل آهي. جنهن جي اپٽار انهن بزرگن ڪئي آهي، جيڪي اسلامي تصوف جي اسرارن کان واقف آهن. جيڪي طالب آهن. سي انهن جي روحاني وارثن وٽان يا سندن ڪتابن مان پروڙين. اها تمثيل شاهه صاحب جي هيٺين ٻن بيتن ۾ ايتري قدر عيان آهي جو وڌيڪ بيان جي ضرورت نه آهي:

نرتي تند نياز سين، پرائي ٻيجل،
راجا رتولن ۾ اونائي امل،
راز ڪيائين را سين، ڪنهن موچاري مهل،
انا احمد بلا ميم چئي، سين هنئين سائل،
ڪنهن ڪنهن پيئي ڪل، ته هر دوئي هڪ ٿيا.

*

ڪنهين ڪنهين مارهئين، پيئي ڪل ڪائي،
"الانسان سري وانا سره" ورتي ايءَ وائي،
راجا راڳائي، هر دوئي هڪ ٿيا.

انسان کي اهڙي اعليٰ درجي حاصل ڪرڻ لاءِ دائمي جدوجهد جڳائي.
حضرت امير خسرو تاريخ، اخلاق، تصوف، شعر ادب جو ماهر هو. مگر هن جي وڏي شهرت موسيقار جي حيثيت سان آهي ۽ نه صوفي ۽ بزرگ جي حيثيت سان. هو شيخ نظام الدين اوليا جو خاص مريد هو. مگر هي اهل دل درويش پنهنجي يزدان جي عبادت موسيقيءَ جي روپ ۾ ڪندو هو. شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

صبوح جو سهاڳ، مڱڻهارن ماڻيو،
ڏنائون ڏاتار کي، وڏي وير وهاڳ،
وس منهنجي ناهه ڪو، سيڻ هٿ سهاڳ،
پرين سين ڀاڳ، مان نماڻي نصيب ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن لاءِ شاهه صاحب جو هي هڪ بيت ڪافي آهي. شاهه صاحب وري فرمائي ٿو تہ:

جنين ڏاند نہ ٻڄ، تنهين تنهنجو آسرو،
اول ڏين انهن کي پوءِ اُپاري سڄ.

## سر آسا:

شاهه صاحب جي هن سر ۾ بہ ٻهرين ٻن سُرن يعني "ڪلياڻ" ۽ "جمن" وانگي رڳو صوفين جي وحدت جو ذڪر آهي. هن سر ۾ ڏاڍا عميق ۽ عجيب خيال ڏنل آهن. جهڙي طرح دنيا جي معتبر و متبرڪ ڪتاب جي ڪا اهم ڳالهہ يا رخ هوندو آهي. اهڙي طرح شاهه صاحب جي رسالي ۾ سر آسا جي مضمون جي چڱائي ۾ هن سرجهڙو ٻيو ڪونہ آهي.

خدا تعاليٰ جي نسبت ۾ وحدت چڱيءَ طرح واضح آهي. دوئي توڙي ڪثرت ۾ شرڪ مان ڪي بہ حاصل نہ آهي. خودي خراب آهي، نماڻائي، نياز ۽ نوڙت سان پرين پسجي ٿو دل جي اکين ڪانسواءِ خدا تعاليٰ کي پسڻ مشڪل آهي. جيڪڏهن دل جون اکيون روشن آهن تہ رب پاڪ جو ڏسڻ ۽ ملڻ آسان آهي.

اکين جون عجيب عادتون آهن، معشوق جون حسن واريون اکيون، انهن عاشقن جي دل تي اثرجن ٿيون. حقيقي ۽ مجازي عشق جي وچ ۾ فرق آهي. سچ پچ حياتي ۽ هستي ڇا کي چئجي؟

## هستي ۽ نيستي:

معشوق جو ديدار - خدا تعاليٰ سان وصل ٿيڻ يا وري حق ۾ گم ٿي وڃڻ، حق جو ديدار ڪيئن حاصل ٿيندو. الله تعاليٰ هر هنڌ حاضر ناظر آهي. شاهه صاحب ٻهريون ئي سبق توحيد جو ڏنو سر آسا هڪ ملي راڳڻي آهي. جا اسر جو ڳائبي آهي. انهيءَ وقت ساري ڪائنات ڌڻيءَ جي وڏائي ٿي ڳائي. ڪي محقق فرمائين ٿا تہ "آسا" هڪ راجڪماريءَ جو نالو آهي، جا پريات جو ڌڻيءَ جي ساراهہ ۾ گيت ڳائيندي هئي، ان ڪري آسا نالو پئجي ويو.

شاهه صاحب جي سر "آسا" جو مضمون هي آهي:

لوچان تي لاحد ۾، هادي لهان نہ حد.
سپريان جي سونهن جو نہ ڪو قد نہ مدّ.
هت سڪڻ بي عدد، هت پرينءَ پرواهہ ناهہ ڪا.

شاهه صاحب فرمائي ٿو تہ لاحد ۾ لوچڻ سان هاديءَ جي حد نہ ٿي لڀي. سپرين جي سونهن جو نہ آهي قد نہ مد. هت عاشق وٽ سڪڻ بي عدد آهي. هت پرين کي ڪا پرواهہ ناهي.

"آئون" يعني خودي سان ڪوبہ هن پار نہ پهتو. يعني ڏٺيءَ جي هيڪڙائي وٽندڙ آهي. ٻيائي کي جلائي خاڪ ڪر.

آئون سين ان پارِ، ڪڏهن تان، ڪونہ پيو.
اِنَ الله وِترٌ يحب الْوِتر، نيئي ٻيائي ٻار.
هيڪڙائي وٽ هار، هنجون جي هئڻ جون.

ان ڪري حق جا طالبا تون بہ هيڪڙائي وٽ وڃي "هئڻ" جون هنجون هار- ڏٺيءَ کي سڀوئي معلوم آهي ۽ انسان ڏٺيءَ جو ڳجهہ آهي ۽ ڏٺي انسان جو. اها تنوار سڀ عالم ۽ عارف ڪندا ويا. انسان "عبد" آهي. ڏٺي معبود "مالڪ" آهي.

ٻَنِ ٻيائي سپرين، پاٿان مون کي پَلِ
آئون اوريان جَهل، توکي رسي تو ڏٺي.


Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

**books.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهه سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu